# منهنجا اخباري ڪالم

## (ڀاڱو ٻيون)

## 2021 - 22



## نذير سومرو

# منهنجا اخباري ڪالم

(پاڱو پهريون)

## نذير سومرو

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارين ليکڪ ۽ محقق نذير سومري جي لکيل اخباري ڪالمن جو مجموعو ”منهنجا اخباري ڪالم (ياڳو پهريون)“ اوهان اڳيان شيئر ڪري رهيا آهيون.

هن مجموعي ۾ سال 1921ع ۽ 1922ع ۾ مختلف اخبارن ۾ ڇپيل 79 ڪالم/مضمون شامل ڪيا ويا آهن. جيتونيڪ اخباري ڪالمن جي عمر محدود هوندي آهي ڇو ته اهي مخصوص حالتن کي نظر ۾ رکي لکيا ويندا آهن، پر ساڳي وقت اهي ڪالم تاريخ بڻجي ويندا آهن. هي ڪالم سنڌ جي سياسي، سماجي، ادبي، اقتصاد حالتن ۽ مسئلن کي نروار ڪرڻ لاءِ لکيا ويا آهن. ساڳي وقت ڪالمن ۾ ان وقت جي واقعن کي پڻ پڙهي سگهجي ٿو.

هي ڪتاب ڪنهن به اداري پاران ڇپيل ڪونهي، پر سائين نذير سومري ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ موڪليو آهي.سنڌ سلامت سٿ سندس ٿورائتو آهي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ٻہ هزار ايڪيهہ

1. ڇا دنيا ڪرونا مان آزاد ڪونہ ٿيندي؟
2. هر ماءُ جي هٿ ۾ فوٽو آ
3. ادا ڪيل ٽيڪس جي عيوض ڇا ٿو ملي!
4. اسد دراني ٻہ ..........!
5. ڳوهون ڪائڻ وارا مريخ تي وڃي پهتا ۽ اسين....!
6. ”چور چور“ ڪندڙ پاڻ چورَ نڪتا!
7. ميمبر پنهنجا ضمير ڇو نہ وڪڻن!
8. سترنهن هزار اسڪول بند شاباس سنڌ حڪومت
9. نہ استيفائون نہ نوازشريف ڪي اچڻ گهرجي...
10. نيب سڳوريءِ حاضري پوئتي ڪري جان ڇڏائي!
11. ها ۽ نہ جي وچ ۾ بينل نظام ڇا ٿو ٻڌائي!
12. پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ ۾ ڪهڙو عيب آهي!
13. ... ۽ بليڪ لسٽ ڏانهن سفر جاري آهي
14. اسيمبلين جا اجلاس ٻہ پٽ تي ٿيڻ گهرجن
15. اين آر او نہ ڏيندس ڪان ڏيندس تائين
16. جنت جهڙي سنڌ دوزخ ڪيئن بڻي؟
17. هڪڙي آپريشن اسمبلين ۾ بہ ڪريو!
18. باقي ٽيهتر سالن ۾ ڪهڙي ترقي ٿي آهي!؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

19. سنڌ ۾ سنڌين جي اڪثريت پي پي جي حق ۾ آهي
20. بي بي باگڙياڻيءَ کي سلام
21. مان مرد يا روبورٽ نہ پر درندو آهيان
22. اسمبلي بلڊنگين ۾ مڇي مارڪيٽون ٺاهيون وڃن ٿيون....
23. پيپل اڳواڻن قومي منصوبن تي حملي جو رٿيو هو
24. پنهنجي ڪٽڪ ڪيڏانهن ويئي!
25. ”امپائر جي آڱر“ کان پوءِ ”آمريڪا جو دورو“
26. سنڌ واسيو! حق وٺڻا اٿوَ تہ اسان سان گڏجو
27. ام رباب جي فيصلي تي خوشي ڇو ٿي رهي آهي
28. ”ايبسوليوٽلي ناٽ“ کان پوءِ ڇا ٿيندو
29. هڪ ڪروڙ نوڪريون ڏنيون ويون آهن! (ٽوڪ يا حقيقت)
30. مجهي ڪيون نڪالا جو عمراني ورزن
31. هاٽي وري ڊالر مهانگي ٿيڻ جون برڪتون
32. ساڳيا ماڻهو صحيح ساڳيا ماڻهو غلط!
33. ايف اي ٽي ايف ۾ شامل رهڻ ۾ اسان جو ڪردار
34. ڇا اسان سڀ ناظم جوکيي وانگر ماريا وينداسين!
35. اوهان جا ميمبر بہ اوهان جا ناهن چيئرمين صاحبان!
36. ڇا وڪيل ئي آخري اميد آهن!
37. بي روزگارن سان مزاق نہ ڪريو!
38. سيالڪوٽ جهڙا سانحا پيهر ٿيڻ نہ ڏينداسون
39. ڇا دنيا وڏي رفتار سان بدلجي پيئي!
40. پنهنجي شڪست کي غلط رنگ ڏيڻ

# ٻه هزار ٻاويهه

41.ڇا سڀ ڪم عدالتن کي ڪرڻا آهن!
42.... ليڪن بندو ايماندار آهي!
43.ڊڪٽيٽرن جا پٽڪندڙ روح ۽ صدارتي نظام
44.بک کي دريءَ مان ڏسندڙ ستر باز ماري ڇڏيا
45.وزيراعظم جي چين ۾ آجيان
46.انساني سِسِين جو فصل تيار آهي
47.روس کي ڇا ڪرڻ گهرجي ها!
48.هي لانگ مارچ ڪنهن جي خلاف پيا ٿين!
49.چاٻي وري ٻه اسٽيبلشمينٽ جي هٿ ۾ آهي
50.اسٽيبلشمينٽ جو چار ۽ ڪرسي پرست سياستدان
51.سفارتي خودڪشي
52.آئين ٽوڙڻ جي سزا ٻه ملڻ گهرجي
53.آمريڪا مخالف بيانيو ڪيترو ڪاگر ثابت ٿيندو!
54.ايڪيهين صديءَ ۾ ماڻهو سڙي مرن ٿا!
55.توشه خاني ۾ منهنجو ٻه حصو آهي
56.ڇا جمال ناصر آمريڪي ايجنٽ هو
57.اسان غريب ڇو آهيون
58.پرڏيهي سيڙپڪار ڇو اچن!
59.عوام کي نفسياتي مريض نه بڻايو
60.آءِ ايم ايف آخر ڪهڙي بلا آهي!

61.ڇا اوهان هڪ نوڪري هڪ گهر ۾ ڏني آهي
62.اتر سنڌ ۾ ٽيندڙمڪاني چونڊون
63....۽ پوءِ تند وڙهي تلوارن سان
64.ڇا سنڌ ۾ پي پي خلاف ڪجهه ٽيڻ وارو آهي!
65.سوويت يونين جي انتقام ۾
66.نيٺ معافي.... ته پوءِ دير ڇو!
67.ڪڪڙن جي ميل بجاءِ حڪمران ميل ڏسو
68.پيار جو پرٽو ڪندڙ هڪ بي نياٽي قتل
69.دادو ضلعي سان ايتري دشمني ڇو!
70.آمريڪي صدر ڇا پيو فرمائي
71.بيوسيءَ ڪان بيوسيءَ تائين
72.حزب اختلاف ۾ وينل ”وزيراعظم“
73.فيصل واڊا کي سزا ايتري ننڍي ڇو
74.گولي سدائين پيرن ۾ ڪين لڳندي!
75.انگ اکر قيامت جو ڏيک پيا ڏين
76.کهڙا علم اڳتي کهڙا علم پوئتي
77.....۽ سڀ قوڪٽا قاتي چڪا
78....هيئن نه ٿيو ته ملڪ هٿن مان ويندو
79.حڪمرانن جي تلاش تي به انعام هجڻ گهرجي!

# مهاڳ

## منهنجا اخباري ڪالم

بيشڪ اخباري ڪالم جي عمر ٿوري هوندي آهي پر اها هڪ تاريخ آهي جيڪا ان صورت ۾ لکجي پيئي، مرتب ٿئي پيئي. اڄ کان پنجاه سٺ سال اڳ وارا ڪالم ان وقت جي حالتن، انهن ڏينهن جي خبرن کي سامهون رکي لکيا ويا هوندا تنهنڪري اهي سڀ تاريخ ئي آهن. تاريخ پکين وانگر پن پن ميڙي گڏ ڪري اسان کي ٻڌائيندي آهي ته

"تون ڪالهه ڪيئن هئين"

ان جملي ۾ اهو جملو لڪل هوندو آهي ته

"تون اڄ ڪيئن آهين"

ٻنهي جملن مان وري اهو جملو بہ ڦٽي نڪرندو آهي ته

"تون سڀاڻي ڪيئن هوندين".

آخري فيصلو تاريخ کي ئي ڪرڻو آهي نہ ڪالم لکندڙ کي نہ وري ڪالم پڙهندڙ کي. لکندڙ جيئن سمجهو ائين ئي لکيو پڙهندڙ ان کي ڌُر تي پڙهيو سمجهوان سان ليکڪ جو ڪو تعلق ڪونهي. اهي حق ٻنهي کي حاصل آهن. تاريخ جو فيصلو نيڪ نيت يا بد نيت هجڻ سان تعلق ڪونهي رکندو. فيصلو ان بنياد تي ڪونہ ٿيندو تہ ڪير ڪيئن سوچيندو رهيو تاريخ جو فيصلو انسان جي عملن سان تعلق رکي ٿو.

هي ڪالم اخبارن ۾ ڇپيل آهن جيڪي مون وقت بہ وقت لکيا انهن منجهان اٽڪل نوانوي سيڪڙو عوامي آواز ۾ ڇپيل آهن توڙي جو مون کي ٻين دوستن بہ چيو پر مون عوامي آواز ۾ لکڻ کي ترجيح ڏني.

ڪتاب ڇپرائڻ بجاء (اهي اڳ ئي اخبارن ۾ ڇپيل آهن) ڊجيٽل شڪل ۾ دوستن آڏو رکجي ٿو. هن ڪتاب ۾ سال بہ هزار ايڪيهہ پاويهہ ۾ لکيل ڪالم شامل آهن. جلد ئي پراڻا ڪالم ڳولهي، ترتيب ڏيئي اهي بہ رکندس. هن سيريز ۾ نمبر ابتا

ٿيل آهن يعني سال ايڪيهه ٻاويهه وارا ٻاڱو پهريون، سال ٻه هزار اوڻيويهه، ويهه وارا ٻاڱو ٻيو. ان جو سبب اهو ته هي جلد ڳولهي ترتيب ڏيئي ورتا ٻين ۾ وڏيڪ ٽائيم لڳندو.

مان لطيف سائين جي رسالي کي ترجمو ڪرڻ واري ڪم ۾ مصروف رهان ٿو، منهنجي ترجيح ٻه اهو ئي ڪم آهي پر جيئن ته هي ڪم ٻه ڪرڻو ضرور هو تنهنڪري ٿورو وقت ڪڍي هن ڪتاب کي ڏنو. گهڻو وقت اڳ (شايد ٽيهه سال اڳ) مرزا قليچ بيگ (دي گريٽ) جي سوانح حيات پڙهي هئي جنهن ۾ هن لکيو هو ته مان هڪ وقت چار ڪتاب گڏ شروع ڪندو آهيان. ڪمري جي هر هڪ ڪنڊ ۾ هڪ اسٽول ۽ ٽيبل رکيل آهي. جڏهن هڪ ڪتاب مان دل پرجي ويندي آهي/ڳالهه تي وڌيڪ غور ڪرڻ لاء ٽائيم گهربل هوندو آهي ته اتان اُٿي ٻئي ڪتاب تي وڃي ويهندو آهيان...........مون ٻه سائينء جي ان ڳالهه کي نظر ۾ رکي هي ڪم ڪيو. هن سان مون کي تمام گهڻو فائدو پيو. ائين ڪٽي سمجهو ته مان مفت جي ٽائيم مان هي ڪم ڪري ورتو.بلڪل ائين جيئن اسان مڊل ڪلاس سان تعلق رکندڙ ڪا شيء (فرج، ٽي، اي سي وغيره قسطن تي وٺندا آهيون ۽ چوندا آهيون ته، ”هي پيسا ڪاڏي ڪاٽڻ منجهان نڪري ايندا“).

ڪتاب پڙهي پنهنجي راء ڏيندؤ ته لک ٿورا.

نذير سومرو

11.02.2023

# پهرين حصو ٻہ هزار ايڪيهہ

# 2021

# چا دنيا ڪرونا مان آزاد ڪونه ٿيندي؟

جواب آهي نہ. نالو ٻيو هجي يا ساڳيو هي انسان نون پراڻن جراثيمن جي ور چڙهيل رهندو. چو تہ هي بہ هڪ نئون ورلڊ آرڊر آهي. نيو ورلڊ آرڊر جيڪو وقت بہ وقت ايندو رهيو آهي هن پيري ”......هاڻي انسان جراثيمن جي وسيلي غلام رهندو“

نيو ورلڊ آرڊر چا آهي اچو تہ ان جو مطلب سمجهون. پهرئين جنگ عظيم جي پڄاڻيء تي آمريڪي صدر ووڊرو ولسن بيان جاري ڪيو تہ هاڻي ملڪ قومن جي بنياد تي ٺهندا. ان وقت آمريڪا ورلڊ آرڊر ڏيڻ جي پوزيشن ۾ ڪونہ هو پر هن ڪي اها پڪ هئي تہ ٻيون سپ قوتون جنگ ۾ ڏيئي وٺي ٻيڻيون آهن سندن طاقت پنهنجي ملڪ بچائڻ جيتري مس آهي. صدر صاحب جي بيان جو سڌو مطلب اهو هو تہ روس ۾ نئين آيل انقلاب کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ لاء قوم پرستيء کي عام ڪيو ويندو. جنهن کي اڳتي هلي ٻي جنگ عظيم جي پڄاڻيء تي عملي روپ ڏنو ويو پر ان ۾ مذهب جي پيوندڪاري پڻ ڪئي ويئي يعني جتي قوم پرستي ڪم نہ ڪندي اتي مذهبي ويڇن کي وڌيڪ وڌائي پنهنجو اصل ڪم يعني ڪميونزم جو مقابلو ڪيو ويندو. ان ۾ اسان جي ملڪ (ڊيلي ويجز تي) ۽ سعودي عرب (پنهنجو تاج بچائڻ جي قيمت تي) مرڪزي ڪردار ادا ڪيو جنهن جو اعتراف سعودي ولي عهد محمد بن سلمان ڪجهہ مهينا اڳ ڪيو. هن سائين تہ اجان هڪ قدم اڳتي هلي اهو بہ ٻڌايو تہ هاڻي وهابيت اسان جو سبجيڪٽ ئي ناهي.

ائين اڳتي هلي نوان ورلڊ آرڊر ايندا رهيا جنهن ۾ وڌيڪ اهم سوويت يونين جي ورڪري وڃڻ کان پوء آيل آرڊر وڌيڪ اهميت وارو هو چو تہ سوويت يونين کان پوء هاڻي هي اڪيلو شينهن بچيو ۽ باقي سموري دنيا هرڻي. ان کان پوء سموري دنيا کي بدلائي ٻيوس ٻڻايو ويو. آفريڪا جي هڪ ملڪ کان مهانگائي خلاف بغاوت شروع ڪرائي اها تحريڪ ريل جي صورت ۾ هلائي ويئي جيڪا مصر ۾ تباهي مچائيندي پنهنجي اصل هدف (ٽارگيٽ) لبيا اچي پهتي. جتي ڪرنل قذافيء کي برباد ڪرائي اها ريل عراق آندي ويئي جتي صدام حسين تي ڪيميائي هٿيار رکڻ جو الزام لڳائي ان جو اهڙو حشر ڪيو ويو جو ان جي قاسيء تي آمريڪي فوج جا

سپاهي بہ ڳوڙها ڳاڙي وينا پر فطرت جا پنھنجا قانون آهن. تبديليءَ جي قانون سرمائيداريءَ خلاف سرمائيداريءَ کي ميدان تي لاٿو ۽ چين اوچتو ئي اوچتو دنيا تي ڇائنجي ويو. پراڻي سرمائيداريءَ جڏهن جديد سرمائيداريءَ کي ڏنو تہ ڊڄي ويئي جنھن جو حل وري ڪرونا نالي ورلڊ آرڊر جي نالي سان ڳولھيو ويو آهي.

هن سال جي فيبروري مارچ کان سموري دنيا سڪتي ۾ اچي چڪي آهي روزانو ماڻھو مرن ٿا پيا. دنيا ويران قبرستان جو ڏيک پيئي ڏئي. ويڪسين اچ ٿي اچي سياڻي ٿي اچي نيٺ فائزر ڪمپنيءَ جي ويڪسين اچي ويئي جنھن جا ترقي يافتہ ملڪن ايترا تہ آرڊر ڏنا آهن جو سن بہ هزار ٻاويھہ تائين اهي آرڊر ميٽ/پورا مس ٿيندا ٻين لفظن ۾ غريب ملڪ آرڊر ڏيڻ لائق بہ ڪونہ رهندا. جنھن جو وري آخري مطلب اهو هوندو تہ ٽيسيٽائين شايد ٻيو جراثيم اچي وڃي يا ان جراثيم جو نئون ورجن اچي وڃي. ٻڌو ويو آهي تہ برطانيہ ۽ ڪنھن ٻئي ملڪ ۾ ڪرونا جو خطرناڪ نئون روپ ظاهر ٿيو آهي جنھن تي اها ساڳي ويڪسين ائين جو ائين اثر ڪونہ ڪندي. ان جا بہ چار ڪيس اسان جي سنڌ ۾ بہ ڏنا ويا آهن يعني هڪ نہ ويو ٻيو پهچي ويو تہ پوءِ کھڙي پڪ آهي تہ ٽيون چوٿون پنجون ڪونہ ايندا ان سموري کهاڻيءَ جو وري آخري نتيجو اهو نڪرندو تہ دنيا سموري وري نئين قسم جي غلامي ڏسندي.

ڪرونا جي موجوده شڪل اسان جي ملڪ جي معاشي حالت سان جيڪو حشر ڪيو آهي اهو ڪنھن کان ڳجھوڪونھي. مائڪروفائنانس ڏيندڙ ننڍيون ننڍيون بئنڪون پنھنجون برانچون بند ڪري رهيون آهن. ان جي اسٽاف کان جڏهن ان بابت پڇيو ويو تہ دل لوڏيندڙ ڳالھيون ٻڌڻ ۾ آيون. ڇيائون تہ سو روپيو رکندڙ ماڻھو هاڻي چاليھہ روپين جي طاقت رکي ٿو يعني هو سٺ سيڪڙو طاقت وڃائي چڪو آهي جنھنڪري بئنڪ کي ٻڏڻ کان بچائڻ لاءِ ننڍن شھرن مان برانچون بند ڪري رڳو وڏن شھرن وارين برانچن کي هلڻ ڏنو ويندو. نتيجي طور اهڙين برانچن پاران ڏنا ويندڙ ننڍا ننڍا قرض هاڻي ڪونہ ڏنا ويندا. اهڙا قرض ملڪي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن جنھن جو مثال بنگلاديش جهڙو غريب ملڪ آهي جيڪو اهڙا قرض ڏيئي نہ رڳو پنھنجي عوام جو پرجھلو ٿيو آهي پر خطي ۾ پنھنجو جي ڊي پي ريٽ بہ سڀ کان

متي ڪري ڇڏيو آهي. ٻيو نتيجو اهو نڪرندو جو اتي ڪم ڪندڙ عملونوڪريءِ مان فارغ ڪيو ويندو جنهن جو آخري نتيجو اهو نڪرندو جو غربت جي ليڪ کان هيٺ زندگي گذاريندڙن جو انگ وڃي آسمان سان ڳالهيون ڪندو وڏيڪ ڏکوئيندڙ پاسو وري اهو آهي جو اسان جي وائڙي حڪومت وٽ ان جو ڪوبہ حل ڪونهي. هتي پنهنجي عياشيءِ لاءِ روزانو جي بنياد تي شين جا اگهہ وڌائي پنهنجا پيٽ پريا وڃن ٿا. سو هوائن جا رخ بدلائين پيا تہ غريب ماڻهن ۽ غريب ملڪن لاءِ ايندڙ وقت ڪو چڱو پيغام ڪونہ آڻيندو.

01.01.2020

# هر ماءُ جي هٿ ۾ فوٽو آ

مطالبو رکيو اهو آهي ته رياست مدينه جو دعويدار وزيراعظم اچي ۽ اسان سان يارنهن اکيون ڪڍي، عضوا ڪپي بيدرديءَ سان ڪُهي شهيد ڪيلن جي ڏک ۾ شريڪ ٿئي. اهو مطالبو ڪيترن ڏينهن کان رت ڄمائيندڙ ٿڌ ۾ وينل شهيدن جون امڙيون پيون ڪن جنهن جي جواب ۾ وزيراعظم ڪين مخاطب ٿي فرمايو ته وزيراعظم کي بليڪ ميل نه ٿو ڪري سگهجي بين لفظن ۾ اهي بليڪ ميلر آهن. ان کان هڪ ڏينهن اڳ وزيراعظم جي هڪ خاص مددگار محترم ذلفي بخاري صاحب جن جو بيان آيو هو ته جيڪڏهن وزيراعظم اچي ته اوهان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو (غور ڪجي ته ان جا ڪيترا ئي مطلب نڪري سگهن ٿا جن مان هڪ اهو به آهي ته ان جي هٿ ۾ ته ڪجهه به ڪونهي). وڌيڪ فرمايائين ته جيڪڏهن هو اچي ته ان جي ذميواري ڪير کڻندو. هن جي اهڙي ڪلپ سوشل ميڊيا تي خوب وائرل ٿي.

بهشت ماء جي قدمن ۾ آهي. اها ڳالهه ڪائنات جي سڀ کان وڏي انسان جي ڪيل آهي ۽ پڪ سان ڪنهن به حڪمت کان خالي ڪونهي. انساني نسل جي بقا لاء مرد ۽ عورت جو هجڻ هڪ جيترو ضروري آهي. انساني بقا تيسين قائم ڪونه رهندي جيسين ٻيئي گڏ نه هوندا. رڳو امڙ هوندي ته به ڪونه، رڳو بابا هوندو ته به ڪونه. اهڙي قسم جي قدرت تاريخ ۾ رڳو هڪ دفعو ٿي آهي يعني حضرت عيسىٰ بابا کان سواء پيدا ٿيو. بابا کان سواء نه ڪي امان کان سواء، جيڪا ڳالهه خود به سوچڻ تي مجبور ڪندڙ آهي. جيڪڏهن ٻنهي جو هجڻ هڪ جيترو ضروري آهي ته پوء جنت ماء جي قدمن ۾ ڇو. اها وڏي ڳالهه آهي ۽ فرمايل به تمام وڏي انسان کان آهي.

ٻي ڳالهه ته اڄ تائين دنيا پاران مڃيل حقيقت آهي ماء جهڙو پيارو رشتو ڪو ٻيو آهي ئي ڪونه پر جنهن سماج ۾ هر امڙ پنهنجي پياري هٿ ۾ فوٽو ڪنيو نماڻي نظرن سان ايندڙ ويندڙ ڏانهن واجهائيندڙ هجي ته پڪ سمجهو اهو اسان جو ئي سماج آهي جيڪو هاڻي ڪوس گهر جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي.

ڪوس گهر ۾ هر ساهوارو (مينهون، ڳئون، ٻڪريون) پنهنجي واري جو انتظار ڪندڙ هوندو آهي ته شايد ايندڙ نالو ان جو هجي. هن وقت ڪوس گهر جي قطار ۾

هزاره برادريءَ جا ماڻهو سڀ ڪان اڳ بيٺل آهن. هونئن ته بلوچ سنڌي پناڻ سڀ پنهنجي پنهنجي واري جي انتظار ۾ آهن پر پُڪو هن برادريءَ جو پيل آهي.

يارنهن شهيدن ڪي مائرون، ڀينريون، ونيون، ڌيئرون، پٽ ۽ مٽ مائٽ به آهن جيڪي يارنهن شهيد اڳيان رکيو رت جمائيندڙ ٿڌ ۾ احتجاج پيا ڪن. سوال ته هو ڪيترا ئي پڇن پيا پر وڏو سوال اهو پيا پڇن ته ”اسان ڪي ڏوه ٻڌايو جنهن تحت اسان ڪان اسان جا ٻچڙا ڪسيو ٿا. اهي متي تي قران ڪٽي اهي سوال پيا پڇن جن جو جواب هن ملڪ جي نالي ماتر سڌرائيندڙ حڪمرانن وٽ آهي ئي ڪونه. شهيد هڪ دفعو وڃي پنهنجي حقيقي مالڪ سان مليا پر انهن جا پونئر روزانو/هڪ هڪ پل مرندا رهندا. يارنهن شهيدن مان هڪ شهيد ڪي ڇهه ڀينر آهن. انهن جي گهر ۾ ڪو به مرد ڪونهي بچو. انهن ڀينرن چيو آهي ته اسان پنهنجي ڀاء ڪي پاڻ ڪلهو ڏينديونسين. شايد اهو دنيا جو اڪيلو ڀاء هجي جنهن ڪي ڀينرن جو ڪلهو نصيب ٿيندڙ هجي.

احتجاج ڪندڙن وٽ ڪجهه وزيرڙا پهتا جن ڪي اهو چئي واپس ڪيو ويو ته اوهان جي هٿ وس ته ڪجهه ڪونهي اوهان چو آيا آهيو. اتي تازو پنهنجي نئين عهدي تي براجمان ٿيل وزير داخله به پهتو. هو چون پيا ته اسان وٽ وزيراعظم صاحب جن اچن پر وزيراعظم صاحب جيڪو اڳي چوندو هو ته پنج ماڻهو به ان جي خلاف احتجاج ڪندا ته هو پنهنجو عهدو ڇڏي ڏيندو فرمائي پيو ته اوهان ٻچڙا دفنايو پوءِ ............ پوءِ چا ٿيندو، پوءِ ڏٺو ويندو. هر دفعي وانگر.

جيئن ته اهڙا ڪيس ملڪ جو هر ماڻهو عمومي طور تي ۽ هيءَ برادري خصوصي طور تي ڏسي چڪي آهي يعني حادثو ٿيو، بيان آيا، مذمتون ٿيون، جي آء ٽي ٺهيون نتيجو ٻڙي. ملڪ جي پهرئين غير منتخب وزيراعظم جي قتل جا نشان اڃان تائين ڪونه مليا. ملڪ جي پهرئين چونڊيل وزيراعظم ڪي عدالتي حڪم تي قتل ڪيو ويو ان جي ڏيء به دفعا وزيراعظم ٿي اهو ڪيس ٻيهر هلرائي تاريخ جي درستگي به ڪونه ڪئي ويئي جنهن لاء ملڪ جو هڪ سابق چيف جسٽس اقرار ڪري چڪو آهي ته ڪيس ۾ ”اهڙي فتوىٰ“ لاء متان ڪان دٻاء هو. ملڪ جي پهرئين عورت وزيراعظم گوليءَ جو ٻَڪ ٻڻائي ويئي پر اڄ تائين ثابت ڪونه ٿيو ته اها گولي ڪٿان هلي. پري نه ٿا وڃون خود هزاره برادريءَ جا ڪيترا انسان ڪيترا دفعا ائين ئي شهيد ڪيا ويا

آهن اڄ تائين انهن جا قاتل پڪڙيا ويا آهن توڙي جو ملڪ جا سڀ عهدا رکندڙ (جن ۾ آرمي چيف به شامل آهي، وزير اعظم به شامل آهن) انهن کي يقين ڏياريندا رهيا آهن ته انهن سان انصاف ٿيندو پر ٿيو ڪجهه به ڪونهي. اهو ئي سبب آهي جو وارث مطالبو پيا ڪن ته هن پيري وزيراعظم صاحب شهيد دفنائڻ کان اڳ پهچي ۽ پنهنجي اکين سان ڏسي ته سندن پيارا ڪهڙي بيرحميءَ سان ماريا ويا آهن. جنهن کي اهڙو ذميوار عهدو رکندڙ بليڪ ميلنگ پيو ڪوني چا دنيا ۾ اهڙي موقعي تي اهڙو بيان ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ به جاري ڪيو ويو آهي، اهو سوال هي ڪالم پڙهندڙ پنهنجو پاڻ کان ڪن.

08.01.2021

# ادا ڪيل ٽيڪس جي عيوض ڇا ٿو ملي!

اوهان صبح جو ننڊ مان اٿيا. هڪ گھر جي پنجن ڀاتين لاءِ اوهان بسڪوٽن جون پنج پُڙيون ورتيون، هڪ پُڙي ڏه رپيا. ٽوٽل ٿيا پنجاه روپيا. ڇا اوهان ڪڏهن اهڙو حساب ڪيو آهي ته ان پنجاه ۾ اوهان ٽيڪس طور ڪيترا ادا ڪيا آهن. پڪ سان ڪونه. ڇو ته ننڊ مان اٿڻ شرط اوهان کي روزگار لاءِ وڃڻو آهي تنهنڪري اوهان مٿان ان جو فڪر حاوي هوندو آهي. جيڪڏهن اوهان ٽيڪس جي باري ۾ ناهي سوچيو ته اها ڳالهه سو سيڪڙو پڪي آهي ته اوهان ٽيڪس جي عيوض اوهان کي ملندڙ سهولتن بابت به ڪونه سوچيو هوندو.

رڳو بسڪوٽ ڪونه، اوهان سموري ڏينهن ۾ چانهه پتي، کنڊ، اٽو، چانور، سبزي، کير گوشت، گيهه/تيل، دوائون ۽ ڪيترين ئي شين خريد ڪريو ٿا. ان تي اوهان اٽڪل پنهنجي ڪمائيءَ جو پنجٽيهه کان چاليهه سيڪڙو ستو يا اٺ ستو ٽيڪس ڀريو ٿا. مثال طور ڏهن روپين جي بسڪوٽ جي ڪمائيءَ تي دڪاندار، بسڪوٽ ڪمپني، اها ڪمپني جنهن کان هنن مٿان يعني پيڪنگ واري پلاسٽڪ/پني ورتي، بسڪوٽ جو خام مال ورتووغيره ۽ وري سيني ڪمپنين جا ملازم جيڪي خود به ٽيڪس ڀريندا آهن، اهي سڀ شامل هجن ٿا. رڳو ڪاڏو پيتو ڪونه، اوهان سفر لاءِ ادا ڪيو ويندڙ ڪرائي ڀاڙي تي به ٽيڪس ڏيو ٿا. پيٽرول ڊيزل گئس تي هلندڙ گاڏيون ٽيڪس ڀري اهڙو پارٽ خريد ڪن ٿيون جيڪو وري اوهان کان وصول ٿئي ٿو. اوهان گھر نهرايو ٿا ته سيمينٽ لوهه وغيره تي ٽيڪس ڀريو ٿا.

بجلي، فون، گئس جي بلن وسيلي به اوهان کان ٽيڪس ورتي وڃي ٿي. اوهان موبائيل ۾ بيلينس وجهرائڻ وقت به ٽيڪس ادا ڪريو ٿا ته وري هر ڪال/ڳالهه ٻولهه تي ڊار ٽيڪس ڀريو ٿا. ان حساب سان اوهان کان ٽيڪس مٿان ٽيڪس وصول ڪيو وڃي ٿو.

ٻئي پاسي تازو ٽيڪس وصوليون ڪندڙ ادارن اهڙي رپورٽ ڏني آهي ته ٽيڪس جو هدف/ٽارگيٽ پورو ٿي ڪونه سگھيو آهي. خود وزيراعظم صاحب به وقت به وقت ٽيڪس وصوليءَ تي زور ڏيندو رهيو آهي. جيڪڏهن عوام کان هر شيءِ تي لڪيل

اگهہ سان گڏ لڪيل ٽيڪس ان ئي مهل وصول ٿئي ٿي تہ پوءِ ڪير آهي جيڪو ٽيڪس ڪونہ پيو ادا ڪري!

بي ڳالهہ اها تہ جيڪڏهن ٽيڪس وصول ڪرڻ حڪومتن جو ڪم هجي ٿو تہ ان جي عيوض عوام کي سهولتون ڏيڻ بہ انهن جي عين فرضن ۾ شامل آهي. ڇا ان لاءِ بہ وزيراعظم صاحب يا ٻيا ادارا ايترا بيقرار آهن؟ ٽيڪس عيوض اهي سهولتون ڪهڙيون آهن جيڪي هر شهريءَ جو بنيادي حق هجن ٿيون، اچو تہ ان بابت ويچار ڪريون.

اوهان جي صحت اوهان جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ ضروري آهي. صحت صحيح هوندي تہ اوهين جي سگهندا، پنهنجي ۽ پنهنجي اهل و عيال جي پيٽ گذر لاءِ لوڇي سگهندا. اوهان آهيو تہ هيءَ دنيا بہ آهي تنهنڪري اوهان لاءِ ”ڏور اسٽيپ“ تي اسپتال/مفت علاج جو انتظام اوهان جو حق آهي جيڪو گورنمينٽ کي ڪرڻو آهي.

ٻيو نمبر اوهان جي تعليم لاءِ بهترين ماحول فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. اوهان ۽ اوهان جا ٻچا سٺا شهري تڏهن ئي ٿي سگهندا جڏهن سٺو تعليمي نظام هوندو. سو اوهان جي پنهنجي محلي/ڳوٺ/وستي واهڻ/شهر ۾ يعني ”ڏور اسٽيپ“ تي اسڪول/تعليم جو انتظام ڪرڻ حڪومت جي اولين ذميواري آهي.

ٽيون نمبر اچي ٿو امن امان جو. اوهان لاءِ اوهان جي حفاظت جو فول پروف انتظام ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. سٺي نند اوهان جي صحت لاءِ تمام ضروري آهي ۽ اوهان جي سٺي نند لاءِ امن امان جو هجڻ ضروري آهي. اهو سماج ڪڏهن بہ ترقي ڪونہ ڪري سگهندو جنهن ۾ بدامني هجي. بدامنيءَ جي باهہ سماجن کي ساڙي رک ڪندڙ هجي ٿي.

روزگار جا ذريعا مهيا ڪري ڏيڻ بہ حڪومتن جي ذميواري هجي ٿي. ان لاءِ منصوبا بندي اهڙي ريت ڪيل هجي جو اوهان کي بنا ڪنهن تڪليف/سفارش جي روزگار ملي سگهي پوءِ اهو ڀلي سرڪاري نوڪريءَ جي صورت ۾ هجي يا ڪاروبار جي شڪل ۾.

روڊ رستا ۽ چرپر جون سهولتون مهيا ڪري ڏيڻ به حڪومت جي ذميواري آهي. سستي ۽ محفوظ سفر جو ماحول اوهان جو حق آهي. روڊ سنا ۽ محفوظ هوندا ته اوهان محفوظ هوندا.

ان لاءِ اوهان پنهنجي آس پاس ضرور نظر ڪريو ۽ سوچيو ته اوهان ڪي اهي سهولتون ملن ٿيون يا ڪونه، جيڪو اوهان جو حق آهي. ان جي ابتڙ وري ٽيڪس نه ڏيندڙ ڪمپنين جا مالڪ يا نالي ماتر ٽيڪس ڏيئي ڪيترين مراعاتون حاصل ڪن ٿا اهو به وڏو سوال آهي جنهن تي به غور ڪرڻ ضروري آهي.

تنهنڪري وزيراعظم صاحب ۽ ٽيڪس وصول ڪندڙ ادارن کي انهن کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ گهرجي جيڪي ان جي آسپاس/چوڌاري ويٺل آهن. جيڪي ڪيس اهڙيون عوام دشمن انسان دشمن صلاحون پيا ڏين. وزيراعظم صاحب جيڪو مديني جهڙي رياست جون دعوائون پيو ڪري ان کي اهو به سوچڻ گهرجي ته عوام پاران ادا ڪئي ويندڙ ٽيڪس عيوض عوام کي ڇا پيو ڏنو وڃي.

15.01.2021

# اسد دراني بہ ..........!

روزانو جون اخبارون ڇرڪ ڪڍيو ڇڏين. هاڻي اخبار پڙهڻ کان اڳ ئي دل جي ڌڙڪڻ جي رفتار وڌي وڃڻ جا نئين ڳالهہ ڪونهي.

هڪ ڏينهن اڳ واري اخبار ايڏو وڏو ڇرڪ ڪڍيو جو ذري گهٽ اخبار هٿ مان ڪري پيئي هئي. اخباري خبر موجب اڳوڻي آءِ ايس آءِ چيف تي "را" سان لاڳاپن جو الزام. اي سي ايل مان نالو ڪڍڻ جي مخالفت. اسد درانيءَ جا پارتي ايجنسيءَ سميت ملڪ دشمنن سان بہ هزار اٺ کان لاڳاپن جا ثبوت آهن. اسد دراني پارتي ڳجهي ايجنسيءَ جي اڳوڻي سربراه سان گڏ ڪتاب لکي سيڪريٽ ايڪٽ جي ڀڃڪڙي ڪئي. اسد درانيءَ جو ان ڪتاب لاءِ ٻاهر وڃڻ، پينل انٽرويو يا بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ حصو وٺڻ قومي سلامتيءَ جي خلاف آهي. اهڙا ڪيئي ڪتاب مرحلي ۾ آهن. اهڙي شخص کي پرڏيهہ نہ ڇڏي سگهجي جنهن تي ملڪ خلاف مخبري ۽ سازش جو الزام هجي. سموري ڳالهہ جو مطلب تہ اجان ڪيترا ئي ڪتاب مرحلي ۾ آهي يعني تہ اجان رڳو هڪ بہ سيڪڙو ڳالهيون ٻاهر آيون آهن. جيڪڏهن اهي (بقايا) بہ آيون تہ. دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڪلڪيوليٽر بہ اهڙو حساب ڪرڻ کان قاصر هوندو تہ ملڪ ۾ هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي جو اڳوڻو محب وطنيءَ سا سرٽيفڪيٽ ورهائيندڙ همراه بہ اهڙن الزامن جو شاڪر ٿئي. اهو ڪلڪيوليٽر اهو حساب تہ ضرور ڪري سگهندو تہ هن الزام لڳل همراه جا پنهنجي دور ۾ ورهايل سرٽيفڪيٽ ڪل غلط هئا تہ پوءِ........

اهڙي ئي هڪ ٻي وڏي خبر بہ اخبارن جي زينت بڻي آهي تہ ملڪ ۾ ڪرپشن گهٽجڻ بجاءِ وڌي ويئي آهي. ٽرانسپيرينسي انٽرنيشنل (دنيا ليول جي هڪ غير سرڪاري تنظيم) پاران ڪرايل سروي مطابق پاڪستان ۾ ڪرپشن چار درجا وڌي ويئي آهي. اها رپورٽ حقيقت ۾ حڪومت خلاف جاري ڪيل اڇو چِٽو (وهائيٽ پيپر) آهي. هڪ آئينو آهي جنهن ۾ هو پنهنجو مڪروه چهرو ڏسي سگهي ٿي.

انگريزي ۾ هڪ چوڻي آهي تہ هُن ڳالهہ ڪئي مون اعتبار ڪيو، هن ورجايو مون کي شڪ پيو هن قسم کڻي ساڳي ڳالهہ ڪئي مون کي پڪ ٿي تہ هي ڪوڙ پيو ڳالهائي.

جنهن نموني پراڻي حڪومتن کي ملڪ لٽيندڙ سڏيو ويو، ان جو ورجاءُ ڪيو ويو ۽ قسم کنيا ويا تڏهن پڪ ٿي ته هي سڀ نئين ٺيندڙ ڪرپشن لاءِ ماحول پيا جوڙيا وڃن. تقريرن کان ويندي ٽي وي انٽرويو تائين جيڪي به ڳالهيون ”ليڪن بنده ايماندار هي“ سڏيو ويندڙ همراه ڪيون ڪيترن کي شڪ پيا ته هي سڀ ڊراما آهن جيڪي ملڪ کي نئين سر لٽڻ ڦرڻ لاءِ ڪيا پيا وڃن. پراڻا انٽرويو ۽ تقريرون (جيڪي اڪثرسوشل ميڊيا جو سينگار بڻيل هجن ٿيون) ٻڌي سچ پچ ته ڪل پيئي اچي ته هي سڀ چاهي يعني ڪو ايترو غلط بياني ڪندڙ ماڻهو به اهڙي ذميوار عهدي تي ويهاري سگهجي ٿو. مٿان وري صادق امين جو سرٽيفڪيٽ. جڏهن ايترن ذميوار عهدن تي وينل ماڻهو به اندران کوکلا نڪرندا. غلط ڳالهيون ڪندڙ نڪرندا ته نتيجي ۾ هن ملڪ جو اهڙو حشر ئي ٿيندو جيڪو ٿيو آهي جو ڪو هڪ ماڻهو به (سواءِ ڦرلٽ ڪندڙ جي) خوش ڪونهي. عام ماڻهو جيڪو پنهنجي ڪاڏي پيتي لاءِ ايترو ته پريشان ڪيو ويو آهي جو هو هاڻي اهو چاهڻ به نه ٿو چاهي ته ملڪ جو ڪهڙو حشر ٿيو آهي هاڻي هو رڳو اجوڪو ويلو ٽپائڻ لاءِ پريشان آهي.

ٽي وي کوليو يا اخبارون پڙهو ڪو نه ڪو وزير وڏو وينو اهو راڳ پيو ڳائي ته پويون حڪومتون سڀ خراب هيون، انهن رڳو ملڪ کي لٽيو. انهن ٻاهرئين ملڪ ۾ ملڪيتون ناهيون. اهي سڀ پڳوڙا هئا تنهنڪري ڪنهن کي اين آر او ڪونه ڏنو ويندو. جيڪڏهن ٽرانسپيريسي انٽرنيشنل جي رپورٽ کي ڏسجي ته پوءِ هي وزير وڏا وزيراعظم (بنده ايماندار هي“ سميت ڪهڙي خاني ۾ شمار ٿيندا ڇا ڪوڙ ڳالهائيندڙ به ڪڏهن صادق امين ٿي سگهي ٿو.

جيڪڏهن ائين آهي ته نيب جهڙو ادارو جنهن تي اڪثر آڱريون ڪنيون ويندون رهيون آهن به ساڳي طرح جو ادارو نڪتو جيڪو اڪثر آمر پنهنجي مخالفن کي هيسائڻ/مارڻ لاءِ قائم ڪندا آهن. هٽلر به اهڙو ادارو قائم ڪيو هو جيڪو گستاپو جي نالي سان مشهور ٿيو تلهي ليکي ته نيب به گستاپو ئي ٿي.

حقيقت اها آهي ته هن رپورٽ کان اڳ ئي پي ٽي آءِ مٿان پيل پردو لهي چڪو هو. هن رپورٽ رڳو ان جو وڏيڪ ڀيانڪ چهرو ظاهر ڪيو آهي. ڪيترن ڏينهن کان ٿيندڙ ڪنڊ ۾ اٽي جا بحران هن مٿان پردا لاهي چڪا هئا. پر سڀ ڳالهيون ڇڏي جيڪڏهن

رڳو نيب جي اها ڳالھ مڃجي تہ ملڪ ۾ هڪ ڏينهن ۾ ڏه ارب روپين جي ڪرپشن ٿيندي رهي آهي ۽ هاڻي اها هنن ايماندار (صادقن ۽ امينن) جي حڪومت ڪان پوءِ ختم ٿي ويئي آهي تہ اها رقم (ڪرپشن ڪان بچي ويل) ٽي نو هزار ارب پاڪستاني روپيا جيڪا تمام وڏي رقم آهي ۽ اها هر جاءِ تي نظر اچڻ گهرجي. جيڪا نظر ڪونہ پيئي اچي. پوءِ وڏي دعوىٰ سان چئي سگهجي ٿو تہ ٻاهران واري رپورٽ بلڪل سچي آهي.

29.01.2021

# ڳوهون ڪائڻ وارا مريخ تي وڃي پهتا ۽ اسين.....!

ايراني شاعر فردوسي پنهنجي ڌرتيءِ تي ٻاهرين حملي خلاف هڪ شعر چيو هو جيڪو سڄي دنيا ۾ مشهور ٿيو. شعر جو حاصل مطلب هي هو ته انين جو کير پيئڻ وارا، ڳوهن جو گوشت ڪائڻ وارا عرب اڄ ايران تي حملا ٿا ڪن! اي آسمان حيف هجيئي، اي آسمان حيف هجيئي.

هڪ خبر موجب متحده عرب امارات يعني يو اي اِي پنهنجي خلائي پروگرام جي حوالي سان جشن ملهائي رهيو آهي. هنن جو موڪليل سيارچو جنهن جو نالو هنن هوپ يعني اميد رکيو آهي اهو مريخ جي مدار ۾ داخل ٿي چڪو آهي. هن سياري جي مدد سان اماراتي سائنسدان هن خوبصورت سياري تي تحقيقات ڪندا. تحقيقات کان پوءِ اها ڳالهه سمجهڻ ۾ مدد ملندي ته هن سياري تان هوا ۽ پاڻيءِ جا ذخيرا ڇو ۽ ڪهڙيءِ ريت گهٽيا.

هي هڪ ڪم پوري عرب دنيا خاص ڪري اتان جي نوجوانن لاءِ سياري جي نالي وانگر هوپ يعني اميد جو سبب بڻبو. عرب نوجوانن ۾ اتساهه پيدا ٿيندو ۽ هو هن ميدان تي به پاڻ ملهائڻ وارا ٿي پوندا.

عربن دنيا جي ملڪن خاص ڪري يو اي اِي پيا به ڪيترا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. هن ئي ملڪ وٽ دنيا جو سڀ کان اوچو ٽاور يعني برج الخليفه آهي جنهن جي اوچائي ايتري آهي جو پهرئين منزل ۽ آخري منزل تي روزي رکڻ/کولڻ جو ٽائيم مختلف آهي جيڪو دنيا ۾ شايد وڏو ريڪارڊ به آهي ته هڪ ئي جاءِ تي ٽائيم جو فرق هجي پوءِ اهو پلي سيڪنڊن يا منٽن جو ڇو نه هجي.

دنيا ۾ خوبصورت ۽ وڏن هوٽلن جو ريڪارڊ به هن ملڪ وٽ ئي آهي جڏهن برج العرب ناهيو ويو (جيڪو سمنڊ ۾ آهي) ته دنيا ڪي ڏنڊئين آڱريون اچي ويون هيون.

مون پاڻ 2004 ۾ هي هوٽل ڏٺو (جيڪو شايد هاڻي وري نوان نوان (روزانو جي بنياد تي) هوٽل اچڻ سبب وسارجي چڪو آهي. هن هوٽل جي ڇت تي هيلي پيڊ به آهي جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته اوهان جهاز مان لهي سڌو هوٽل پهچو ته هوٽل جو هيلي ڪاپٽر اوهان کي ڪٽي هوٽل جي ڇت تي لاهيندو ۽ اتان لفٽ جي وسيلي اوهان

پنهنجي ڪمري تائين پهچايا ويندا). مون هن ملڪ ۾ لڳندڙ ساليانہ فيسٽيول ۾ شرڪت ڪئي ۽ هڪ ڳالهہ تمام گهرائيءَ سان محسوس ڪئي تہ هي ملڪ هاڻي معاشي حب بڻجي چڪو آهي هتي مصنوعات جا انبار لڳل هجن ٿا. رڳو سون جي بازار ئي ايتري آهي جو ننڍڙو شهر ان ۾ سمائجي وڃي جتي هر دڪان تي مڻين سون پيل آهي. حيرت ۾ وجهندڙ وڏي ڳالهہ اها جو وڪرو ڪندڙ ۽ خريداري ڪندڙ (اڪثريت) بيئي غير عرب آهن پر ڪمائي اتان جو مقامي عرب ٿو جيڪو سنڌ ۾ بلڪل ان جي ابتڙ آهي. هتي خريدار سنڌي آهي پر ڪمائڻ وارو سنڌي ڪونهي. فيسٽيول گهمڻ لاءِ آيل هڪ ايراني همراه سان ڪچهري ٿي ڪجھ سيڪڙو فارسي ڪان پوءِ انگريزيءَ ۾ جڏهن مون ڪيس ٻڌايو تہ مان فارسي شاعري خاص ڪري حافظ جو ديوانو آهيان تہ هن همراه بہ مون سان سٺو ورتاءُ ڪيو. اسان جي ڏگهي ۽ دلچسپ ڪچهريءَ دوران مون ڪائنس پڇيو تہ ايراني شاعر فردوسي جيڪو عربن لاءِ شعر چيو هو، اوهان ڪي هي ساڳيا عرب لڳن ٿا!؟ جنهن جي جواب بجاءِ هن ڪيترو وقت مون ڏانهن گهوريو ۽ پوءِ خوشيءَ مان ڪلي جواب ڏنائين تہ: نہ هي اهي ناهن رهيا.

ان وقت ڪان وني اڄ تائين مان جڏهن بہ عرب دنيا جي ڪا خبر پڙهندو آهيان تہ ان ڪي پنهنجي مرده سماج سان پيٽيندو آهيان. سوچيندو آهيان تہ اسان جو ملڪ ۽ خاص طور تي اسين سنڌي ڪٿي بيٺا آهيون.

اها سنڌي قوم جيڪي دعوا پيئي ڪري تہ هوءَ پنج هزار سال پراڻي تهذيب جي مالڪ آهي ۽ دنيا ڪي تهذيب سيکاريندڙ آهي ان جو حال اهو آهي تہ ان جا ڪيترا ئي ماڻهو پنهنجا ٻچا وڪڻڻ تي مجبور آهن. غربت جي شرح حد ڪان وڌيڪ آهي ۽ ظلم اهو جو اها ڏينهون ڏينهن وڃي پيئي وڌندي. خودڪشيون روز جو معمول آهن. بيضمير وڏيرو جنهن ذات سان تعلق رکندڙ آهي ان ڪي پنهنجي ذات وارا چپر چانو پيا سڏين. گئس ۽ تيل جا ذخيرا رکندڙ، ڪوئلن جا ذخيرا رکندڙ، ذراعت ۾ خودڪفالت رکندڙ قوم وٽ نہ تہ نوڪريون آهن ۽ نہ ئي ڏنڌا. ان جي نوڪرين تي ان جي ئي ضلعي/صوبي جو ڪوڙو ڊوميسائيل ٺهرائي روزانو جي بنياد تي قبضا پيا ڪيا وڃن. سنڌين جي ٻچن جي جاءِ تي سنڌ جي ڪاليجن/يونيورسٽين ۾ ڌاريا پيا داخلائون وٺن وڏي ڳالهہ اها جو اهي ڪوڙا ڊوميسائيل بہ آفيسن ۾ ويٺل سنڌي ئي

پيا ناهين جن مان گهٽائي وڏيرڪي سفارش تي پرتي ٿيل بدنسلا آهن جيڪي پيسي لاءِ پنهنجي نسل خلاف ڪڏهن پيا ڪوڙين اها خبر ڪونہ اٿن تہ سندن ئي ٻچا نوڪرين لاءِ رلندا اسان سنڌين ڪي پاڻ ڪي دنيا سان پيٽڻ گهرجي ۽ ڏسڻ گهرجي تہ اسين ڪٿي بيٺا آهيون.

12.02.2021

# ”چور چور“ ڪندڙ پاڻ چورَ نڪتا!

پراڻي وقت جي ڳالهه آهي ته هڪ همراه پنهنجي ئي گهر مان مينهن ڪڍي. اتفاق سان پاڙيا اتي پيا ۽ چور چور ڪندا ان (پنهنجي ئي گهر جي چور) پويان لڳي پيا جڏهن چور جي ويجهو پهتا ته ان چور بي ڪا واه نه ڏسي مينهن مان هٿ ڪڍيا ۽ پنهنجي بين گهر ياتين (پاڙين) سان ملي چور چور ڪرڻ لڳو پاڙين به سمجهو ته هي اسان جو ئي ياتي آهي چور ناهي.

شڪ ته پهرئين ڏينهن کان هو ته هي جيڪي چور چور پيا ڪن اهي به خود چور ئي آهن ۽ چورن کان سواءِ ڪجهه به ڪونه آهن اهو شڪ ڏينهون ڏينهن ويو گهرو ٿيندو ۽ هاڻي ته ڳالهه روشن سج وانگر عيان آهي ته ”رانجها رانجها ڪردي ني مين آپ رانجها هوئي“. هي چور چور جو ايترو شور اصل پنهنجي ڪرپشن ۽ ان عيوض مهانگائي ڪري پاڻ کي پاڙيو باور ڪرائڻ لاءِ ئي هو جيڪو نڪ جي پڪائيءِ سان اجان تائين هلندڙ به آهي جڏهن ته ملڪ ۾ مهانگائيءِ جي چڪيءِ ۾ پيسجندڙ هر ماڻهو هنن کي سڀ سوڌو پڪڙي چڪو آهي. رڳو ملڪ ۾ ڪرپشن جو بچي ويل پيسو (جيڪا هنن جي دعوىٰ آهي) ايترو هجڻ کپي جو هر جڳهه تي ڏيک ڏيندڙ هجي. اهو پيسو روزانو جي بنياد تي وڌندڙ مهانگائي کي ٻنجو ڏيندڙ هجي ها پر ڳالهه ان جي بلڪل ئي ابتڙ آهي. نيب جي چوڻ مطابق ته ملڪ ۾ روزانو ڏه ارب روپين جي ڪرپشن هئي ان کي جيڪڏهن هن حڪومت جي وجود ۾ اچڻ واري دور/وقت (پوٽا تي سال اٽڪل اٺ سو ڏينهن) سان ضرب ڪجي ته اها بيهندي اٺ هزار ارب روپيا، جيڪا ڪٿي به نظر ايندڙ ڪونهي. لڳي ائين ٿو ته اها ڪرپشن ختم/گهٽجڻ بجاءِ مورڳو وڌي آهي جنهن ملڪي دڪان کي وڌيڪ خالي ڪري ڇڏيو آهي.

هڪ سو چويهه ڏينهن جي ڏرٽي (جنهن خود هن ملڪ کي اقتصادي تباهي ڏني) جا نتيجا پهرئين ڏينهن (جڏهن کان هنن کي حڪومت ملي آهي) کان اچڻ شروع تي ويا هئا ۽ جيڪي روزانو جي بنياد تي ويا وڌندا. هڪ هڪ وزير جو پير ڪوڙي ڪوڙ ڳالهائڻ، ڪوڙ کي ورجائڻ ۽ يوٽرن خان جا يوٽرن سڀ ويا پنهنجي ئي پيرن هينان

زمين ڪسڪائيندا. لکڻ وارن تہ اهو سڀ اڳ ئي لکيو هو تہ ساڳيا وزير جيڪي چور ڪوٺيو ويندڙ حڪومتن ۾ بہ وزير هئا بدليو تہ رڳو وزيراعظم ئي آهي اهي اڳي چور هئا تہ هاڻي اهي ساڌ ڪيئن ٿيندا. اها تہ خود سوچڻ تي مجبور ڪندڙ ڳالهہ آهي. پيسا چوري تہ پڪ سان آهي ئي آهي پر اليڪشن چوري لاء بہ هاڻي ڪو شڪ ناهي رهيو. پنجاب جي اين اي پنجهتر/ ڊسڪا جي تازي ٿيل چونڊ ڊانڊليء تہ همراهن مٿان پيل سمورا پڙ لاهي قبر کي ننگو ڪري ڇڏيو.

اليڪشن ڪميشن جنهن تي خود سواليہ نشان آهن ۽ ملڪ جو ٻچو ٻچو ڄاڻيندڙ آهي تہ اڄ ڏري چونڊ اسان جي ملڪ ۾ ڪڏهن تي ئي ڪونهي، اها پنهنجي روايت کي برقرار رکندي چونڊ نتيجا رد ڪونہ ڪري ها ۽ بہ هزار اثارنهن وانگر منهن جي پڪائيء سان نتيجا ٻڌائي ها پر تڪ جي عوام پنهنجي ووٽ کي عزت ڏيندي اهڙي تہ مڙسي ڏيکاري جو اليڪشن ڪميشن خود مجبور ٿي پيئي تہ هاڻي هٿ مٿي ڪجن تہ بهتر نہ تہ ڪپڙا لهڻ وارا آهن. پوئين قومي اليڪشن ۾ مشينن جي خراب ٿيڻ واري چوري تہ ڦبي وئي پر پرزائيڊنگ آفيسر کي باندي بڻائي چونڊ نتيجن کي عمراني سرڪار جي حق ۾ بدلائڻ واري ڊرامي کي کوهيڙي ۾ ڦاسي پوڻ وارو نالو ڏيئي ڦبائڻ واري ڪوشش ناڪام بڻائي ويئي.

نتيجا ايندي لڳي رهيو هو تہ ن ليگ اميدوار کٽي رهي آهي ۽ وڏي وٿيء سان پي ٽي آء سرڪار کي شڪست نصيب ٿيندي پر پوء خبر آئي تہ ويهہ پرزائيڊنگ آفيسر گم آهي جيڪي رزلٽ کڻي رٽرننگ آفيسر وٽ ناهن پهتا جن لاء دعوئ ڪئي ويئي تہ اهي "ڌنڌ ۽ ڪوهيڙي" ۾ ڦاسي پيا آهن. اڄ جي ٽيڪنالاجي اها ڳالهہ هڪ منٽ ۾ عيان ڪري ڇڏي تہ ماڻهو ڌنڌ ۾ ڦاسي سگهي ٿو پر موبائيل سگنل تہ ڌنڌ ۾ ڪونہ ٿا ڦاسي سگهن انهن سيني جا موبائيل چو ڪونہ پيا هلن؟

هاڻي جڏهن اليڪشن ڪميشن نہ صرف اهي چونڊ نتيجا رد ڪيا آهن پر صوبي جي انتظاميہ، ضلعي انتظاميہ، تعلقي انتظاميہ ۽ پوليس جي آفيسرن سميت ڪيترن کي عهدي لاء نااهل ڪوٺيندي انهن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جي سفارش پڻ ڪئي آهي تڏهن وزيراعظم صاحب جيڪو سدائين چوندو رهيو آهي تہ مغربي ملڪن ۾ ٿوري نقصان تي حڪومتون استيفائون ڏينديون آهن اهو پنهنجي ئي ڳالهين کي پاڻي

ڏيندي صوبائي انتظاميہ خود پنهنجي انتظاميہ خلاف ڪا ڪاروائي ڪندو؟ اليڪشن ڪميشن گهٽو ڪجهہ چوڻ سان گڏ هي خطرناڪ جملو پڻ چيو آهي تہ هنن آفيسرن کان آئينده ڪا بہ اهڙي قسم جي ڊيوٽي نہ ڪرائي وڃي. جن جيئرن سماجن ۾ قانون زنده هجي اتي اها ڳالهہ ڪاري داغ وانگر هجي ٿي پلي اسان وٽ فخر جي ڳالهہ هجي.

26.02.2021

# ميمبر پنهنجا ضمير چو نه وڪڻن!

ويچارن ميمبرن کي ضمير وڪڻڻ به نه تو ڏنو وڃي. جيڪي اليڪشن ۾ بيهي پيسا پري عوام جا ضمير خريد ڪري هتي پهتا آهن انهن کي ضمير وڪڻڻ چو ڪونه ڏجي آخر ان ۾ عيب ڪهڙو آهي. يلا بيا ڪهڙا سنا ڪم ڪيا آهن انهن اڳي جو هنن کي هي ڪم ڪرڻ نه ڏجي. ڪو اهڙو گناه ڪنهن پڙهندڙ کي ياد آهي جيڪو هنن ناهي ڪيو! انهن جي ڪيل عملن جي نتيجي ۾ ئي ته اچوڪو سماج اڏيل آهي جيڪو ڪنهن به طور دوزخ کان گهٽ ڪونهي.

هالي ووڊ وارن سهڻي اداڪارا ڊيمي مور جي جلون سان پرپور فلم ناهيو هو. نالو هوس انڊيسينٽ پروپوزل (نامناسب تجويز). ڪهاڻي ڦري گهري ان تي پيئي آئي ته سرمائيدار جو ذهن دنيا جي هر شيء کي ويڪائو وکر تو سمجهي. هو جسم کي به وکر تو سمجهي جنهن ۾ هو گهڻي حد تائين ڪامياب به ٿيو آهي پر هو پيار کي به وکر تو سمجهي جيڪو ڪڏهن به ڪنهن به طور تي وکر ڪونهي پر سرمائيدار جي نظر ان کي به وکر ئي سمجهندي رهي ٿي.

هر قسم جي طاقت رکندڙ بئي کي ويڪائو پيو سمجهي، اهو سڀ روزانو جي منديء ۾ ڏسي سگهجي تو پر اسان وٽ گهوڙن جي مندي (هارس ٽريڊنگ) ان وقت لڳندي/عروج ماڻيندي آهي جڏهن امين ۽ صادق پنهنجا سڀ طريقا آزمائي، پيسا ڏيئي، ماڻهن جا ساه سڪائي/ڌمڪائي، پرايون نياڻيون ڪڻائي يا اهڙا دڙڪا داٻ ڏيئي ووٽ وٺي اچي اسيمبلين ۾ پهچندا آهن تڏهن هو ”باضمير“ وکري جي منديء ۾ پهچي پنهنجي مقرر اگهه ۽ ان جي واڌري لاء اداڪاريون ڪندا آهن. اهڙا ته پاڪ جملا ڳالهائيندا جو محسوس پيو ٿيندو ته هنن کان سچو ۽ کرو ته ڪو پيدا ئي ڪونه ٿيو آهي ۽ پوء اوچتو ئي اوچتو هو فلورڪراس ڪري وڏيڪ باضمير ٿي پوندا آهن ۽ سمورو وقت وزارتون ماڻي عوام لاء آزار بڻجندا آهن. هونئن ته ملڪ ۾ ٿيندڙ هر اليڪشن ضمير فروشيء سان پرپور رهي آهي پوء اها پيسا ڏيئي وٺي يا ڪنهن مفاد تحت يا وري ڪنهن جي دٻاء ۾ ٿي هجي. ضمير وکر ئي ته رهيو آهي اسان وٽ. سن به هزار انارنهن جي اليڪشن ۾ ڪهڙا ڪلور هئا جيڪي نه ڪيا ويا. ڪهڙا ڪيتري

۾ خريد ڪيا ويا خريدارن کي اي ٽي ايم مشين جا لقب ڏنا ويا جيڪي ڪنهن ڪان لڪل ڪونہ آهن. پوءِ سموري دنيا ڏٺو تہ انهن اي ٽي ايم مشينن کي کھڙي ريت فائدا ڏنا ويا جنهن جو آخري نتيجو روزانو جي بنياد تي وڌندڙ مهانگائي آهي جيڪا سچ پچ گهر پيئي اجاڙي. کنڊ مافيائون، اٽو مافيائون، پيٽرول مافيائون ۽ ڪيترين بيون سڀ اهي اي ٽي ايم مشينون ئي تہ آهن جن اهڙي ماڻهوءَ کي ڪرسيءَ تي ويهاريو آهي جنهن جي هو لائق آهي ئي ڪونہ. ان جو پنهنجو ووٽ ۽ ان جي خاص وزيرن جا ووٽ ضايع ٿيا آهن تہ پوءِ چا چئجي، يعني لکين ووٽ ڪٽندڙ ووٽ ڏيڻ نہ سگهيو هجي تہ پوءِ ان کان وڏيڪ ڪھڙو قهر ٿي سگهي ٿو. وزيراعظم چوي ٿو تہ پيسو استعمال ٿيو آهي، هن اهڙا الزام اليڪشن ڪميشن تي هنيا آهن تہ هو اٽسڌي چوندڊ ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي ان کي اها ڳالهہ ياد ڪونهي شايد تہ سينيٽ جي عدم اعتماد واري ووٽ وقت اوهان جي ڪيترن مخالفن اوهان جي فيور ۾ ووٽ ڏنا هئا اهي ڪھڙيءَ ريت مليا هئا. يعني مان ڪريان تہ سڀ پلو ۽ تون ڪرين تہ سڀ خراب. ٽن سالن جي حڪمرانيءَ کان پوءِ بہ تقرير ۾ اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ واريون ڳالهيون ڪجن يعني ثابت ڪجي تہ مون هيئن جدوجهد ڪئي تہ پوءِ افسوس کان سواءِ ڪرڻ لاءِ باقي ڪجھ ڪونہ ٿو بچي جو اهڙيون ڳالهيون باور ڪرائين ٿيون تہ همراه پنهنجي ڪارڪردگي ٻڌائڻ ۾ بااعتماد ڪونهي يا ان وٽ اهو ڪجھ چوڻ لاءِ آهي ئي ڪونہ.

سماج جي آخري تصوير هيءَ آهي جو جج بہ اهو پيا چون تہ اسين ڪنهن ملڪ ۾ ڪونہ پر هڪ گٽر ۾ پيا رهون. ڪن وري چيو تہ ٿي سگهي ٿو قيامت گذري ويئي هجي ۽ اسين دوزخ ۾ پيا رهون. هي جملا سمجھ وارن لاءِ تمام وڏا آهن هنن جملن کان پوءِ باقي ڪجھ ڪونهي جيڪو ڳالهائجي.

سنڌ جهڙي پرامن سرزمين کي جهنم بڻائيندڙ هاڻي تہ سڀ پڌرا پيا ٿيندا وڃن. قانون کي جهڙيءَ ريت ننگو ڪري نچايو پيو وڃي ان تي ماتم ئي ڪري سگھجي ٿو. ڪيترين وارداتن ۾ گهربل سنڌ (يتيم خاني) اسمبلي جو ميمبر شيرزمان سرعام پنهنجي ئي منحرف پارٽي ميمبر کي سيني اڳيان بيعزتو ڪيو، ماريو ڪٽيو، گھليو اهو هاڻي ”سنهري تاريخ“ پاڻ وٽ محفوظ ڪري ورتو آهي. اليڪشن کان هڪ ڏينهن

اڳ اھڙيون شرمناڪ حرڪتون ڪندي لڄي ٿيڻ بجاء اھو پڳوڙو اليڪشن واري ڏينھن ضابطن جي پيچڪڙي ڪندي اليڪشني بوٿ ۾ يعني ووٽ وجھڻ وقت پاڻ سان موبائيل ڪڻي آيو آھي. ڪا ڪاروائي ڪونھي، ڪا توھين ڪونھي توڙي جو اليڪشن ڪميشن وٽ اھڙا اختيار آھن تہ ھوء بي ضبطيون ڪندڙ کي مهل موقعي تي سزا ڏيئي سگھي ٿي پر قانون پيسي وارن، اختيار وارن اڳيان هڪ ٻانهي آهي جيڪا ٽڪي ٽڪي ۾ پيئي وڪامجي.

05.03.2021

# سترنهن هزار اسڪول بند شاباس سنڌ حڪومت

هيءَ سنڌ آهي، ايڪيهين صديءَ جي سنڌ! جتي ڇهه هزار اٺ سو ڇاهٺ اسڪول بند، ست هزار نو سو چوهتر اسڪول هلڻ جي لائق نہ آهن. اها خميس واري ڏينهن جي اخبار جي سرخي آهي. اهڙي قسم جو خوبصورت اعتراف ڪيو آهي اسان جي صوبي يعني دنيا جي وڏي ۾ وڏي يتيم خاني ۽ لٽ ڦر جي مال واري حيثيت اختيار ڪري ويل سنڌ جي حڪومت سڳوريءَ. بلڪل هي سنڌ ئي آهي جنهن جا گهڻا ٽڪا ايم اين اي، ايم پي اي پنهنجي تڪ ڪي آبائي تڪ يعني وراثتي ملڪيت ڪونيندا آهن ۽ ان تي قبضو بہ اهڙي نموني ڪيو وينا آهن. اهو قبضو قائم رکڻ لاءِ هو ڪا بہ قيمت ڏيئي ۽ وني سگهن ٿا. سال ۾ ڏه پارٽيون بدلائيندڙ پون، ضمير وڪڻندڙ پون، ماڻهو مارائيندڙ پون، قبائلي جهيڙا ڪرائيندڙ پون پر ديڪنا هي ڪسي عنوان تيري صورت مجهہ ڪو، مين انون يہ پردا ئي هستي انجائي. مثان هٿ جي صفائي ايتري جو نہ دامن پہ ڇينٽ نہ خنجر پہ داغ...... وري علائقي جو سڀ کان معزز ماڻهو بہ اهو ئي. علائقي ۾ ڌهڪاءُ هوندو پوليس پروٽوڪول ۾ هوندي. ”ويچارا ماڻهو“، (جيڪي دستوفسڪيءَ جي ناول ”ذلتن جي ڌهر پيئاري ماريل ماڻهن“ کان وڌيڪ ويچارا آهن) بيوسيءَ جي تصوير بڻجي اندر جي بي انتها نفرت لڪائيندي ظاهري خوش ٿيندي ڳاڙين ڏانهن پيا تڪيندا پوءِ خبر پوندي تہ اهو سڀ سندس خالي ڳاڙيءَ لاءِ هو. سائين جن پاڻ موجود ڪونہ هئا ڳاڙيءَ ۾.

سترنهن هزار اسڪول بند يا هلڻ جي لائق نہ هجڻ واري رپورٽ اها بہ جڄن جي اڳيان پيش ڪيل لاءِ اهو نہ لکبو تہ اها حڪومت ڪيتري لائق هوندي/آهي چو تہ رپورٽ خود سڀ ڪجهہ ٻڌائيندڙ آهي پر ايترو ضرور چئبو تہ جيڪڏهن هي سڀ ڪجهہ ڪنهن اهڙي ملڪ ۾ ٿيو هجي جتي قانون ڪا حيثيت رکندڙ هجي تہ اتان جا حڪمران استيفائن کان اڳتي جو بہ سوچين يعني رڳو استيفا انهن جي ضمير کي مطمئن ڪونہ ڪري ها پر درياءَ وغيره جو پاٽي بہ سندن سوچن ۾ ضرور اچي ها.

هتي هڪ سوال اڀري ٿو تہ ڇا سنڌ جا اسڪول پنهنجي ليکي ئي بند آهن يا اهي جاڻي واڻي ڪرايا ويا آهن يعني اها نااهلي آهي يا نامرادي/بيضميري/بدنيتي. ڇا اهو سڀ ڪجهہ هڪ ڏينهن ۾ ٿيو آهي يا آهستي آهستي سوچي سمجهي ڪيو ويو آهي.
ضيا ۽ مشرف جي وقت ۾ جڏهن سنڌ جي ڳچيء ۾ ڳٽ وجهڻ جا وڏا وڏا منصوبا ناهيا ويا. ڪراچي حيدرآباد سميت وڏن شهرن ۾ سرڪاري دهشتگرد هٿ ۾ ڇريون ڏيئي ويهاريا ويا اتي سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪير جا رکوالا اهڙا ويهاريا ويا جن موقعو ملڻ تي ڏڪ بہ نہ ڇڏيو آهي. پوء دنيا ڏٺو تہ انهن دهشتگردن ۽ ڪير جي رکوالن ڇا ڇا نہ ڪيو. انهن ﭘنهي صلاحي ٿي فيض جي ان شعر کي عملي ﭬٽايو تہ چلي هي يہ رسم کہ ڪوئي نہ سر انا کي چلي يعني ڪو جي بہ نہ سگهي تہ مري بہ نہ سگهي.
سموري ملڪ جا ماڻهو عام طور سنڌ جا ماڻهو خاص طور هڪ پڃري ۾ بند ڪيا ويا. تڏهن سنڌ ۾ انهن رکوالن پنهنجا چيا ڏنگا ڦڏا نوڪر/پنهنجي راڄ جا ماڻهو ماستر طور ڀرتي ڪرايا جن وچي اتي اهڙو ڪردار ادا ڪيو جو اسان جا اهي استاد جن تي اسان کي ناز هو انهن کي پنهنجي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو جنهن جي آخري نتيجي طور اڄو پاڻي لڙ ٿيو. اهڙيون تنظيمون نهيون ۽ نهرايون ويون جن استادن/آفيسرن جا وڏا جهيڙا ڪرايا ۽ پوء ڊراما ڪرائي انهن جا فيصلا اوطاقن تي ڪرايا/ڪيا ويا. اوطاق جي فيصلن انهن آفيسرن کي بي همتو ڪيو ۽ اهي انهن رکوالن جا ڳيجهو بڻجي ويا پوء انهن جو ڪم اوطاقن جي حاضري ڪان سواء ڪجهہ نہ رهيو. ان ڪان پوء نياڻي جي نالي واري حڪومت ۽ پوء جمهوريت انتقام جي نالي وارين حڪومتن ڪان بہ جيڪو پهتو ڪري ڏيکاريائون نتيجي طور سترنهن هزار اسڪول بند باقي بہ بند ٿيڻ جون تياريون. پڑهائي نالي کا شيء ڪونہ.
پرائيويٽ اسڪولن بہ اسان ڪان تعليم کسڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ٻن قسمن جا قانون ناهي پنهنجا ٻار خانگي اسڪولن ۾ پڑهايا جنهن جي نتيجي ۾ سرڪاري اسڪولن ۾ غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جا ٻار وڃي بچيا.
ٻي جنگ عظيم ۾ سوويت يونين جي شهرن تي جرمنيء جي فوجن گهيرو ڪيو جيڪو سالن تائين هليو. انهن منجهان استالن گراڊ ۽ لينن گراڊ جا گهيرا مشهور آهن. لينن گراڊ يعني پيٽرسبرگ تي اٺ سو ٻاهتر ڏينهن جو گهيرو ڪيو ويو پر ان دوران

۽ انهن جا اسڪول ڪليل رهيا. اسپتالن ۾ لاشن رکڻ جي جڳهه ڪونه هجي، ڊاڪٽر آپريشن ڪندي بک سبب بيهوش ٿي وڃن، ڪنهن به گهر ۾ ڪاڌو پيتو ڪونه هجي. بک هجي، ويراني هجي، رت جمائيندڙ برف هجي پوءِ به اسڪول ڪليل هجي ته پوءِ ان جي نتيجي طور دنيا ڏٺو ته اها قوم دنيا تي حڪمراني ڪندڙ قومن منجهان هڪ ٿي ويئي. سنڌي سياسي طور ڪنهن به ڏاڙيل سان وڃي پنهنجا رشتا رکن پر گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي تعليمي نظام تي نظر ضرور رکن. هر پڙهيل لکيل دوست جو فرض آهي ته اهي پنهنجي آسپاس وارن بند پيل اسڪولن ڪي ڪولرائٽ لاءِ وس آهر آواز اٿارين ايسين جيسين اهي اسڪول کلي نه وڃن. ٻيو ڪو به رستو ڪونهي ان ڪان سواءِ جو اسين پنهنجي سنڌ بچائي سگهون.

11.03.2021

# نہ استيفائون نہ نوازشريف کي اچڻ گهرجي...

نہ استيفائون ڏجن ۽ نہ نوازشريف کي اچڻ گهرجي وچان کو رستو ڪڍي احتجاج ڪجي.

جديد دنيا جي جنگي فن جي هڪ استاد مائوزي تنگ چيو هو تہ دشمن جي مرضيءَ سان وڙهڻ پڪ اوهان جي هار جو سبب بڻبو ڪوشش ڪريو دشمن کي پنهنجي مرضيءَ سان ويڙهايو. جنگ ۾ دشمن کي جذباتي بڻائي غلطي ڪرائڻ وڏي حڪمت عملي هجي ٿي اها غلطي ضروري ناهي تہ رڳو نوان ويڙهاڪ ڪندا هجن وڏا گهاگهہ قسم جا جنگي ماهر بہ ڪندا رهيا آهن. تاريخ اسان کي اهو ئي ٻڌايو آهي.

هوشمند ماڻهو آخري گولي بچائي رکندا آهن. سڀ هٿيار هلائي پاڻ کي بي هٿيار ڪرڻ ڪا عقلمندي ڪونهي. خاص طور ان جاءِ تي جڏهن دشمن عيار ۽ مڪار هجي.

هُنن چاهيو پئي تہ پي ڊي ايم کي جذباتي بڻائي انهن کان سڀ هٿيار استعمال ڪرائي سڀ ڏڪَ پچائي پوءِ بہ چار اهڙا زوردار وار ڪجن جو نہ رهي بانس نہ وڄي ڪا بانسري.

نڙي ۾ اٽڪيل اٺارهين ترميم جنهن کي نہ تہ هو ڳيت ڏيئي سگهن ٿا ۽ نہ ئي ان کي اوڳاڇي ٻاهر ڪڍي سگهن ٿا اها ڳيت سندن هاضمي جو سمورو نظام خراب ڪري وننڌي ۽ اوڳاڇڻ سان اها سندن نڙي چيري ڇڏيندي. استيفائن جي ٻئي ڏينهن اها ترميم هڪ ئي وار سان ختم ڪيل هوندي. شيخ رشيد جهڙا ٻلا ماڻهو تہ ڪيترائي اهڙا بيان ڏين پيا جنهن سان جذباتي ٿي بارود کي باہ ڏيئي ڇڏجي جنهن جو شڪار ڪڏهن ڪڏهن سيئي ٿيندا پئي آيا آهن پر پيپلز پارٽيءَ وٽ وڙهڻ جو تجربو آهي اهي هاٽي جذباتي ڪونہ پيا ٿين چو تہ هنن اڳ اهڙا عمل ڪري گهٽا ئي نقصان ڪيا جن ۾ سندن گهرن ۾ لاشن جو اچڻ بہ شامل آهي.

رڳو اٺارهين ترميم ڪونهي گهٽو ڪجهہ ڪرڻو آهي هنن کي. صوبن کي وري نئين نموني ڳٽ وجهڻو آهي، نوان نصاب (هڪ قوم هڪ نصاب) ناهي ذهني غلاميءَ جو نئون نظام جوڙڻو آهي. اليڪشني اصلاحات جي ڳڙ ۾ زهر پيئارڻي آهي. مضبوط مرڪز جا وڪيل هن همراہ کي موقعو غنيمت سمجهي رهيا آهن چو تہ نظر ائين پيو

اچي ته هي اجان تائين ڪجهه سوچڻ ۽ ڳالهائڻ کان قاصر آهي. ملڪ نهڻ کان وٺي سڀ وزيراعظم اهڙا ئي ايندا رهيا آهن پر انهن سيني اڳتي هلي محسوس ڪيو ته هو استعمال ٿي رهيا آهن جنهن ڪري انهن ڳالهايو پر هن همراه اجان اهو محسوس به ڪونه ڪيو آهي ڳالهائڻ ته پري جي ڳالهه آهي. بيو ته هن لٽيل مال واپس ڪرڻ واري جيڪا چورن چٺٺي پئي وڪي آهي اها اجان تائين پاروٽي ڪونه ٿي آهي ۽ ماڻهو اجان به سچ پيا سمجهن ته هي همراه سچو آهي جڏهن ته هي پنهنجي قول جي بلڪل ابتڙ آهي.

پيپلز پارٽيء وٽ هن وقت سنڌ حڪومت آهي جيڪو وجائڻ خود هڪ وڏي غلطي هوندي بيو ته هن وٽ سينيٽ جي چيئرمين شپ به آهي چوته يوسف رضا گيلاني اصول مطابق چيئرمين آهي جيڪو ڪيس ڪٽڻ تمام وڏي ڳالهه هوندو ۽ حڪومت وٽ ان جو هارائجڻ هانءُ هارڻ برابر هوندو. پنهنجي وزيرخزانه جي هارائجڻ جو زخم پنهنجي جاء تي پر چيئرمين شپ هارائڻ اصل هانءَ جو ڪانُ هوندو.

بي ڳالهه ته استيفائن سان حڪومت جي وڃڻ جو ڪو امڪان هجي ها ته پوء شايد پيپلز پارٽي دير ڪونه ڪري ها. استيفائن کان پوء وجي باقي بچي ٿو ڌرڻو. جيڪڏهن اهو ڌرڻو غيرقانوني قرار ڏيئي ڪورٽ مان اهڙو فيصلو ڪرائي ان تي عمل لاء حڪومت ڪنهن اداري جو ساٿ حاصل ڪري وٺي ٿي ته پوء حڪومت نه رڳو شينهن پر ساڳي وقت واڳون به ٻٽجي ويندي ۽ هنن ڪي جيئرو اڳري ويندي. ڌرڻي جي خاتمي جو ناسڪ ڪورٽ جو حڪم سمجهي ختم ڪرائڻ ڪابي هٿ جي راند هوندو پوء پي ڊي ايم وٽ ڪڪ به پاڇي ڪونه رهندو.

رهي ڳالهه نوازشريف جي واپس ملڪ اچي قيادت ڪرڻ جي ته ان حوالي سان مريم صاحبه جي اها گهر پنهنجي جاء تي وڏي ڳالهه آهي ته ان جي زندگيء جي ضمانت ڪير ڏيندو. اهو هڪ وڏو سوال ان ڪري آهي ته ان پويان وري بيا سوال آهن ته چا نوازشريف جي زندگيء کي ڪو خطرو آهي. اهڙي ڳالهه محترمه کي ڪرڻ جي ضرورت چو محسوس ٿي. چا اهڙي صورتحال نظرجي پيئي يا نوازشريف پنهنجي حياتي کي خطري ۾ ڏسي ٻاهر ويو هو. ان جو سادو جواب ته اهو آهي ته قياس ڪري سگهجي ٿو ته ائين ئي هوندو. چوته اها ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي اسان جي ملڪ ۾. هي

ٻه هڪ ڪوس گهر جو ڏيک ڏيندو رهيو آهي جتي هر ماڻهو پنهنجي واري جو انتظار ڪري ٿو. بلڪل ان انڊين گاني وانگر ”جاني ڪهان، ڪب ڪسي ڪو ڪسي سي پيار هوجائي“. تنهن ڪري عقلمندي ان ۾ ئي آهي ته هو واپس ٻه نه اچي ۽ ن ليگ جي قيادت مريم صاحبه وٽ ئي هجي جنهن پوئين ٿوري عرصي ۾ پاڻ کي ان لائق ثابت ٻه ڪيو آهي.

ته پوءِ پي ڊي ايم کي وچان ڪو رستو ڪڍي پرامن جمهوري طريقي سان جدوجهد ڪري هن همراه مان جان ڇڏائڻ گهرجي. هي گهڻ پاسائين ويڙه يعني هر محاذ تي وڙهڻ جهڙي ويڙه آهي چوته جهڙي نموني هن کي آندو ويو آهي ۽ جهڙي نموني هن کان مزوري ڪرائي پيئي وڃي ان مان مسترين کي ڪو نقصان ڪونهي.

19.03.2021

# نيب سڳوريءَ حاضري پوئتي ڪري جان ڇڏائي!

ڪالهه جي هڪ خبر آهي ته نيب چويهه مارچ تي مريم نواز صاحبه جي ٽيندڙ حاضري کي اڻ ڄاڻايل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته اهو اسان جي ملڪ ۾ گهٽ ٿيندو آهي. مشرف هجي يا ڪو بيو سدائين حاضريءَ کان پيا لنوائيندا رهندا آهن ڪڏهن بيماريءَ ته ڪڏهن ڪنهن مائٽ جي مري وڃڻ جو بهانو ڪري پيا ڪيس کي اينگهائيندا آهن پر اهو ڪڏهن ڪونه ٿيو آهي ته نيب سڳوريءَ پاڻ حاضري پوئتي ڪئي هجي. نيب پنهنجي جاري ڪيل پريس رليز ۾ ان جو سبب ڪرونا جي ٽين لهر جو اچڻ ۽ بي قابو ٿيڻ ڄاڻايو آهي. اها پريس رليز پڙهڻ کان پوءِ ان مان طرح طرح جي بوءِ اچي رهي آهي. ان ۾ اهو به لکيل آهي ته پوئين دفعي حاضريءَ وقت ايندڙ ماڻهن پارن ڪيل سخت پٿراء سان نيب جي عمارت کي نقصان پهچايو ويو هو جنهن جي ايف آءِ آر به داخل ڪرائي ويئي آهي. ان ڪيس موجب نيب سان تعاون نه ڪرڻ ۽ جاچ ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي ڏوه ۾ مريم صاحبه کي ڏه سال قيد جي سزا اچي سگهي ٿي پر نيب صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪندي اهو ڪجهه ڪرڻ کان پاسو ڪندي رهي آهي. (ڪورٽ صبر جو مظاهرو ڪري ٿي ڳالهه کي سمجهڻ گهرجي) پريس رليز جي آخر ۾ وري پراڻو رٽيل جملو استعمال ڪندي لکيو ويو آهي ته مفاد عامه کي سامهون رکندي تاريخ پوئتي ڪئي وڃي ٿي وغير وغيره. جڏهن ته ڪرونا هوندي گهٽو ڪجهه ائين جو ائين پيو هلي جنهن ۾ ڪرونا سٽيل وزيراعظم جو اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ به شامل آهي. تنهن ڪري پريس رليز چڱيءَ ريت ٻڌائي ٿي ته اهي ڪيترو ڪنفيوز آهن.

هڪ ڳالهه اها ياد رکڻ گهرجي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ئي مريم نواز هاءِ ڪورٽ مان پنهنجي ضمانت منظور ڪرائي چڪي هئي جنهن کان پوءِ شايد ان جي گرفتاريءَ جو ٽارگيٽ حاصل ٿيندي نه ڏسي تاريخ پوئتي ڪئي ويئي. ٻي اهم ڳالهه اها به آهي ته ن ليگ جي ڪارڪنن به وڏي تعداد ۾ حاضريءَ تي اچڻ جو اعلان ڪيو هو ۽ پيپلز پارٽيءَ جو قمر زمان به اهو چوندي ٻڌو ويو ته هو به ڪارڪنن سان حاضريءَ تي

پهچندو. چوڻ وارا هو چئي رهيا آهن تہ نيب ان صورتحال ۾ پنهنجو پاڻ کي محفوظ رکڻ ۾ ئي بهتري سمجهي.

اسان کي اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ملڪي تاريخ ۾ مريم صاحبہ انهن ڪجهہ ليڊرن ۾ شامل آهي جن تمام ٿوري وقت ۾ پنهنجو پاڻ مڃايو آهي. سندس تقريرن جو لهجو، لفظ لفظ چٽو ڳالهائڻ، سوچي سمجهي ڳالهائڻ ٻڌائي ٿو تہ ان هاڻي ماضيءَ مان سبق سکي ورتو آهي. سندس ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مقبوليت خاص ڪري پنجاب جي ماڻهن جو ٽوئيٽر تي بيخوف ٿي لکڻ ٻڌائي ٿو تہ هاڻي ڪيس گرفتار ڪرڻ اڳ جيترو آسان ڪونهي. ان صورتحال اسٽيبلشمينٽ کي اهڙي بہ واٽي تي بيهاريو آهي جيڪا گرفتاري جهڙو ڪو قدم کڻڻ بہ نہ ٿي چاهي جنهن سان حالتون وڌيڪ خراب ٿي وڃن ۽ اها مريم صاحبہ مان هٿ ڪڍي آزاد ڪرڻ بہ نہ ٿي چاهي چو تہ هوءَ هاڻي ڪليل نموني انهن کي للڪاري رهي آهي ۽ هن جي للڪار ڏينهون ڏينهن وڌي ٿي واضع ٿيندي. هاڻي تہ هوءَ نالي وار فرياد جي طرز تي ڳالهائي رهي آهي. اها دليري پنجاب جي ماڻهن جون دليون فتح ڪندي ٻين صوبن تائين بہ پهچي چڪي آهي. ان جي توڙ لاءِ هو پيپلز پارٽيءَ کي استعمال ڪندي پي ڊي ايم کي وائڙو ڪري ڏيکارڻ ۾ ڪامياب تہ ضرور ٿيا آهن پر اسٽيبلشمينٽ جو ڳاڙهو منهن ٻڌائي ٿو تہ اها پڻ ڊنل آهي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ الطاف حسين جي هڪ وڊيو سوشل ميڊيا تي آئي هئي جنهن ۾ هو معافي وٺندي ڏيکاريل هو جنهن جو آخري مطلب اهو هو تہ هن سدا بهار مهري کي استعمال ڪندي ڪراچيءَ ۾ وري ڪو ممڻ مچائي عوام جا خيال متائي ڇڏجن ۽ وري نوان بحث شروع ڪرايا وڃن. اهو پيپلز پارٽيءَ ڏانهن بہ هڪ پيغام هو تہ هوءَ سنڌ صوبي ۾ پاڻ کي اڪيلو شينهن نہ سمجهي.

ٻئي طرف ڊسڪہ يعني اين اي پنجهتر واري چونڊ بہ اڻ ڄاڻايل مدي تائين ملتوي ڪئي ويئي آهي ياد رکڻ گهرجي تہ ان چونڊ حڪمران پارٽيءَ کي هڏڪين ۾ وجهي ڇڏيو هو گهٽا ئي لارا لپا ڏيندي نيٺ هو اها چونڊ هارائي چڪا جنهن ڪان پوءِ اليڪشن ڪميشن تي دٻاءَ وجهي ان کي پوئتي ڪرايو ويو آهي. اليڪشن جو پوئتي ڪرڻ/ڪرائڻ ويڙهہ ۾ بہ قدم پوئتي هٽڻ کي ظاهر ڪري ٿو ۽ واضع پيغام ڏئي ٿو تہ

حڪمران پارٽيءَ ۽ ان جي حامين ۾ عوام جو خوف وڌندڙ آهي ۽ هو ڪوبہ رسڪ کڻڻ لاءِ تيار ڪونہ آهن. ٻيو تہ جيڪڏهن ن ليگ هارائي ٿي تہ بہ حڪمران ٽولي تي ڌانڌليءَ جو الزام تهيل آهي ۽ جيڪڏهن ن ليگ کٽي ٿي تہ حڪمران نفسياتي طور بہ چار قدم پوئتي ٿي ويندا آخري نتيجي طور ن ليگ کي هارائڻ لاءِ ڪجهہ ڪونہ هوندو ۽ پي ٽي آءِ کي کٽڻ ۽ هارائڻ ٻيئي ڳچيءَ ۾ پوندا.

26.03.2021

# ها ۽ نہ جي وچ ۾ بيٺل نظام ڇا ٿو ٻڌائي!

فيصلو ٿيو تہ ملڪ ۾ ڪنڊ ۽ ڪپهہ جي ڪوٽ ڪي منهن ڏيڻ لاءِ پارٽ مان اهي ڀيئي شيون گهرايون ويندين. اجان اها خبر اخباري پنن تي سڪي بہ ڪونہ هئي تہ سوشل ميڊيا تي اهڙا بحث هلي پيا تہ دشمن ملڪ سان واپار ڇو! ڪن جو خيال هو تہ هن ملڪ سان ڳالهائڻ بہ هڪ وڏو گناهہ آهي واپار تہ پري جي ڳالهہ آهي. ڪن جو خيال هو تہ پاڙيسري ملڪ آهي اسان گهٽو وڙهي چڪاسين هاڻي ڪي امن جون ڳالهيون ٿيڻ گهرجن ۽ جڏهن پارٽ مان ڪو چڱو پيغام آيو آهي تہ پاڪستان ڪي بہ سٺي موٽ ڏيڻ گهرجي ۽ هتان بہ سٺي موٽ ڏني ويئي. اها اجان ڪجھ ڪلاڪن جي ڳالهہ هئي تہ پاڪستان مان هڪ ٻي سٺي خبر آئي تہ ٻنهي ملڪن ڪي واپار ڏانهن بہ وک وڌائڻ گهرجي. اهڙي وک ڪٽندي ڪنڊ (جيڪا پارٽ ۾ سٺتيهہ روپيا في ڪلو گرام آهي) ۽ ڪپهہ اتان گهرائڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو ۽ پوءِ اهڙو فيصلو واپس ٿيو. اهي سمورا عمل ڪجھ ڏينهن ۾ پورا ٿيا يعني آئي پي وہ گئي پي وہ، ختم فسانہ هوگيا. وري سموري صورتحال اتي ئي وڃي بيٺي.

هڪ ڏينهن فيصلو ها ٻئي ڏينهن نہ. اهڙا فيصلا اسان جي حڪمران ٽولي جي ذهني وائڙپ جي چغلي هڻن ٿا. اها ڳالهہ ڪا نئين بہ ڪونهي جو ان تي حيران ٿجي. سدائين ائين ئي ٿيندو پئي آيو آهي شروع ڪان پر هن حڪومت جنهن جو نالو ئي يوٽرن حڪومت رکيو ويو آهي تن اهڙن فيصلن جا ڇڻ تہ رڪارڊ قائم ڪيا آهن يعني صاف لفظن ۾ اهو تہ هيءَ حڪومت بين مڙني حڪومتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وائڙي ۽ ”ها نہ“ جي پچ تي ڊوڙندڙ آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڳالهہ حيرانگيءَ ڪان ڪل تائين وڃي پهچندي آهي. هن فيصلي کي ئي ڪٽي ڏسو تہ ڇا ڪنڊ ۽ ڪپهہ گهرائڻ جو فيصلو ڪرڻ وقت پارٽ دشمن ڪونہ هو يا هو ان فيصلي ڪان پوءِ دشمن ٿي پيو. اجان هڪ قدم اڳتي تہ اهڙو ڪهڙو واقعو هن دشمن ملڪ هتان واپار جي ڳالهہ ڪان پوءِ سرزد ٿيو جو هي يڪدم رات وچ ۾ دشمن ٿي پيو. جيڪڏهن هو دشمن هو تہ فيصلو ڪجي ئي نہ ها ۽ جيڪڏهن ڪيو اٿو تہ ان تي بيهو. ڪجھ ڏينهن اڳ چين جي هڪ وزير ايران لاءِ هي لفظ چيا هئا تہ ايران پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندڙ ملڪ آهي ۽ هڪ

فون ڪال تي پنهنجي پاليسي ناهي بدلائيندو. هن بيان بہ سوشل ميڊيا تي وڏي باه ٻاري هئي ۽ هر ڪنهن اهڙو اشارو اسان جي پنهنجي ملڪ ڏانهن ئي سمجهو ۽ سمجهايو. تہ چا ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪجهہ واري فيصلي سان بہ ساڳيو حشر ٿيو جو اهو بنا دير جي واپس ڪيو ويو. وزيراعظم جيڪو هڪ پاسي دعوىٰ ڪندو رهيو آهي تہ هن سان بہ سو ماهرن جي ٽيم آهي جيڪا ٽيم هر شيء کي ٺيڪ ڪري ڇڏيندي (اها ٻي ڳالهہ تہ اقتدار ۾ اچڻ کان پوء ساڳيو ماڻهو ساڳي ٽيم لاء شڪايتي لفظ استعمال ڪندو رهيو آهي. جنهن کي نقل ڪندي سوشل ميڊيا تي چيو ويندو آهي تہ مون کي فلاڻو، فلاڻو بہ پلو نہ مليو.....) حفيظ شيخ صاحب جيڪو پنهنجي شعبي جو هڪ ماهر انسان آهي ان جي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو ويو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ ان کي ڪم جو نہ سمجهندي هٽائي ڇڏيو (سڀ وزير ان جي هٽائڻ تي هڪ جهڙي ڳالهہ ڪونہ پيا ڪن ڪي چون پيا تہ هو چونڊن ۾ هارائي ويو ان ڪري ڪيس هٽايو ويو جڏهن تہ ڪي چون پيا تہ هو اهڙا نتيجا نہ ڏيئي سگهيو جيتري ان مان توقع هئي) پوء کهڙي پڪ آهي تہ ان جي جاء پريندڙ ڪم جو ثابت ٿيندو. ڊرائيور گاڏي هلائيندو يا گاڏيء مان نڪري پاڻ پڄندو.

پر هتي هڪ وڏو سوال اجان بيو آهي جيڪو متئين صورتحال کي وڏيڪ پوائنٽو ٻڻائي ٿو تہ اسان جي پنهنجي ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ ڪنڊ ۽ ڪجهہ ڪيڏانهن ويئي؟ اسان جو زرعي ملڪ جيڪو پنهنجي کپت جي حساب ۾ پاڻ پرو رهندو آيو آهي اتي اهڙي ڪهڙي آفت آئي جنهن اهڙا بحران پيدا ڪيا. چا عمران سرڪار لاء اي ٽي ايم مشين سڏجندڙ (جيڪا هڪ ڪنڊ مافيا جي شڪل وٺي چڪي آهي جنهن متان ڪي ڪيس ثابت بہ ٿيل آهن) وري ڪا سازش ڪري پنهنجي تجوڙين ۾ رکيل لکن ڪي ڪروڙن، ڪروڙن کي اربن ۽ اربن کي کربن ۾ بدلائڻ واري هئي! جنهن جي ڪڙڪ حڪمران (اي ٽي ايم مخالف) ٽولي کي پئجي ويئي ۽ مافيا کي دڙڪو ڏيندي رڳو اهڙي خبر هلائي ويئي) يا وري سڄو ڪم ڪميشن جو آهي يعني جڏهن ڪو فصل لهي تہ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ۽ هترادو کوٽ پيدا ڪري/ڪرائي اهي ساڳيون شيون وڌيڪ ريٽ تي گهرائي ان تي ٻنهي پاسن کان ڪميشن کائو! (ڪجهہ وقت اڳ ڪٽڪ سان بہ ساڳيو حشر ڪيو ويو) تہ پوء پويان حڪمران چو غلط هئا ۽ اوهان چو

صحيح آهيو. پوء هي نيب چو. هي اين آر او نہ ڏيندس چو. چا اهو سڀ عوام جا خيال بدلائڻ لاء آهن.

02.04.2021

# پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ ۾ ڪهڙو عيب آهي!

لبنان ڄائي مصطفیٰ عقد جي هدايتڪاريءَ ۾ هڪ شاندار فلم نهيو هو نالو هوس ”دي ميسيج“. ان ۾ اسلام جي شروعاتي دور کي ڏيکاريو ويو هو. هدايتڪار کي ان تي بهترين هدايتڪاري جو ايوارڊ به مليو هو. ان فلم ۾ان وقت جو هڪ وڏيرو اميه بن خلف مڪي ۾ ٿيندڙ ساليانـي ميلي ۾ (بازار ۾) خريداريءَ لاءِ پهتل آهي جنهن جي چٽي ان جي غلام جي هٿ ۾ آهي. جيڏانهن مالڪ وڃي ٿو غلام ان مٿان چٽي ان ريت جهلي ٿو جيئن مالڪ اس کان محفوظ رهي. سموري ڳالهه ڪرڻ جو مطلب ته ان وقت جا وڏيرا/سرمائيدار پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ کي عيب سمجهندا هئا جيڪا روايت ڪائنات جي بهترين انسان نبي سائين جن ختم ڪئي. پاڻ ڪريم جن پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ کي فخر سمجهندڙ ۽ سمجهائيندڙ هئا.

ڪجهه مهينا اڳ برطانيه جي هڪ وزيراعظم اليڪشن ۾ هارائڻ کان پوءِ وزيراعظم هائوس خالي ڪيو. ميڊيا تي اها وڊيو وائرل ٿي هئي ته هو پنهنجي گهر جو سامان پنهنجي فيملي (زال ۽ ٻار) سميت پاڻ ڪٽي رهيو هو.

دنيا جي سڀ کان امير ملڪ ( دنيا جي عملي بادشاه) آمريڪا جي صدر اوباما جي به اهڙي قسم جي ڪلپ وائرل ٿي هئي جنهن ۾ هو ۽ سندس زال پنهنجو سامان پاڻ ڪٽي موڪل ملهائڻ لاءِ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا.

پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ جو ڪلچر مٿي بيان ڪيل ملڪن (خاص طور يورپ جي ملڪن) ۾ عام آهي پر اهڙو ڪلچر اسان وٽ اجان تائين ڪا جڳهه ناهي وٺي سگهيو. بي بي سي کان وٺي لوڪل ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي پنهنجي پاران پنهنجي آءِ ڊي تي رکيل اهڙي ئي هڪ تصوير جو ذڪر وائرل ٿيل آهي جنهن تي تبصرا به تمام گهڻا ۽ دلچسپ ٿيل آهن. هڪ سائين لکيو ته اسان وٽ انهن پروٽولن وغيره کان سواءِ بچيو ڇا آهي، ويڪسين ناهيندڙ (ترقي يافته) ملڪ جو وزير پنهنجي هٿ ۾ ڇٽي کنيو بيٺو آهي جڏهن ته ويڪسين خريد ڪندڙ (امداد طور وٺندڙ) وزير جي ڇٽي ان جو معاون کنيو بيٺو آهي. ٻئي هڪ همراه لکيو ته غلامانه سوچ جي ڇا ته عڪاسي آهي جو هڪ سپر پاور جو وزير پنهنجي هٿ ۾ پاڻ ڇٽي کنيو بيٺو آهي جڏهن ته اسان

جي ملڪ جي وزير جو نوڪر اهو ساڳو ڪم ڪري رهيو آهي. وري هڪ صارف ته ائين به لکيو ته اسان پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ کي عيب چو سمجهندا آهيون وغيره وغيره.

اها چٽي ضروري ناهي ته وزير موصوف جي حڪم تي ٻئي ڪنهن جهلي هجي ڪي ئي پاڻ (بنا چوڻ جي) خوشامد طور ائين ڪندا آهن سو ڳالهه چٽي پاڻ ڪٽڻ يا نه ڪٽڻ جي ڪونهي ڳالهه رڳو ڪلچر/ماحول جي آهي ته اسان وٽ اهڙو ڪلچر چو نهيو آهي. رڳو وزير ڪونه ننڍي کان ننڍو عهدو رکندڙ پاڻ کان ننڍي عهدي واري تي اهڙا حڪم هلائي ٿو يا ان مان اها توقع رکي ٿو چو ته هو جڏهن وري پاڻ کان وڏي عهدي واري سان ملي ٿو ته پاڻ اهڙي قسم جا عمل ڪري ٿو. خوشامدون ڪري ٿو جنهن سان اهو ڪلچر وڏيڪ طاقتور ٿي پوي ٿو. ان ڪلچر اسان جي سماج کي مئل سماج بڻائي ڇڏيو آهي. ان جو ئي آخري نتيجو اهو نڪتو آهي ته خوشامد غلاميء جو روپ ورتو آهي ۽ پاڻ کان وڏن عهدن تي وينلن آقا ۽ پاڻ کان ننڍي عهدن تي فائز رهندڙ غلام سمجهو وڃي ٿو. اهو ڪلچر اڄ جو ڪونهي ۽ رڳو اسان وٽ ڪونهي دنيا جي گولي تي اسان جهڙا نالي ماتر آزاد ٿيل ملڪ اهڙي ئي جهنم مان گذري رهيا آهن.

اسان جي حڪمرانن جهڙن حڪمرانن جي تاريخ اهڙن ئي ڪمن ۾ گذري آهي. تاريخ وڏي واڪي ٻڌائيندڙ آهي ته ملڪ جي عوام کي ڦري لٽي جمع ٿيل رقمون رڳو بادشاهن کي خوش ٿيڻ تي خرچ ٿينديون رهيون آهن. ڪي بادشاه پنهنجي مخالف کي شعر و شاعري ۾ گاريون ڏيڻ واري شاعري تي خوش ٿي انعام اڪرام ڏيندا هئا. ڪي وري پنهنجي عياشيء خاطر رقمون خرچيندا هئا. بادشاهن جي غسل خانن ۾سهٽيون ڇوڪريون انهن جي خوشيء لاء موجود هونديون هيون. بادشاه سلامت دربار ۾ اچي ته ان کي ڪلائڻ لاء مسخرا موجود رهندا هئا. بادشاه سلامت ڪا ڳالهه ڪري ته ان تي واه واه ڪرڻ لاء ماڻهو موجود، ڪي هٿ ٻڌي بيٺل ته ڪي وري سون/چاندي/هيرن جا ڪشتا ناهڻ لاء ويهاريل هئا. جڏهن بادشاه جي دل چوي ڪنهن کي به هاٿيء جي پير هيٺان يا شينهن جي پڃري ۾ موڪلي ان جي مرڻ تي خوش ٿيندا رهن اهڙن سمورن ڪمن تي به رقمون خرچ ٿينديون هيون.

جديد دور ۾ بہ عرب سڳورا (پيسي وارا) انن جي ڊوڙ لاءِ دنيا مان اغوا ٿيل ٻارڙا خريد ڪندا هئا/آهن جن کي اٺ جي پٺيءَ تي ٻڌي ويهاربو آهي ۽ جيئن ٻار خوف کان رڙيون ڪندو تيئن اٺ تيز ڊوڙندو ۽ مالڪ جو اٺ کٽندو جنهن سان مالڪ خوش ٿيندو.

ٻئي پاسي تاريخ اهڙن حڪمرانن جي ڪارنامن سان بہ ڀريل آهي جن سمورو وقت، سمورو پيسو، سموريون طاقتون پنهنجي عوام کي خوش ڪرڻ لاءِ خرچ ڪيون نتيجو اهو آهي تہ اڄ انهن جي ملڪن ۾ ٻار جمڻ شرط حڪومت جي ذميواري آهي. حڪومت ان جي کير جو الائونس ان ئي ڏينهن جاري ڪري ٿي ۽ اسان جي حڪمرانن جهڙن حڪمرانن جي ملڪن ۾ ٻار جمڻ شرط قرضي آهي جنهن سبب ٿيندڙ ڏينهون ڏينهن مهانگائي ٻارن جي وات تان کير ڪسيندڙ هجي ٿي.

09.04.2021

# ... ۽ بليڪ لسٽ ڏانهن سفر جاري آهي

هو رڙيون ڪندو رهيو تہ مان مسلمان آهيان، مان بہ آخري نبي جو امتي آهيان منهنجا ننڍڙا ٻچا روزانو قران مجيد پڙهڻ ويندا آهن پر هن کي ڪنهن بہ مسلماني جو سرٽيفڪيٽ نہ ڏنو ۽ قانون نافذ ڪندڙ قانون مٿان تاريڪ راهن ۾ ماريو ويو. گذريل ٻہ چار ڏينهن اهڙا جملا سوشل ميڊيا تي انساني شعور کي جهنجهوڙيندا رهيا. رڳو هي ڪونہ ٻيا بہ ڪيترا ئي بيگناه تاريڪ راهن ۾ ماريا ويا جن کي موت جي ننڊ سمهارڻ وارن کي بہ اها خبر ڪونهي تہ انهن جو ڏوه ڪهڙو هو.

ڳالهہ فرانس جي سفير کي نيڪالي ڏيڻ تان شروع ٿي، ڌرڻا لڳا، احتجاج ٿيا، روڊ بند ٿيا، شهري پريشان ٿيا ۽ ”معاهدو“ ٿيو تہ اوهان جي ڳالهہ مڃي ويندي پر ڪجهہ وقت مهلت ڏيو ۽ قانون (جيڪو انتو ۽ طاقتور هوندو آهي) کي مهلت ڏيڻي پيئي. هن ڌرڻي هڪ همراه جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. همراه تي ڪيس هليا آخري نتيجي طور هو ملڪ کان ٻاهر هليو ويو ۽ ساڳي ڌرڻي ٻي همراه کي حڪومت ۾ اَچڻ جي راه هموار ڪئي. ڏٺو وڃي تہ هلندڙ حڪومت ڌرڻن جي ئي ڏيءِ آهي. ڌرڻن وارا ئي وزير مشير آهن اها ٻي ڳالهہ تہ هاڻي اهي ئي وزير اهڙن ڌرڻن تي ڪڙڪي پون ٿا ۽ ساڳين ماڻهن کي ساڳي ڏوه ۾ ”شاباس“ ڏيندڙ ان تي پابندي هڻن ٿا.

فرانس جي سفير کي نيڪالي ڏيڻ اسان جي وس جي ڳالهہ بہ ڪونهي. ان جي آفٽر افيڪٽس جو مقابلو تہ پري رڳو ان جو تصور بہ خواب ۾ شينهن اچڻ جيترو پوائتو آهي. باقي ٻي ڳالهہ اها ٿي تہ فرانس وارن پنهنجي شهرين کي ۽ پنهنجي عملي کي هتان نڪرڻ جو حڪم ڏنو جنهن کان پوءِ سفارت خاني ۾ رڳو نالي ماتر عملو رهندو. هاڻي اسان جي حڪومت انهن کي منٿون ڪندي تہ سائين ائين نہ ڪريو. اسان کي رڻ ۾ نہ روليو.

اسان جو ملڪ هن وقت گري لسٽ ۾ آهي جنهن جي رنگ کي ڌورو گهرو ڪري ڪارو ڪري سگهجي ٿو ۽ فرانس ان جماعت جو ميمبر آهي. هر دفعي (ٽين چوٿين مهيني کان پوءِ) اها جماعت سڌرڻ جي وارنگ ڏيئي اسان کي ساڳي رنگ ۾ رکڻ جي مهلت ڏيندي رهي ٿي) ڪاري رنگ کان پوءِ اسان دنيا ۾ ائين نظر ايندا سين

جيئن ڪاري مينهن رات جي اونداهيءَ ۾. اٿوپيا ۽ فغانستان جهڙا ملڪ به اسان جي سامهون ڪنڌ مٿي ڪري گهمي اسان مٿان پيا ٽوڪون ڪندا. سعودي عرب ڪاوڙ ۾ اچي جهڙيءَ ريت پنهنجي پيسن جي ڳُھر ڪئي اهڙي ڳهر جيڪڏهن فرانس ڪئي ته اسان ڳولهي به ڪونه لڀنداسين. اسان جي معيشت جيڪا اڳ کي اسٽريچر تي آهي اها ڪوما ۾ هلي ويندي ۽ دنيا جو ڪوبه وينٽيليٽر ڪيس گيس فراهم ڪري ڪونه سگهندو. انهن سيني ڳالهين کان وڌيڪ اهو سوال پريشان ڪندڙ آهي ته آخر اوچتو ئي اوچتو اهڙا ماڻهو ڪٿان نڪري اچن ٿا جن جي هٿن ۾ لنيون آهن ۽ اهي جڏهن چاهين جنهن کي چاهين زندگيءَ جي خاتمي جو سرٽيفڪيٽ ڏين. اڪ چنيِ ۾ روڊ بند ڪن، ايمبولنس کي به رستو نه ڏين (ايمبولنس جنهن لاءِ دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ رستي روڪ منع آهي اسلام ته زندگين جو محافظ مذهب آهي سلامتيءَ جي معنيٰ رکندڙ آهي. ان جا نعرا هڻندڙ اهڙا عمل ان جي نالي ۾ ڇو پيا ڪن، ڪنهن جي ٺيڪ تي پيا ڪن). ايندڙ ويندڙ ماڻهو ته پري جي ڳالهه ڪنهن اسپتال جي ايمرجنسي (جتي اڳ ئي اهڙا ماڻهو داخل هوندا آهن جيڪي انتهائي نازڪ حالت مان گذرندڙ هوندا آهن جن کي رڳو هلڪو اشارو به ماري سگهي ٿو) تي حملا ڪن. ڇا رياست ايتري ڪمزور آهي جو قانون نافظ ڪندڙ ورديءَ سميت گهليا وڃن انهن کان پنهنجي مطلب جا نعرا هڻايا وڃن!

ڇا اسان جو وزيراعظم صاحب جيڪو سدائين چوندو رهندو آهي ته مون وٽ اهڙي ٽيم آهي جيڪا سموري دنيا منجهان سرمائيدار ڳولهي آڻيندي. ٻاهرين سيڙپ ڪاري عروج تي آڻي ڇڏيندي ته ڇا اهڙي ٽيم (جيڪا اڄ تائين دوربين ۽ خوردبين سان به نظر ڪونه پيئي اچي) اهڙن سيڙپڪارن کي وٺي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيندي. جيڪڏهن ڪنهن هڪ به اهڙو سوال ڪري وڌو ته ”اسان جي زندگيءَ جو سوال اسان جي موڙيءَ کان وڌو آهي اها ڪيتري محفوظ هوندي“ ته اسان جا وزير پهنجا ڪليل وات ڪٽي ڊوڙندا واپس پهچي ويندا. ڪو جواب انهن وٽ ڪونه هوندو. ڇا اهو چوڻ ته اسان اهڙين تنظيمن تي پابندي هٽي ڇڏي آهي دنيا قبوليندي!

پر ڇا اهو سڀ پهريون دفعو ٿيو آهي. ڇا اهو بيهر ڪونه ٿيندو. ڇا اهڙين تنظيمن تي پابندي جي تاريخ ڪونه پيئي ٻڌائي ته اهي سڀ ڪنهن ٻئي نالي سان وري ساڳيا ڪم

ڪندا رهيا آهن. ان ڳالهه ڪان به وڏو سوال اهو آهي ته ڇا دنيا ان قسم جي تنظيم مٿان ان قسم جي پابنديءَ ڪي ائين جو ائين سمجهندي. نه ڪڏهن به نه. دنيا جي ماڻهن/ملڪن ڪي اسان جي تاريخ ان تي اعتبار ڪرڻ ڪونه ڏيندي.

16.04.2021

# اسيمبلين جا اجلاس بہ پٺ تي ٿيڻ گھرجن

ڪالھ جي اخباري سرخيءَ موجب سنڌ جي سرڪار سڀوريءَ هاءِ ڪورٽ ۾ اعتراف ڪيو آهي تہ سورنهن لک ٻار زمين يعني پٽ تي ويهي علم پرائي رهيا آهن. علم جنهن لاءِ اسان جي نبي سائين فرمايو تہ اوهان منجهان ڀلو اهو آهي جيڪو عمل سکي ۽ سيکاري. علم جنهن جا پاڻ سڀورا عاشق هئا. حڪومت سنڌ وڏيڪ فرمايو تہ گذريل اٺن سالن ۾ ٻارڙن لاءِ هڪ ڊيسڪ بہ ناهي ورتي. اخبارن واري خبرن جي بنياد تي سوشل ميڊيا تي بہ هن موضوع تي تمام گھڻو مواد ڏنو ويو آهي.

جيڪڏهن دنيا جو سڀ کان ڀلو عمل يعني علم سکڻ ۽ سيکارڻ جو عمل پٽ تي ٿي رهيو آهي. استاد ڀڳل ٽٽل ڪرسي تي ويهي ٿو. ڪرسي اڳيان پيل ميز ڀڳل/ ٽنگن بدران سرن تي بيٺل آهي تہ اسمبلين جا اجلاس بہ پٽ تي ٿيڻ گھرجن. هي غريبن جا هڏڏوڪي، همدرد، غريبن (اليڪشني لفظن جا جادوگر) جا يار بہ پٽ تي ويهن ۽ اتي اهڙيون جهڳيون هڻن جهڙيون هو اسمبليءَ ۾ هڻندا آهن. جيڪو خوبصورت ڳالهائڻ هو اسمبليءَ جي عمارتن کي بخشيندا آهن اهو پٽ تي ويهي اسان کي بخشين.

انهن کي ڪنهن اجازت ڏني آهي تہ ڪروڙين روپيا رڳو پنهنجي ويهڻ واري آفيس کي خوشبودار بڻائڻ تي خرچ ڪن. آرام ڏيندڙ (نند ڏياريندڙ) ڪرسين تي ويهن (سڄي دنيا ڄاڻي ٿي اسان جي اسمبلين ۾ ننڊ گھڻي ڪئي ويندي آهي) ٻارڙن جي اسڪول لاءِ آيل فرنيچر جا پيسا ڪائي دنيا جي ملڪن جا سفر ڪن ۽ اتي عياشيون ڪن.

پنهنجا ٻارڙا فائيو اسٽار هوٽلن جهڙن اسڪولن ۾ پڙهائي انهن جي ٻارڙن کي پٽ تي ويهي علم پرائڻ تي مجبور ڪن جن کين ووٽ ڏيئي اسمبليءَ ۾ وڃڻ جهڙو بڻايو. ٻين لفظن ۾ انهن جو احسانمند هجڻ بجاءِ انهن کي، انهن جي مستقبل کي تباھ ڪن. اڄان ٿورو وڏيڪ تہ پنهنجا محسن ڪش بڻجن. ڳالھ تہ اڄان اڳتي بہ آهي پر تڪبر ۽ غرور سبب هو ٻڌڻ جي سگھہ ڪونہ رکندڙ آهن.

اهو مسئلو رڳو سنڌ جو ڪونہ هوندو اهو سڀ سموري پاڪستان ۾ ٿيندڙ هوندو ۽ پڪ سان جتي بہ ٿيندو هوندو اتان ڪونہ ڪو ايم اين اي، ايم پي اي، سينيٽر ضرور

چوندبو هوندو. اهو ڪنهن نہ ڪنهن جو تڪ هوندو جنهن لاء هو وڏي فخر سان چوندا آهن تہ هي منهنجو آبائي تڪ آهي. آبائي تڪن جو حشر اهو آهي جو اتي ٻارڙا پٽ تي ويهي علم پيا پرائين. اها ٻي ڳالهہ تہ انهن اسڪولن ۾ استاد/هيڊ استاد/سئيپر پنهنجا ماڻهو رکرايل اٿن جيڪي يا تہ بنگلي تي نوڪري پيا ڪن يا پنهنجي برادري جنهن ڪي اڄ ڪلهہ قوم جو نالو ڏنو پيو وڃي ان سان تعلق رکندڙ هجن ٿا. سنڌي قوم، بلوچ قوم وغيره ختم هاڻي قبيلا ۽ ذاتيون قومون پيون سڏجن. هن مڪروه سوچ پويان بہ اهي ئي آبائي تڪ رکندڙ ماڻهو آهي اهي ئي غريبن جا هڏڏوڪي آهن.

ان ڪان اڳ بند پيل اسڪولن جو مسئلو جيڪو ڪيترن سالن ڪان هلندڙ آهي اهو بہ اجان تائين حل ڪونہ ٿيو آهي. آبائي تڪن ۾ موجود ڪيترائي اسڪول بند آهن انهن عمارتن تي قبضا آهن. اهي مينهن جا واڙا ٺهيل آهن. ضلعي ناظميء جهڙي انسان دشمن عهده گهڙيندڙ مشرف جا تحفا ان وقت سموريون طاقتون رکندڙ هوندا هئا مٿيان گهٽا ڪم ان ئي دور جي پيداوار آهن پر موجوده حڪومت جيڪا ڪيتري ئي وقت ڪان سنڌين مٿان حڪومتي وڏيرا مڙهيندڙ آهي ان بہ ڪو ڀوتو ڪونہ ٻاريو آهي. ڪين اها سڌ ڪونهي تہ پٽي جو قرض سڏجندڙ نعرو پنهنجي وقعت وڃائي ويهندڙ آهي. نياڻيء ڪي ووٽ ڏيو وارو نعرو بہ پنهنجو ملهہ وڃائي وينل آهي جيڪڏهن ڪو نعرو سدا بهار آهي ۽ رهندو تہ اهو پنهنجي ڪارڪردگيء وارو هوندو. ڪجهہ ڏيندڙ هجو تہ ڪجهہ وٺندڙ ٻڌجي سگهو ٿا نہ تہ شخصيت جو سحر پنهنجو ملهہ وڃائي ويهڻ ۾ دير ڪونہ لڳائيندو.

23.04.2021

# اين آر او نہ ڏيندس ڪان ڏيندس تائين

بول راڌا بول سنگم هوگا ڪي نهين...نهين ڪبهي نهين........ جائو نہ ڪيو ستاتي هو، هوگا هوگا هوگا.....

اين آر او چو نہ ڏيندس.... ڪنهن کي ونڻ اچي تہ مان ضرور ڏيندس. ڏسو همراه تيهن ميمبرن سان پهچي مون ڪان اهڙيءَ ريت اين آر او وٺي ويو جو مون کي ئي خبر ڪونہ پيئي. اهڙا اين آر او مون ايم ڪيو ايم کي بہ ڏنا آهن. جن لاءِ مون لنڊن جي عدالت ۾ ڪيس ڪٽي وڃڻ لاءِ تيار هوس، جن کي دنيا بہ قاتل ڪوٺيندي هئي مان بہ ڪوٺيندو هوس انهن کي نفيس لوگ چيم. چا اهو اين آر او نہ هو؟ ماڻهن کي سمجهہ ڪونهي نہ تہ مان تہ اين آر او جو هول سيلر آهيان. جيئن تہ مان تسلسل آهيان اين آر او جي بانيڪار مشرف جو جنهن پنهنجي ڪرسي مضبوط ڪرڻ لاءِ ۽ ايم ڪيو ايم کي بچائڻ ۽ وري طاقت ڏيڻ لاءِ اين آر او ڏنا جن مان ڪيترن ئي پوريون پريون.

سنڌ جي وڏيري جي طرز تي تيهن ماڻهن جي قافلي سان پهتل منهنجي پراڻي اي ٽي ايم مشين پهتي. بلڪل ائين جيئن وڏيرو نتيڙي ڳوٺ جي معزز وٽ پهچندو آهي. ان جو هڪ ڪمدار ان معزز کي زور ڏيندو آهي، هٿ جوڙيندو آهي پيو وري پري کان ميڄون وٺيندو آهي ۽ ائين معزز پنهنجي عزت بچائيندي وڏيري کي پراڻيون بيوفائون، زمينن جا قبضا، نياڻين جو عزتون سڀ ڪجهہ معاف ڪندو آهي ائين تيهن ماڻهن هڪ اشارو ڪيو تہ سائين اوهان هڪ ڏکي جا مهمان آهيو هي ميمبر سڀ هن سان گڏ آهن اوهان لاءِ ڪو پيو رستو ڪونهي............۽ هو انڪواري آفيسر جي بدليءَ سميت سڀ ڪجهہ حاصل ڪري موٽي آيا. وزيراعظم صاحب فيس سيونگ لاءِ بيان جاري ڪيو. قانوني ٻولي خوفناڪ هوندي آهي ان ٻولي ۾ چيو ويو تہ اي ٽي ايم سان انصاف ٿيندو جنهن جي معنیٰ سادي ٻوليءَ ۾ اها تہ جيئن هو چوندو تيئن ئي ٿيندو...۽ اين آر او ملي چڪو.

هڪ اين آر جي بوءِ اڃان ڪمري مان وئي ئي ڪونہ هئي تہ نفيس لوگن چيو تہ اسان ست ڀاتي جيڪڏهن چاهيون تہ هن گهر کي ڪيرائي سگهون ٿا يعني اسان کي بہ

ڪجهه ڏيو توڙي جو وقت به وقت سندن ڪشڪول ۾ قتل ڪيس جي مجرمن (سر ڪٽا، ڪاڻا، لنگڙا) جون معافيون پونديون رهيون آهن پر پهرئين ڏينهن کان انسان دشمني ڪندي ملڪي استيبلشمينٽ سان ياري رکندڙن جا پيٽ نه ڪڏهن ڀريا آهن نه ڀرجي سگهن ٿا تنهن ڪري انهن به هڪ نئين اين آر جو مطالبو ڪيو آهي.

هاڻي ته هر اليڪشن هارائيندڙ سليڪٽيڊ لاء هر ايندڙ ڏينهن ڏکيو پيو ٿيندو وڃي چو ته هو ڊسڪ ڪان پوء ڪراچيء جي سيٽ به هٿان وڃائي وينل آهن ۽ اهڙيون شڪستون اين آر او لاء هول سيل وارو ماحول ٺاهينديون پيون وڃن.

ڏنو وڃي ته پيپلز پارٽي به اين آر او وٺي مستفيد ٿي چڪي آهي. ان جي ڪشڪول ۾ به گهڻو ڪجهه وڌو ويو آهي. ڪيسن وارا ڊراما به وساريل گانن (پولي بسري نغمي) وانگر نشر پيا ٿين. تازو ڪراچيء جي سيٽ به سندن ڪشڪول ۾ وڌي ويئي آهي ۽ اها به پوئين اليڪشن وانگر مشين خرابيء واري رستي سان ٺي آئي آهي.

اڳوڻي ڊي جي ايف آء اي محترم بشير ميمڻ جنهن جو ڪردار ساراه جوڳو رهيو آهي هو به هڪ ٽي وي اينڪر سان ڳالهائيندي گهڻو ڪجهه چئي ويو آهي. جنهن جو آخري/سولن لفظن ۾ مطلب اهو آهي ته وزيراعظم هائوس ۾ رڳو سازشون پيون ٿين. هن کي به اهڙا ڪيس ٺاهڻ لاء چيو ويو جن جو بنياد ئي ڪونه هجي. وزيراعظم ڪنهن آفيسر کي گهرائي چوي ٿو ته ان جو مطلب اهو آهي ته اهو ڪم اڳ ۾ ڪنهن نندي آفيسر جي معرفت ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هوندي پوء ڪنهن وزير وڙي کي آزمايو ويو هوندو (وڏا بحث ٿيا هوندا) آخر ۾ وزيراعظم صاحب پاڻ ان نيڪ ڪم ۾ هٿ وڌو هوندو. بشير ميمڻ صاحب (جنهن جي اهڙي انٽرويو کي اجان چوويهه ڪلاڪ به نه گذريا هوندا جو سندس هڪ ڪارخاني تي ڪوالٽي ڪنٽرول جهڙي پاڪ نعري هيٺ ناپاڪ ڇاپو هنيو ويو. ان مان سمجهڻ گهرجي ته ملڪ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڇا ٿيندو رهيو آهي. ڪنهن کان ڪيئن ڳالهرايو ويندو آهي ۽ ڪنهن کي ڪيئن چپ ڪرايو ويندو آهي) به حڪومت جي مغز ۾ جيت (ماڪوڙي کان وڏا) وجهي ڇڏيا آهن.

جج محترم عيسىٰ فائز جي حق ۾ سپريم ڪورٽ جي آيل تازي فيصلي ۾ حڪومتي وايون بتال ڪيون آهن. هن فيصلي جو ٻه آخري مطلب اهو آهي ته وزيراعظم هائوس سازشن جو ڳڙه بڻيل آهي.

اهڙي سموري صورتحال ۾ محترم شهباز شريف جو جيل کان ٻاهر اچڻ حڪومتي ڪمزوري کي چٽيءَ ريت بيان ڪندڙ آهي.

ججن ٻه اهڙي ٻولي ڳلهائڻ شروع ڪئي آهي جو همراه جو ڳلو خشڪ ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي جيڪو ٻه ڪيترن اين آر او جا روڊ رستا ڪوليندو ۽ اهو وقت پري ڪونهي جو هي همراه سبزيءَ جي ريڙهي واري وانگر اين آر او جا هول سيل ريت متعارف ڪرائيندي نظر ايندو.

30.04.2021

# جنت جهڙي سنڌ دوزخ ڪيئن بڻي؟

ڪنهن به قيمت تي ڪرسي سبب آهي اڄوڪي سنڌ جي صورتحال جو. ڪرسي حاصل ڪريو، پوليس کي پنهنجو نوڪر بڻايو ۽ مخالف مارايو نصب العين هجي ٿو اسان جي انهن همراهن جو جيڪي سڀ ڪجهه وڪڻي به ڪرسيءَ پويان ڊوڙندڙ آهن. صديون سبرائي قطار ۾ وينل آهن بلڪل انهن وانگر جيئن درگاهن جي ڏاڪڻين تي فقير ڪشتو ڪٽي وينل هوندا آهن. مون اها ڳالهه وڏاء ڪري ڪونه لکي آهي بلڪل اهو ئي سچ آهي ته ڪرسيءَ جا متوالا ائين ئي در تي جهولي جهليو وينا آهن. ڪرسي وري انهن جي هٿ وس آهي جيڪي سنڌ ۽ سنڌين کي غلام بڻائي بيوس بڻائي سمورو مال هڙپ ڪرڻ جي منشور تي ڪارفرما آهن. اهي ڪرسيءَ جا متوالا ڪرسي ڏيڻ وارن سان ملاقات ڪري موٽندا ته انهن جا ڪارندا سوشل ميڊيا تي اچي اهڙيون ڳالهيون وڏي دعوى سان لکندا ته لکي وٺو علائقي جو چپر چانو پوتار گورنر/وزير/مشير ٿيندو. اتي هڪ سوال اهو ٿو اٿي ته ڇا هنن متوالن ۽ ديوانن کي ڪرسي ائين مفت ۾ ملندي آهي يا اتي ڪو وڪر ڏيڻو پوندو/گروي رکڻو پوندو آهي هنن کي. ائين مفت ۾ ڏکو به ڪونه ملندو وارو پهاڪو سچ آهي هنن جي اندر مان ضمير نالي شيءِ ڪڍي ڪرسي هنن حوالي ڪئي ويندي آهي جيڪو سودو هنن لاء ڪا وڏي ڳالهه ناهي هوندو. اسان جي وڏيرن جي اها ڪمزوري هُنن يعني بي ڏر کي پلي پت خبر آهي تنهنڪري ڪرسي ڏيکاري هنن کي بلڪل ائين ئي تڙپايو ويندو آهي جيئن اسين مزاق مزاق ۾ ٻارن اڳيان پيسا يا ڪا کائڻ جي شيءِ ڏيکاري انهن کي هرڪائي هنن جي اندر جي تڙپ کي وڌائيندا آهيون. ان ڪان پوء واڪ هلندو ته ڪير وڌيڪ وڪر وڪڻندو ۽ سنا نتيجا ڏيندو. اها ڳالهه ڪا لڪل ڪونهي ته ڪرسي ڏٽين کي ڪهڙا نتيجا گهربل هجن ٿا. پوء هي همراه ڪرسي وٺي سڌو ڳوٺ ايندو ۽ ڪمدارن ڪان پنهنجي مخلفن جا ڏس پتا پڇي ڪم شروع ڪندو.

ٻئي پاسي پراڻو ڪرسيءَ وارو وڏيرو عرف سنڌ جو ازلي دشمن پنهنجي ڪرسيءَ جا پراڻا جاوا وساري ڪونه سگهندو، پنهنجي گاڏيءَ جي اڳيان پويان پوليس جو پروٽوڪول هن کي خواب ۾ به پيو چرڪ پرائيندو جنهن ڪري هو وري اهڙا عمل

ڪندو جيئن شهر جي ميونسپل چيئرمين ڪي فيل/ناڪام ڪرڻ لاءِ نالين ۾ پٿرن سان پريل بورين وجهي بند ڪيو ويندو آهي. پنهنجي ئي اثر رسوخ وارن علائقن ۾ پاڻ بدامني ڪرائي پوءِ واويلا ڪندو بلڪل ائين جيئن ڪو وقت اڳ ڪراچيءَ جي لساني تنظيم ڪندي هئي. اسان سيني کي اهي ڳالهيون ياد هونديون ته ان تنظيم وارا پنهنجا مخالف ماري پنهنجي پارٽيءَ جي جهنڊي ۾ دفنائي وري اچي روڊ بند ڪندا هئا ۽ مطالبا رکندا هئا ته قاتل اجان تائين گرفتار ڇو نه ٿيا آهن.

اهڙن سمورن عملن جو آخري نتيجو هن وقت اهو آهي ته سنڌ هن مهل دوزخ جو دونهون پيئي اوڳاڇي. ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذات پرستي/قبائلي جهيڙا عروج تي آهن. بدامني ڪرائي وڃي ٿي يا موجود آهي ٻنهي صورتن عذاب سهنڌڙ عام ماڻهو/سنڌي آهي جنهن ڪان ان جو آخري گره کسڻ جون تياريون عروج تي آهن.

ڪجهه ڏينهن اڳ جڏهن ڪشمور جي علائقي ۾ هڪ ئي گهر جا ڏه ڀاتي ماريا ويا تڏهن نه ته آسمان لڏيو نه ته زمين ڦاٽي. باقي اسان جي حڪومتن کي ته پيسا ڦرڻ ۽ مخالف مارائڻ کان فرصت ئي ڪونهي تنهن ڪري ان کي ته نه لهر نه ڪو لوڏو.

سوال اهو آهي ته اهي ماڻهو جڏهن مئا پئي ته قانون ڪٿي هو. هي اربن روپين جون پگهارون ڪائيندڙ ڪٿي هئا. ڇا انهن علائقن ۾ ڪو ڊي سي، ايس پي وغيره مقرر ڪونهي. هيءَ پوليس جيڪا مخالف ٻڌڻ ۽ چوڙڻ ۾ پوري آهي ڪٿي هئي. ٻيو ته قبائلي جهيڙن جي شوقين سردارن (انسان دشمنن، جن جي گهڻائي اسمبلين جي ميمبر آهي) کي لغام ڏيڻ وارا قانون سڀ ستل هئا! سوشل ميڊيا تي اهي خبرون آهن ته انهن مري ويل ماڻهن جا ايڪونجاهه ٻار يتيم ٿيا آهن. اهي ايڪونجاهه ٻار اڳتي هلي ڇا ڪندا. ڪير انهن جي پرگهور لهندو يا ته اهي (الله نه ڪري) ڌاڙيل ٿيندا يا انهن جون ملڪيتون ڦٻائڻ لاءِ اهي ماريا ويندا پنهنجن ئي مائٽن هٿان. گهڻو امڪان اهو آهي ته انهن جون ملڪيتون اهي ئي سردار قبائلي تحفظ ڏيڻ جي نالي ۾ ڦٻائي ويندا جيئن اڳي ٿيندو آيو آهي.

ڇا ڪيفيت هوندي، ڇا ماحول هوندو، ڇا سوڳواري هوندي جڏهن ايترا لاش گڏ کنيا ويا هوندا. ڪيترين مائرن ڀينرن جا جگر ڳريا هوندا. اهي مائرون اهي ڀينريون جيڪي هاڻي روز مرنديون. ڇا سوچينديون هونديون اهي بيواهه ٿيل عورتون، ڪنهن

ڪي اندازو آهي. انهن جي هڪ هڪ ساهه ۾ ڪيترا رنج هوندا. اها به پڪ آهي ته مرندڙ ذر جا سردار وري پنهنجي برادري جنهن ڪي قوم جو نالو پيو ڏنو وڃي ڪٿ ڪونائي بدلي جون تياريون ڪندا هوندا. پنهنجي معيشت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ گهر گهر چندا ڪندا هوندا. انهن جا ڪارندا حالتن کي وڌيڪ خوفناڪ ٻڌائي سيني کي ٻڌائي انهن جي گهر ۾ پيل ان داڻا ۽ مال مويشي وڪٽي به وڏيري/سردار کي ڏيڻ جا سبق ڏيندا هوندا. هي صورتحال عام ماڻهو لاءِ تباهي جو پيغام ۽ سردار لاءِ خوشحاليءَ جو پيغام آهي.

21.05.2021

# هڪڙي آپريشن اسمبلين ۾ به ڪريو!

ڪجھ ڏينهن اڳ شڪارپور ضلعي ۾ لاڙڪاڻي ۾ پوليس جا جوان شهيد ٿيا. سڀ کان وڏيڪ محفوظ سمجھي ويندڙ بڪتربند گاڏيءَ ۾ وينل جوان شهيد ٿي ويا ته سوال اٿڻ شروع ٿيا ته اهڙا هٿيار ڌاڙيلن وٽ ڪٿان آيا جو بڪتربند گاڏيون به محفوظ ناهن رهيون. ڪن چيو ته اهي گاڏيون ڪرپشن ڪري گھربل قسم جي سامان بجاءِ ناقص مٽيرل مان ٺهيل هيون ان ڪري تباه ٿي ويون. اتان يعني جنگ جي ميدان تان بچي ويل پوليس جي جوانن وڊيو ناهي سوشل ميڊيا تي رکيون جيڪي ڏٺي/ڏسي عام ماڻهو جو هنيو ڳري پيو. عام ماڻهو سوچڻ تي مجبور ٿيو. جڳهه جڳهه تي اهڙا بحث شروع ٿي ويا. سڀني جو خيال/سوال هو ته آخر پوليس جا جوان ئي شهيد ڇو پيا ٿين. (وفاق هن جو نوٽيس ورتو، وزيراعظم صاحب وزيرداخلا کي حڪم ڪيو ته سنڌ وچي مسئلي کي حل ڪري. باه لڳائي باه وسائڻ لاءِ ماڻهو موڪلڻ به ائين ئي آهي جيئن ڳوٺ جو وڏيرو چوري ڪرائي چوري لهي ڏيندو آهي) سوشل ميڊيا تي ئي اهڙا خيال به هئا ته بيلن کان اڳ هڪڙي آپريشن ڪلين اپ اسمبلين (سينيٽ، قومي، چار ئي صوبائي اسمبليون) ۾ به ڪريو ڇو ته گھڻيون ڌاڙيل فيڪٽريون اتان ئي پيون آپريٽ ٿين/هلن. اتي ئي اهڙا مهربان موجود آهن جن اهڙا ڪلچر ناهيا، نهرايا ۽ هلايا. پوليس ۾ پنهنجا باڊي گارڊ پرتي ڪرائي ڌاڙيلن جي مخبري ڪرڻ وارا ڪم به انهن جا ئي ڪرايل آهن.

پوليس جو مورال زمين دوز ڪرائڻ وارا به اهي ئي آهن. انهن ئي پوليس کي پنهنجو نوڪر بڻايو، پنهنجي بنگلن جو طواف ڪرايو. خاص طور تي ناظميءَ دور جي وقت، جڏهن وڏيرن پنهنجون سموريون ”استاديون“ اولاد کي سيڪاري ناظم طور پرتي ڪرايو، ڪجھ وري اسمبلين مان استعفائون ڏيئي پاڻ ناظم بڻيا. مشرف جي جوڙيل هن نظام جو اصل ٽارگيٽ سنڌ جون ٻهراڙيون وڏيرن حوالي ڪري ڪراچي/حيدرآباد کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ هو. ان کي خبر هئي ته جاگيردار سوچ ڇا چاهيندي آهي. ان کي خبر هئي ته جاگيردار کي پوليس تابع ٿي ملي ان کان وڏيڪ ان جي ڪا عيد آهي ئي ڪونه.

مشرف جو تير نشان تي لڳو ناظمن حد ڪان وڏيڪ (يعني شاه ڪان وڏيڪ شاه جو وفادار تي ڏيکاريو) انسان دشمنيون ڪري ”ٻڙڪ نہ ڪچندڙ سنڌ“ ۽ ”ٻڙڪ نہ ڪچندڙ بلوچستان“ ناهي مشرف حوالي ڪيا جيڪو ”موگمبو خوش هوا“ وانگر ڏيک پيو ڏيندو هو. سندس بادي لينگويج ٻڌائيندي هئي تہ هو ڪيترو خوش ۽ پراعتماد آهي. هو خوش ٿيندو هو ۽ هي اسان وارا مهربان غريب عوام متان پنهنجي گرفت وڏيڪ ڪان وڏيڪ مضبوط ڪندا رهندا هئا. ان وقت آمريڪا مان پيسن جو سانوڻي مينهن وسندڙ هو جيڪو ڦري گهري ونڊ ورڇ تي اهڙن سيني وٽ پهچندو هو. جاگيردار جيڪي رڳو آسرن تي بہ انسان دشمني ڪرڻ وارا هئا/آهن انهن ايترا پيسا ڏٺا تہ اصل چتا چريا تي پيا.

ان ئي دور ۾ پوليس جا بہ لاه ڪڍيا ويا. ڪمدار، نوڪر، بادي گارڊ ڀرتي ڪرائي پوليس جو مورال ٻڙي ڪري ڇڏيو ويو. پوليس جي جوانن ۽ آفيسرن جو شهيد ٿيڻ ان جو ثبوت آهي تہ ڌاڙيلن کي اڳ ئي اطلاع پهچي وڃن ٿا ۽ هو پنهنجو هٿ هٿيار جي ٽرائيگر تي رکي پوليس جو انتظار ڪن ٿا ۽ بيخبر پوليس وارا شهيد ٿي وڃن ٿا. اها مخبري انهن ئي ڀرتي ڪرايلن جو ڪم آهي.

وقت بہ وقت ضلعي عملدارن ڪيترائي اهڙي قسم جا انڪشاف ڪيا آهن جن مان ثابت ٿئي ٿو تہ اسمبلين ۾ موجود ماڻهو هن ڪڌي ڪم ۾ ملوث آهن. اهي ڳالهيون بنگلن جي بند ڪمرن ۾ ڪونہ پر کلي عام صحافين جي سامهون ٿيل آهن جيڪي سوشل ميڊيا جي هر فورم، اخبارن ۽ ٽي وي تي بہ اچي چڪيون آهن. انهن آفيسرن وڏي همت سان تمام وڏا ثبوت هٿ ڪري اهي صحافين حوالي ڪيا جن ۾ ڌاڙيلن سان ٿيل ڳالهہ ٻولهہ جي رڪارڊنگ بہ شامل آهي.

ڌاڙيل رڳو شڪارپور ۾ ڪونہ آهن. ڪنڌڪوٽ/ڪشمور، جيڪب آباد سکر گهوٽڪي يعني سموري اتر سنڌ انهن سان ڀريل آهي. اتر سنڌ سان لڳندڙ پنجاب جا ضلعا خاص طور راجنپور بہ ان بيماريءَ ۾ ورتل آهي جتي چوٽو وغيره جي نالي سان ڪيترن جو صفايو ٿيو آهي. تازو هتي زمين ٿامو ڪندڙ بدبخت جهنم رسيد ٿيو آهي جنهن انسان دشمنيءَ جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا.

هتي به سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو. فوج يا رينجرس چو.... پوليس کي جديد هٿيار ڏيئي انهن جو مورال بلند ڪري انهن کي هن ڪم سان موڪليو. سنڌ پوليس پنهنجي جذبي سان اوهان کي سڀ ڪجهه ڪري ڏيکاريندي.

سوشل ميڊيا تي هلندڙ بحثن جو نچوڙ به اهو ئي آهي (سوشل ميڊيا تي عام ماڻهوءَ کان پڙهيل لکيل ماڻهن جا خيال هجن ٿا جن کي عوام جي رضا سمجهڻ گهرجي) ته سنڌ پوليس کي ٻين ملڪن، ٻين صوبن جيتريون سهولتون ڏنيون وڃن. جديد هٿيار ۽ جديد قسم جي ٽريننگ ڏني وڃي. باقي پوليس جا سپاهي شهيد ڪرائي انهن جا ٻچا يتيم ڪرائڻ مان ڪجهه ڪونه ورندو.

28.05.2021

# باقي ٽيهتر سالن ۾ ڪهڙي ترقي ٿي آهي!؟

اخباري خبرن موجب مڪاني ڪاتي واري وزير سيد ناصر حسين شاهه صاحب جن فرمايو ته محترم بلاول ڀٽي زرداري صاحب جن خاص هدايتون ڏنيون آهن ته ڪراچي شهر جي پاڻيءَ جو مسئلو ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي. (عوام کي ته اهو احساس پلي پت تي چڪو آهي ته حڪمرانن پاران ڳالهايل جملا گهڻو ڪري اجايا هجن ٿا پر حڪمرانن کي اڃان اهي روايتي جملا ڳالهائيندي اهو احساس ڪونه پيو ٿئي ته سندن جملا پنهنجو اثر وڃائي چڪا آهن. وزيرن کان وزيراعظم تائين روزانو ڳالهايا ويندڙ جملن ۾ ”ترجيحي بنيادن تي“ لفظن جو واڌارو ڪندي سيني ضرور ٻڌو هوندو. جتي وڃن ٿا اتي چون ٿا ته هن علائقي جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا. (خاص طور تي وزيراعظم صاحب وڏي نڪ جي پڪائيءَ سان اهو چوندو رهندو آهي) پوري ملڪ جي هر شهر، ڳوٺ، وستي واهڻ ۾ وزير وڙا روزانو پيا اهڙا اعلان ڪن...انهن ڳوٺن، وستي واهڻن، شهرن جي حالتن تي ڪونه ٿا لکون چو ته اها سيني کي خبر آهي ته انهن جو ڇا حشر ڪيل آهي) جنهن لاءِ برطانيا جي دور جا ٺملوٺي وارا کوهه وري بحال ڪيا ويندا جيڪي انگريز سرڪار جي وقت ڪراچيءَ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا هئا. ان لاءِ لاڳاپيل سيڪريٽري پنهنجي عملي سميت ان جو دورو به ڪيو.

سوال اهو آهي ته وري به برطانوي دور (يعني غلاميءَ واري دور!) جون شيون/سسٽم ئي ڪم پيا اچن. ان وقت جي ڪراچيءَ جي آبادي ۽ اڄ جي آبادي زمين آسمان واري وٿي کان به وڌي آهي. مان ڳالهه اها ڪرڻ چاهيان ٿو ته ان وقت جي حڪمرانن اهڙا پلان جوڙيا هئا جيڪي گهڻي وقت لاءِ هئا يعني اسان وانگر رڳو شارٽ ڪٽ/ڪم ٽپائڻ واريون ڳالهيون ڪونه هيون.

سن ڪو به هزار ڏهه واري ٻوڏ (جنهن کي مها ٻوڏ جو نالو ڏيئي، واويلا ڪري دنيا مان ايندڙ مال تي هٿ صاف ڪيا ويا) وقت به چيو ويو ته جيڪڏهن پاڻيءَ کي پراڻو (غلاميءَ جي دور وارو) رستو (جيڪو ناهيو ئي اهڙي وقت لاءِ ويو هو) ڏنو وڃي ها ته شايد ايتري تباهي ڪونه اچي ها. ڪشمور ۽ سکر جي وچ واري علائقي وٽان

سهڻي سنڌوءَ جي ڪابي پاسي کان اهي گس موجود آهن جيڪي پاڻي کي سلامتيءَ واري صورت ڏيئي سمنڊ تائين پهچائي سگهن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي تہ انهن گسن تي بہ اسان جي حڪمرانن (ٻلن انسانن) قبضا ڪيا آهن بلڪل ائين جيئن ماحولياتي نظام کي برقرار رکڻ لاءِ قدرتي طور موجود ٻيلن تي قبضا ڪيا ويا آهن جن کي اهڙي طرح تباهہ برباد ڪيو ويو آهي جو انهن کي هاڻي ٻيلي جو نالو نہ ٿو ڏيئي سگهجي. رڳو ڪجهہ وڻ (هتي هُتي) وڃي بچيا آهن.

سن اوڻيويهہ سو ٻٽيهن ۾ ناهيل بيراج جي نئين سر تعمير هڪ وڏو بحث رهيو آهي. سنڌ ۾ آبپاشيءَ جي جوڙيل شاندار نظام جو هڪ شاهڪار هيءَ بيراج پنهنجي عمر جوڙي چڪي آهي. اها بيراج هاڻي مرمت جوڳي هجڻ کان هڪ قدم اڳتي آهي پر رڳو ڳالهيون ئي پيون ٿين ڪو عملي قدم اجان تائين ڪونہ کنيو ويو آهي. عملي قدم نہ کڻڻ پويان پلي ڪوئي رقم جي نہ هجڻ کي سبب ٻڌائي پر اصل ۾ اهڙي ڪم ۾ هٿ نہ وجهڻ جو سبب ڪم جو تڪميل نہ ٿيڻ لاءِ پاڻ مٿان اعتماد جي ڪمي آهي. هنن کي (مجموعي طور اسان سڀني کي) برطانوي ماڻهن جي مقابلي پنهنجي صلاحيتن تي ڀروسو نہ رڳو گهٽ پر بلڪل ڪونهي. اهو بہ اٽڪل هڪ سو سالن کان پوءِ جڏهن ٽيڪنالاجي جي حساب ۾ فرق ڏينهن رات کان بہ وڌيڪ آهي.

برطانوي دور جو هڪ ٻيو شاهڪار ريل جو سونهن ڀريو نظام آهي جنهن کي اسان اڳتي تہ ڪونہ وڌايو پر ان جي تباهيءَ ۾ ڪا ڪسر ناهي ڇڏي. هندستان، بنگلاديش پاڪستان ۾ گڏيل طور ناهيل هي نظام اهڙو آهي جتي اسان جي سوچن کان تمام گهڻو مٿي جتي اسان جي ظاهري اک ڇا اسان جي باطني اک بہ پهچي ڪانہ سگهندي. هزارين ڪلوميٽرن تي وڇايل پٽڙيون، پليون، سرنگون (جن تي انهن انجنيئرن پنهنجي گهر وارين/محبوبائن جا نالا لڪرايا) اڄ بہ شاهڪار ليکجن ٿا. اسان جي ملڪ ۾ ٿيندڙ ريل جا ٿيندڙ حادثا/ايڪسيڊنٽ اسان واري عملي جي لاپرواهي سبب ٿيندا آهن نہ تہ ناهيندڙن پاران ڪا گنجائش آهي ئي ڪونہ. جيڪڏهن رڳو ناهيل قانونن تي عمل ڪجي تہ ممڪن ئي ڪونهي تہ ڪو جاني نقصان ٿئي پر هتي انسان ۽ انسانيت جو قدر آهي ئي ڪونہ ان ڪري اهڙيون لاپرواهيون ڪيون وڃن ٿيون جو وقت بہ وقت ڪيترين ئي قيمتي جانيون ضايع ٿيو وڃن.

اهي سڀ ڳالهيون ڳڻي سدائين اهڙا سوال ذهن ۾ ايندا رهن ٿا ته ملڪ ٺهڻ ڪان پوءِ اسان ڪهڙي ترقي ڪئي آهي. هي روزانو جي بنياد تي ٿيندڙ وڏيون وڏيون ڳالهيون رڳو غلط بيانيون ئي آهن! پنهنجي عوام سان ڪوڙ ڳالهائي آخر اسين ڪنهن کي ڌوکو ڏيئي رهيا آهيون. هي اسان جا حڪمران جيڪي صادق امين پيا سڏرائين ڇا اهي صادق امين لفظن جي توهين نه آهن..... اهڙا سوال اڄ نه ته سڀاڻي ڪليل طور تي پڇيا ويندا ۽ ضرور پڇيا ويندا.

04.06.2021

# سنڌ ۾ سنڌين جي اڪثريت پي پي جي حق ۾ آهي

”تي دفعا وزيراعظم تي رڪارڊ قائم ڪنديس“. محترم پاران ڪيترا دفعا ڳالهايو ويندڙ هن جملي پويان سنڌين جو پاڻ سان (محترم سان) گڏ هجڻ واري پڪ ٿي هئي ۽ سنڌين ثابت به ڪيو ته هو ان سان گڏ آهن. ان جي هر جلسي ۾ جوليون هڻندڙ سنڌين جا سمنڊ هئا. ڪراچيءَ جي ديوارن تي جڏهن نازيبا لفظ استعمال ڪري نعرا لکيا ويندا هئا اتي لياريءَ جا بلوچ ۽ سنڌي پي پي سان گڏ بيٺا رهيا. بلاول صاحب لاءِ لڳندڙ نعرو ”وزيراعظم..... بلاول ڀٽو“ پويان به سنڌين جو ان سان گڏ هجڻ جي پڪ ٿي آهي.

اوڏيويهه سو ستر واري اليڪشن کان وٺي سنڌي بنا ڪنهن شرط جي پيپلز پارٽيءَ سان محبت ڪندي ووٽ ڏيندا رهيا آهن. وري اوڻيويهه سو اناسي کان ته خاص طور تي سنڌ پي پي سان ئي سلهاڙيل رهي آهي. سنڌين انهن کي به ووٽ ڏنا جن ضيا جو ساٿ ڏنو، جن پي پي جي باني ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسي تي مٺايون ورهائي ضيا پاران ملندڙ سو جون سو مارڪون حاصل ڪيون. جن مشرف جي وقت ۾ به ناظمي دور جا شطر بي مهار وارا مزا ماڻيا. سنڌين ڏٺو ته رڳو اهو ته هن اميدوار کي پي پي جي ٽڪيٽ آهي ۽ بس.

پيپلز پارٽيءَ ان جي بدلي سنڌين کي ڇا ڏنو آهي ان تي هي ليک تمام ننڍڙو نه هجڻ برابر آهي ان تي ته ڪتاب لکي سگهجن ٿا. سنڌ جي ڪوٽا تي ڌارين کي ڇوندرائڻ کان وٺي سنڌين جي ڪوٽا تي ڌارين کي نوڪريون ڏيڻ تائين جهڙا ڪم ڪيا ويا (وقت به وقت سنڌ جا وزير وڏا ڌارين کي سجاڳپ ڪارڊ ناهي ڏيڻ جون وڪالتون ڪندي اوهان کي نظر ايندا). هي سڀ ان قهر اڳيان ٻڙي جيترا قهر آهن جيڪو سنڌين جي ڳچيءَ ۾ سنڌي وڏيرو هيرو ڪري وڌو ويو جيڪو ڪنهن به طور ڪاريهر کان گهٽ ڪونهي. هي انسان دشمن پي پي ۾ اچڻ کان پوءِ صاف شفاف سمجهيو ويندڙ آهي، معصوم آهي، جيالو آهي جڏهن ته هن ڪاريهر ڪو اهڙو گناه ڪونهي ڇڏيو جيڪو نه ڪيو هجي....پر سنڌي برداشت ڪندا رهيا.

جڏهن سنڌين ڏٺو ته انهن جي ڌرتيءَ تي ترقيءَ جي نالي قبضا ٿي رهيا آهن (دنيا ۾ قبضا هميشه ترقيءَ جي نالي ۾ ئي ٿيندا رهيا يعني ڳڙ جي شڪل ۾ زهر) جيڪي

ڏينهون ڏينهن وجن پيا وڌندا ۽ انهن قبضن جي آهر ذاريا سنڌ ٽوڙڻ جون سازشون ڪندا رهن ٿا. وڏي واڪ سنڌ کي ٽوڙڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا ۽ مالڪن لاء ڏرتي تنگ ٿي رهي آهي تہ انهن احتجاج ڪيو اهو بہ ان خلاف جيڪو پيسي ۾ قارون کان گهٽ ڪونهي. جنهن ماڻهوء اهي ڳوٺ خالي ڪرائي (بلڪل ائين جيئن فلمن ۾ ڪجهہ غنڊہ موڪلي زمين جي مالڪن کان زمين خريد/ لڪرائي ويندي آهي. ڳوٺ جا وڏيرا بہ اهڙيء ريت ئي زمين خريد ڪندا آهن. پهريائين ان سان اهڙي ڪار ڪئي ويندي جو هو تڪليف محسوس ڪري. ان جي گهرن جي پرسان ڪي پنهنجا ماڻهو (غنڊہ) ويهاري انهن کي ان طرح جي رويي ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ڪيو ويندو. سندن ننگن ۾ هٿ وجهرايا ويندا، چوريون ڪرايون وينديون تان جو اهو ماڻهو لاچار ٿي زمين هنن کي وڪڻي ويندو. پوء چيو ويندو، هي دستاويز، هيء مالڪن جي لکت.... اسين سڀ چونداسين وڏيرو صحيح آهي ان وٽ لکت موجود آهي جيئن اڄڪلهہ قارون جا وانا سوشل ميڊيا تي پيا ڳالهائين) جتي هو سوين سالن کان رهندڙ آهن اتي وڏا بنگلا ناهي وڪيا جن مان ڪربين روپيا ڪمايا ويا. ان ڪمائيء مان مڙيا مڇ هزار وانگر گهٽڻ ئي ڪاڏو. هر ڪنهن کي پنهنجي قد بت آهر هڏو مليو.

قارون خلاف احتجاج ٿيو جتي قارون جي ماڻهن پنهنجي شين کي پاڻ باہ ڏني/ڏياري تہ جيئن الزام احتجاج ڪندڙن مٿان اچي. جڏهن تہ احتجاج ڪندڙن جي موجود قيادت وڏي واڪي اعلان ڪندي رهي تہ اهي اسان جا ماڻهو ناهن اهي اسان جا ماڻهو ناهن پر پوء بہ بيگناہ ماڻهن/احتجاج ڪندڙن مٿان ڪيس داخل ڪرايا ويا انهن کي جيل ۾ وڌو ويو. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا ڪرسيء جو نشو/طاقت انسان کان ديد کسي وٺي ٿي.

ڇا پيپلز پارٽيء کي اها خبر ڪونهي تہ سنڌ ۾ سنڌين جي اڪثريت ئي هنن کي ڪرسين تي ويهاري ٿي. ڪرسين تي ويهڻ جا رڪارڊ نهرائي ٿي. وزيراعظم ابن وزيراعظم جا لقب ڏياري ٿي. اها اڪثريت نہ هجي تہ هي وفاق کي ان جي (سنڌ جي) مظلوميت ڏيکاري ان کي ڪيئن انڪيش ڪرائيندا؟ بلڪل ائين جيئن ايم آر ڊي تحريڪ جي پٺ ۾ چرو هڻي وزارت عظميٰ ورتي ويئي. سنڌ ۾ سنڌين جي اڪثريت

هجڻ هنن جي حڪمرانيءَ لاءِ بہ ضروري آهي اصل انهن فلمي گانن وانگر جنهن ۾ عاشق چوندو آهي تہ منهنجي پويان ڪنهن کي ستائيندين؟

مجيوسين تہ پي پي جي ڪرسيءَ تي هجڻ سان سنڌين کي ڏڍ ملي ٿو جنهن جي عيوض هو ملڪ ۾ ڪا اهميت حاصل ڪن ٿا پر چند سالن جي ڪرسيءَ عيوض هزارين سالن جي تهذيب رکندڙ قوم غلاميءَ جا زنجير پيرن ۾ وجهي ڇڏي اهو سودو مهانگو آهي جيڪو دنيا جي ڪنهن بہ قوم وانگر سنڌي ڪونہ ڪندا ۽ نہ انهن کي ڪرڻ گهرجي.

11.06.2021

# بي بي باگڙياڻيءَ کي سلام

بي بي باگڙياڻي انهن شريف/عزتدار/غريبن جي همدرد/هڏڏوکي/شيرسنڌ کان لک دفعا ڀلي آهي جيڪي پاڻ کي ڪوڙا لقب ڏيئي عوام سان دوکو ڪري اليڪشن ڪٽي الله جي نالي تي ”حلف“ کڻي ڪرپشن جا رڪارڊ قائم ڪندا آهن.

بي بي باگڙياڻي انهن بگهڙ وڏيرن کان لک دفعا ڀلي آ جيڪي پرايا گهر پنهنجي نالي ڪرائي اهي اسڪول لاءِ ”خيرات/ڊونيٽ“ ڪري اتي پنهنجا ماڻهو رکرائي انهن کان بنگلي تي مهمانن کي ”چانهه پاڻي“ پيئارڻ جو ڪم وٺي اسڪول کي مينهن جي واڙن ۾ بدلائيندا آهن...پوءِ سمورو علائقو ڀلي تعليم کان محروم رهي. اهي ٻار نه پڙهن نه ڪو هنر سکن ۽ پوءِ ”جيڪو، جيئن“ چاهي انهن کي استعمال ڪري.

بي بي باگڙياڻي انهن کان لک دفعا ڀلي آهي جيڪي جڏهن هڪ ڀيرو ئي سان ويهن ته رڪارڊ قائم ڪرڻ جون ڳالهيون ڪن. هي پنج دفعا، هي ڏه دفعا وزير ٿيو، ميمبر ٿيو. هن جو پيءُ ميمبر/وزير هن جو ڀاءُ وزير/ميمبر، هي پاڻ وزير/ميمبر.

بي بي باگڙياڻي انهن درندن کان لک دفعا ڀلي آهي جيڪي پنهنجي ذات کي قوم جو نالو ڏيئي، پنهنجي ذات جا ٻار ٻچا قبائلي جهيڙي ۾ باهه جي ٻنديءَ وانگر ساڙائي ٿو. پنهنجي ذات جي ماڻهن کان مينهون وڪڻائي هٿيار خريد ڪرائي ٿو. جهيڙي جي بهاني انهن کان چندا گڏ ڪري ٿو. جيڪو پنهنجي علائقي ۾ شتر بي مهار ٿي پنهنجي علائقي کي آگرين تي نچائي ٿو. هن کي بجلي ڏيو، هن کي گيس ڏيو، هن جي بجلي (جون جولاءِ ۾) ڪٽيو، هن جي گيس ڪٽيو، هن ڳوٺ/شهر کي روڊ ڏيو. اهڙا حڪم هلائي ٿو جنهن سان سمورو علائقو پاڻ کي زرخريد غلام سمجهي. هي شتر بي مهار پنهنجي علائقي جي نياڻين کي ڪارو ڪرائي مارائي ٿو ۽ انهن کان نياڻيءَ جي نالي تي ووٽ وٺي وزير/ميمبر ٿئي ٿو.

بي بي باگڙياڻي انهن پارليامينٽ جي ميمبرن کان به ڀلي آهي جن گارين (ماءِ ڀيڻ جي، (جن کي اها تميز ناهي ته اهي نياڻيون گهرن ۾ وينيون آهن انهن جو ڪهڙو ڏوهه آهي. ڇا انهن جو اهو ڏوهه آهي ته اوهان جهڙا ”ڀلا انسان“ ڄڻيا اٿائون)کي پارلياماني

ٻولي (پارليامينٽري لينگويج) ٻڌائي ڇڏيو آهي. جيڪي ٽڪي جي نوڪريءَ لائق نه آهن ۽ پنهنجي ضمير ڪي وڪٽي ميمبر/وزير وڏا ٿيا ويٺا آهن.
بي بي ڀاڳڙياڻي انهن ججن ڪان به پڇي آهي جن ڪي ان ڪري ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو جيئن اهي (غريب جي) آه سان عرش ڏڪائي وجهندڙن کي انصاف ڏيئي سگهن... جن ڪي پيءُ ماءُ پيٽ ڪي گوڏا ڏيئي پڙهايو، هنن پاڻ ڪيترين ئي راتيون اوجاڳا ڪيا، امتحان پاس ڪيا ۽ ڪرسيءَ تي ويهي فرعون ٻڻجي ويا. جن پيسن تي انصاف وڪيا وري غريبن جي آه سان عرش ڏڪايا. جن چند سڪن عيوض بيواه عورتن جي مڙسن/پٽن جا خون لوڙهيا. جيڪي ڪيس ٻڌڻ دوران مجرم خلاف ريمارڪس ڏيئي مجرم تي دٻاءُ وڌائي ان کان گهٽي ڪان گهٽا پيسا وٺي ان جي حق ۾ فيصلا ڏين ٿا.
بي بي ڀاڳڙياڻي انهن پوليس جي ايس پي/ڊي ايس پي/ ايس ايڇ او/عملي ڪان پڇي آهي جيڪي پنهنجي فرض ڪان غافل ٿي روڊن تي (سرڪاري اسلحي سان) ڏوه ڪن ۽ ڪرائين ٿا. جن ڪي عوام جو رکوالو ٿيڻو هو اهي رهزن ٿي پيا آهن. اهو پوليس جو ماڻهو ڪيڏو نه مڪروه هوندو جيڪو ڌاڙيلن جي مخبري ڪري پنهنجا مارائي ٿو. اخبارون پريل آهن اهڙن واقعن سان. تازو دادو جو ايس ايڇ او اهڙا ڪنا ڪم ڪندي پڪڙيو ويو آهي ۽ اهڙي ئي مار ڪائي، جهڙي هو ٻين کي ڏيندو هو ڪائي سڀ ڏوه باسي چڪو آهي. ڇا ڪيفيت هوندي ان جي جڏهن هنن ڏوه باسيا هوندا! سوچي به هينئڙو مون لوڻ ٿئي وانگر دل رت جا ڳوڙها روئي ٿي.
بي بي ڀاڳڙياڻي انهن ڪان به پڇي آهي جيڪي نيڪ ڳالهين جي آڙ ۾ گندا ڪم پيا ڪن ۽ سماج ۾ ڏپ ڪري ويل ليڪجن ٿا. جن جون ڳالهيون هاڻي رڳو ڳالهيون ئي ليکيون پيون وڃن. جيڪي پاڻ مٿان لڳايل الزامن خلاف قرآن تي هٿ رکي ڪوڙ ڳالهائي وڊيو ذريعي صفائي پيش ڪن ٿا.
بي بي ڀاڳڙياڻي انهن اديبن/ليکڪن ڪان پڇي آهي جيڪي علم وڪٽي چسا لفظ عوام کي آڇي رهيا آهن. جيڪي پاڻ کي ۽ تاريخ سان دوکيبازي پيا ڪن.
بي بي ڀاڳڙياڻي ان استاد/ماستر ڪان به پڇي آهي جيڪو لکن ۾ پگهار ته ڪٽي ٿو پر اسڪول وڃي پڙهائڻ کا تپ اٿس. جيڪو ٻار پڙهائڻ کي عيب ۽ اوطاق تي ٿانو ڌوئڻ

تي فخر ڪري ٿو. جيڪو تعليم جهڙي زيور کان قوم کي محروم رکڻ ۾ برابر جو شريڪ آهي.

ڏاڪڻ بہ ست گهر تاريندي آهي پوء هن نياڻيء (بي بي باگڙياڻيء) کي چو ڪونہ پيو بخشيو وڃي. ڇا تاريخ جي ڪارنهن منهن تي ملڻ ئي اسان جو مقدر آهي. ڇا سونهن، تعليم، سچ جا ويري ٻڌجي پنهنجي سنڌ کي دنيا جي نقشي تان ميسارڻ ئي اسان سکيا آهيون. جنهن نياڻي اسڪول بند ڪرڻ بجاء پنهنجي سر اسڪول نهرايو، اهو هلائي بہ ڏيکاريو ان جي همت افزائي بجاء ان کي ڌمڪايو وڃي. ڇا چند شرابي بيهودا بي بنيادا اسان جي عزتن جا فيصلا ڪندا. ڪو هن سماج جو والي وارث ڪونهي! هرڪو پنهنجي پڳ بچائڻ ۾ پورو آهي پوء انهن جو ڇا ٿيندو جيڪي ان لاء ڪونہ پيا ڳالهائين تہ متان سندن پڳ ۾ ڪو هٿ وجهي... ۽ انهن جي پڳ ۾ هٿ ضرور پوندا تاريخ اهو ئي ٻڌايو آهي. قمبر شهر همت ۽ شعور وارن جو شهر آهي اهي ضرور همت ڪندا ۽ سموري سنڌ انهن سان هوندي. تاريخ جو قسم ڪٽي اڳتي وڌو.

18.06.2021

# مان مرد يا روبورٽ نہ پر درندو آهيان

مان پنهنجي پنجن سالن جي نياڻيءَ سان پنهنجي منهن تي نڪريون مليان ٿو. مان مقدس جاءِ تي مقدس علم ونديندي وحشي بڻجي وڃان ٿو، مان سڳ سميت پڪڙيو وڃان ٿو، مقدس ڪتاب تي هٿ رکي پنهنجي ڪيل گناه ڪي نہ مڃيندي وضاحتي بيان جاري ڪريان ٿو اڳتي هلي مان پاڻ گناه جو اقرار ڪريان ٿو ۽ اهو بہ اقرار ڪريان ٿو تہ منهنجو پاڪ ڪتاب تي ڏنل بيان ڪوڙ تي مبني هو. مان ٽن سالن جي نياڻيءَ سان پنهنجي ساٿين سميت اجتماعي منهن ڪارو ڪري ان ٻارڙيءَ کي قتل ڪريان ٿو. مان ماڊرن علم پڙهائيندي، پاڻ کي سائنسي سوچ جو ابو سمجهان ٿو ۽ اهي علم پڙهندڙ نياڻيءَ کي پاس ڪرڻ لاءِ، ان کي سنيون مارڪون ڏيڻ لاءِ بليڪ ميل ڪريان ٿو. مان پنهنجي پاڙيچيءَ کي پنهنجي هوس جو نشانو بڻايان ٿو. پنهنجي پاءِ ڪان ملڪيت جو حساب نہ ڏيڻ جي ڏوهہ ۾ ڀائٽي کي پاڻ ۽ پنهنجي دوستن هٿان ڏاڏائيءَ جو نشانو بڻائڻ ڪان پوءِ گهڻا ڏينهن قتل ڪريان/ڪرايان ٿو. ڪا بہ نياڻي/نوجوان/ڪراڙي عورت مون ڪان محفوظ ناهي تہ پوءِ مان نہ مرد آهيان نہ مان روبورٽ آهيان نہ ئي مان جانور آهيان مان رڳو درندو آهيان. هي منهنجا اهي روپ آهن جيڪي پڪڙيا ويا آهن باقي جيڪي نہ پڪڙيل آهن انهن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي.

منهنجي انهن درندگين جا سبب مختصر ڪپڙا نہ هئا، نہ آهن ۽ نہ رهندا. منهنجي پنجن سالن جي ڌيءَ کي پورا ڪپڙا پهريل هئا. مون جڏهن اهڙو گندو عمل پاڪ جاءِ تي پئي ڪيو تہ منهنجي ان شاگرد جو تہ منهن بہ لسو نہ هو، ڪپڙا بہ مهذب قسم جا پهريل هئس. منهنجي ڀائٽي ڀاڙيچيءَ جا ڪپڙا تہ رئي سميت پورا هئا. اسان جي سماج ۾ سياري جو تہ اهي سپ سئيٽر/جيڪيٽون بہ پهرينديون آهن. گهڻو ڪري بازار ۾ جن کي مان اڪ ديڪ تائين ڏسندو آهيان انهن کي تہ برقعا پيل هوندا آهن. ڪن کي تہ اچو برقعو بہ (جيڪو ڪپڙي جو قلعو هوندو آهي) پهريل هوندو آهي، هٿن پيرن ۾ جورابا بہ پيل هوندا اٿن پر مان انهن جي جسم تي گوشت جي لاهن

چاڙهن ڪي نہ ڏسندي ہہ اهڙا تصور ڪري مزا وٺندو آهيان. پوءِ ہہ مون اهي سڀ ڪم ڪيا تہ پوءِ منهنجي درندگيءَ جو سبب مختصر يا پورا ڪپڙا ڪونہ هئا.

وزيراعظم صاحب ڪجهہ ڏينهن اڳ ٽي وي انٽرويو ۾ چيو هو تہ مرد جيڪڏهن عورت کي مختصر ڪپڙن ۾ ڏسي ٿو تہ ان جي اندر جو مرد جاڳي پوي ٿو. هن بيان تي سوشل ميڊيا تي تمام گهڻو بحث ٿي رهيو آهي. هر لکندڙ طرح طرح جو ڳالهيون لکي رهيو آهي. ڪيترن تہ اهو ہہ لکيو تہ هي صاحب پاڻ اهڙي قسم جي الزامن هيٺ ايندو رهيو آهي. سندس پوري زندگي ان طرح جي گذري آهي جو الزام سندس زندگيءَ سان لازم ملزوم ٿي رهيا آهن. ڪراچيءَ سميت ٻين شهرن ۾ عورتن مظاهرا ڪيا آهن. مظاهرن ۾ شامل عورتن هن بيان کي ڪروڙين عورتن جي توهين قرار ڏنو ۽ هنن مطالبو ڪيو تہ وزيراعظم صاحب جهڙي وڏي منصب تي ويهي اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ خود ان عهدي جي توهين آهي تنهنڪري هي صاحب اهڙي بيان جي معافي وٺي.

اتفاق سان جيڪڏهن ڪو راند ڪٽي وڃي، ڪو ڪپ/ٽرافي کٽي وڃي تہ ان جو مطلب هرگز هرگز اهو ڪونهي تہ هو ڪو دنيا جا سڀ ڪم ڪري سگهندو. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ پوءِ هي انجنيئر/ڊاڪٽر جا ڪورس ڇو پڙهيا وڃن. راتين جا اوجاڳا ڇو ڪجن بس راند کٽي/ڪو ڪپ کٽي ڊاڪٽر ٿي ويهي رهجي، انجنيئر بڻجي وڃجي.

هي ڪو پهريون دفعو ڪونهي جو سائين جن اهڙي گوهر بياني ڪئي هجي هن سائين سدائين اهڙو ئي ڳالهايو آهي جنهن جو سبب ڪهڙو ہہ هجي پر ماڻهو ان کي اهڙي ڳالهائڻ ڪان پوءِ ان ڪرسيءَ لاءِ اهل ڪونہ سمجهندا. هن بيان لاءِ ہہ ڪيس اها خبر هجڻ گهرجي تہ اسان وٽ درندو بڻجڻ لاءِ ڪپڙن جي سائيز سبب ڪونهي. اسان جو سماج وزيراعظم چوڏاري ڦرندڙ وزير وڙن/ميمبرن/آفيسرن ناهيو آهي جيڪي ايوانن ۾ هڪ ٻئي کي ماءِ ڀيڻ جو گاريون ہہ ڏيندا آهن. عورت ميمبرن کي ڏائڻ ہہ ڪوٺيندا آهن انهن کي ڪنهن سوال جي جواب ۾ اهو ہہ چوندا آهن تہ ان سوال جو جواب ڪپيئي تہ منهنجي چيمبر ۾ اچ. انهن جو دين ايمان رڳو لٽ ڦر آهي. جن قوم جي نفسياتي ڪيفيتن کي نہ سمجهو، نہ سمجهڻ جي زحمت ڪئي.

سائين وزيراعظم صاحب! عورت مرد کان سواءِ ٻڙي آهي تہ مرد بہ عورت کان سواءِ ڪجهہ ڪونهي. جيڪڏهن عورت ڪي مختصر ڪپڙن ۾ ڏسي مرد جا جذبا جاڳن ٿا تہ عورت جا بہ جذبا تڏهن ضرور جاڳندا جڏهن اها ڪنهن مرد کي مختصر ڪپڙن ۾ ڏسندي. ان جو حل ڪڏهن بہ اهو ڪونهي تہ عورت مرد کي ۽ مرد عورت کي ڪڏهن ڏسي ئي ڪونہ. ذهني سافٽ ويئر/ونڊو جو ڪرپٽ هجڻ سان گڏ ڪيترا ئي ان جا سبب آهن. پيار تي پهرا بہ ان جو وڏو سبب آهن. اوهان شايد ناهي ٻڌو ”جب جب پيار پہ پهرا هوا هي پيار اور ڀي گهرا هوا هي“. ان جو حل اسان جي سنڌ جي حڪيم شاعر شاهہ لطيف اڄ کان ٽي سو سال اڳ ٻڌايو هو، ”سڀ کو پسي پرين کي“. پيار آزاد هجي نہ ڪي ڇڙواڳ. آزادي ۽ ڇڙواڳيءَ ۾ فرق آهي. هڪ لمحي لاءِ اهي سماج ڏسو جن هن شاعر جي شعر تي عمل ڪيو آهي اوهان کي خبر پئجي ويندي.

25.06.2021

# اسمبلي بلڊنگين ۾ مڇي مارڪيٽون ٺاهيون وڃن ٿيون….

…….۾ موجوده مڇي مارڪيٽن ۾ قومي/صوبائي/سينيٽ اسمبلين جا اجلاس ٿيڻ گهرجن. هونئن به هاڻي وچي ٿورو فرق بچيو آهي. اسمبلي ميمبر هڪ ٻئي تي الرون ڪرڻ ڪان هڪ ٻئي کي ڪرسيون هڻڻ وارو سفر پورو ڪري هاڻي هڪ ٻئي جي ماضيء جا قصا کڻڻ ڪان (جيڪي گهٽڻ جا قابل فخر ناهن رهيا) ڪچين گارين تائين پهتا آهن. اها ڳالهه پڪ سان ڪري سگهجي ٿي ته مڇي/گوشت مارڪيٽن ۾ هاڻي اهڙا قصا ڪونه ٻڌا پيا وڃن.

تبديلي جي نالي ۾ وزيراعظم جي ڪرسيء تائين پهچندڙ جيسين ڪرسيء تي نه پهتو هو ته ڏاڍيون پليون پليون ڳالهيون ڪندو هو. پاڻ فرمائيندا رهيا آهن ته پارليامينٽ جون عمارتون ڊهرائي اتي اسپتالون ٺاهيون وينديون. وزيراعظم هائوس کي ڊهرائي اتي راند جا ميدان ناهيا ويندا. وزيرعظم هائوس جون مينهون به وڪيون وينديون. اتان جون گاڏيون به وڪيون وينديون وغيره وغيره. (ان ڪان وڌو ۾ تمام وڏو ظلم اهو جو اسان اهڙيون ڳالهيون ٻڌي بنا ڪنهن سوچ ويچار جي انهن تي اعتبار ڪندڙ هوندا هئاسون توڙي جو هن ڪان اڳ ساڳي ڪرسيء لاء جدوجهد ڪندڙ اهڙيون يا ملندڙ جلندڙ ڳالهيون ڪندا رهيا آهن پر اسان نه سبق سکيوسين نه سکنداسين)

پاڻ وڏيڪ فرمائيندا هئا ته ڪين به سو ماهرن جي ٽيم ڪيسي ۾ پيل آهي جيڪا ڪجهه ئي وقت ۾ پنهنجي صلاحيتن سان هن ملڪ ۾ سون چانديء جو نهرون وهائي ڪيندي. ان ٽيم جا ميمبر به وڏي واڪي چوندا هئا ته عمران خان آئي گي. ٻاهران پيسا لائيگي به سو ارب ڊالر آء ايم جي منهن پر ماري گي…… اها ٽيم پنهنجي صلاحيتن سان اڄ ڏينهن تائين رڳو تباهيء ڪان سواء ڪجهه ڪونه ڏيئي سگهي آهي.

پارليامينٽ جي اخلاقي پستي کي وڌيڪ پست ڪرڻ وارو ڪم به هنن جي نصيب ۾ آيو آهي. ائين ڪونهي ته هنن ڪان اڳ پارليامينٽن ۾ موجود ميمبر ڪي الله لوڪ فقير هوندا هئا. ائين به ڪونهي ته اهي هڪ ٻئي سان سنو سلوڪ ڪندڙ هئا پر جيڪا اخلاقي پستي گهٽ ليول جي هئي اها هاڻي وڏي ويئي آهي. ميمبر ته اٽڪل

ساڳيا ئي آهن، پاڻ نہ تہ سندن فرزند ارجمند يا پائٽيا پاٽيجا. ٻين ڪان سواء ڪير اڇي سگهي ٿو يا ڪنهن کي اڇڻ ڏنو ويندو پر اهي وڏيڪ ڪري پيل آهن.

ڪيڏي نہ بدنصيبي ڇئبي جو قانون ٺاهيندڙ هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ نہ سکيا هجن. هڪ ٻئي کان قانون اندر رهي سوال ڪرڻ نہ سکيا هجن ۽ نہ ئي وري ٻيا انهن کي قانون اندر جواب ڏيڻ سکيا هجن. ڇا قانون ٺاهيندڙن لاء ڪي نوان قانون جوڙيا وڃن. انهن لاء وري ڪا نئين اسمبلي ٺاهجي، ڪي نوان ميمبر چونڊيا وڃن..... هي ڇا مشڪريون آهن.

بجيٽ اجلاسن وارن ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريء جا جوهر اجان بحث هيٺ ئي هئا اجان انهن جي لائق زبان مان نڪرندڙ لفظن سان ٿيندڙ زخم سڪا ئي ڪونہ هئا جو ٻي حد ڪئي ويئي. ملڪ جو وزيرخارجہ (جنهن لاء سوشل ميڊيا تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويندو آهي. ڪن تہ اهو بہ لکيو تہ ان سميت گهڻن جا وڏا انگريزن جا مخبر هئا. مقامي ماڻهن کان وڌيڪ انهن جا وفادار هئا وغيره وغيره) ۽ ملڪ جي ايندڙ وزيراعظم جي اميدوار محترم بلاول ڀٽي زرداريء جي وچم ۾ جملن جي ڏي وٺ ٿي. اهي جملا دلچسپ هئا يا نہ بحث اهو ڪونهي. اهي جملا هڪ ٻئي لاء بغض ۽ ڪيني سان ڀرپور هئا. اهي جملا ايترا خوفناڪ هجن يا نہ پر اهي جملا جنهن لهجي سان ڳالهايا ويا ان اڳيان بغض ڪينو ساڙ وارا لفظ ننڍڙا هئا.

ٻنهي صاحبن کي قابل احترام سمجهو ويندو رهيو آهي پر جنهن ادائگيء سان هنن هڪ ٻئي مٿان حملا ڪيا اهي گهڻو ڪجهہ ٻڌائڻ سان گڏ اهو بہ ٻيا ٻڌائين تہ هنن ڀويان هلندڙ ماڻهو ”ڪيترا وڏا“ هوندا. هنن مڪالمن مان اها بہ ڄاڻ ملي تہ وڏو ماڻهو، ننڍو ماڻهو پيسي سان ڪونہ ٿيندو آهي. وڏو ماڻهو ننڍو ماڻهو عهدي سان بہ ڪونہ ٿيندو آهي. ماڻهو پنهن جي اخلاق سان ئي وڏو ماڻهو ننڍو ماڻهو هوندو آهي.

اسان جي ڳوٺن ۾ ڳوناٽي عورتن جا جهيڙا بہ ان ئي ريت جا هوندا آهن. ڪڏهن غور ڪجو. مردن جا جهيڙا ان ڪري مان نہ لڪندس جو اهي هنن کان گهٽ گهاء ڪندڙ هوندا آهن ۽ نہ ئي اهڙا اشارا ڪندڙ.

ٻڌايو پيو وڃي تہ افغانستان مان دنيا جو وڏيرو پنهنجون فوجون پيو واپس گهرائي اهي فوجون اجا پورا طرح ٻاهر نڪتيون ئي ڪونہ آهن تہ اتان جي طالبان ملڪ تي

قبضو ڪرڻ شروع ڪيو آهي. اهي ڪيترا ضلعا هٿ ڪري چڪا آهن. ٻڌو آهي ته اشرف غني صاحب جيڪو وڏيري سان ملڻ ويو هو اهو واپس اچڻ جي تڪليف نه ڪري جيڪڏهن ڪري به ته طالبان کان ”ويزا“ وٺي پوءِ اچي. اهڙيون سنگينيون محسوس به ڪرايون وڃن ٿيون اسان جي پيارن حڪمرانن پاران. اهو به ٻڌايو پيو وڃي ته خطي جي صورتحال شايد مستحڪم نه رهي پوءِ به اسان جا همراه ملڪ کي مضبوط ڪرڻ بجاءِ هڪ ٻئي خلاف سازشون پيا ڪن.

02.07.2021

# پيل اڳواڻن قومي منصوبن تي حملي جو رٿيو هو

هي فرمان آهي ايس پي ٿرپارڪر صاحب جو. پاڻ فرمايو اٿائون ته پيل برادريءَ جو منصوبو هو ته قومي منصوبن تي حملا ڪيا وڃن. ٿر ڪول تي حملي جو پروگرام هو هنن جو. احتجاج پرتشدد هو، پوليس وارا زخمي ٿيا، انهن جون موٽر سائيڪلون ساڙيون ويون ان ڪري پوليس پنهنجي بچاءَ ۾ ڪاروائي ڪئي.
اها ٻي ڳالهه ته اڳتي هلي سندس اهي سڀ ڳالهيون بي بنياد/من گهڙت نڪتيون. سائين جن جيڪو فرمايو سڀ ڪوڙ هو. هن سائين نندون ڦتائي علم پڙهيا هوندا اهي علم کهڙي ڪم جا ٿيا جيڪي انسان کي انسان بجاءِ ”ڪوڙو“ ٺاهين. ڪوڙ جيڪو ايمان جي ڪينچي آهي.
دودي پيل جي قتل جو نوٽيس سنڌ جي چيف جسٽس صاحب به ورتو آهي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽي زرداري صاحب به. مرتضىٰ وهاب صاحب صحافين تي ٿيل تشدد جو نوٽيس ورتو آهي. مٿان وري سنڌ حڪومت دودي پيل جي وارثن کي هڪ ڪروڙ روپيا ۽ نوڪري ڏيڻ جو اعلان به ڪيو آهي.
وري خبر آئي ته ڪاميٽيءَ اتي وڃي مقامي ماڻهن جون شڪايتون ٻڌيون. اعتراف ڪيو ته اوهان سان زيادتي ٿي آهي. جيڪڏهن ازالو نه ٿيو ته ڪم بند ڪرايو ويندو. ڪاميٽيءَ پاران اهڙا خوفناڪ ڊراما ڪندي انهن کان معافي ورتي ويئي. ياد رکڻ جي ڳالهه آهي ته ساڳين ماڻهن اهو چيو هو ته هي سي پيڪ منصوبي جو حصو آهي جنهن خلاف ڪا به ڳالهه برداشت نه ڪئي ويندي. ڇا ڪو منصوبو انساني جانين کان به وڌيڪ هجي ٿو. اهڙا بيان ڏيئي ڪرسي پڪي ڪرڻ وارا کهڙيءَ ريت جمهوريت جي سا ري ڳا ما پيا ڳائين.
اسان جي ملڪ ۾ رهندڙ اقليتي برادريون هونئن به خطرناڪ قسم جون پرتشدد ڪاروايون ڪرڻ ۾ مشهور آهي انهن ۾ وري پيل برادري سڀ کان وڌيڪ خوفناڪ. پيل برادريءَ جي ڪراڙي عورت جي هٿ ۾ اڪ جي ڪاني جنهن ۾ پن به لڳل هئا ڪٽي احتجاج ۾ شريڪ ٿيندي ڏٺو ويو جيڪا تصوير سوشل ميڊيا تي تمام گهڻي وائرل به ٿي هئي. دنيا کي ته اها خبر ناهي پر ايس پي صاحب کي اها خبر پئجي ويئي ته اڪ جي ڪاني تمام گهڻي مضبوط ٿيندي آهي جنهن جي ڌڪ لڳڻ سان

ماڻهو مري ويندو آهي اها بي ڳالهه تہ پوليس وارا رڳو زخمي ٿيا آهن. ٻيو تہ گهڻين عورتن جي هنجن تي ٻارڙا بہ هئا اها پڻ مشهور حقيقت آهي تہ جنهن عورت جي هنج تي ٻار هوندو آهي اها وڌيڪ خوفناڪ بڻجي ويندي آهي ۽ احتجاج دوران پوليس وارا زخمي ڪري وجهندي آهي. پيبل برادري امير برادري ليکي ويندي آهي جنهن ڪري انهن سان خوراڪ جي ڪميء جو بہ ڪو مسئلو ڪونہ هوندو آهي ۽ هو نهايت ئي پهلوان يعني جهارا پهلوان جيتري طاقت رکندڙ هوندا آهن جنهن ڪري انهن جو هڪ ڏک ڪنهن کي هنڌان چرڻ جو موقعو بہ ناهي ڏيندو.

تمام پراڻي ڳالهہ آهي تہ هڪ سياستدان چيو هو تہ جيڪڏهن پوليس چاهي تہ ڪنهن کان بہ هن ملڪ ۾ پهرئين ڏينهن کان اج تائين ٿيل سيني جرمن جي قبوليت ڪرائي سگهي ٿي. ڪنهن ماڻهوء کان ان جي جمڻ کان اڳ ٿيل ڏوهن جو اعتراف ڪرائي سگهي ٿي. نانگ کي نوڙي ۽ نوڙيء کي نانگ تہ ڪا ڳالهہ ئي ڪونهي.

ڳالهہ ڪا ايڏي وڏي/ڏکي بہ ڪونهي جو نہ سمجهي سگهجي. مقامي ماڻهن مٿان اسڪريپ چوريء جو الزام لڳائي ٽن ماڻهن تي اتان جي فرعون ڪمپنيء جي گارڊن انهن مٿان تشدد ڪيو جنهن سبب هڪ مري ويو ٻيا مرڻ کان وڌيڪ خراب شڪل ۾ زنده آهن. چيو وڃي ٿو تہ انهن گارڊن کي پوليس جي حفاظت ۾ هاء ڪورٽ موڪليو ويو جيڪي اتان ضمانت ڪرائي موٽي آيا. پنهن جي پيارن مٿان تشدد سبب انهن جي وارثن احتجاج ڪيو.

پوليس ماڻهن مٿان لٺيون وسايون، ڳوڙها آڻيندڙ گيس استعمال ڪئي ۽ ڪيترن تي ڪيس داخل ڪري، تشدد ڪري گرفتار ڪيو ويو. جنهن کي جسٽيفاء (پاڻ کي حق بجانب ڪندي) ڪرڻ لاء ايس پي صاحب خالص ۽ نج پوليسڪو بيان جنهن لاء من گهڙت لفظ ننڍڙو آهي اهڙو ڪل جهڙو بيان جاري فرمايو.

بحريا معاملي کان پوء اهو رواج اسان جي سنڌ ۾ هلندڙ آهي تہ جيڪو بہ احتجاج ڪري ان تي ڪيس داخل ڪجي، ان جي پويان جيڪو هجي (نہ هجي) انهن تي بہ ڪيس داخل ڪجي. ٿلهي ليکي فرعونيت اڳي کان اڳري آهي. فيض جي شعر واري صورتحال يعني چلي هي يہ رسم ڪہ ڪوئي نہ سر انا ڪي چلي......

اسين ڪيڏانهن پيا وڃون. هڪ پاسي خطي جي صورتحال انتهائي ڳنڀير بڻائي پيئي وڃي. وزيراعظم صاحب  بلوچستان جي ناراض دوستن سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي، انهن جي اڳواڻن کي مشير ڪري ڪنيو پيو وڃي ٻئي طرف ڪن کي وري ناراض ڪيو پيو وڃي. رياست ته جيڪو ڪري پيئي اهو ان جي ڪردار تي ٺهندڙ آهي پنهنجا وزيروڙا آيتالڪرسيءِ بجاءِ ڪرسي چو پيا ڪن.

09.07.2021

# پنهنجي ڪڻڪ ڪيڏانهن ويئي!

ملڪي تاريخ جي بدترين حڪومت پاران اعلان ڪيو ويو آهي ته ڪڻڪ جي ملڪي ضرورتن جي پورائي لاء ويهه لک ٽن ڪڻڪ ٻاهران گهرائي ويندي. جنهن لاء ڪابينه ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون آهن. هن کان اڳ ساڳي حڪومت سڳوري اعلان ڪيو هو ته ملڪ ۾ ڪڻڪ جو بمپر ڪراپ/رڪارڊ پيداوار ٿي آهي. اها پيداوار ملڪي ضرورتن کان وڌيڪ آهي. هاڻي اهو سوال ته ٻنهي مان ڪهڙو سچ آهي ڪهڙو ڪوڙ. رڪارڊ پيداوار وارو سچ آهي ته پوء پنهنجي ڪڻڪ ڪيڏانهن ويئي جو کوٽ پيدا ٿي جنهن جي پورائي لاء ٻاهران ڪڻڪ پيئي گهرائي وڃي. خيال نه پر پڪ آهي ته اها ڪڻڪ اسمگل ٿي ٻاهر وڪامجي چڪي آهي جنهن جي رقم ”پاڳا ٿيندي سهڻي“ وانگر ”پاڪ صاف سڌجندڙ“ انسانن جي وچ ۾ ورهائجي چڪي هوندي.

شايد دنيا جو زرعي ملڪ سڏجندڙ هي پهريون ملڪ آهي جيڪو زرعي هوندي به زراعت جي تباهي پنهنجي اکئين ڏسندڙ آهي. زراعت سان جيڪا جٽ پيئي ٿئي ان جو ڪو انت ڪونهي. هاري ته پري جي ڳالهه پر ننڍا زميندار به ٿي ويلا ڪاٽڻ لاء پريشان آهن. پاڻي جي فراواني هوندي جيڪا هترادو کوٽ پيدا ڪئي يا ڪرائي وڃي ٿي. رڳو حڪومتي ماڻهو پنهنجون زمينون ئي آباد ڪن ٿا جن جي حڪم تي سرڪاري عملدار ڪمداريون ڪندي پاڻي فراهم ڪن ٿا ۽ ڪن جو پاڻي بند ڪن ٿا. زرعي جنسن (ٻج) ۽ ڀاڻ جا اگهه آسمانن سان ڳالهيون ڪندڙ آهن روزانو جي بنياد تي ڊي اي پي جا وڌندڙ اگهه هن وقت ڇهه هزار روپيا في ٻوري تائين وڃي پهتا آهن يعني آخري طور تي زمينون پنهنجو خرچ به ڪڍي ڪونه ٿيون سگهن ڪمايون ته پنهنجي جاء تي.

1980 ۾ اسان هڪ ڪتاب پڙهيو هو جيڪو پرفيسر عزيزالدين احمد جو لکيل هو نالو هوس ”اسان غريب ڇو آهيون“. ان ۾ ليکڪ هٿيارن جي سوداگيريء کان وٺي غير ملڪي قرض ڪٽڻ جي طريقن مان ڪميشنون ڪمائڻ جا ذڪر اذڪار ڪيا هئا. ان سان گڏ هن اها ڳالهه به لکي هئي ته جڏهن پنهنجي ملڪ ۾ فصل لهندو آهي ته ملڪ جا مالڪ اهو ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلي ان تي ڪميشن ڪمائيندا آهن ۽ پوء کوٽ

پيدا ڪري ساڳيون شيون وري ٻاهران گهرائيندا آهن ۽ وري ان تي ڪميشن ڪمائيندا آهن. مثال ڪپهه لهندي تہ اها ٻاهر موڪليندا ۽ ڪوٽ پيدا ڪري وري ڪپهه ٻاهران گهرائيندا ان تي ٻنهي پاسن کا ڪميشن ڪمائي پنهنجا پيٽ ڀريندا. اها ڳالهه اڄ کان چاليهه پنجيتاليه سال اڳ ڇپيل ڪتاب ۾ لکي ويئي هئي جيڪا سو سيڪڙو اڄان تائين ائين جو ائين هر سال (بنا ڪنهن وقفي جي) جاري ۽ ساري آهي.
جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ هي تبديليءِ جا اپ ڏاريندڙ نعرا، هي هڪ سو ڏينهن جا ڏرٽا ڇو ۽ ڇالاءِ هنيا ويا. هي حلف نامہ/قسم نامہ ڇا جا. جيڪڏهن ڪوڙ ئي ڳالهائڻو آهي تہ پوءِ قسم ڪٽي ڇو ڳالهائجي. هي عوام سان فراڊ ڇو.
جيڪڏهن ساڳيو ئي ڪم جاري آهي تہ پوءِ اقتدار جي منتقليءِ تي بہ هڪ سو سوال آهن. ڇا ملڪ ۾ ساڳي ئي ماڻهن/خاندانن جي حڪومت آهي يا تبديل بہ ٿي آهي. جيئن سوشل ميڊيا تي هڪ ماڻهوءِ لکيو تہ سدائين علي بابا بدلجي ٿو چاليهه چور ساڳيا ئي رهندا آهن.
جيڪڏهن پراڻي طريقي تي هلندي پنهنجي ڪڻڪ وڪڻي پرڏيهي ناڻو ڪمايو ويو آهي تہ اها رقم ڪٿي آهي. هاڻي تہ حڪومتي عملدار تمام پاڪ صاف آهن (جيڪو وڏي ۾ وڏو ڪوڙ آهي) ۽ ڪرپشن بہ ڪونهي پوءِ اهي پيسا ڪيڏانهن ٿا وڃن ۽ سستي اگهہ تي ڪڻڪ وڪڻي مهانگي اگهہ تي ڪڻڪ وٺڻ جو فائدو ڪهڙو. ٻاهرين ملڪ مان ڪڻڪ گهرائڻ تي ڏيندڙ رقم (جيڪا اٽڪل ٽيهہ ارب روپين جي برابر ٿيندي) هتان جي هارين/زميندارن کي ڏيو تہ هن ملڪ جو هاري وڌيڪ محنت سان ڪم ڪندو جيڪو هن ملڪ کي سونو بڻائي سگهي ٿو پر ڪرپشن جي جن کان اها ڳالهہ برداشت نہ ٿي ٿئي. اهو جن جيڪو ڪڏهن بوتل ۾ بند ڪونہ ٿيو آهي ملڪ جي ويهہ ڪروڙ انسانن جو جانيون داءَ تي لڳائي وينل آهي. هتان جي هارين سان جيڪا فصل جي اگهن تي هٿ جي صفائي ٿيندي رهي ٿي اها ڀلا ڪنهن کان ڳجهي آهي. ڪٺ جا اگهہ روزانو جي بنياد تي وڌائي اربين روپيا پنهنجي تجوڙيءِ ۾ جمع ڪندڙ هارين کي ڪمند جو اگهہ سڪل ڪانين جيترو بہ ڪونہ ڏيندا آهن. ساڳيو حشر ڪڻڪ سستي وٺي ان ئي هاريءِ کي اٽو ٻيڻي ٽيڻي اگهن تي وڪرو ڪيو ويندو

آهي پر ان سموري معاملي کان سرڪار سڳوري پنهنجا ڪن ۽ اکيون بند ڪري وينل هوندي آهي.

ملڪ ۾ ٽيندڙ روزانو جي بنياد تي مهانگائي جيڪا هترادو آهي ان پويان کهڙا هٿ آهن. جيڪڏهن اهي لڪل آهن ته حڪومت ڪتي آهي. ڇا وزيراعظم کان وٺي سڀ وزير رڳو اخباري بيانن ۾ زنده آهن باقي عملي طور در گور ٿيل آهن. اوهان کان ڪرسي نه ٿي هلي ته سنڌيء جي هن چوڻيء ”مرو يا منجو ڇڏيو“ تي عمل ڪريو. نئون پاڪستان ناهڻ وهان جي وس ۾ ڪونهي ته اسان کي پراڻو پاڪستان موٽائي ڏيو.

06.08.2021

# ”امپائر جي آڱر“ ڪان پوءِ ”آمريڪا جو دورو“

تبديليءَ جي نالي ۾ اقتدار ۾ اچي مهانگائيءَ جا پهاڙ ڪيرائي عوام جا ڪيسا ڪٽيندڙ وزيراعظم عمران خان جڏهن نواز حڪومت خلاف ڌرڻو هنيو هو ته ان وقت پنهنجي ڪارڪنن سان روزانو جي بنياد تي شام وقت تقرير ڪندو هو. پهرئين يا ٻي تقرير دوران ڳالهايل سندس هڪ جملو تمام گهڻو مشهور ٿيو هو جنهن ۾ هن ڪارڪنن کي چيو، اوهان جو ڌرڻو هلندي ٿي تمام جلد امپائر آڱر مٿي ڪندو ۽ نواز حڪومت ”آئوٽ“ ٿي ويندي..... بدلي ۾ اسان اقتدار ۾ اچي ويندا سين.

هاڻي وري پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽي زرداري چيو آهي ته ڪجهه وقت ڪانپوءِ واشنگٽن جو دورو ڪندس پوءِ انهن جون (مخالفن جون) رڙيون ڏسجو. ان ئي بيان هينئان ن ليگ جي هڪ نمائندي جو هي بيان ڇپيو آهي جنهن ۾ ن ليگ اڳواڻ ميان جاويد لطيف چيو ته پي پي وارن کي ڪٿان آسرو مليو آهي/ بلاول کي اميد ڏياري ويئي آهي ته ٿورڙي ”محنت ڪريو“ ته توهان جو وارو اچي سگهي ٿو.

ان کان اڳ ڪوئيٽه جي دوري دوران بلاول ڀٽي جي موجودگيءَ ۾ بلوچستان جي ٻن شخصيتن پ پ ۾ شموليت ڪئي جنهن کان پوءِ چيئرمين فرمايو ته بلوچستان جو ايندڙ وزيراعليٰ جيالو هوندو.

ٻئي ڏينهن جي اخبارن ۾ شهه سرخي آئي ته پ پ ۽ ن ليگ جا بيڪ ڊور رابطا، وفاق ۽ پنجاب ۾ بي اعتماديءَ جي رٿ آڻي وزيراعظم جنهن جا ڪيترائي ”عرف عام“ آهن ان مان جان ڇڏائي ويندي.

ملڪي اسٽيبلشمينٽ ڪنهن مان هٿ به ناهي ڪيندي ڪنهن کي وري پنهنجي اوقات کان مٿي واري حيثيت به ناهي ڏيندي. بلڪل ائين جيئن ڪائناتي شيون (چنڊ ستارا ڌرتي سج وغيره) پنهنجي پنهنجي مدار ۾ گهمندا آهن ۽ انهن جو مدار مان نڪرڻ تباهي جو تصور هوندو آهي تنهنڪري هنن کي به مدار ۾ ئي گهمايو ويندو آهي اجان وڏو سچ اهو آهي ته انهن کي آڱرين تي نچايو ويندو آهي ۽ اهي آڱريون هڪ ٻئي کي ٽچ (ڇهي) ناهن سگهنديون.

اهي آڳريون ڪٽي آهن ۽ اهي کهڙيءَ ريت ڪم ڪنديون آهن ان لاءِ ملڪي تاريخ ڪي سمجهڻو پوندو جو تہ اڄ ڪالهہ سان ۽ ڪالهہ ٿيون ڏينهن سان ڳنڍيل آهي.

مدار مان نڪرڻ جي ڪوشش/آڱر تان لهي پاڻ نچڻ جي ڪوشش جي سزا ۾ ئي سپ وزير اعظمڙا گهر پيڙا ڪيا ويندا رهيا آهن اهي ستين آسمان ڪان وڏا واعدا اقرار/سبز باغ ڏيکاري آندا ويا هئا. اهي جڏهن آيا ۽ ويا تہ ”سيڪڙون ارمان لي ڪر آئي تي، دل ۾ لاکون حسرتين لي ڪر چلي“ جهڙي صورتحال مان گذريا انهن اڇي ڏنو تہ سبز باغ اصل ۾ اهي پوت بنگلا هئا جتي متي، ڇاري سان گڏ چمڙن ۽ ڪوئن جو راڄ هو پر وڏو قهر اهو جو اهي ان پوت بنگلي سان ايترو مانوس ڪيا ويا جو اتان نڪرڻ ڪان پوءِ خواب ۾ بہ ”پوت بنگلو، پوت بنگلو“ ڪندا رهيا ۽ ائين وائڙا/پريشان رهيا جيئن چمڙا اونداهيءَ مان روشنيءَ ۾ اچڻ ڪان پوءِ.

هاڻي وري هن ڪي پوت بنگلي مان ڪيڻ جون تياريون آهن. هن مان هٿ تہ اڄ ڪان سال ڪن اڳ ئي ڪين ها پر ”متبادل“ اجان ”سنوت“ ۾ نہ پئي آيا جن ڪي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي ”موت ڏيکاري پوت بنگلي ۾ داخلا“ ڏياري ويندي ۽ عمران خان ڪي ”بي چيو (نافرمانبردار) هجڻ جو احساس ڏياري“ انتظار گاهہ جي بينچ تي ويهاريو ويندو. جنهن جي وزيرن فرمايو هو تہ ايندڙ قلعو سنڌ هوندي جيڪو اسان فتح ڪنداسين. اهو بيان ان ڪيفيت جي عڪاسي ڪندڙ هو جيئن ڊور ڪسجڻ ڪان پوءِ ڇڙهيون هٽي وڏيڪ خوفناڪ هجڻ جو احساس ڏياريندو آهي.

هي سپ تسلسل آهي. ائين سمجهو تہ هيءَ ڳاڏي ڪيتري وقت ڪان اسٽارٽ بيٺي هئي جيڪا سائرن وڄائي مختلف پارٽين ڪي مختلف پيغام موڪلي رهي هئي. ڪجهہ ڏينهن اڳ بلاول ڀٽي زرداريءَ جڏهن آمريڪا ياترا ڪئي تڏهن پي ٽي آءِ وارن ان ڪي ”آمريڪا سي وي جمع ڪرائڻ“ جو نالو ڏنو ۽ اتفاق چئجي يا ڀيو ڪجهہ بلاول صاحب جو اهو بيان تہ ويجهو ئي مان جڏهن آمريڪا ويندس تہ مخالفن جون رڙيون نڪري وينديون جڻ ”سي وي“ واري ڳالهہ جي پنيرائي پيو ڪري.

بدقسمتي تہ ڏسو اسان جي، جو اقتدار لاءِ يا تہ امپائر جي آڱر يا وري آمريڪا ياترا ئي ذريعا آهن ان ڪي ڪٽي (حساب ڪتاب جي دنيا ۾) باقي جيڪو بچي ٿو ان ڪي ٻڙي چئبو آهي ۽ اها ٻڙي ٽيڪسون ڏيندڙ، ڪڙي گوري اڳرندڙ، قرباني ڏيندڙ، نہ

گهبرائيندڙ بکون ڪاٽي ٻچا وڪٽندڙ عوام جي نصيب ۾ آهي. جن جو ووٽ تہ داخل آهي پر اهي سواءِ ڪهڙي قطار ۾ بيهڻ جي، ووٽ صبح منجهند يا شام ڏيڻ جي ٻيو ڪو فيصلو ڪري سگهڻ جي ڪجهہ ڪرڻ کان قاصر آهن. اهي بحث ڪري سگهن ٿا، بحث ۾ هڪ ٻئي کي لٽيون، ڪهاڙيون بندوقون هٿي ماري سگهن ٿا، هڪ ٻئي سان رشتا ناتا برادريون ختم ڪري سگهن ٿا پر اهو فيصلو تہ ”هن پيري ڪهڙو بگهڙ سندن ٻڪريون ڪائيندو“ نہ ٿا ڪري سگهن. ڪهڙو رئيس/نانگ سندن ڳچي ۾ ويڙهجي ڏنگ هڻندو. ڪير سندن نياڻيون ڪاريون ڪري مارائيندو. ڪير سندن چوريون ڪرائي وري لهي ڏيندو نہ ٿا ڪري سگهن اهو فيصلو ٻيا ڪندا تہ هن پيري ”ڪهڙي“ جي پيرن هيٺان عوامي پٽڪا ميرا ڪرايا ويندا.

13.08.2021

# سنڌ واسيو! حق وٺڻا اٿوَ تہ اسان سان گڏجو

سنڌ واسيو! حق وٺڻا اٿوَ تہ اسان سان گڏجو. اهو بيان هو سنڌ جي هڪ وزير صاحب جو جيڪو ڪجهہ ڏينهن اڳ اخبارن جي زينت بڻيو. وفاق يا ڪنهن کان بہ حق وٺڻ سنڌين جو حق آهي اهي حق وٺڻ بہ گهرجن ۽ سنڌين سدائين ان ڏس ۾ اوهان جو ئي ساٿ ڏنو آهي/اوهان مٿان ئي ڀروسو ڪيو آهي پر سوال اهو آهي تہ اوهان پاڻ ڪيترو سنڌين سان گڏ آهيو. عملي طور اوهان سنڌين جي حقن لاءِ ڇا ڪيو آهي. ڇا سنڌ جي ماڻهن جي موجوده زندگي جيڪا زهر کان بہ ڪڙي آهي ان جا ڪنهن طرح ذميوار اوهين ناهيو!

سنڌ جي ماڻهن سدائين اوهان کي ووٽ ڏنا، محترمہ بينظير صاحبہ جي ٻي دفعا وزيراعظم ٿي رڪارڊ قائم ڪرڻ جي دعوىٰ پنيان بہ سنڌ جي ماڻهن پاران ووٽ ڏيڻ جي ڳڪ ئي هئي. ضيا جي ذري ذري ٿي وڃڻ کان پوءِ جڏهن هڪ ڊيل تحت اوهان کي حڪومت ملي جنهن لاءِ اوهان جي پارٽيءَ جو ئي چوڻ هو تہ اسان کي حڪومت ”هٿ پير ٻڌي“ ڏني ويئي آهي. اوهان مان گهڻا ئي ضيائي مارشلا جا مزا وٺي موقعو ڏسي هن پارٽيءَ ۾ گهڙي آيا. ان اليڪشن ۾ ماڻهن جذباتي ٿي اوهان کي ووٽ ڏنا. سنڌ جي هر گهر ۾ بحث  ٿيا پائرن ۾ جهيڙا ٿيا سنڌين پنهنجي مرشدن/برادريءَ جي چڱن مڙسن/ سالن صدين جي رشتن ناتن کي نڪرائي پيپلز پارٽيءَ کي ووٽ ڏنا. سنڌين اهو سوچيو تہ هن ريت صدين جي قائم وڏيرا شاهي هڪ ڌڪي ڏيڻ سان ڪري پوندي پر ان وقت اهڙو سوچيندڙ سڀ مايوس ٿيا جڏهن ميرٽ کي گهٽا ڏيئي وڏيرڪيون اوطاقون مراعاتن جا مرڪز بڻايون ويون. سنڌين جا ڪنڌ جهڪائي وري انهن کي انهن ئي نانگن جي حوالي ڪيو ويو. سڀ ڏتڙيل سنڌي اوطاقن جو طواف ڪندا رهيا جيڪو اجان تائين جاري آهي ۽ ڳٽ وڌيڪ سوڙهو ٿيو ٿيندو وڃي. اهي اوطاقون هاڻي ايتريون مضبوط آهن جتي هڪ فرعون/نمرود پنهنجي اشاري سان بادشاهي هلائي ٿو. علائقي جو ”سڀ ڪجهہ“ هن جو آهي ۽ وري علائقن جون حد بنديون ڪيون ويون آهن اڌر تہ اڌر هم.

اليڪشن کان ڪجهه ڏينهن پوء اوهان سنڌ دشمن فاشسٽ تنظيم جي ان گُهر ته بهاري اچڻ گهرجن جو نه رڳو معاهدو ڪيو پر ان وقت جي وزيراعليٰ صاحب فرمايو ته جيڪڏهن پنج لک بهاري آيا ته ڪهڙو آسمان ٽٽي پوندو ان ايڏي وڏي سنڌ دشمن بيان کان پوء به اوهان ڪي ڪنهن اها ميار به ڪونه ڏني ته جيڪڏهن اوهان ايم آر ڊي تحريڪ جي پٺ ۾ چرو هٽي حڪومت نه ورتي ته به ڪي آسمان ڪونه ٽٽندا.

اوهان جي هٿ پير ٻڌل حڪومت سنڌين ڪي اجيو بکيو ڪري مارڻ واري ڪالاباغ منصوبي ڪي اڏڻ لاء بجيٽ ۾ پيسا رکيا ۽ اوهان جي وزير وڙن/ڪارڪنن ان جي تعمير لاء ذهني تياريء جي مهم به هلائي. (اها ٻي ڳالهه ته اوهان جي حڪومت ۾ ڪيترا وزير صاحب اهڙا به آهن جيڪي سنڌ دشمن/ملڪ دشمن آمر مشرف جي وقت ۾ ناظم هئا ۽ انهن ٽي وي پروگرامن ۾ ڪالاباغ جي وڪالت ۾ پروگرام ڪيا. مشرف جي وڃڻ کان پوء وري اچي هن پارٽيء ۾ پنهنجي سهٽڻ چهرن سان شامل ٿيا)

پوئين اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي سنڌ صوبي کان سواء ڪٿي حڪومت ته ناهي ڪونه سگهي پر حزب اختلاف به پنهنجو آٽي ڪونه سگهي جنهن جو آخري مطلب اهو آهي ته اتي جي عوام اوهان جو ساٿ ڪونه ڏنو.

اوهان جا ئي يعني ساڳي وزير صاحب جا بيان سدائين سنڌين جي ڦٽن تي لوڻ برڪيندا رهيا آهن. اوهان جو اهو چوڻ ته اسين ٻاهرين بهارين/بنگالن/برمين ڪي شناختي ڪارڊ ناهي ڏينداسون وغيره ظاهر ڪن ٿا ته اوهين جڻ ڪنهن قوم کان انتقام پيا وٺو. اوهان (سڀ) ڀاڻ کان ته پڇو اوهان ڪراچي سميت سنڌ جي ڊوميسائيل تي ڪيترن غير صوبائي ۽ غير ملڪين ڪي پوليس ۾ ڀرتيون ڏنيون آهن. جيڪي سنڌي نوجوان ڀرتي ٿيا آهن اهي ٻڌائين پيا ته اسين نئين ڀرتيء ۾ اٿي ۾ لوڻ آهيون. چا هي سڀ ڪجهه به ڪو ٻيو پيو ڪري. ڪوڙن ڊوميسائيلن ڪي رد نه ڪرڻ پويان ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا.

ٿي سگهي ٿو اوهان جي حڪومت پنهنجي ڪارڪردگيء مان مطمئن هجي چو ته وفاقي حڪومت پنهنجي ٻڙيء جهڙي ڪارڪردگيء تي به ناز پيئي ڪري ته اوهان

کهڙو ڏوھ ڪيو جو ناز نہ ڪريو پر سنڌ جو عوام اوهان منجهان ڪيترو مطمئن آهي ان جو ندازو آهي اوهان کي!

ون يونٽ جي ڳٽ کي ٽوڙڻ لاءِ اديب ۽ شاگرد اڳئين صفن ۾ شامل هئا ۽ وڏيرا (موجود وزير وڙا يا انهن جا وڏا) ان يونٽ جا حامي بڻيل هئا. ان لاءِ جيل اديبن ۽ شاگردن ڪاٽيا. ضيائي مارشلا جو مقابلو بہ اديبن ۽ شاگردن ڪيو. ڪوڙا بہ انهن مٿان وسيا وري حڪومتي مزا انهن وڏيرن/اوهان جي پارٽيءَ ماڻيا جيڪڏهن اوهان اجان بہ سمجهو پيا تہ سنڌ جا ماڻهو اوهان سان گڏ ڪين آهن تہ پوءِ علامہ اقبال چواڻيءَ ”اگر هم وفادار نهين تو تو بي دلدار نهين“

10.09.2021

# ام رباب جي فيصلي تي خوشي ڇو ٿي رهي آهي

ڪجهه ڏينهن اڳ عدالت هڪ فيصلو ڏنو جنهن ۾ ٻن ماڻهن جو نالو رڳو ايف آءِ آر ۾ شامل ڪرڻ جو حڪم هو يعني نه ڪو هنن کي سزا آئي نه ڏنڊ وغيره ڳالهه رڳو اها ته پوليس انهن جو نالو ايف آءِ آر ۾ ڪونه وڌو (جنهن جا سبب ڪي به ٿي سگهن ٿا) اهي نالا فريادي ڌر جي درخواست تي وڌا وڃن ۽ بس.

فيصلي اچڻ شرط سوشل ميڊيا تي خوشين ۽ شادمانن جا ڍهل وڄي ويا هر ماڻهوءِ پوسٽ رکي يا ان تي پنهنجي ذهن مطابق ڪجهه نه ڪجهه لکيو، گهٽو ڪري ڪو به خاموش نه وينو. ڪن دوستن ان کي مائي جندو سان ڀيٽيو، ڪن ان کي تاريخي ڪردار بختياور سان ڀيٽيو، ڪن هن کي بنياد بڻائي پيپلز پارٽي قيادت کي نشانو بڻايو ته اهي بينظير ڪيس جي پوئواري حڪومت ۾ هوندي، سڀني سهولتن هوندي، پيسي جي گهٽائي هوندي به نه ڪري سگهيا. اهو بحث اڃان تائين جاري آهي.

سوال اهو آهي ته ان فيصلي ۾ سنڌ جي ماڻهن کي ڪهڙي خوشيءِ جي ڳالهه نظر آئي آهي يا وري سڌي ڳالهه ڪجي ته ان ۾ سنڌ جي عوام خاص طور ان کي خوشيءِ جي خبر ڇو سمجهو. ڇا شامل ٽيندڙ نالن واري ماڻهن سان سنڌين جي ڪا خاص دشمني آهي يا ام رباب سان پيار آهي.

منهنجي نظر ۾ سنڌ جي ماڻهن کي اهي ٻيئي ڳالهيون ذهن ۾ ڪونه آهن. انهن جي اندر ۾ شامل ٽيندڙ نالن سان (خصوصي) دشمني ڪونهي پر ان جاءِ تي انهن کي هر ان عورت/مرد سان پيار آهي جيڪو جاگيرداريءِ خلاف/جاگيردارن خلاف وڙهي ٿو. خاص طور هڪ نياڻيءِ جو پنهنجي حق لاءِ وڙهڻ سنڌين ۾ خوشيءِ جي لهر پيدا ڪري ٿو اها خوشي ان ڪري به وڌي وڃي ٿي جڏهن جدوجهد ڪا ڪمزور ڌر/نياڻي ڪري ۽ ڪنهن جاگيردار/جاگيرداري سوچ خلاف هجي ٿي. سنڌي سماج هن بدبوءِ ڪري ويل نظام خلاف بي انتها نفرت رکي ٿو. هو سمجهي ٿو ته ساڻس ٽيندڙ هر ويڙهه پويان اهو ئي عنصر آهي. اڄوڪي سنڌ جيڪو دوزخ جو دونهون پيئي لڳي انهيءِ گندي نظام ڪري ئي آهي. ان راءِ قائم ڪرڻ پنيان سنڌين کي ملندڙ زخمن جي هڪ تاريخ آهي، ويساهه گهاتين جي هڪ تاريخ آهي ۽ سنڌين ان خلاف نه رڳو سوچيو پر ڪيترا دفعا عملي اظهار به ڪيو آهي.

اوڏيويهه سو اناسي واري اليڪشن جا نتيجا اهو سڀ ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ ڪافي آهن جڏهن سنڌين پنهنجا سڀ لڳ لاڳاپا، ناتا رشتا وساري، پيرن مرشدن جي ڳالهه ڪي پوئتي اڇلي رکو پارٽيءَ/ نظرئي جي بنياد تي ووٽ ڏنو ۽ هڪ ئي ووٽ ڏنو. ڪيترن ماڻهن اهو چيو سنڌي ڪنهن هڪ ڳالهه تي پهريون دفعو متفق آهن. اسان پاڻ اکئين ڏٺو جو اليڪشني عملو بينظير جي نالي جا نعرا هڻندو پولنگ اسٽيشنن تي پهتو ۽ نعرا هڻندي موٽيو نتيجي طور وڏا وڏا نالا جيڪي ڪڏهن هارائيندا ئي ڪونه هئا اهي پٽ اچي پيا. اليڪشن جي ٻئي ڏينهن جڏهن پيپلز پارٽيءَ کي ملندڙ حڪومت جي پڪ ٿي ته هر ماڻهوءَ خاص طور هر سنڌيءَ اهو سمجهو ته هو پاڻ وزيراعظم ٿيو آهي.

هن اليڪشن وڏيرن کي (هارايل ۽ کٽيل) پنهنجي ڪلاس جي رشتي جو پرم رکڻ لاءِ وري متحد ڪيو، هڪ ٻئي جي لاءِ پيپلز پارٽي (کٽندڙ پارٽي) ۾ گنجائش پيدا ڪئي ويئي ڏسندي ئي ڏسندي سڀ وڏيرا پيپلز پارٽيءَ کي پنهنجي آماجگاه (شڪارگاه ٻه جتي ويهي لکي شڪار ڪندو رهجي) ٻڌائي چڪا. انهن سنڌي عوام کان انتقام وٺڻ شروع ڪيو سنڌين کي قدم قدم تي باور ڪرايو ويو ته اوهان ووٽ ڪنهن کي ٻه ڏيو، کهڙي ٻه نالي سان ڏيو ووٽ وڏيرڪي سوچ کي ئي ملڻو آهي. هاڻي وتايو خوش آهي جو نالو ٻه پلو، ماني ٻه پلي ڪاءِ ڙي وتايا ڪاءِ.

هر سنڌيءَ جي اندر ۾ اها ئي تحريڪ (وري) اٿندي/ ڏسندي سنڌ جو هر جاگيردار سنڌين کي هڪ اهڙي نظام جي اندر ڌڪيندو رهي ٿو جنهن ۾ هو جاگيرداريءَ کان نفرت ته نه ڪري پر ان سان پيار ڪري. عوام خلاف هن نفرت پري ويڙهه ۾ وڏيرن ذات پرستيءَ جو عنصر شامل ڪري هن کي وڌيڪ وٽندڙ ٻڌائڻ جون ڪوششون ڪيون آهن جيڪي سو سيڪڙو ڪاميابي ماڻيندڙيون رهن ٿيون. وڏيرن جو اهڙين پارٽين ۾ هجڻ جتي اهي ويهڻ وڌيڪ محفوظ هجن اتي ويهي پنهنجي لاءِ وڌندڙ عوامي نفرت جو ٽوڙ ڪڍي سگهن، مجبوري آهي نه ڪي پيپلز پارٽيءَ سان محبت.

هن صورتحال ۾ پيپلز پارٽيءَ مٿان وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته اها انقلابي قدم کڻندي اهڙن جاگيردارن/جاگيردار سوچ وارن کان پارٽيءَ کي پاڪ ڪري جيڪي اندر ئي اندر خود پارٽيءَ جا ٻه دشمن آهن. دنيا ايڪيهين صديءَ کان ٻه اڳتي جو سوچي ۽

هي اسان ڪي وري پنڌرهين صدي يعني رينانس واري دور ۾ ڌڪڻ ڪرڻ جا جتن پيا ڪن. جيئن تہ هن وقت پيپلز پارٽيءَ جي قيادت نوجوان بلاول ڀٽو صاحب ۽ اسان جي ٻن نياڻين جي هٿن ۾ آهي تنهنڪري سنڌ جو عوام انهن منجهان بهتريءَ جي اميد رکي ٿو هن فيصلي يعني سنڌ جي هر ضلعي جي عوام مٿان باه وانگر ڪڙڪيل وڏيرن کي نيڪالي ڏيڻ جو فائدو اڳي پوءِ سنڌ کي ۽ پيپلز پارٽيءَ کي ئي ٿيڻو آهي.

17.09.2021

# ”ايبسوليوٽلي ناٽ“ ڪان پوءِ چا ٿيندو

نتيجو وجي ايبسوٽلي ناٽ تائين پهتو آهي. اهو سفر جيڪو وڏي پابوهه ۾ پيار سان شروع ٿيو هو ڪم نڪرڻ ڪان پوءِ اهڙي جڳهه تي پهتو آهي جتي واٽون ويهه ٿين ٿيون ۽ هڪ ٻه واٽ اهڙي ڪونهي جنهن جو ٻيو سرو وڏي ڪڏ نه هجي.

شڪست ڪان پوءِ جڏهن راجا پورس کي سڪندر اعظم جي سامهون پيش ڪيو ويو تڏهن هو نه ته گهبرائي معافي وننڌڙ هو نه وري ان جي منهن تي هارائڻ جا ڪي آثار هئا. اها حالت ڏسي سڪندر اعظم کي وڏي ڪاوڙ لڳي. هن ڪانئس پڇيو، ٻڌاءِ توسان ڪهڙو ورتاءُ ڪجي. راجا پورس وراڻيو ”جيڪو بادشاه بادشاهن سان ڪندا آهن“ بادشاه بادشاهن سان جيڪو سلوڪ ڪندا آهن ان کي بادشاهي ورتاءُ سڏبو آهي، بادشاه بادشاهن سان جيئن ڳالهائيندا آهن ان کي سفارتڪاري سڏبو آهي. سفارتڪاريءَ جي ٻولي انتهائي مهذب هوندي آهي. هڪ ٻئي جو احترام ڪندي اهڙا لفظ ڳالهايا ويندا آهن جيڪي ڪنهن جي لاءِ دل آزاريءَ جو سبب نه بڻجن. لهجي کي تمام گهڻو ڌيمو رکيو ويندو آهي. جيڪڏهن نه به ڪرڻي آهي ته ان جا به ڪي آداب هوندا آهن. اسان جي سماج ۾ هڪ چوڻي ان تي بلڪل پوري آهي ته ڳڙ نه ڏيو پر ڳالهايو ڳڙ جهڙو.

نيوزيلينڊ جي ڪرڪيٽ ٽيم جيڪا سيڪيورٽي خدشا رکڻ سبب واپس موٽڻ لاءِ تيار ٿي تڏهن اسان جي ملڪ جو اڳوڻو ڪرڪيٽ ڪپتان ۽ موجوده وزيراعظم انهن کي سفارتڪاريءَ جي فن سان قائل ته ڪونه ڪري سگهيو پر نيوزيلينڊ جي وزيراعظم (جيڪا ڪجهه عرصو اڳ اسان جي ملڪي عوام سميت دنيا کان پنهنجي ڌيمي لهجي ۽ نرم دل هجڻ جا سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري چڪي آهي) مٿيان لفظ ڳالهايا. اصل سوال اهو آهي ته اهڙا لفظ هن چو ڳالهايا. چا اهو سڀ ڪجهه هن ڪنهن جي اشاري تي ڪيو. هن جو چوڻ هو ته سنڌس ٽيم جون حياتيون ڪرڪيٽ کان وڌيڪ قيمتي آهن. هن ذهن ۾ يقين ڪري ڇڏيو هو ته سريلنڪا جي ٽيم سان جيڪو ڪجهه ٿيو اهو سندس ٽيم سان به ٿيندو ۽ اهو يقين ائين هرويرو ڪنهن جي دل ۾ گهر ڪري ويهي ممڪن ڪونهي. ان پنيان ڪجهه تو هي جس کي پرده داري هي وارو شعر راز ضرور آهي.

نيوزيلينڊ جي ٽيم کي هتان وئي ٿورا ئي ڏينهن گذريا هئا جو انگلينڊ جي ٽيم به ساڳيو عذر ٻڌائي پنهنجو دورو ختم ڪري ڇڏيو. هنن ٻنهي ٽيمن جي دورن جي خاتمي اسان جي ملڪ تي وڏا اثر ڇڏيا آهن سوشل ميڊيا تي ان باري وڏا بحث ٿيا جيڪي اڃان تائين جاري آهن.

هڪ ٻه ڏينهن ٿيا جو ٻن وفاقي وزير صاحبن پريس ڪانفرنس ڪندي (صفائي ڏيندي) پاڙيسري ملڪ تي نيوزيلينڊ کي ڊيڄاري ڀڄائڻ جا الزام هنيا. چيو ويو ته هندستان جي فلاڻي رهواسيءَ نيوزيلينڊ کي اي ميل ڪري ڊيڄاريو، اسان ڪوشش ڪئي پر هو نه رڪجي سگهيا.

اهو سڀ ڪجهه جاري ئي هو ته اڄ جي اخبار ۾ محترم اسد عمر صاحب جو بيان ڇپيو آهي ته ”چين کي سيڪيورٽي تي خدشا آهن، ڪوئلي تي سيڙپ ڪاري نه ڪندو“ هي بيان گهڻو ڪجهه سمجهائيندڙ آهي. هن بيان جو الزام هندستان تي به هڻي نه ٿو سگهجي ڇو ته چين هندستان جي چوڻ تي ڀڄڻ جو نه سوچيندو. چين پاڻ هڪ طاقت آهي جيڪو پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ جي نه رڳو صلاحيت رکندڙ آهي پر ان جو هو عملي مظاهرو به ڪندڙ رهيو آهي.

ته پوءِ ڳالهه ڪهڙي آهي جو هر ملڪ ايبسوليوٽلي ناٽ/بلڪل نه (ائين ڪڏهن به نه ٿيندو) لفظ استعمال ڪري پيو جيڪڏهن هو ٻيا ڪي لفظ ڳالهائي ٿو ته ان جو مطلب اهو ئي آهي. ان جو جواب بلڪل سادو آهي جنهن لاءِ جيڪي به لفظ ڳالهائجن پر ان جو مطلب اهو ئي آهي ته اسان جي ملڪ جي خارجه پاليسي ناڪام ۽ بلڪل ناڪام آهي. اڄ اسان جي ملڪ جو بيانيو ڪنهن هڪ ملڪ کي به ڪونه پيو وڻي. هندستان ته ٿيو دشمن ملڪ، چين ته پنهنجو دوست ملڪ آهي. نيوزيلينڊ ۽ انگلينڊ ته ڪنهن ملڪ جي اشاري تي اهڙا خدشا رکن ٿا سعودي ۽ ايران ته پنهنجا اسلامي ملڪ آهن. افغانستان تان ته اسان گهور گهور ٿيندا رهيا آهيون. پنهنجي ملڪ جي سموري ڪٽڪ، ڪنڊ ۾ گهڻو ڪجهه ان کي وڪڻي پاڻ مهانگي ڪٽڪ، ڪنڊ ٻاهران گهرائيندا رهيا آهيو اهو جو اهڙا عمل پيو ڪري. اهو اسان ڏانهن اشارو ڪندي چو پيو چوي ته اسان ڪنهن به ملڪ جي مداخلت برداشت ڪونه ڪنداسون.

وقت جي تقاضا آهي ته پنهنجي خارجه پليسيءَ کي صحيح رخ ڏنو وڃي خاص ڪري پاڙيسري ملڪ چين، هندستان، ايران ۽ افغانستان سان تمام سنا لاڳاپا رکيا وڃن. حقيقت پسند تي سوچڻ سکجي نه ته گري (سليٽي رنگ) مان ڪارو رنگ ٿيڻ واري

تلوار جو وار ۽ مٿين چئن ملڪن پاران ايبسوليوٽلي ناٽ وارا لفظ به ٻڌي سگهجن ٿا. جنهن جي سٽ سهڻ جي طاقت ملڪ ڪونہ ٿو رکي.

24.09.2021

# هڪ ڪروڙ نوڪريون ڏنيون ويون آهن!

## (ٺوڪ يا حقيقت)

هڪ خبر مون ڏهه دفعا پڙهي اڪين تي يقين نه پئي آيو سوچيم هي اخبار جي نمائندي جي غلطي آهي، پرنٽ جي غلطي آهي يا ڪنهن غير ذميواريءَ سان هي خبر ڇاپي آهي، پر اخبار (اها به هن قهري زماني ۾) اهڙي خبر ڪيئن ڇاپي سگهي ٿي. سيئي اخبارون ڏنيون تڏهن وڃي پڪ ٿي. خبر موجب هڪ صحتمند وفاقي وزير صاحب جن بلڪل اهو ئي فرمايو آهي ته اسين ٽن سالن جي حڪمرانيءَ ۾ هڪ ڪروڙ نوڪريون ڏيئي چڪا آهيون. جيسيتائين حقيقتن جو تعلق آهي ته اها سچائي پڌري پٽ آهي ته هن حڪومت پنهنجي ٽن سالن جي حڪمرانيءَ دوران سواء مهانگائي جي ڪجھ به ڪونه ڏنو آهي ته پوءِ هن وزير صاحب جو بيان ڇا پيو سمجهائي. هڪ وفاقي عهدي تي براجمان وزير اهڙو بيان ڇو پيو ڏئي؟

ڇا سچ پچ هي هڪ ڪروڙ نوڪريون ڏيئي چڪا آهن. ائين ته ڪونهي ته پنجاب صوبي جي ماڻهن ۾ اهي نوڪريون ڏنيون ويون آهن ۽ ستر پنجهتر سالن جي تاريخ ٻڌائي پيئي ته حڪمرانن پنجاب کي ئي ملڪ سمجهو آهي ٻيا صوبا ته ڪنهن ڳڻت ۾ ئي ڪونه آهن. جيڪڏهن اهو سچ هجي ها ته حڪومتي مشينري جيڪا ڪوڙ ۾ گوئبلز کان ڪنهن به ريت پوئتي ڪونهي اجان تائين خاموش ڇو ويهي ها. ٻيو ته حڪومتي سربراه جيڪو پنهنجي خامين کي خوبيءَ طور بيان ڪندڙ ثابت ٿيل آهي اهو پنهنجي ڪرندڙ ساک کي بچائڻ لاء ان کي استعمال ضرور ڪري ها.

ته ڇا هي سڀ مزاق طور ڳالهه ٿيل آهي! ٿي سگهي ٿو ڇو ته اهڙي ڳالهه نظر ڪونه پيئي اچي. ٻيو ته اسان جي حڪمرانن جو مزاج اهڙو نهي چڪو آهي جيڪي ماڻهوءَ کي ماڻهو ڪونه پيا سمجهن.

هڪ صحتمند وزير جو اهو بيان اڃان عوام جي ذهنن ۾ هتوڙا هڻي ئي رهيو هو جو هڪ ٻئي وڏن وارن واري صحتمند وزير جو بيان اچي ويو ته ملڪي معيشت کي هٿي ڏيڻ لاء پاڪستاني عوام ماني گهٽ کائي ۽ چانهن ۾ ڪجھ داڻا گهٽ وجهي جنهن سان چانهه جي مناڻ ۾ ڪو فرق ڪونه پوندو. جيڪڏهن هي بيان ڪنهن اهڙي

ملڪ جي وزير جو هجي ها جتي عوام کي حڪمرانن جي گريبان کان وٺي پڇڻ جو حق حاصل هجي ٿو تہ هن کان بہ پڇي سگهجي ها تہ جيڪڏهن تون ۽ تو جهڙا وزير صاحبان جنهن شيء کي ڪورٽ ۾ ماکي ثابت ڪندا رهيا آهيو ان مان ڪجهہ ڍڪ گهٽ پيئو ها تہ جسماني سرور ۾ ڪا گهٽتائي ڪونہ اچي ها، جيڪڏهن بلڪل ئي نہ پيئو ها تہ مري ڪونہ وڃون ها ڇو تہ ان کي پيئڻ کان سواء ننڍ ڪندڙن جو تعداد ان کي پي ڪري ننڍ ڪرڻ وارن کان تمام گهڻو آهي. هتي سوال اهو آهي تہ ڇا هن وزير موصوف کي ملڪي معيشت جي ايتري ڄڻتي آهي يا هن پويان ڪا ڪرمستي/مزاق آهي. جواب سڌو آهي تہ ملڪي معيشت جو فڪر اسان جي ملڪي حڪمرانن کي ڪڏهن رهيو ئي ڪونهي تہ هن کي ڪٿان ٿيندو. باقي ڪرمستي ضرور آهي ڇو جو پيٽ پريو بکئي مٿان هميشهہ ٺوڪ ڪندو رهيو آهي ھي بہ پيٽ پريا آهن ۽ ھي بہ ٺوڪون پيا ڪن.

هن کان اڳ ڪيترا وزير صاحبان اهڙا جملا ڳالهائيندا رهيا آهن. ڏٺڙيل سنڌ جي بہ ڪيترن وزير صاحبن اهڙي ڪرمستيء وارا بيان ڏنا آهن جيڪي پڻ رڪارڊ تي آهن. مظلوم مظلوم جو پلئا هٽي راڳ ڳائيندڙ هڪ وزير چيو هو تہ هي ماڻهو چانورن جي خوشبوء تي پڳا اچن ٿا. هي جملو بوڏ ستايل ماڻهن کي دوميل/ڏپ ڪري ويل چانور ڪارائي انهن سان فوٽو ڪيرائي حاتمطائي وارو روپ باور ڪرائيندڙ وزير ان وقت چيو هو جڏهن ڪنهن ان جي نشاندهي ڪئي هئي تہ ماڻهن کي ڪارايا ويندڙ ھي چانور کائڻ جي لائق ڪونہ آهن. ان تي مشڪري وزير جا مٿيان تاريخي جملا سندس واتان گوهر ناياب وانگر نڪتا هئا. ان پويان بہ اها ئي ڪيفيت آهي جنهن کي تز لفظن ۾ پيٽ پرائي چيو ويندو آهي.

تہ پوء اصل سوال تہ ھي حڪمران ٽولي سان لاڳاپيل (پراڻا يا نوان جو سوال ڪونهي ڇو تہ حڪمران بدليا ئي ڪونہ آهن، ستر پنجهتر سالن کان ساڳيا ئي آهن) اهڙيون انسان دشمن ڳالهيون ڇو ڪندا رهن ٿا.

ان جو سبب ھي آهي تہ حڪمرانن جي پالنا ان حساب سان ئي ٿيل آهي يعني انهن جي تربيت ۾ اهو سڀ شامل آهي تہ اوهان حڪمران آهيو ۽ عوام محڪوم. عوام کي نفسياتي طور قابو ڪرڻ لاء ان کي پنهنجي هيناهين درجي جو هجڻ جو يقين

ڏيارڻ ئي اوهان جي حڪمراني کي مضبوط ڪندو. جيترو اوهان پاڻ کي حڪمران سمجهندا ايترو عوام پاڻ کي غلام سمجهندو ۽ اهو ئي ميڪاولي نسخو آهي جيڪو اسان جي حڪمرانن کي گهوٽي پيئاريل آهي. ٻيو تہ انهن جي تربيت ۾ ڪنهن علم جو عمل دخل ڪونهي تنهنڪري اهي ننڍڙي ذهن جا مالڪ ٿين ٿا ۽ بلڪل پراڻي زماني جي وليز جيپ وانگر ڏيک ڏين ٿا جيڪا وڏيڪ اسپيڊ ڏيڻ سان وڦلندي هئي ۽ ٽائر راڊ نڪري ويندو هوس جنهن سبب هوء قابوء ۾ نہ ايندي هئي ٻين لفظن ۾ ٽڪي جا ماڻهو روپئي جي سيٽ تي ويهاريل آهن.

08.10.2021

# مجھي ڪيون نڪالا جو عمراني ورزن

سچ چيو اٿن تہ ڏہري ڊور ڪي چچڙ گھٽا ھوندا آھن. ڏہري ملڪ ڪي مسئلا بہ گھٽا. پوئين ٻن ھفتن کان ملڪ جنھن عذاب مان گذريو آھي اھو عذاب جيڪڏھن ماٺھو ڪي (ھڪ ماٺھوء) ڪي ھجي تہ مري وڃي پر جيئن تہ ھي ملڪ منڍ کان سازشي حڪمران ٽولي جي قبضي ۾ رھيو آھي ان ڪري محسوس ڪونہ پيو ٿئي پر مسلسل عذاب واري ڪيفيت پھلوانن ڪي بہ جھوري وجھندي آھي ھي تہ ھڪ ڏہرو ڊور آھي. اڳي بہ ڪنھن نہ ڪنھن چچڙ تي لڪندا رھيا آھيون اڄو تہ اڄ ھڪ اھڙي چچڙ بابت سوچون ۽ سمجھون جيڪو ھاڻي چچڙ مان ناسور جي شڪل وٺي چڪو آھي. اڄو تہ ان ڳالھ جو جائزو وٺون تہ ڇا ھي چچڙ "مجھي ڪيون نڪالا" ڪي عمراني شڪل ڏيارينڊو.

وھم ۽ وسوسي وارو نالو رڪنڊڙ ھي چچڙ ھن ملڪ متان ھڪ نياڳي پڪيء (رڳو چوٽيء مطابق، نہ تہ ڪوبہ پڪي، انسان، يا ڪا شيء نياڳي ٿيندي ئي ناھي. نياڳ انساني ڪردار سان واسطو رڪنڊڙ وکر آھي) وانگر لامارا پيو ڏئي. ھڪ طرف دنيا ڊجيٽل دور ۾ داخل ٿي چڪي آھي ۽ وڏيڪ ٿيندي پيئي وڃي ٻئي طرف ھڪ اسلامي ملڪ جي وڏن وڏن عھدن تي وينل اجان قارون پيا ڪيرائين جنھن ڪي اسلام ۾ گناہ قرار ڏنو ويو آھي جنھن لاء ڪيترين قراني آيتون ۽ حديثون موجود آھن.

روس جي ذارينہ ڪي پنھنجي پٽ جي بيماريء نھوڙي ڇڏيو ھو. ولي عھد ھڪ اھڙي پراسرار بيماريء ۾ مبتلا ٿي ويو ھو جنھن جي خبر ڊاڪٽرن ڪي بہ ڪونہ پئي پيئي. جڏھن دوا اثر نہ ڏيکاري تہ دعا ڏانھن ڊوڙڻ انساني فطرت رھي آھي. ذارينہ جي مامتا پنھنجي مڙس ڪي مجبور ڪيو تہ بادشاہ جي ڳيجھو ڪليسا جا راھب دعا لاء گھر ايندا رھن ۽ ائين ئي انھن راھبن جي معرفت راسپوٽين جھڙو انساني نفسياتي ڪمزورين مان فائدا حاصل ڪرڻ جو ماھر گھر جي ڪمرن تائين رسائي حاصل ڪري چڪو. ڪمرن تائين پھچڻ ڪان پوء سندس ٽارگيٽ بسترا ھئا جن تائين پھچڻ ۾ ان

ڪي دير ڪونه لڳي. راسپوتين زار ۽ ذارينه ڪي پنهنجي ڳالهين وسيلي ايترو ڊيڄاريو جو هو هن جي هر ڳالهه ڪي الهامي حڪم سمجهي عمل ڪندا رهيا.

راسپوتين جهڙا ڪردار هر ملڪ ۾، هر شهر ۾، هر ڳوٺ ۾ موجود هجن ٿا اسان وٽ به اهڙي ئي صورتحال آهي. اسان جا حڪمران به اهڙن وهمن ۽ وسوسن جو شڪار بڻيل هجن ٿا جو ته هو قابليت جي حساب ۾ ٻڙي هجڻ ڪري مسئلن کي منهن ڏيڻ بجاءِ فرار اختيار ڪري ان کي دعا ڌاڳن/ٽوٽڻ ڦيٽڻ وسيلي ختم ڪرڻ چاهين ٿا ۽ ان صورتحال کي غنيمت سمجهي راسپوتين جهڙا ڪردار ڪين نه رڳو پيسن ڏوڪڙن وسيلي ڦرين ٿا پر انهن کان پنهنجا ڪارندا سرڪاري وڏن عهدن تي ويهارڻ جا حڪم جاري ڪرائين ٿا جن کان وري مخبري ڪرائي حڪمرانن جون وڏيڪ ڪمزوريون هٿ ڪندا رهن ٿا ۽ ائين سمورو چرخو چڙ اهڙن انسانن جي هٿ چڙهي وڃي ٿو.

وقت به وقت اهڙن عاملن جا عمل اخبارن جي زينت بڻبا رهن ٿا. وزيراعظم کان وزيراعليٰ تائين، وزيرن کان سرڪاري ڪامورن تائين اهڙا ماڻهو انهن نفسياتي ڪمزورين جي ماهرن جا شڪار ٿيندي اخباري خبرن جي زينت بڻبا رهيا آهن.

ملڪ جي وزيراعظم جهڙي وڏي عهدي تي رهندڙ گهٽو ڪري پاڻ کي ٻهارا هٽائيندي به عار محسوس ناهن ڪندا. ڪي وري پنهنجي دشمن کي ڳاري مارڻ لاءِ تعويذ ڪرائيندا رهيا آهن. سوشل ميڊيا تي اهڙيون به خبرون هليون آهن جو وزيراعظم هائوس ۾ به چار مجزوب/ملنگ قسم جا ماڻهو هڪ ٻت (ڪپڙي جي ٻت) کي سيون ٽنبيندي ڏٺا ويا. اهو ٻت ڪنهن وڏي عهدي واري جو هو جنهن جي خبر وري ان تائين پهچائي به ويئي. هي سڀ هڪ سيڪڙو لڪيل آهي نوانوي سيڪڙو لڪڻ جهڙو ڪونهي.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ايڪيهين صديءَ ۾ اهو سڀ ڪرڻ وارا دنيا سان ڪيئن مقابلو ڪري سگهندا. ايڪيهين صدي جنهن کي ڊجيٽل صدي به چئجي ٿو، ڊجيٽلائيزيشن طرف وڌندڙ دنيا سان اسان ڪيئن مقابلو ڪري سگهنداسين. ٽوٽا ڦيٽا جيڪڏهن ڪنهن ملڪي ترقيءَ جا ضامن هجن ها ته پوءِ هي اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون، اسپتالون، هي ادارا ڇو. رڳو ڪجهه عامل ويهاريو جيڪي اوهان کي

ٻڌائين ته هي اوهان لاء فائدي مند ۽ هي نقصان ڏيندڙ آهي اوهين هيئن ڪيو ته هي نقصان ٿيندو...... ڪل ڪونه پيئي اچي اهڙن عملن تي! پوء دنيا جي ٻين دشمن ملڪن کي ڪجهه ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. ”بني تم دوست جس ڪي، اس کا دشمن آسمان ڪيون هو“

سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرن/تبصرن ۾ وي لاڳ پروگرامن مان ملڪ جي موجوده صورتحال جو ذميوار ٻه وهم وسوسن کي قرار ڏنو پيو وڃي. انائون جيڪي ڪنهن کي ٻه پنتي هڻڻ جي ترغيب نه پيون ڏين اهي ملڪ کي ڪٿي پهچائيندديون، ان تي ڪو هڪ ٻه ڪونه پيو سوچي. ملڪي تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪنهن کي پوئتي هٽڻو آهي. ڪنهن کي فيس سيونگ وٺي پوئتي هٽڻ گهرجي. ان ڪان اڳ جو مجهي ڪيون نڪالا جو عمراني ورزن اچي وڃي مقابلي کي ختم ٿيڻ گهرجي.

15.10.2021

# هاٽي وري ڊالر مهانگي ٿيڻ جون برڪتون

خير سان ڊالر مهانگي ٿيڻ جون مبارڪون اچڻ شروع ٿي چڪيون. اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر صاحب (تبديلي ٽيم جي هڪ ميمبر) ليڪچر ٽائيپ تقرير ۾ فرمايو ته ڊالر مهانگي ٿيڻ سان ملڪ کان ٻاهر ڪمائيندڙن کي پنهنجي رقم ڊالرن جي صورت ۾ موڪلڻ جي نتيجي ۾ فائدو ٿيندو. مثال جيڪڏهن ڊالر هڪ سو روپئي جو آهي ته هنن کي هڪ ڊالر موڪلڻ جي عيوض هڪ سو روپيا ملندا جيڪڏهن ڊالر ٻه سو روپين جو آهي ته هنن کي هڪ ڊالر موڪلڻ جي عيوض پاڪستاني ٻه سو روپيا ملندا. اهو نه ٻڌايو ويو ته ڊالر مهانگي ٿيڻ سان ملڪ ۾ رهندڙ ڪهڙي دوزخ جي دريءَ سامهون اچي ويندا.

ان کان اڳ وزيرن جي ٽيم مهانگائي بابت مسخري ٽائيپ بيان ڏيندا رهيا آهن مثالطور اهي فرمائيندا رهيا آهن ته فلاڻي ملڪ ۾ تيل اسان جي ملڪ کان مهانگو آهي، هتي ڪاڏي پيتي جون شيون وڏيڪ سستيون آهن وغيره. ڪل ايندي آهي جڏهن اتي وڪامجندڙ پيٽرول جون قيمتون اتان جي ڪرنسيءَ کي پاڪستاني ڪرنسيءَ ۾ تبديل ڪري اڳهه ٻڌايا ويندا آهن. ان جي وضاحت به ڪڏهن ڪونه آئي ته جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ پيٽرول مهانگو آهي ته اتي جي ماڻهن جي فيڪس آمدني ڪيتري آهي اها اسان جي ملڪي عوام کان ڪيترو مٿي آهي. اجان ڪل کان وڏيڪ اچرج ڏياريندڙ ڳالهه اها ته اتي جي فيڪس آمدنيءَ کي پاڪستاني ڪرنسيءَ ۾ تبديل ڪري ڪونه ڏيکاريو ويندو آهي جيئن پيٽرول جي قيمت کي.

وقت به وقت ان ٽيم جي وزير صاحبن پاران اهو به فرمايو ويندو رهيو آهي ته مهانگائي ٿيڻ سان ماڻهن جي قوت خريد وڌي ٿي يعني خريداري وقت ماڻهو پيسو وڏيڪ پري ٿو جيڪا قوت خريد جي نشاني آهي.

ان کان ڪجهه ڏينهن ئي اڳ تبديلي ٽيم جي سربراه وزيراعظم صاحب جن جي اها خبر به سوشل ميڊيا جي زينت بڻي هئي ته ڪوشش ۾ آهيون ته غريبن لاءِ پيٽرول سستو ڪريون. ان جي وضاحت ڪونه ڪئي ويئي ته غريب پيٽرول ڪڏهن ۽ ڪهڙي

ضرورت تحت خريد ڪندو آهي، غريبن کي سستو پيٽرول ڪيئن ملندو، ان لاء راشن ڪارڊ نهندا وغيره.

رڳو تبديلي ٽيم ڪونهِ اهڙا مثال اڳي بہ ملندا رهيا آهن. 1988 ۾ جڏهن پيپلز پارٽيءَ جي پهرين دور ۾ (نئين نئين عشق دوران) پهرئين بجيٽ ۾ ڪالاباغ ڊيم لاء بجيٽ رکي تڏهن پيپلز پارٽيءَ جي وزير وڙن (ڪارڪنن تائين) ڪالاباغ ڊيم جا فائدا سرعام ٻڌائڻ شروع ڪيا. اڳتي هلي سنڌ جي عوام جو موڊ ڏسي پارٽي قيادت اهو راڳ بند ڪيو.

ان کان اڳ ضيا واري دور ۾ ضيائي ڪارڪن سندس هر فيصلي تي لبيڪ چئي ان جا ڳڻ ڳائڻ لڳندا هئا.

مٿيون منظر ٻڌائي ٿو تہ اسان جا ذهن خالي ڪٽورا (ٿانوَ) آهن جنهن ۾ جيڪو ڪجهہ پرڻ چاهجي تہ پري سگهجي ٿو. قائد جيڪو پلي کهڙي بہ ذهن جو هجي ان جي ڳالهہ تي بنا ڪنهن سوچ سمجهہ جي، بنا ڪنهن بحث جي، بنا ڪنهن اختلاف رکڻ جي لبيڪ چئي ميدان ۾ لهڻو آهي ۽ ان جو دفاع ڪرڻو آهي پوء پلي اڳتي هلي شرمسار ٿيڻو پوي.

ملڪي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ اسان جا نمائنده گهڻو ڪري هڪ ليڪ/پيٽي/گول جي اندر رهي دماغ استعمال ڪندڙ رهيا آهن يا وري انهن کي ائين رکيو ويندو آهي. علم وارا، سائنسي سوچ وارا اسان جي نصيب ۾ آيا ئي ڪونہ آهن. اهڙن کي وري ڪارڪن بہ اهڙا ئي کپن جيڪي ذهن هلائي، سوچ کي استعمال ڪندي ڪو سوال ڪونہ ڪن "فقط يا قربان"هجن. رڳو جيئي جيئي ڪندي وات مان گف وهائين.

ملڪي ليول پنهنجي جاء تي، سنڌ ۾ جيڪي انقلاب جون وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندڙ رهيا آهن انهن مان بہ اڪثريت غير سائنسي سوچ وارن جي ئي رهي آهي. انهن کي ڪارڪن بہ اهڙا ئي کپن جيڪي رڳو نعرا هڻن ايتري قدر جو انهن نعرن جو نتيجو ڇا نڪرندو، هو انهن نعرن کي عملي روپ ڪيئن ڏيندا اهڙا سوال ڪرڻ سان يا تہ خاموش ٿي وڃن يا وري ڪل ڏياريندڙ جواب ڏين.

ملڪ جي عوام کان علم ڪسي انهن کي رڳو مسئلا ڏيڻ سان "حاڪمن" سوچيو تہ هاڻي رڳو حڪمراني ڪرڻي آهي پر وقت ثابت ڪيو آهي تہ خالي دماغ وڏيڪ

خوفناڪ ٿئي ٿو. خالي دماغ ڪڏهن به کهڙو به ڪم ڪري سگهي ٿو ان جي ابتڙ دنيا جي سڌريل ملڪن ماڻهن کي علم به ڏنا، مسئلا به گهٽائڻ جي حد درجي جون ڪوششون ڪيون نتيجو اوهان جي سامهون آهي.

وقت جي تقاضا آهي ته اهو ڪجي جيڪو نه ڪيو ويو آهي ۽ ان ڪان پاسو ڪجي جيڪو ڪيو ويو آهي نه ته تباهيون ئي منهن ۾ ايندڀون رهنديون. نادان دوست کان داناء دشمن بڻائجن ته وڌيڪ بهتر ٿيندو. ماڻهن کي علم ڏيو ان کان اڳ جو خالي دماغ ڪنهن به وقت گئس جي سيلينڊر وانگر ڦاٽي پون ۽ الهو تلهو ساڙي رک ڪري وجهن.

22.10.2021

# ساڳيا ماڻهو صحيح ساڳيا ماڻهو غلط!

وري تحريڪ لبيڪ روڊن تي، وري ساڳيا مطالبا، وري پيچ ڊاهه، وري ٻنهي پاسن ڪان موت جا پوائتا منظر.

اڳي اها تنظيم پلي هئي، ان جا سڀ مطالبا (جيڪي ساڳيا ئي آهن) صحيح هئا هاڻي اها تنظيم ”ويڙهاڪ تنظيم“ آهي، ان جا مطالبا مڃڻ جهڙا ڪونه آهن.

شيون تڏهن هڪ ٻئي سان ٽڪراءِ ۾ اچن ٿيون جڏهن انهن جو توازن بگڙي ٿو ۽ توازن بگڙڻ جو وڏي ۾ وڏو سبب ”مان صحيح تون غلط“ يا ”هي ڪم مان ڪريان ته ثواب جيڪڏهن تون ڪرين ته گناهه“

”ڪنهن هڪ لاءِ قانون هڪڙو ٻئي لاءِ قانون ٻيو“ اهڙو ٻم آهي جنهن سان سماج ائين ذريون ذريون ٿي ويندا آهن جيئن انبن جي ڪرامت سان بهاولپور ۾ ڪريش ٿيل جهاز ۾ آمر ضيا. هن قانون سان سماج پنهنجا ذهني توازن وڃائي پنهنجا وجود به وڃائي ويهندا آهن.

اسان جي ملڪ ۾ به اهڙو ئي قانون وڏي جاهه و جلال سان هلندڙ آهي ٻين لفظن ۾ اسان جو ملڪ به اهڙي ئي ٻم مثان ٻيٺل آهي.

ڳالهه ڪا ايتري پراڻي به ڪونهي، رڳو ٽي ساڍا ٽي سال اڳ جي آهي جڏهن ٽي ايل پي نالي هڪ تنظيم فيض آباد ۾ ڌرڻو هنيو. پنهنجي مطالبن ۾ هڪ مطالبو اهو به رکيو ته فرانس جي سفير کي ملڪ نيڪالي ڏني وڃي. انهن مطالبن جي پيش ڪندڙن کان وڌيڪ پرجوش ماڻهو اهي هئا جن مان هن وقت هڪ ملڪ جو وزيراعظم آهي ۽ ٻيو وزير داخله. ان وقت ان ڌرڻي جي حمايت ۾ ٽي وي ٽاڪ شوز ۾ اچي، روڊن رستن تي تقريرون ڪندي، غيرملڪي ميڊيا کي انٽرويو ڏيندي هنن ٻنهي همراهن جو جوش ڏسڻ وٽان هوندو هو. جڏهن ان وقت جي وزيراعظم نوازشريف جي خلاف هن ڌرڻي ۾ ”اڳيان باهه پويان کنڌي“ واري صورتحال پيدا ڪرائي ويئي تڏهن هي ٻيئي همراهه ٻرندڙ مٿان تيل وارو ڪم ڪندا رهيا. چوڻ وارا ته اهو به چوندا رهيا آهن ته ان همراهه جو هن سموري معاملي ۾ هٿ هو جنهن جي ٽرانسفر پوسٽنگ تي هن وقت ملڪ ۾ هنگامو برپا آهي ۽ ستارن ۽ آسمانن جي چال

جا بهانا ٻڌائي ان لاء وقت کي ڏگهو ڪيو تو وڃي. ان همراه تي اهو به الزام هو ته ڊرٽي جي خاتمي ڪانپوء ڊرٽي وارن کي گهر وڃڻ لاء ڪرايو ڀاڙو به ڏنو ويو هو. ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ۽ آهي ته ”هي سمورو ميلو لڳايو ئي ان ڪري ويو هو“ ۽ ميلي جي پڄاڻي تڏهن ڪرائي ويئي جڏهن نوازشريف کي ”مجهي ڪيون نڪالا“ تائين پهچايو ويو.

اڄ اهي ٻيئي همراه هن ساڳي ئي تنظيم کي دهشتگرد تنظيم ڪوٺين پيا ۽ سي وزير واري هڪ ئي بيان پيا ڏين ته هن تنظيم سان ويڙهاڪ تنظيمن جهڙو سلوڪ ڪيو ويندو. هن تنظيم جي هڪ مطالبي ته فرانس جي سفير کي ملڪ نيڪالي ڏني وڃي لاء هاڻي چون پيا ته اهو ناممڪن آهي جڏهن ته سرڪار سڀوري پاڻ لکت ۾ معاهدو ڪيو هو ته ائين ئي ٿيندو.

وزيرداخلا صاحب فرمائي ٿو ته اڳ ئي ملڪ ”نازڪ دور“ مان گذري رهيو آهي ٻيا ملڪ اسان جي ملڪ ۾ سفير ڪونه پيا موڪلين هو تعلقات کي مڙوئي هلائڻ لاء ناظم الامور پيا موڪلين چو ته اهي سڀ اسان جي ملڪ کي بحرانن ۾ ڦاٿل ملڪ پيا سمجهين. سائين جن وڌيڪ فرمايو ته ڪنهن به اسلامي ملڪ فرانس جي سفير کي ملڪ نيڪالي ناهي ڏني ته اسان ڪيئن ڏيون.

اتفاق چئجي يا تاريخ جي بي رحمي جو نوازشريف جي دور ۾ وزيرداخلہ اهڙيون ڳالهيون ڪيون هيون ته هن مٿان موٽمار حملو ٿيو هو ۽ موجوده وزيرداخلا ان وقت اهڙي معاهدي جو مسودو پاڻ ويهي تيار ڪرائي رهيو هو جنهن پوء معاهدي جي صورت ورتي. هتي هڪ وڏو سوال ذهن ۾ ايري ٿو ته هن وقت نالي ماتر ئي صحيح جمهوريت آهي، تاريخ جي بدتر حڪمراني ئي صحيح پر جمهوريت آهي چا هن جمهوريت کي بچائڻ لاء ”جمهوريت جمهوريت“ جو راڳ ڳائي نڙي ويهاري ڇڏيندڙ پارٽين کي اڳتي اچڻ گهرجي.

ان سوال جو جواب ڪو ايترو آسان ڪونهي چو ته ملڪي تاريخ ٻڌائي ٿي ته ائين ڪڏهن به ڪونه ٿيو آهي. اسان جي سانڍير ۾ هڪ دفعو ائين ٿيو آهي جڏهن پيپلز پارٽيء جي پهرين حڪومت خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ پيش ڪئي ويئي ته سنڌ جي ڏاهي ماڻهوء رسول بخش پليجي صاحب سيني پارٽين جي سربراهن ڏانهن

ٽيليگرام موڪليا هئا ۽ جمهوريت کي بچائڻ لاءِ پيپلز پارٽيءَ جو ساٿ ڏيئي عدم اعتماد جي تحريڪ کي ناڪام ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار نڀائڻ جي اپيل ڪئي.

هن وقت پيپلز پارٽي، نوازليگ، جميعت علماء اسلام سڀ ئي هن حڪومت جي خلاف ڪم ڪنديون رهيون آهن اهي اهڙيون جمهوري ٻه ڪونهِ آهن جو هن حڪومت جو ساٿ ڏين. ان جو وڏو سبب اهو ٻه آهي ته هي سائين خود غيرجمهوري انسان آهي جنهن جو ڪردار سدائين غيرجمهوري رهيو آهي.

سموري صورتحال مان لڳي ائين ٿو ته هن پارٽيءَ/ڪابينهِ ۾ ”ويهاريل“ ماڻهو عمران خان کي ان نهج/جڳهه تي پهچائڻ چاهين ٿا جتان هن همراه لاءِ موٽڻ ناممڪن بڻجي وڃي.

29.10.2021

# ايف اي ٽي ايف ۾ شامل رهڻ ۾ اسان جو ڪردار

سال ڀ هزار انارنهن ۾ اسان جي ملڪ کي گري لسٽ ۾ رکيو ويو هو ۽ اجان تائين ساڳي لسٽ ۾ آهي. گري لسٽ کان پوءِ بليڪ لسٽ هوندي آهي اها ان گري لسٽ جي ابترو ئي ويجهو هوندي آهي جيترو بليڪ (ڪارو) رنگ گري (گهرو سليٽي) جي ويجهو هوندو آهي بين لفظن ۾ سليٽي رنگ کي وڏيڪ گهرو/ڪارو ٿيڻ ۾ دير ڪونہ لڳندي آهي.

هن ڀيري واري اجلاس ۾ بہ هر دفعي ونگر اسان جي ملڪ کي گري لسٽ ۾ ئي رکيو ويو ان لاءِ اجلاس وارن کي ڪو وڏو بحث بہ ڪونہ ڪرڻو پيو توڙي جو ملڪي سرڪار سدائين زور ڀريندي رهي آهي تہ اسان ستاويهہ ئي الزام ختم ڪري چڪا آهيون پر هنن ڪوبہ دليل ڪونہ مڃيو ۽ اسين وري ”واچ لسٽ“ ۾ آهيون يعني اسان تي نظر رکي ويئي وڃي تہ اسان ان مان نڪرڻ لاءِ ڇا ڇا پيا ڪريون.

جاچ لسٽ جو مطلب اسان جي هر حرڪت تي نظر رکي ويندي. اسان ڇا پيا ڪريون اسان جو رويو ڪهڙو آهي وغيره. اتي سوال اهو آهي تہ ڇا (ڪنهن شاعر جي شعر وانگر ڪڇ شهر دي لوگ وي ظالم سن، ڪڇ سانون مرڻ دا شوق سي سي) صرف شهر جا ماڻهو ئي ظالم آهن يا اسان کي بہ مرڻ جو شوق آهي ان جو جواب ڪو ابترو مشڪل ڪونهي.

بيا مثال تہ پري جي ڳالھ ڪجهہ ڏينهن اڳ لڱرايل ميلو دنيا کي اهو سمجهائڻ لاءِ ڪافي ناهي ڇا تہ اسان ڇا پيا ڪريون. هڪ بندش پيل تنظيم جنهن لاءِ ملڪ جو وزيراعظم چوي پيو تہ انهن سان دهشتگرد تنظيم جهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو. حڪومتي رٽ ڪنهن بہ طور هنن اڳيان نہ جهڪندي. گهرو وزير صاحب فرمايو تہ اهي ”را“ جا ايجنٽ آهن انهن کي انڊيا مان فنڊنگ ٿئي ٿي حڪومت انهن اڳيان نہ جهڪندي ۽ پوءِ انهن سان معاهدو ڪيو ويو. ڇا دنيا وارا ايترا اڻڄاڻ آهن جيڪي اها ڳالھ ڪونہ سمجهندا. اوهان پاڻ انهن کي دهشتگرد چئو، انهن سان ڳالهيون ڪريو، انهن جا شرط مڃو انهن سان معاهدا ڪريو، وري سال اڌ ۾ اهڙا ڊراما ڪندا رهو ۽ انهن ڊرامن ۾ ماڻهو بہ مارائيندا رهو دنيا ڪونہ ڏسندي/سمجهندي.

ملڪي ميڊيا تہ خبرون ڪونہ ڏنيون جنهن ڪي معاهدي کان پوءِ وزير شاباسون ڏيندا رهيا تہ انهن ”ذميواري“ جو مظاهرو ڪندي رپورٽنگ ڪونہ ڪئي، (ان ”ذميواري“ جو احساس ميڊيائي ماڻهن کي ڪيئن ڏياريو ويو هوندو ان لاءِ ڪجهہ لکڻ جي ضرورت ڪونهي ان لاءِ ملڪي تاريخ قدم قدم تي گواهي ڏيندي رهي آهي) پر غيرملڪي ميڊيا تي آيل خبرن ۾ مختلف وي لاگ يوٽيوب هلائڻ وارن جيڪي خبرون ڏنيون انهن مطابق ٻنهي ڌرين جا ڪيترا ئي ماڻهو مارجي ويا. تحريڪ لبيڪ وارن پاڻ ڪجهہ انٽرويو بہ ڏنا جن ۾ ٻڌايو ويو تہ پهرئين ڏينهن هنن جا هڪ ڊزن ماڻهو ماريا ويا هئا. خبرن مطابق پوليس جا پنجن کان وڌيڪ جوان مارجي ويا هئا. سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيندڙ وڊيو مطابق پوليس جي ماڻهن کي اغوا بعد تشدد جو نشانو بڻايو ويو انهن کان نعرا هڻايا ويا. اهي وڊيو پراڻيون يا نيون واري بحث کان سواءِ ڏسي انهن مان ظلم جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اهي خبرون اجان هلندڙ ئي آهن تہ مٿان تحريڪ انصاف وچ پنجاب جي صدر سينيٽر اعجاز احمد چوڌري چيو آهي تہ بندش پيل تنظيم سان سياسي معاملن خاص طور تي سيٽ ايڊجسٽمينٽ تي ڳالهيون شروع ڪنداسين سائين جن وڌيڪ فرمايو تہ هو پاڻ بندش پيل تنظيم (وزيراعظم ۽ وزيرن جي بقول انڊيا جي ايجنٽ تنظيم) جي سربراه جي جيل مان آزاديءِ وقت گلدستو کڻي استقبال لاءِ ويندو.

”بندش پيل“ تنظيم سان معاهدي ۾ اهو بہ شامل آهي تہ هن تنظيم جي ڪڍ لڳايل لفظ ”ڪلعدم/بندش پيل“ بہ هٽايو ويندو جنهن لاءِ پنجاب ڪابينہ پنهنجي اجلاس ۾ اهو لفظ هٽائڻ جي سمري منظور بہ ڪري ورتي آهي جيڪا وفاقي سرڪار کي موڪلي ويندي اميد آهي تہ ملڪ کي وزير اعظم، وفاقي وزيرن سميت ڏنل بيانن مطابق هندستان جي ايجنٽ، ”را“ کان پيسا وٺندڙ احتجاج سبب روڊ بند ڪري اربين روپيين جا نقصان ڏيندڙ تنظيم کي هن لفظ کان ”پاڪ“ ڪيو ويندو. وفاق بہ ان ۾ ايتري ئي جلدي ڪندو جيتري پنجاب ڪابينہ پاران ڪئي وئي آهي ۽ پوءِ............

”اب مين سمجها تيري رخسار پہ تل ڪا مطلب“ وانگر هاڻي هن ميلي/ڊرامي کي سمجهڻ ايترو ڏکيو ڪونهي. هڪ همراه جو ميلي ۾ کيسو ڪٽجي ويو جنهن تي هن چيو تہ اهو ميلو لڳرايو ئي منهنجو کيسو ڪٽڻ لاءِ هو. سو هي ميلو نواز ليگ جي

پنجاب ۾ وڏندڙ مقبوليت جو مقابلو ڪرڻ لاء لڳرايو ويو آهي. ايندڙ اليڪشن ۾ "ووٽ ورهايو ۽ پنهنجا ڪٽرايو" واري پاليسي هيٺ ووٽ ورهائي "پنهنجا ڪٽرايا/سليڪ ڪرايا ويندا. هن معاهدي ملڪي وزيراعظم کي خوشي ڏني آهي ته ايندڙ چوندڻ ۾ به ڪيس ئي ڪٽرايو/سليڪ ڪرايو ويندو پر ڪيس اها خبر ڪونهي ته ڪوبہ ڪل وقتي "پنهنجو" ڪونہ هوندو آهي سندس چوڌاري ڦرندڙ به ان جا ڪونہ هوندا.

05.11.2021

# ڇا اسان سڀ ناظم جوکئي وانگر ماريا ويندا سين!

ها! بلڪل ائين ئي ماريا ويندا سين. هر ڳوٺ ۾، هر شهر ۾ جتي جتي وڏيري جي بندوق جي نالي پهچندي اسان سڀ بندوق ڏيکاري، بندوق جو خوف ويهاري، بندوق بجاءِ ائين ئي ڏکَن ۽ چِکَن سان ماريا ويندا سين. اسان جي جسم جي هر ٽڪر کي جدا جدا قسم جا اهنج پهچائي اسان کي ماريو ويندو. جيئن ناظم جوکيو کي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو آهي ۽ ”عرب سڳورن/شڪارين/پيسن سان گهر پريندڙن“ کي لائيو ڏيکاريو ويو آهي. اهو سيني سنڌين لاءِ پيغام هو ته وڏيرڪن ڪيسن پرجڻ خلاف جيڪو ايندو ماريو ويندو، بلڪل ائين سمجهڻ گهرجي ته اسان سڀ هڪ ڪوس گهر (سلاٽر هائوس) ۾ پنهنجي واري جي انتظار ۾ بيٺل آهيون.

چو! ڇو ته اسان پاڻ کي ان جو غلام سمجهون ٿا، پنهنجي سردار/وڏيري/جاگيردار کي پنهنجو مالڪ سمجهون ٿا، پنهنجي علائقي جو چپر چانو سمجهون ٿا، شير سنڌ سمجهون ٿا ۽ ان جي ”غداريءَ واري گوءِ“ ۾ ان جي سوياري ٿيڻ تي خوشيون ملهايون ٿا، ڪيس ڪلهن تي کڻون ٿا. ڇا اوهان ڪڏهن ٻڌو آهي ته ڪنهن ڪورٽ سڳوريءَ ۾ قاتلن جي حق ۾ نعرا هنيا وڃن، سوشل ميڊيا تي مهم هلائي وڃي ته هي معاملو اسان جو، ”پنهنجي راڄ“ جو آهي ٻئي ڪنهن جو واسطو ڪونهي. وائرل ٿيل فون آڊيو ٻڌي شرم کان ڪنڌ جهڪي وڃي ٿو ۽ شڪ ٿئي ٿو ته اسين ايڪيهين صديءَ ۾ ٿا رهون يا پٿر واري دور ۾!

اهڙا منظر اسان اڳ به سوشل ميڊيا تي ٻڌا ۽ ڏٺا جڏهن محترمه ام رباب پنهنجي وارثن جي قتل خلاف اٿي بيٺي ۽ عام ماڻهوءَ ان جو ساٿ ڏنو تڏهن ڪيترا اڻ ڄاڻ (اڻ ڄاڻ لفظ ان لاءِ استعمال ڪيو آهي ته وڏيرڪا وانا جن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته اڄ اهو سڀ ڪنهن ٻئي سان ٿيو آهي سڀاڻي انهن سان به ٿي سگهي ٿو) سوشل ميڊيا تي آيا جن اهي ڳالهيون ڪيون ته هي چانڊين جو ذاتي معاملو آهي ۽ هي راڄ جو معاملو آهي ان ۾ ڪنهن کي ڳالهائڻ نه گهرجي اجا اڳتي اهي ڌمڪيون به ڏنيون ويون ته باز نه ايندڙن کي نتيجا ڀوڳڻا پوندا. بلڪل ائين ئي جيئن هاڻي وارثن کي، سوشل ميڊيا وارن کي ۽ وڪيلن کي ڌمڪايو پيو وڃي.

جڏهن اسان ان کي پنهنجو مالڪ سمجهون ٿا ته هو اسان کي پنهنجي ملڪيت سمجهي ٿو. هتي سوال اهو آهي ته هو اسان کي ملڪيت اڳ ۾ ٿو سمجهي يا اسان ان کي مالڪ اڳ ۾ ٿا سمجهون. جواب آهي ته اصل ڪم رياست جو آهي جنهن اهڙو ماحول جوڙيو آهي. اسين ان ماحول جو حصو آهيون ان ڪري ان جا سڀ قانون اسان مٿان "پنهنجو پاڻ" لاڳو ٿي وڃن ٿا. وڏيري جي اها ذهنيت ته هي منهنجو راڄ آهي ۽ هي تڪ منهنجو آبائي تڪ يعني ورثي ۾ مليل تڪ آهي. هي عوام نه پر ڪوليون ماڪوڙا آهن جن کي ائين ئي ماري ڇڏڻ مون کي بخش ٿيل آهي. هو پاڻ ۽ پوءِ پنهنجي اولاد کي اهو سمجهائي ٿو ته هنن کي ڪَرُ کڻڻ نه ڏجي، هنن جو ڪنڌ هميشهه نوائي رکجي ۽ اسان سڀ ڪنهن فرمانبردار غلام وانگر پنهنجو ڪنڌ اڳ ۾ ئي جهڪائي رکون ٿا.

هن سموري راند ۾ پيپلز پارٽي (جيڪا دعوىٰ ڪندي رهي آهي ته هوءِ ترقي پسند سوچ رکندڙ آهي) تي وڏي ذميواري عائد ٿئي. ٿيڻ ته ائين کپندو هو ته پهرئين ڏينهن ئي انهن جون اسمبلي سيٽون سسپنڊ ڪيون وڃن ها، انهن جي پارٽي رڪنيت ختم ڪئي وڃي ها پر ان کان به قدم اڳتي ٿي انهن کي پارٽيءَ مان نيڪالي ڏني وڃي ها پر پيپلز پارٽيءَ ائين ڪونه ڪيو. پيپلز پارٽي جنهن کي سنڌي ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪندا رهيا آهن ۽ اهي رڪارڊ ناهيندا يا رڪارڊ ناهڻ جون تمنائون ڪندا رهيا آهن انهن رڪارڊن پويان سنڌين جو ووٽ ئي آهي. هن پارٽيءَ کي سمجهڻ گهرجي ته تاريخ سدائين اهو ئي ثابت ڪندي رهي آهي ته وڏيرو هر روپ ۾ خوفناڪ ثابت ٿيو آهي ۽ هاڻي به تاريخ وڏي آواز سان سيني کي پنهنجي ان پراڻي فيصلي کي واڪا ڪري ٻڌائي ۽ خبردار ڪري رهي آهي. جيڪي نه پنهنجي جا سڄڻ هئا نه وري بينظير جا ۽ نه وري موجوده قيادت جا.

ته ڇا سنڌي اهو سمجهي ڇڏين ته هر سنڌي ناظم جوکيو آهي ۽ هر وڏيرو "ڄام"، جيڪڏهن انهن اهو سمجهي ورتو ته دهشت ۾ دٻجي ويندا يا مزاحمت لاءِ اٿي کڙا ٿيندا. ان جو جواب وقت ٻڌائيندو پر تاريخ جيترا فيصلا ڏنا آهن ته انسان "تنگ آمد بَجنگ آمد" جي اصول تي عمل پيرا رهندو آيو آهي.. جيڪڏهن سنڌين وڏيري کي "دشمن نمبر هڪ" سمجهي ورتو ۽ اهو سمجهي ورتو ته هي ئي اهو دشمن آهي

جيڪو انهن مثان يعني نڙيء تي ننهن ڏيارڻ لاء ويهاريو ويو آهي. هي اليڪشن وڙهي سوپارو ڪونہ ٿو ٿئي پر ”پنهنجي قوم“ وڪٽي ”سليڪٽيڊ“ ٿئي ٿو تہ قوم انهن کي ڪلهي تي ويهاريندي يا چين وانگر گند ٽوڪري (ڊسٽ بن) تي نالو لکي سدا لاء ذليل خوار ڪندي. پنهنجو راڄ سمجهي ويندڙ سان ظلم ڪرڻ خود ان ظالم لاء وڏيڪ هاڃيڪار آهي تہ جيڪڏهن ان جو سمورو راڄ ائين ماريو ويو تہ ان کي اليڪشني ڊرامي ۾ ووٽ ڪير ڏيندو؟ ان لاء دماغ جي ضرورت هجي ٿي ۽ ڪرسيء جو نشو دماغ تي حملو ڪري ان کي مفلوج ڪندڙ هجي ٿو جنهن جا اثر ۽ نتيجا ڪرسي ڪسجڻ کان پوء سمجهہ ۾ ايندا آهن.

12.11.2021

# اوهان جا ميمبر بہ اوهان جا ناهن چيئرمين صاحبان!

سترنهن نومبر وارو اجلاس، ان ۾ ٿيندڙ سموري ڪاروائي ان پيغام کي پيئي ورجائي جيڪو سينيٽ جي چيئرمين خلاف بي اعتمادي واري رٿ وقت ڏنو ويو هو. اهو پيغام اصل ۾ پارٽي جي چيئرمين صاحبن ڏانهن هو جنهن جو خلاصو اهو هو تہ ڪير بہ هجي، اوهان جي پارٽي ٽڪيٽ تي، اوهان جي منشور تي ووٽ وٺي چوندجي اچي پارليامينٽ ۾ پهچڻ کان پوءِ اهو اوهان جو نہ هوندو. ان کان اڳ اهڙا ”سگنل/اشارا“ بہ ايندا رهيا آهن تہ اسان ڪنهن کي ڪٿان بہ چوندرائي سگهون ٿا. اهو اتي چائو هجي يا نہ، اتي رهيو هجي يا نہ، ان جو اتي هڪ بہ ووٽ هجي يا نہ، اهو ان کري چوندجي ويندو ڇو تہ اسان جو آهي.

سترنهن نومبر واري اجلاس جنهن لاءِ عام تاثر اهو آهي تہ اهو ڪنهن بہ صورت ۾ ”اوٽيويهہ نومبر“ کان اڳ ڪرائڻو هو ڇو تہ ان ۾ ڪيترن ميمبرن کي ”اختلاف“ ختم ڪندي هڪ ”صفحي“ تي بيهارڻو هو..... ۽ پوءِ سڀ هڪ صفحي تي اچي ويا جنهن جو تفصيل ٻڌائيندي هڪ ميمبر اهو چيو تہ مان آيو ڪونہ آهيان پر آندو ويو آهيان. ڪنهن پڇيس تہ ڪنهن آندو آهي اوهان کي، جنهن جو جواب ڏنائين تہ، جيڪي اڳ ۾ آٽيندا رهيا آهن. ساڳي ئي همراه رات جو هڪ ٽي وي ٽاڪ شو ۾ سموري بيان کي وڌيڪ واضع ڪري ٻڌايو ۽ معنيٰ خيز اشارا پڻ ڪيا. اها ڳالهہ بظاهر تہ هڪ همراه پنهنجي زبان سان چئي پر اها گهڻن جي زبان هينان دٻجي ويئي يا هو جرئت ڪري نہ سگهيا. سوشل ميڊيا تي چيو پيو وڃي تہ ”صفحي“ کي ڪنئور سان جوڙيو ويو آهي جيڪو جوڙ ڪڏهن بہ کلي سگهي ٿو ۽ پوءِ ”ڪا بہ زبان“ دٻجي ويل نہ هوندي.

هن اجلاس کان پوءِ پارٽي سربراهن کي اها ڳالهہ سو دفعا سوچڻ کپندي آهي تہ ڪرسيءَ جي آسري تي اوهان جي پارٽيءَ ۾ ايندڙ اوهان جا ڪونہ آهن. تاريخ تہ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ ڪرسيءَ جي ڊوڙ ۾ جيڪا پارٽي اڳتي نڪرندڙ هوندي آهي ۽ امپائر جي آڱر ان جي حق ۾ هوندي آهي تہ ان پارٽيءَ کي ”ميمبر اميدوارن“ جي لسٽ ڏني ويندي آهي جيڪا لسٽ اها پارٽي اکين تي رکندي آهي ان کري جو ڪرسيءَ جي بيقراري انهن کي اهڙي ڪيفيت ۾ مبتلا ڪندي آهي جنهن کي سولي سنڌيءَ ۾

”ڦوڪڻ ۾ پرچي وجھڻ“ ڇئبو آهي اها ڳالهه حيرت جوڳي ڪونہ آهي ڇو تہ تاريخ اهڙن قصن ڪهاڻين سان ڀريل آهي تہ ضمير جو سودو سڀني اڳهہ تي ٿئي ٿو تہ ويڪائو خوش ٿين ٿا.

تاريخ ان جي تصديق ان وقت ڪرڻ شروع ڪندي هئي جڏهن اسمبلي اجلاس کان اڳ اهي پارٽي بدلائيندا هئا جنهن کي عام طور تي ”هارس ٽريڊنگ“ چوندا هئا جن کي سوشل ميڊيا تي ڏانڪي ٽريڊنگ جي نالي سان بہ سڏيو ويو. ان عمل کان بچڻ لاءِ پارٽين ”هوش ۾ اچڻ“ کان پوءِ قانون ٺاهيو جنهن کان پوءِ هارس ٽريڊنگ ظاهري طور تي ختم ٿي ويئي جنهن جي جاءِ وري ”هارس هائيجيڪنگ“ ورتي. هن طريقي ۾ گهوڙا وڪامندا ناهن ڌمڪائي استعمال ڪيا ويندا آهن ۽ استعمال کان پوءِ ايندڙ وقت جي تياري جي واعدي تي نوازيا بہ ويندا آهن. انهن کي باور ڪرايو ويندو آهي تہ ”ٽون اسان جو“ آهين اهو وري پنهنجي ان عمل کي عوام تائين لاهي ووٽرن ۾ خوشي ۽ خوف پيدا ڪندو آهي. ان جا ماڻهو وڏي وات چوندا آهن تہ ”اسان جو خان وڏن جو ماڻهو آهي“

هاڻي جڏهن ووٽ وٺي قانون جوڙيو ويو آهي ۽ مهينن جيترا بل ڪلاڪن ۾ پاس ڪرايا ويا آهن تہ حڪومت پيار جو اظهار ڪندي مخالف ڌر کي سڏي رهي آهي تہ اچو اسان سان ڳالهيون ڪريو.

اهڙو اظهار ڳالهائڻ واري وزير ڪالهه هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. هن وڌيڪ فرمايو تہ تحريڪ لبيڪ واري معاملي تي ڪجهہ ڏينهن اڳ رياست کي پوئتي هٽڻو پيو هو. سائين جن وڌيڪ فرمايو تہ اسان کي آمريڪا، ڀارت ۽ يورپ مان خطرو ڪونهي پر اصل خطرو انتها پسنديءَ مان آهي يعني گهر کي جاچي ڏسڻ جي ڳالهه آهي. جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ اهو بيانيو نواز شريف جو هو جيڪو ڊان ليڪس کان ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ نڪتو ۽ لفظ بدلائي ساڳي مطلب سان هلندو رهيو. هن بيانئي ئي نواز شريف کان وزارت عظمیٰ کسرائي، جلاوطني ڏيکاري ۽ ڪورٽن جا چڪر لڳرايا. ڪورٽن جي ڳالهه ڪندي هي بہ چئي سگهجي ٿو تہ اهو بيانيو ئي هو جنهن تي ججن پاران هن کي سزائون ڏنيون ويون جن لاءِ هاڻي ان مٿان پيل رڪ هٽجندي رهي ٿي تہ اهي سزائون ڏنيون نہ پر ڏياريون ويون هيون. اهڙو

اظهار سزا ڏيندڙ ججن کان ٻاهر وينل ججن تائين سڀ پيا ڪن. سڀ پيا چون ته موبائيل فون اهي سڀ ڪم ڪيا.

سو جيڪڏهن هاڻي ڳالهه ساڳي ئي ڪرٽي آهي ۽ هاڻي اها صحيح تي لڳي يا هاڻي سمجهه ۾ آئي آهي ته پوء پاڪستاني پراڻي فلم انصاف اور قانون (جنهن ۾ اداڪار محمد علي لازوال اداڪاري ڪئي هئي) کي عملي شڪل چو ڏني ويئي بين لفظن ۾ ان جو ازالو ڪير ڪندو ۽ ڪو ڪري سگهندو!

19.11.2021

# چا وڪيل ئي آخري اميد آهن!

ها! وڪيل ئي آخري اميد آهن. وڪيل علامت آهي قانون جي ۽ قانون علامت آهي انصاف جي ۽ انصاف سماج جي جيئڻ جي ضمانت ڏيندڙ آهي. دنيا جا سڀ سڌريل سماج قانون جي حڪمراني سبب ئي ترقيءَ جون منزلون پيا طيءِ ڪن. ان جي ابتڙ اسان جو سماج جيڪو هڪ منجمد/جميل سماج جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي ان جي هيءَ ڀيانڪ صورت ان ڪري ئي آهي جو هتي انصاف سستو ڇا مهانگو به ملڻ هڪ معجزو آهي.

اڄڪلهه سوشل ميڊيا تي به تقريرون ٻاه ٻاريو بيٺل آهن جن مان پهرئين نمبر تي علي احمد ڪرد صاحب جي تقرير جنهن وائرل ٿيڻ جا رڪارڊ قائم ڪيا آهن. هيءَ تقرير (ڪجهه حصن ۾) ايترو وائرل ٿيل آهي جو جنهن ڪنهن ڏانهن موڪلي ته وري اها تقرير ڦرندي ڦرندي اچي ساڳي ماڻهو سان شيئر ٿي.

هيءَ تقرير لاهور ۾ ٿيل انساني حقن جي علمبردار مرحومه عاصمه جهانگير جي ياد ۾ ڪونايل ڪانفرنس ۾ ڪئي ويئي. هن تقريب ۾ چيف جسٽس سميت اٺڪل سيني پارٽين جا نمائنده/سربراه موجود هئا. ڪرد صاحب جي نهايت ئي جذباتي تقرير قانون جي حڪمرانيءَ لاءِ ئي آهي. قانون جي حڪمراني اسان جي ملڪ مان ڏينهون ڏينهن اٿلي ٿيندي پيئي وڃي. هاڻي ته اها هڪ خواب لڳي رهي آهي. تقرير دوران تنقيد جو نشانو عدالتون به هيون ته سگهارا ادارا به.

هيءَ ڪانفرنس ان وقت ٿي رهي هئي جڏهن اڳوڻي چيف جسٽس جا مبينا "آڊيو ٽيپ" سامهون آيا آهن جن ۾ هن ڪي ڪنهن ٻئي جج کي اهي هدايتون ڏيندي ٻڌي سگهجي ٿو ته نواز شريف ۽ مريم نواز کي جيل مان ٻاهر نه اچڻ گهرجي جو ته هن جي جڳهه تي ڪنهن ٻئي کي وزيراعظم ٻڻائڻ جو پروگرام رٿيو ويو آهي. سوشل ميڊيا تي آيل اهڙين دعوائن جا لفظ ٻيا ٿي سگهن ٿا پر مطلب اهو ئي يعني مٿي بيان ڪيل آهي.

آڊيو ٽيپس ڪان پوءِ اخباري خبرن مطابق ان آڊيو جو فرانزڪ تجزيو ڪندڙ آمريڪي ڪمپنيءَ کي ڏهڪيون مليون آهن. آمريڪي ڪمپنيءَ گيرٽ ڊسڪوري پنهنجي

ٽوئيٽ پيغام ۾ ٻڌايو ته اسان کي آڊيو جي تصديق ڪرڻ کان روڪيو ويو باز نه اچڻ جي صورت ۾ زندگي جي خطري جي ڌمڪي ڏني ويئي. اها اخباري خبر پنهنجي اندر به وڏي ڪهاڻي رکي ٿي ۽ گهڻو ڪجهه ٻڌائي ٿي. اها ڪمپني ڪوڙ پيئي ڳالهائي يا سچ پر ملڪي تاريخ ٻڌائي ٿي ته اڳي ائين ئي ٿيندو آيو آهي يعني ڏوه جا نشان ئي ختم ڪيا ويندا رهيا آهن.

ان کان هڪ قدم اڳتي جي اها خبر به آهي ته اهي آڊيو ٽيپ ليڪ ڪندڙ صحافي عورت تي لاهور ۾ حملو به ٿيو آهي.

عدالتن تي اهڙا الزام ڪي نوان ڪونه آهن. جسٽس منير/مولوي تميزالدين ڪيس (جنهن جو ذڪر هاڻي ايترو عام ڪونهي جو ته ان جي مقابلي ۾ سو سيڪڙو وڏيڪ پيانڪ ڪيس سامهون ايندا رهن ٿا) کان وٺي ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاهيء واري ڪيس ۾ ان وقت جي ججن اهڙو اعتراف ڪيو آهي ته انهن فيصلا دٻاء هيٺ ڪيا. ٿورن لفظن ۾ اهو ته عدالتن تي آڱريون ملڪ ٺهڻ جي پهرئين ڏينهن کان کڄنديون رهيون آهن.

ٻي تقرير قومي عوامي تحريڪ جي سربراه اياز لطيف پليجي صاحب جي هئي جنهن چيو ته سنڌين کي هاڻي 1935 واري هندستاني ايڪٽ جيتري به ڪونهي. هن چيو ته اسين ڪٿي آهيون، هن ملڪ ۾ پنهنجو وجود به رکون ٿا يا نه. اسان سان مفتوح قومن وارو ورتاء ڪيترا خراب نتيجا ڏيندو ملڪ جي حڪمرانن کي ان جو اندازو به ڪونهي. هن چيو ته اڳي به ملڪ جي ڪن رهواسين کي چار-پنج فوٽ جو سمجهندي اهڙو ورتاء ڪيو ويو.

ان کان اڳ سنڌ جو هر هڪ ڪيس به هڪ قانوندان/وڪيل محترم رسول بخش پليجو وڙهندو رهيو جنهن جي جرئت سان ڳالهائڻ جا دشمن به مداح هئا. اهو ڪيس ڪالاباغ ڊيم جو هجي يا بهارين جي آبادڪاري جو، هي ماڻهو ئي ديوار بڻيو رهيو ۽ ان پويان قانون جي ڄاڻ ئي هئي جنهن کي هن طاقت ۾ تبديل ڪيو.

اهڙيون جرائت ڀريون تقريرون رڳو وڪيل ئي ڪري سگهن ٿا. تازو مدر نيچر/امڙ فطرت جو بچاء ڪندي بيدرديء سان ماريل ناظم جوکئي جي قتل خلاف ادا ڪيل ڪردار به اهو يقين ڏياريو آهي ته وڪيل هن سماج کي ”نه“ ڪري سگهي ٿو.

هڪ اهڙي ”نہ“ ڊڪٽيٽر مشرف جي خلاف بہ وڪيلن ئي ڪئي هئي جڏهن هڪ جج جي ”نہ“ جي بچاءُ ۾ تحريڪ هلائي ويئي جنهن تي موجوده وزيرداخلہ (سدا بهار وزير) تبصرو ڪندي چيو هو تہ ڪارن ڪوٽن وارن سان ڦٽائڻ نہ گهرجي.

هن وقت ملڪ جنهن دور مان گذري رهيو آهي ان جو اندازو حڪمرانن کي ڪرسيءَ جي مستيءَ ۾ ڪونہ آهي پر زميني حقيقتون ٻڌائين پيون تہ اقتصادي حالت تمام گهڻي خراب آهي. آءِ ايم ايف کان قرض وٺي ملڪ کي هلائڻ انسان کي آڪسيجن تي هلائڻ برابر آهي. هر ماڻهو جو خيال آهي تہ تبديلي هڪ فراڊ ثابت ٿيو آهي.

ملڪ ۾ قانون نالي ڪا شيءِ ڪونهي، روزانو جون اخبارون لاقانونيت جي خبرن سان پريون پيون آهن. اخبارون لاشن سان پريل آهن، اخبار پڙهندي گمان ٿو ٿئي تہ اخباري خبر وارو مقتول اخبار پڙهندڙ پاڻ آهي. هن کي شبهو ٿئي ٿو تہ سڀاڻي واري خبر ۾ تصوير هن جي ئي هوندي. ان صورتحال ۾ وڪيل ئي هن ملڪ کي بچائي سگهن ٿا.

26.11.2021

# بي روزگارن سان مزاق نہ ڪريو!

جيڪڏهن اوهان بئنڪ پاهران نوجوانن جون قطارون ڏسو تہ سمجهي وجو، اها سنڌ آهي ۽ پڪ سان نوڪريءَ جو ڪو شوشو ڇڏيل آهي. بي روزگاريءَ سنڌ جي هر گهر جي چلهي کي ٿڌو ڪري ڇڏيو آهي. تبديليءَ جي نالي تي فراڊ ڪري رياست مديني جا خواب ڏيکارڻ وارن ايتري تہ مهانگائي ڪئي آهي جو ملڪ جي هر گهر جو چلهو ٿڌو ٿي چڪو آهي ان صورتحال ۾ هڪ بي روزگار نوڪريءَ جو آسرو ڏيئي ڦريو وڃي تہ ان کان وڏيڪ ڦهر ڪهڙو!

لائين ۾ بينل هڪ نوجوان ٻڌايو تہ مان پير واري ڳوٺ سان واسطو رکان ٿو رات اچي شهر ۾ رهيو هوس جتي ڪمپيوٽر واري کي پيسا ڏيئي آن لائين درخواست جمع ڪرائي جتان وري هي چالان مليو. مون ميٽرڪ، انٽر ۽ بي اي جي لاءِ درخواستون جمع ڪرايون جن جو ٽوٽل سترنهن سو پنجاه روپين جا چالان ٽين ٽا.

مون هڪ بئنڪ اڳيان لڳل لائين کي پوري سنڌ ۾ موجود بئنڪن جي لائين سان اندازو لڳائي حساب ڪيو تہ جيڪڏهن ڏه لک بي روزگار بہ چالان جمع ڪرائين تہ اهي اٽڪل بہ ارب ريپين جا چالان ٽين ٽا جيڪي اهڙن ڪيسن مان ڪڍيا ويا جيڪي اڳ ئي خالي آهن. ٻين لفظن ۾ اڳ ئي ڪنگال ٻٽايل هڪ هڪ نوجوان گهر ڪان آنلائين درخواست ۽ چالان ٽائين اٽڪل ٽي هزار روپيا خرچ ڪيا. جيڪي هڪ بي روزگار نوجوان لاءِ ٽن لکن جي برابر آهن.

ٻئي پاسي برطانيہ اهي لفظ چئي تہ برطانيہ جي ڌرتيءَ مٿان بدعنوان ماٺهو قدم (ٻين لفظن ۾ پليت قدم) رکي نہ ٽا سگهن انهن جي ويزا درخواست رد ڪري ڇڏي جيڪي ماڻهو هتي جي اچي ڪاري جا مالڪ بڻيل آهن. ان مافيائي سربراه جو قصو پڙهي ڏندين آڱريون اچي وڃن ٽيون.

ڳالهہ مختصر طور تي هن ريت آهي تہ سال بہ هزار اوڻويهہ ۾ برطانيا جي نيشنل ڪرائم ايجنسي ان مافيائي سرگني جي خلاف جاچ ڪئي. ان جاچ جي نتيجي ۾ ان ماڻهوءَڪيس وڙهڻ جي بجاءِ برطانوي ايجنسي سان معاملو طئي ڪيو.

برطانيا جي ججن مطابق سن ڀ هزار سترنهن ۾ لندن جي بينڪ ۾ مافيائي سرگني ۽ سندس پٽ جي اڪائونٽ ۾ پنج ارب ستر ڪروڙ پائونڊ جمع هئا جيڪي پاڪستاني روپين ۾ اٽڪل تيرنهن ڪرب روپيا ٿين ٿا. اها رقم يڪدم وڌي اٽڪل چوڏنهن ارب پائونڊ يعني ٻٽيهه ڪرب روپيا ٿي ويئي. اها رقم پاڪستان جي ساليانے بجيٽ جي اڌ جيتري بيهي ٿي) ججن جو خيال هو ته ان رقم ۾ ايتري تڪڙي واڌ مشڪوڪ آهي. هن رقم لاءِ عام خيال (اسان جي ملڪ ۾) اهو آهي ته اها پاڪستان مان چوري ڪري برطانيه پهچائي ويئي آهي. هڪ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هن مافيائي سرگني اهو ڪم اڪيلو ڪيو هجي ان جو تصور ڀ اجايو آهي چو ته هي سڌو ڪنهن ڪرسيءَ تي وينل ڪونهي ان سان ڪرسيءَ وارا ڀڌل آهن يا وري سڀ ڪرسيون هن جون خريد ڪيل آهن. تازو ٿيل ڪراچيءَ ۾ ان مافيائي سربراه جي خلاف جڏهن جلوس نڪتا ته سنڌ حڪومت ان جو ساٿ شاه ڪان وڌيڪ شاه جي وافادارن وانگر ڏنو. هڪ هڪ ماڻهوءَ تي اهڙي ڏوه جا ڪيس داخل ڪيا ويا جيڪي هن ڪيا ته ڇا تصور ۾ ڀ ڪين آندا هئا.

مٿي بيان ڪيل رقم ايتري گهٽي آهي جو جيڪڏهن سنڌ حڪومت ان سرگني جو ساٿ ڏيڻ بجاءِ ان ڪان اها رقم ڦري (جو ته ان رقم جو گهڻو حصو هتان سنڌ مان ئي ڦريل آهي) ته سنڌ جي هر شهر/ هر ڳوٺ ۾ ڪارخانا لڳي سگهن ٿا جتي مقامي ماڻهن کي لکين روزگار جا موقعا ملي سگهن ٿا پر نوجوانن جون ٻئنڪ اڳيان اهي قطارون ٻڌائين ٿيون ته لٽ ڦٽ ۾ سڀ ڱڌ آهن.

هي قصو رڳو هڪ ڦريندڙ جو آهي جڏهن ته اهڙا سوين ڦريندڙ ٻيا آهن جيڪي ڪيترا دفعا اگهاڙا ٿيا آهن پر چور چور جو ساٿاري چوٽي مطابق وري انهن کي ڪپڙا پارائي ڊڪيو وجي ٿو. اهي ڦريندڙ ۽ ساٿاري اسان جي مٿان صادق ۽ امين جا لقب رکندڙ هجن ٿا جيڪي پاڻ کي دنيا جي سڀ ڪان وڏي انسان ۽ صادق امين سان نسبت جوڙي اسان کي پيا ٺڳين.

اسان جا حڪمران ڪيترا صادق ۽ امين آهن ان جون خبرون روزانو اخبارن ۾ پڙهي هر شهري سمجهي چڪو آهي ته اهي صادق امين نه پر مها چور ثابت ٿيا آهن. هن وقت وڏي ۾ وڏي عهدي تي وينل اجان جڏهن ڪرسيءَ تي ڪين وينو هو ته سوين

واعدن سان گڏ هڪ واعدو اهو به ڪيو هئائين ته هو هڪ ڪروڙ نوڪريون ڏيندو. ان جي هڪ واعدي تي ڳالهائيندي هڪ وزير صاحب جيڪو پڻ صادق امين سڏرائي ان عهدي تائين پهتو آهي چيو هو ته وزير اعظم صاحب ته هڪ لک نوڪريون ڏيئي چڪو آهي.

سرمائيداري طبقن جي حامي آهي ۽ ان جي تبليغ ڪندڙ پڻ. اها هڪ طبقي ۽ ٻئي طبقي ۾ ايتري وٿي وجهي سگهي جيتري اسان جي سماج ۾ وڌي اٿائين اهو هڪ ڪمال آهي. شايد هن ۾ به اسان جو سماج رڪارڊ ناهي جو هڪ ماڻهو ڪروڙن جي غسل خاني/باٿ روم ۾ پنهنجي حاجت پوري ڪري ۽ ٻيو پنهنجي مري ويل مائٽ جي جنازي کي پنهنجي ڳوٺ کڻي وڃڻ لاءِ هلاڪ هجي. ڇا هي تضاد ڪنهن بيچيني جو سبب ڪونه ٿو بڻجي سگهي ۽ اها بيچيني هن سموري نظام کي نيست نابود ڪري ڇڏي.

03.12.2021

# سيالڪوٽ جهڙا سانحا ٻيهر ٿيڻ نہ ڏينداسون

هڪ ڏينهن واري اخبار ۾ ٽي خبرون آهن جيڪي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن. هڪ خبر اها آهي تہ فيصل آباد ۾ پنا ميٽرينڊز عورتون جڏهن اڃ اجهائڻ لاء دڪان ۾ داخل ٿيون تہ مٿن چوريء جو الزام لڳائي ڪين سخت مارڪٽ ڪرڻ بعد ننگو ڪيو ويو، سندن وڊيو ناهيا ويا ۽ وڊيو سوشل ميڊيا تي بہ هلايا ويا. انهن عورتن جي مدد لاء جيڪي بہ ٻيون عورتون آيون انهن پاڻ کي بيوس محسوس ڪندي پاڻ کي احتجاج طور ننگو ڪري ڇڏيو.

ٻي خبر آهي تہ سرگوڌا ۾ اڱاري بازار ۾ اسٽال هٽندڙ عورت کي پيسا/پتو نہ ڏيڻ سبب تشدد جو نشانو بڻائي باه ڏني ويئي. اها عورت هاڻي اسپتال داخل آهي.

ٽين خبر اها آهي تہ وزير اعظم صاحب جن فرمايو تہ ”مذهب جي آڙ ۾ سيالڪوٽ سانحي جهڙا واقعا ٻيهر ٿيڻ نہ ڏينداسين“

غور سان ڏسجي تہ هي خبرون رڳو ڪنهن هڪ ڏينهن جي اخبار جون ڪونہ آهن اٽڪل هر ڏينهن تي ساڳيون ئي خبرون هجن ٿيون ساڳيا ئي بيان اچن ٿا ۽ ٻئي ڏينهن ڪنهن کي ڪالهہ وارا نہ تہ واقعا ياد رهن ٿا نہ وري حڪمرانن جا بيان. هي چرخو ملڪ ٺهڻ جي ڪجهہ وقت کان پوء شروع ٿيو جيڪو ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو رهي ٿو.

هي سڀ پڙهڻ کان پوء سوال اهو ٿو ايري تہ آخر هي سماج هن نهج تي ڪيئن پهتو. ٻيو سوال اهو ٿو ذهن ۾ اچي تہ هن وزيراعظم بہ بيان ڏنو پراڻا بہ بيان ڏيئي هليا ويا ڇا انهن جي ۽ هن جي هٿ وس اها ڳالهہ آهي بہ صحيح يا نہ. جواب آهي تہ اسان جي ملڪي وزير اعظم صاحب جي هٿ وس اها ڳالهہ آهي ئي ڪونہ. ٻيو تہ هي وزير وڏا بيان جي حد تائين جيئرا آهن يا نيت بہ صاف اٿن جواب آهي تہ بيان جي حد تائين. اجان هڪ قدم اڳتي تہ هي خود چاهين ٿا تہ عمل بيانن جي ابتڙ ئي هجي، ڪين خبر بہ آهي تہ هو خانہ پوري پيا ڪن.

اڄ جيڪو ٽي رهيو آهي يا جيڪو فصل لڻجي ٿو پيو اهو ڪنهن پوکيو هو. جواب آهي ته پهرئين ڏينهن کان حڪمران رهندڙن اهو فصل پوکيو، پوءِ وارا ان کي پاڻ ڏيندا رهيا ان جي حفاظت ڪندا رهيا. هاڻي هي فصل پچي راس ٿيو آهي.

انسان جي بدني بناوٽ وانگر سماج جون سڀ اڪايون به هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هجن ٿيون. هڪ اڪائي ٻئي تي اثر ڇڏي ٿي ۽ ٻين جا اثر قبول به ڪري ٿي. سوال مان سوال اڀرن ٿا ته پاڻ فريادي پاڻ ججَ ٿيڻ لاءِ کهڙي ڏاکڻ چڙهي سماج هن ڇت تائين پهتو آهي. ڇا ان پنيان اسان جي پوليس جي تفتيشي طريقي مظلومن جي دانهن ٻڌڻ بجاءِ ظالمن کان پيسن عيوض يا ان جي طاقت/سفارش عيوض خون لوڙهڻ هن جو سبب ڪونهي! (ڇا پوليس پاڻ ايتري ظالم ٿي آهي يا وڏيرن/ميمبرن/اصل مالڪن ان جا سڀ ڏڦ بند ڪري ان کي ظالم بڻايو آهي) وري جيڪڏهن هڪ به سيڪڙو ڪيس پوليس وٽان ٿي ڪورٽ سڳوريءَ پهچن ٿا ته پوءِ اتي انصاف ٿئي ٿو؟ ڇا ججن اڳيان/ڪورٽن جي عمارتن اڳيان فريادين انصاف نه ملڻ ڪري پاڻ کي ساڙيو ڪونهي.

اچو ته هڪ منظر ڏسون ۽ فيصلو ڪريون ته انسان هي سڀ ڇو ٿو ڪري. هڪ صحافي پڪين جي شڪار لاءِ آيل عياش پرستن پاران پڪين کي مارڻ جي وڊيو پري ٿوءِ انهن عياشن کان پيسا وٺي انهن جي عياشين جا سهولتڪار ان کي روڪين ٿا. ان صحافي کي گهران اغوا ڪري ان جي جسم تي تشدد ڪندي ان کي ماري ڇڏين ٿا. تشدد سبب انسان ڪيئن مرندو آهي تصور ڪري پوءِ اڳتي پڙهو. ان جا وارث ان جو ڪيس داخل ڪرائين ٿا، پرعزم آهن ته هو شهيد ٿيل پنهنجي مائٽ کي انصاف ڏيارڻ تائين خاموش نه ويهندا. سموري سنڌ اتي پوي ٿي انهن سان سات جو وچن ڪري ٿي هر ڳوٺ/شهر ۾ مظاهرا ٿين ٿا.

روپوش ٿي ويل ملزم ڪارن شيشن وارين وڏين گاڏين مان لهي اوچتو ظاهر ٿين ٿا ضمانتون ڪرائي گهر اچن ٿا ڪنهن کي طاقت ڪونهي جيڪو انهن کي ڇوي. ايس پي کان صوبيدار تائين ان جا رڪرايل آهن سڀ ان جي پروٽوڪول ۾ آهن، هٿ ٻڌيو بيٺا آهن. وارثن ڏانهن خوف ۽ لالچ جا پيغام وڃن ٿا. وارثن پاران ”نه“ ٿئي ٿي. خوف کي وڌايو وڃي ٿو، ٻچن جي اغوا جا خوف اپاريا وڃن ٿا، وارثن جي سهپ جواب

ڏيئي وجي ٿي، نيٺ وارث ناه ڪن تا سڀ خاموش ٿي وڃن ٿا نانگ سنگهي وڃي ٿو سيني ڪي ۽ سڀ ڪجهه وسارجي وڃي ٿو ڄڻ ته ڪجهه ٿيو ئي ڪونه.

اوهان جو ذهن ڇا ٿو چوي اهڙا ٿيندڙ واقعا جيڪي معمول بڻجي چڪا آهن، هر گهر ساڳئي ئي واقعي مان گذريل آهي (ٿوري گهٽي فرق سان). هي واقعا ذميوار ڪونه آهن روڄن ٿي هجوم پاران عدالتون لڳائڻ جا! ڇا هر مظلوم جي ذهن ۾ ڪونهي ته ”پوليس ۽ ڪورٽن مان ڪجهه ڪونه ٿيندو“ جنهن جي نتيجي ۾ هو پاڻ ئي پنهنجي باه ماري ٿو. جي ائين ٿيندو رهيو ته پوء اهو جملو سماج کي ڪٿي وڃي پهچائيندو، آهي اسان جي حڪمرانن وٽ ان جو جواب؟ جيڪو نسل هنن ان لاء تيار ڪيو آهي ته ان کي ڪيئن ٻه استعمال ڪندا رهن ڇا اهو نسل ان ماچيس جي تيلي ثابت نه ٿو ٿي سگهي جيڪا تيلي گهر جي چلهي کي ٻاري مانيء پچڻ طور ڪم ايندي آهي ساڳي ئي تيلي گهر ساڙڻ لاء پڻ.

10.12.2021

# چا دنيا وڏي رفتار سان بدلجي پيئي!

متئين سوال جو جواب ها يا نہ ۾ نہ تو ڏيئي سگهجي هي سوال وڏي بحث ڪان پوءِ پنهنجو جواب ها ۾ ئي ڏيندو چو تہ دنيا ان طرف وجي رهي آهي سڀ اشارا ٻڌائين پيا تہ ”تيار رهو“

آمريڪا جو افغانستان مان نڪرڻ وقت ڪجھ ماڻهن جو خيال هو تہ هاڻي دنيا وري هڪ نئون ورلڊ آرڊر ڏسندي. نئين ورلڊ آرڊر مطابق آمريڪا مدل ايسٽ سان لاڳاپيل سڀ مٽي جا سور لاهي هڪ مٽي جي سور يعني چين ڏانهن متوجهہ ٿيندو. چين جيڪو دنيا ۾ عام طور ۽ اسان واري خطي ۾ خاص طور هڪ وڏندڙ قوت ڪان اڳتي وڏي چڪو آهي. چين جيڪو آمريڪا کي اقتصادي چيلينج ڪرڻ ڪان پوءِ فوجي چيلينج ڪرڻ جي پوزيشن ۾ اچي چڪو آهي تنهن جي رستا روڪ لاءِ ضروري آهي تہ ان کي مدل ايسٽ ڪان پري رکيو وجي جنهن لاءِ سعودي عرب، عرب امارات، مصر سان گڏ ٻيا ملڪ جيڪي سعودي اثر ۾ آهن تن جو ”ناه“ پنهنجي پياري پٽ اسرائيل سان ڪرائڻ آمريڪا لاءِ تمام ضروري آهي. هڪڙي ڳالھ اسان سيني کي پنهنجي ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ آمريڪا سموري دنيا مان هٿ ڪڍي سگهي ٿو پر مدل ايسٽ مان هٿ نہ ٿو ڪڍي سگهي چو تہ مدل ايسٽ ”دنيا“ جي ڌڪندڙ رڳ آهي ۽ هن وقت آمريڪا پنهنجو پاڻ ۾ دنيا آهي.

غور سان ڏٺو وجي تہ آمريڪا جي اها ڪوشش بہ پراڻي ئي آهي جنهن جي شروعات هن مصر اسرائيل دوستي يعني 1978 ۾ ٿيل ڪيمپ ڊيوڊ معاهدي سان ڪئي هئي. مصر جي صدر انورالسادات ۽ اسرائيلي وزيراعظم بيگن جي وچ ۾ ٿيل معاهدي وقت آمريڪي صدر جمي ڪارٽر اهو ئي چيو هو تہ ”هيءَ شروعات آهي“ ان ڪان پوءِ 1979 ۾ مصر پاران اسرائيل کي تسليم ڪيو ويو. ڪنهن بہ عرب ملڪن منجهان مصر واحد ملڪ هو جنهن اسرائيل کي تسليم ڪيو توڙي جو 1967 ۽ 1973 ۾ بہ وڏيون جنگيون ۽ ڪيتريون ئي سرحدي جهڙپون ٿي چڪيون هيون.

هاڻي روزانو جون خبرون ٻڌائين پيون تہ دنيا جي گولي جو سڀ ڪان حساس حصو يعني وچ اوڀر/مشرق وسطى/مدل ايسٽ جنگي ڏيڻ مان نڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو

آهي. هن علائقي جو اهم ملڪ سعودي عرب پراڻي حريف ملڪ اسرائيل کي تسليم ڪرڻ لاء تيار آهي. هن ملڪ کان سواء ٻيا عرب ملڪ به ساڳي ئي راه تي هلڻ لاء تياريون پيا ڪن.

عرب هاڻي ايراني شاعر فردوسي جي شعر وانگر ڳوهون ڪائيندڙ ۽ اٺين جو کير پيئندڙ عرب نه آهن اهي پاڻ کي جديد دنيا جو حب/مرڪز بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪا آهن. عرب امارات يورپ جي ڪاپي آهي جتي سواء جهيڙي جي ”سڀ ڪجهه“ جائز آهي. هر سال ٿيندڙ فيسٽيول کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته ”ملڪ ترقي ڪيئن ڪندا آهن/ترقي ڇا کي چئبو آهي“ يعني دڪاندار به غير عرب ته گراهڪ به غير عرب (گهٽو ڪري) پر ڪمائڻ وارو اتان جو مقامي ماڻهو، اها ڪمائي آخري طور ملڪي خزاني ۾ اضافي جو سبب بڻجي پيئي جيڪا وک وک پيئي نظرجي.

سعودي شهزادي (جيڪو هاڻي دنيا جي نگاهن جو مرڪز آهي ان جون ڪيل ڳالهيون سموري دنيا ۾ بحث پيون ٿين) جون ڳالهيون ڪجهه ڏينهن اڳ سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيون هيون جن جو آخري مطلب هو ته هو اسرائيل کي تسليم ڪندي پنهنجي ملڪ کي يورپ بڻائيندا. جنهن کان پوء سعودي عرب سياحت جو مرڪز بڻجندو ۽ سياحت جو پهريون نڪتو امن آهي.

ٻي ڳالهه اها ته دنيا جي اڪثريت اسرائيل کي تسليم ڪندڙ آهي پر ان جو مطلب اهو هرگز ڪونهي ته اڪثريت جو فيصلو صحيح آهي پر هڪ اصول تحت اهو فيصلو صحيح مڃيو ويندو آهي ته طاقت هجي ته دنيا کي پاڻ سان گڏ هلائجي جيڪڏهن نه ته پوء دنيا سان هلڻ ئي بهتر آهي. عربن اسرائيل سان وڏيون خوفناڪ جنگيون ڪيون ڪجهه ڪاميابيون ماڻڻ کان پوء آخري نتيجو وري به عرب ملڪن جي شڪست ئي ٿيو. ٻيو ته ان وقت سوويت يونين جو ساٿ وڏو ڏڍ هو جيڪو هاڻي ڪونه رهيو آهي دنيا ۾ ٻيو ڪو اهڙو سسٽم به ڪونهي جنهن سان ملي اسرائيل جو مقابلو ڪجي جنهن جو آخري نتيجو دنيا جي تباهيء ئي هوندو ڇو ته آمريڪا/برطانيه آخري گوليء تائين اسرائيل جو دفاع ڪندا تنهن ڪري بهتري ان ۾ آهي ته فلسطين مسئلي جو عزت ڀريو حل ڪيندي اسرائيل کي تسليم ڪجي.

جيڪڏهن آمريڪا مدل ايسٽ جا مٽي جا سور لاهي هٽي پهچي ٿو ته ان جو پهريون نشانو هٽي وارا ملڪ عام طور اسان جو ملڪ خاص طور هوندو جنهن لاءِ هو ڪنهن به حد تائين وڃي سگهي ٿو. ملڪي اقتصادي صورتحال اڳ ئي تشويش ناڪ ڪان به وڌيڪ واري آهي ۽ ڪا به سٽ سهڻ جهڙي ڪونهي. ملڪ اڳ ئي ايف اي ٽي ايف جي چري هينان ڪنڌ رکيل آهي جيڪڏهن هو اها چري هلائي وجهن ٿا ته صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي ٿي سگهي ٿي. ان ماحول ۾ سون تي سهاڳو اهو آهي ته ملڪي قيادت ان تي سنجيده نظر ايندڙ ڪونهي ان جا ”پرڪار“ پراٽا ئي آهن. ته چا دنيا اسان جي سنجيده ٿيڻ جو انتظار ڪندي يا پنهنجو ڪم جاري رکندي.

17.12.2021

# پنهنجي شڪست کي غلط رنگ ڏيڻ

ڪي پي ڪي ۾ ٿيل مڪاني چونڊن ۾ آيل شڪست کي غلط رنگ ڏيندي ملڪ جي وزيراعظم صاحب فرمايو ته اسان غلط اميدوار بيهارڻ سبب شڪست کاڌي. آئنده حڪمت عمليء جي پاڻ نگراني ڪندس. متوقع طور اٽڪل ساڳيا جملا/لفظ وزير صاحبن به ڪم آندا.

غور سان ڏٺو وڃي ته چونڊون هارائڻ جو سبب غلط اميدوار نه پر وزيراعظم ۽ سندس ٽيم جون غلط حڪمت عمليون ئي سبب بڻيون آهن هاڻي وري فريب سان ان شڪست کي ٻيو رنگ ڏيئي ماڻهن جي ذهنن کي ڦيرائڻ لاء اهڙا بيان ڏنا پيا وڃن. دنيائي تاريخ ٻڌائي ٿي ته حڪمرانن پاران اصل اها ئي جنگ عوام سان وڙهي ويندي رهي ٿي يعني پروپيگنڊا جي جنگ. هن جنگ ۾ نشانو ڪنهن جو جسم نه پر ذهن هجي ٿو ۽ پنهنجي زهر جهڙي ڳالهين کي/ عملن کي ڳڙ جهڙن لفظن جو روپ ڏيئي عوام آڏو پيش ڪيو وڃي ٿو جنهن کي سباجهڙو عام ماڻهو ڪونه سمجهندي سدائين شڪار ٿيندو رهي ٿو. دنيائي تاريخ رڙيون ڪندي اهو ئي ٻڌائي ته سڀ ئي حڪمران ائين ڪندا رهيا آهن سندن هن عمل ۾ سدائين نواڻ ايندي رهي ٿي ۽ پنهنجي عذاب جهڙي زندگيء جو وڏو پتر گهليندڙ عوام سڀ ڪجهه وساري وري هنن جي ڳالهين ۾ اچي وڃي ٿو. اسان جي ملڪ جا حڪمران هن اصول تي پابنديء سان هلندڙ رهيا آهن پر هي حڪمران ٻين ڪان به قدم اڳتي آهن جنهن کي وري هي ڪڏهن ڪڏهن يوٽرن جو نالو به ڏين ٿا. ڪا ڳالهه جيڪا هنن کي ڦبي ڪونه ٿي ان تان ڦري ان کي يوٽرن جو نالو ڏيڻ هنن جو ڪبي هٿ جو ڪيل آهي پر اها ڳالهه اصل ۾ هوندي پروپيگنڊائي جنگ جو حصو ئي آهي.

پنهنجي ڪرتوتن تان توجهه هٽائڻ خاطر هن ملڪ ۾ اهو ڏنڊو پراڻو آهي جنهن لاء ڪتاب ڀريل آهن. حڪمران سدائين اهڙي انداز ۾ ڳالهائيندا رهيا آهن جن مان ڪيترائي مطلب نڪرن ۽ پڪڙجڻ ڪان پوء ان تان آسانيء سان ڦرندا رهيا آهن ۽ هن عمل سان سندن ٻيو مقصد به پورو ٿيو پوي ته عوام جا ذهن اصل حقيقت ڪان مڙي وڃن.

وزيراعظم صاحب ٻه ٽن سالن کان جاري پنهنجي برباد ڪندڙ پاليسين کي ان جو ذميوار قرار ڏيڻ بجاءِ اهو تاثر ڏيڻ چاهي ٿو ته سندس پارٽيءَ غلط اميدوار چونڊيا جيڪا ڳالهه حقيقت کان گهڻو پري آهي.

وزيراعظم صاحب کي کليل دل سان اعتراف ڪرڻ گهرجي ته سندس پاليسين جي ڪري ڪيس عوام نڪرايو. خاص طور تي جيڪو مهانگائيءَ جو اوڙاهه هن شخص جي حڪومت ۾ ٻاريو ويو آهي ان عوام جو ويساهه ڪسي ورتو آهي. عوام جو ويساهه هن حڪومت جي داخلہ ۽ خارجہ پاليسين سميت پراڻن (اقتدار کان ٻاهر هجڻ وقت ڪيل) وڏن وعدن تي عمل وري بلڪل ان جي برعڪس ڪرڻ به ڪٽائي ورتو هو پر جيئن ته مهانگائي عوام مٿان سڌو اثرانداز ٿئي ٿي تنهنڪري ووٽ ڏيڻ وقت عوام جي ذهن ۾ هن خلاف نفرت ڪين مجبور ڪيو ته اهي نيو هن جي نشان بجاءِ هن جي مخالف جي نشان تي هڻن.

ملڪي خارجہ پاليسي ته اڳ ئي ناڪام هئي جيڪڏهن ائين چئجي ته پنهنجي پاليسي هئي ئي ڪونہ اها ٻئي دوست ملڪن جي پويان ڪڍ لڳندڙ پاليسي هئي ته بجا ٿيندو پر هن حڪومت جيڪو ڪردار رکيو آهي اهو ڪردار دنيا کان ملڪ کي ڪوهين دور ڪندڙ آهي. افغان پاليسي جنهن لاءِ وڏيون وڏيون دعوائون ٿينديون رهيون آهن ان جا پول به پڌرا ٿي رهيا آهن. خاص طور تي ٽي ٽي پي جيڪا افغان طالبان جو حصو آهي ۽ طالبان جي چوڻ کان ٻاهر ڪڏهن به ناهي ان پاران جنگ بندي معاهدي جي تجديد نہ ڪرڻ گهڻا راز کوليندڙ آهي توڙي جو عمران حڪومت پنهنجي وت/قد بت کان وڌيڪ انهن لاءِ چندي ڏيڻ کان ڪانفرنسن ۾ افغان عوام لاءِ دنيا کي نرم گوشو رکڻ جي اپيل ڪندي رهي آهي.

آمريڪا کان سعودي عرب تائين، ايران کان ترڪيءَ تائين ادا ڪيل ڪردار به ملڪ کي وڌيڪ اڪيلو ڪندڙ آهي. ماضيءَ ۾ مٿي بيان ڪيل ملڪ ڊالرن جي برسات/امداد سان ”پل پريندڙ“ رهيا آهن ۽ اسان به انهن سان شاهہ کان وڌيڪ شاهہ جو ڪردار ادا ڪندڙ رهيا آهيون. اسان يا قربان واري پاليسي اختيار ڪندي پوئتي مڙي ڪونہ ڏٺو ته اهي ڊالر مفت ۾ ناهن ملندا جيڪا ڳالهه هاڻي سمجهه ۾ اچڻ شروع ٿي چڪي آهي.

داخلہ پاليسيءَ جي حالت اها آهي جو قانون نالي ڪا شيءِ موجود ڪونهي. تحريڪ لبيڪ واري ڌرڻي ۽ ان جي بليڪ ميلنگ ۾ اچي ان سان معاهدا ڪرڻ ۽ هن حڪومت جي وزيروڙن پاران انهن جي حق ۾ بيان ڏيڻ ٻہ عوام کي تحريڪ انصاف جي نشان مٿان ٺپي هڻڻ ڪان روڪيندڙ رهيو هوندو ڇو تہ عام تاثر اهو هو تہ ملڪ جا حڪمران ڌرڻن وارن ڪان بليڪ ميل ٿين پيا جيڪا حڪومتي رٽ جي ناڪامي آهي.

تنهنڪري وزيراعظم صاحب کي کلي دل سان پنهنجي داخلي ۽ خارجي پاليسين جي ناڪاميءَ جو اعتراف ڪندي هن شڪست کي قبولڻ گهرجي عوام جي ذهن کي ڌوڪو ڏيڻ بجاءِ صاف لفظ استعمال ڪرڻ گهرجن.

24.12.2021

# ٻه هزار ٻاويهه

# 2022

# ڇا سڀ ڪم عدالتن کي ڪرڻا آهن!

هن سوال جو جواب شايد ڀاويهه ڪروڙ ماڻهن منجهان ڪنهن وٽ به ڪونه هجي ته آخر هي ملڪ ڪير پيو هلائي ٻين لفظن ۾ ڪنهن کي ذميوار ڪوٺجي. ڪو هڪ کاتو اهڙو ڪونهي جيڪو پنهنجو ڪم پيو ڪري ٻين لفظن ۾ سڀ پرايو ڪم پيا ڪن. اهڙين ڳالهيون هر عام ماڻهو ته ڪندو رهندو آهي هاڻي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ به اهي پڙاڏا پيا گونجن ته هر اداري ريئل اسٽيٽ جو ڪاروبار ڪوليو آهي، ادارن پنهنجون پرائيويٽ سوسائٽيون ناهيون آهن سيني جا پرائيويٽ ڪاروبار آهن. انهن سيني ڳالهين کي تز لفظن ۾ چئجي ته هر کاتو تباهه آهي، هر کاتو کنڊرات جو ڍير بڻايو ويو آهي. ملڪي عوام ويچارو ڪنهن ليکي ۾ ئي ڪونهي. ڇڻ ته هڪ فتبال هجي جنهن کي وفاق لت هڻي صوبن ڏانهن پيو موڪلي ۽ صوبا لت هڻي ان کي وفاق ڏانهن پيا اچلائين. لڳي ٿو ڪو ملڪ نه ٿو هلي ڪو تماشو آهي جنهن جو آخري نتيجو عوام جي بکن تي منتج ٿئي ٿو. عوام ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو پنهنجي زندگيءِ جو معيار گهٽائيندو. ملڪ مان پيسو غائب ٿي ڏوهاري ماڻهن جي تجوڙن ۾ جمع ٿيندو پيو وڃي اهي ڏوهاري روڊ تي ڌاڙو هڻندڙ هجن يا وزير ميمبر مشير هجن يا آفيسر سڀ مافيائون بڻجي چڪا آهن. هاڻي ڏوهاري لفظ انهن اڳيان ننڍڙو آهي معصوم آهي.

ٿهر ته ڏسو ڪارونجهر جبل به مافيائن ورهائي ڪنيو ويو جنهن جي ڪٽائي تيزيءَ سان جاري رکي ويئي روزانو جي بنياد تي مافيائون ياجوج ماجوج بڻجي هن سونهن ڀرئي پٽر کي کائيندون رهيون. سلسلو هلندو رهيو آخرڪار سنڌ جي عوام جي همت ڪم آئي، ٿر سميت سموري سنڌ ۾ مظاهرا ٿيا سوشل ميڊيا تي ٽرينڊ هليا ۽ سپريم ڪورٽ سنڌ جي سونهن ٿر ۽ ٿر جي سونهن ڪارونجهر کي ڪورڻ وارو ڪم بند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. عدالت حڪم ڪيو ته هي جبل ٿر جي سونهن هجڻ سان گڏ ٻن ملڪن جي سرحد تي واقع هجڻ ڪري ملڪي دفاعي ماورچو آهي ان کي ڪيئن ٿو ختم ڪري سگهجي. عدالت تفصيلي فيصلي ۾ ٻڌايو ته ڪارونجهر مقامي ماڻهن جي چوٽين مطابق روز سوا سير سون ڏيندو آهي، هي ننگرپارڪر جي

ماڻهن جي اڄ اجهائڻ جو ذريعو آهي ۽ ان مان نڪرندڙ پاڻيءَ تي زمينون بہ آباد ٿين ٿيون. عدالت پنهنجي حڪم ۾ اهو پڻ چيو تہ هي مذهبي ۽ ثقافتي حيثيت رکندڙ جبل آهي. هتي هندو ماڻهو پوڄا پاٺ لاءِ اچن ٿا.

سچ بہ اهو ئي آهي تہ ڪارونجهر پٿرن جو ڍير ڪونهي. ڪارونجهر جي اها وصف ڪونهي تہ پٿرن جو قدرتي ڍڳ جنهن جي اوچائي هزار فوٽن کان گهٽ هجي ان ڪي ٽڪر جنهن جي اوچائي هزار فوٽن کان مٿي هجي ان کي جبل چئبو آهي. هي ٽڪر ٿر جي سونهن آهي. هي ٽڪر ٿر جي سونهن جو نڪ آهي جيڪڏهن انساني منهن مان نڪ ڪڍي ڇڏجي تہ سونهن جي پاڇي وڃي ٻڙي بچندي. ڪارونجهر کي ڏسڻ لاءِ هزارين سياح ٿر اچن ٿا جيڪا ٿر جي معيشت لاءِ هڪ ٽيڪ پڻ آهن.

ڪارونجهر جي هنج ۾ قديم جين مذهب جا مندر (نشان) آهن جنهن لاءِ اها پڪ آهي تہ ان کي بيدرديءَ سان تباہ ڪيو ويو هوندو چوتہ نيڪيدار جو ڪم رڳو پيسا ڪمائڻ آهي نہ ڪي تاريخي ورثي جي حفاظت ڪرڻ. جنهن ڪري خيال آهي تہ ڪا شيءِ محفوظ نہ هوندي.

رڳو ڪارونجهر ڪونہ اروڙ جون سڀ ٽڪريون اتڪل ختم ٿي چڪيون آهن. هي سلسلو بہ هندستاني سرحد تائين ڦهليل آهي. انهن مان گهڻيون ٽڪريون مين هاءِ وي روڊ کان پلي پت ڏسي سگهجن ٿيون جتان سڀ وزير مشير آفيسر روزانو گذرن ٿا پر ڪنهن جي نيڪ نظر انهن تي ڪونہ پيئي پوي تہ پوءِ ائين چوڻ غلط نہ هوندو تہ سڀ چور مليل آهن رڳو عوام کي ڏيکارڻ لاءِ بيانبزيون پيا ڪن. عدالت پنهنجي فيصلي ۾ ڪارونجهر جي حوالي سان اها ڳالهہ پڻ ڪئي تہ جبل جي ڪٽائيءَ سان زميني توازن بگڙي سگهي ٿو ۽ زلزلن جو خطرو وڌي وڃي ٿو.

سنڌي ماڻهن کي سوچڻ گهرجي تہ سياسي طور هو ڪنهن بہ پارٽيءَ سان لاڳاپو رکي سگهن ٿا اهو انهن کي حق حاصل آهي پر ثقافتي طور، هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ طور سنڌ جي تاريخ جي تقدس جي پائماليءَ خلاف انهن کي ويچا ڇڏي هڪ ٽيڻو ئي پوندو اهو ئي هڪ حل آهي پنهنجي وڏڙن کان مليل سنڌ وري پنهنجي ٻچڙن کي سونپيندي ان جي هر شيءِ جي حفاظت ڪئي وڃي. سنڌين تاريخ جون وڏيون تحريڪون هلايون آهن، ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن پر اهو ڪافي ناهي. دنيا هاڻي

لنين کھاڙين بندوقن کان متي وجي چڪي آهي سائنسي سوچ ئي اسان کي ناپيد ٿيڻ کان روڪي سگھي ٿي.

پي ٽي وي جي پروگرام جي هڪ ميزبان اسلم آزاد مرحوم جو اهو جملو ڪراچيءَ کان ڪشمور ۽ ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين سنڌ ۾ ٿيندڙ هر تقريب ۾ گونجندو رهيو آهي جيڪڏهن ڪارونجهر نہ رهيو تہ پوءِ هي جملو ڪيئن پورو ٿيندو اهو سوال سوچي بہ هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

01.01.2022

# ... ليڪن بندو ايماندار آهي!

خير سان ملڪ جي سڀ کان وڏيڪ ايماندار سڏائيندڙ جنهن لاءِ ”...... ليڪن بندو ايماندار آهي“ جو جملو هيٺ لاهي عوام کي اهو باور ڪرايو ويو ته هن ٽيم جا ٻيا ساٿي ڪٽي ڪرپٽ ٻه هجن پر هي ائين ناهي. جيئن ته هي ايماندار آهي تنهنڪري هن کي ”مليل نعرو“ ته ڪرپشن ملڪ کي ڪوڪلو ڪيو آهي ۽ جن ڪرپشن ڪئي آهي انهن خلاف جيڪي ٻه ڪم ٿين اهي جائز هوندا. ڪيترو وقت اهو ڪيس هوا ۾ ٽنگيل هو نيٺ هن ايماندار  خلاف اليڪشن ڪميشن جي اسڪريوٽني ڪاميٽيءَ پنهنجي رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي جيڪا هيٺ لاٿل جملي جي بلڪل ابتڙ آهي يعني ” بندو ايماندار ناهي“ مٿان وري قهر اهو ته پروپيگنڊائي جنگي اصول مطابق هلندي ملزم پارٽي ان کي ٻه وڏي ڪاميابي قرار ڏيندي مطالبو پيئي ڪري ته ”ٻين پارٽين جي ٻه جاچ ٿيڻ گهرجي!“ يعني عوام کي وري اهو باور ڪرائڻو آهي ته بندو ايماندار آهي.

وڏو سوال جيڪو ذهن ۾ اڀري ٿو ته اها رپورٽ ايتري دير سان ڇو آئي. اسڪريوٽني ته اليڪشني فارم بحال ٿيڻ کان اڳ هجڻ گهرجي ها جيڪڏهن تڪڙ هئي ته پوءِ ٻه ڪو هڪ اڌ مهينو دير ٿئي ها ان جي جاءِ تي سال لڳايا ويا. ان پويان ڪهڙي حب الوطني هئي جڏهن ته ملڪي عوام اهو شڪ ته ڪيتري وقت کان ڏيکاريندو رهيو هو ته هي بندو ڪرپشن ۾ گهٽ کان گوءِ ڪٽي ويندو ۽ مطالبو ايندو رهيو هو ته فارين فنڊنگ ڪيس جو فيصلو اچڻ گهرجي.

ملڪ مان فنون لطيفه جون ته پاڙون ئي پٽيون ويون هٽي رڳو فراڊ/ڪرپشن ئي هڪ آرٽ آهي هڪ فن آهي ۽ هي فن اسان جي ملڪ سميت دنيا ۾ روزانو جي بنياد تي وڃي ٿو ترقي ڪندو. اسان جي ملڪ ۾ هن فن جي فنڪارن پنهنجي استاد ميڪاولي کي ٻه مات ڏيئي ڇڏي آهي انهن کي ڏسي شبهو ٿئي ٿو ته هنن کان ڪو معصوم ٻيو ڪو آهي ئي ڪونه. ان اصول تحت هيءَ پارٽي ٻه شبهو پيئي ڏياري ته هنن هيرا ڦيري ٻه ملڪي مفاد لاءِ ڪئي.

انگن اکرن جي هڪ وڏي ظالم دنيا آهي ملڪي بجيٽ ۾ انگن اکرن جو هڪ کيل هوندو آهي پي ٽي آء ۾ انگن اکرن جي راند ڪندي رقمون لڪايون آهن. هن جا ڪل پنجهٺ اڪائونٽ هئا پر ظاهر رڳو ٻارنهن ڪيا ويا يعني ٽيونجاه اڪائونٽ لڪايا ويا. آڊٽ ۾ تاريخ جو اندراج ۾ ڪونهي ته ڪهڙي تاريخ تي ڪهڙو فنڊ مليو پر هن سموري دنيا کي وساري في الحال ان سوال جو جواب ڳولهيون ته فارين فنڊنگ ۽ لوڪل فنڊنگ چو ملي يعني دنيا جي ٻاهرين ملڪن جي ماڻهن پيسا چو ڏنا. دنيا جو ڪوبہ ملڪ يا ماڻهو بغير غرض جي پيسا ڪونہ ڏيندو. جيڪڏهن ڪنهن ڪجهه ڏنو آهي ته ان ڪجهه ورتو ضرور هوندو اڄان وڌيڪ اهو ته ان ڏيڻ کان وڌيڪ ورتو هوندو. ملڪي تاريخ ٻڌائي ٿي ته وقتي مفاد لاء اسان دائمي مفاد وڪڻندا رهيا آهيون يعني دنيا وارا اسان کي لوه ڏيئي سون وٺندا رهيا آهن ۽ اسان ان وقتي مفاد حاصل ڪرڻ تي وري فخر ڪندا رهيا آهيون.

سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرن موجب بغير غرض جي پيسا ڪنهن بہ ڪونہ ڏنا آهن انهن پيسن ڏيندڙن سيڙپڪاري ڪئي ان مان اهو ڪجهه ڪمايو جيڪو سندن وهم گمان ۾ ڪونہ هو. ڪنهن انهن پيسن جي عيوض هزار دفعا مٿي حاصل ڪيو ته ڪنهن ۾ هزار دفعا. مثال طور هڪ همراه جيڪو وزيراعظم جي اي ٽي ايم جي نالي سان مشهور ٿيو اهو اي ٽي ايم ٿيو ته ان جي عيوض ان کي کنڊ جي کاٽي ۾ ايترو مليو جنهن مان هو وري هزار دفعا اي ٽي ايم ٿي سگهي ٿو.

هڪ همراه جنهن جي نٿياگلي واري هوٽل جو افتتاح ڪندي خود وزيراعظم صاحب جن فرمايو ته مان هن کي سڃاڻان ٿو هي سائين اسان لاء چندا ڏيندو ۽ کنا ڪندو رهيو آهي ان همراه جي تعارف ۾ سوشل ميڊيا ايتري پري پيئي آهي جو لڳي ٿو ته اهو ”هر ڪم ڪري ڄاڻيندڙ“ آهي.

ٻئي همراه لاء جيڪو پڻ چندا ڏيڻ ۽ کنا ڪرڻ جو ڪم ڪندو رهيو آهي ان لاء ۾ سوشل ميڊيا تي وڏو چرچو آهي اهو جڏهن برطانيہ ۾ گرفتار ٿيو ته ان کان پڇيو ويو ته اسان توکي گرفتار ڪيو آهي جيڪڏهن تون اهڙو اطلاع پنهنجي ڪنهن ويجهي ماڻهو ذريعي گهر وارن تائين پهچائڻ چاهين ٿو ته ان جو نالو ٻڌاء جنهن تي گرفتار ٿيندڙ همراه وزيراعظم ۽ صدر صاحب جو نالو ورتو. هي اهو ئي گمراه هو جنهن لاء

ايف آء جي ڊائريڪٽر کي وزيراعظم صاحب گهرائي چيو هو ته هي اسان جو ماڻهو آهي هن کي تنگ نه ڪريو جنهن تي ڊائريڪٽر صاحب چيس ته هي ته ڪيئي ارب ڪائي مفرور ٿيل آهي.

هيءُ رپورٽ اچڻ ۾ پي ٽي آء پاران مختلف بهانن سان دير ڪرائي ويندي رهي ۽ هاڻي جڏهن رپورٽ اچي ويئي آهي ته وري چيو وڃي ٿو ته ان کي پبلڪ نه ڪيو وڃي يعني ڪوڙ ڳالهايو، ڪوڙ لڪايو جيڪڏهن پڪڙجي پئو ته ڪوڙ تي فخر ڪريو ۽ سيني ڳالهين جي باوجود پاڻ کي صادق ۽ امين به چورائيندا رهو. وڏي واڪ ليڪچر به ڏيندا رهو. سموري دنيا کي اهو باور ڪرائيندا رهو ته سڀ ڪرپٽ آهن مان ئي ايماندار آهيان اهو رويو ڪنهن کي قبول نه هوندو.

هاڻي جڏهن رپورٽ اچي ويئي آهي ۽ اليڪشن ڪميشن کي ان رپورٽ جي بنياد تي پنهنجو فيصلو به ڪرڻو آهي مطالبا اهي به پيا ٿين ته سپريم ڪورٽ هن رپورٽ جي بنياد تي پاڻ مرادو نوٽيس وٺي ڪيس هلائي ته ممڪنه فيصلو ڪهڙو هوندو اهو سوال وري ملڪ لاء ڪو پلو سَوَڻُ ڪونهي. جيڪڏهن اهو فيصلو ٿئي ٿو ته بندو صادق امين ناهي ته پوء ڇا ٿيندو. نااهل ڪيو ويو ته مجهي ڪيون نڪالا جو عمراني ورزن اچي سگهي ٿو پر پوء به اهو سوال ته ضرور اٿندو ته هي بندو ايترو وقت ڪيئن ڪدي ويو ڪنهن جي سهاري ڪدي ويو. بيو سوال ته ملڪي عوام کي ساڍا ٽي سال ڪير موٽائي ڏيندو. مهانگائي جو حساب ڪير ڏيندو.

07.01.2022

# ڊڪٽيٽرن جا پٽڪندڙ روح ۽ صدارتي نظام

”دل تي چوي سيني کي گھتو ڏيئي ماري/مجائي مان صدر تي ويهي رهان ۽ جيئن دل چوي تيئن ڪريان“ هيءَ خواهش اسان جي هر حڪمران جي رهندي آئي آهي. هي خواهش رڳو ڊڪٽيٽرن جي ئي ڪونہ پر سمورو وقت جمهوريت جي تسبيح پڙهندڙ هر حڪمران جي بہ رهي آهي چو تہ ڪيس اختيار ڪپي جيڪا هن جي سڀ کان وڏي ڪمزوري رهي آهي. جيئن ڪانيءَ کي رندو لڳندو آهي ۽ اندران نج شڪل ظاهر ٿي پوندي آهي هتي هر ڪنهن کي رندو هٽبو تہ اندران هڪ فرعون، هڪ خودڪش بمبار هڪ انسان دشمن ظاهر ٿي پوندو. ”تبديليءَ“ کي رندو هٽي چڱي ريت ڏنو وڃي تہ اندران پيانڪ ڊڪٽيٽرشپ ظاهر ٿي پوندي. هونئن بہ هيءَ حڪومت مشرف مووي 2 آهي جنهن تي اڳي لکيو آهي. هن وقت تبديليءَ جا ڪارندا سوشل ميڊيا تي مهم هلائي رهيا آهن، ٽئيٽر تي هيش ٽيگ هلائي رهيا آهن تہ ملڪ لاءِ صدارتي نظام پلو رهندو. صدارتي نظام کي ووٽ ڏيو صدارتي نظام ئي ملڪ جو واحد حل آهي.

ان جي جواب ۾ سوشل ميڊيا تي ئي انهن جا جواب ڏنا ويا آهن تہ صدارتي نظام ئي ملڪ جا درياءَ وڪيا هئا، صدارتي نظام ئي ملڪ ٽوڙيو هو. صدارتي نظام ئي ڪارگل تان واپسي ڪئي هئي وغيره.

تہ پوءِ ڳالهہ ڪنهن جي صحيح آهي. اچو تہ ٿورو جائزو وٺون. هن ڪان وڌيڪ ڪهڙي بدقسمتي جو ملڪ ۾ ستر-پنجهتر سالن ڪان پوءِ بہ اهو بحث هلندڙ هجي تہ ملڪ ۾ ڪهڙو نظام هجڻ گھرجي. ملڪ ۾ موڪل جمع ڏينهن هجي يا آچر ڏينهن. ڪو فيصلو نہ ٿو ٿئي رڳو بحث پيو هلي. ڏنو وڃي تہ سازشن جي ابي گورنر جنرل غلام محمد ان بحث کي شروع ڪيو جنهن ڪان پوءِ اهو اڄ ڏينهن تائين بند ڪونہ ٿيو آهي.

ايوب شاهيءَ جي ضد هئي تہ صدارتي نظام آڏو جيڪو اچي ان کي نہ بخشيو وڃي بنگالين ان تي اعتراض واريا تہ انهن کي علحده ٿيڻ لاءِ چيو ويو. محترمہ فاطمہ جناح جهڙي عورت کي هندستان جو ايجنٽ ڪوني زبردستيءَ هارايو ويو.

يحيىٰ خان به ساڳي خواهش رکي پر سندس اوليت جسماني عياشي هئي جنهن مان واندڪائي نه ملڻ سبب هو ان تي وڌيڪ ڪم ڪونه ڪري سگهيو ۽ حالتن ان کي پنهنجي منطقي انجام تائين پهچايو.

جنرل ضيا ان تي تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ مذهبي ڪارڊ استعمال ڪندي ان کي رائج ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. يارنهن سال ڪارو اونداهون دور هلندو رهيو جنهن جي پڄاڻي هوائي حادثي سان ٿي. ملڪ جي پاڙن ۾ زهر اوتيو ويو جيڪو قدم قدم تي موجود آهي.

مشرف وڏا هيلا وسيلا هلايا، ريفرينڊم ڪرائي پاڻ کي چيف ايگزيڪيوٽو مان صدر ٿي ويو. اهڙو نظام لاڳو ڪيائين جنهن ۾ هر ضلع/تعلقي کي اهڙن ماڻهن جي حوالي ڪيو ويو جن اهڙا ڪم ڪيا جو الامان الحفيظ. ملڪ جو ذرو ذرو هڪ فرعون حوالي رهيو. مشرف کي ملڪي ڪورٽ اهڙي سزا ٻڌائي جيڪا اڄ تائين ڪنهن کي به نه ٻڌائي ويئي آهي يعني اهو ”اعزاز“ صدر مشرف کي حاصل ٿيو جيڪو هن وقت ”مفرور“ آهي.

هاڻي هي همراه به چاهي ٿو ته هي به صدر ٿئي. هي همراه ساڍن ٽن سالن جي ملڪي تاريخ جي بدترين حڪمرانيءَ ۾ مهانگائيءَ کان سواءِ ڪجهه به ڏيئي ڪونه سگهيو آهي ملڪ وچي تباهيءَ جا پاسا ورتا آهن اندروني حالتون ۽ خارجه پاليسيون بري طرح ناڪام ٿي چڪيون آهن ملڪ جو ڪو دوست دنيا ۾ بچيو ئي ڪونهي. هن وقت عوام جو ذهن بدلائڻ لاءِ/پنهنجون ناڪاميون لڪائڻ لاءِ وري پراڻي بحث کي هيٺ لاٿو ويو آهي. اصل ۾ ڏنو وڃي ته جڏهن به ملڪ ڪنهن به واٽي تي اچي بيهندو آهي ته هي بحث شروع ٿي وري پنهنجو پاڻ بند به ٿي ويندو آهي. هن وقت ملڪ لاءِ پيننگ لفظ ئي مناسب آهي جو استعمال ڪجي تنهنڪري وري هي بحث هيٺ لاٿو ويو آهي.

ملڪي معيشت جي حالت هڏڪين واري آهي. ڪجهه سال اڳ تائين هڪ سو روپين جي ايڪسپورٽ تي هڪ سو پنج-ست روپين جي امپورٽ هئي هن وقت هڪ سو روپين جي ايڪسپورٽ تي ٻه سو ٽيهه روپين جي امپورٽ آهي يعني اسان هڪ سو روپين جو سامان ٻاهر موڪليون ٿا ۽ ٻه سو ٽيهه روپين جو سامان ٻاهران گهرايون ٿا

نتيجي ۾ پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا وڃن ٿا ڏينهون ڏينهن ختم ٿيندا جن جو ازالو قرض وٺي پورو ڪجي ٿو ۽ قرض اندر ئي اندر ملڪ کي اوڌوهيءَ وانگر پورو ڪري چڪو آهي. قرض ڏيندڙ سو سيڪڙو اسان جي ملڪ کي غلام بنائي چڪو آهي. حڪمران انهن جا شرط پورا ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه ڪري نه ٿا سگهن. ملڪ ڪڏهن به ان شهتير وانگر ڪري سگهي ٿو جنهن کي اوڌوهي کائي چڪي هوندي آهي. معيشت جا ماهر چون پيا ملڪ ڏيوالپڻي جو شڪار ٿي چڪو آهي اعلان باقي آهي. قرض جو آخري نتيجو عوام جي بدحاليءَ تي وڃي دنگ ڪندو آهي جيڪو اوهان اسان جي اکئين چوڌاري پيو ڏسجي.

21.01.2022

# بک کي دريء مان ڏسندڙ ستر باز ماري ڇڏيا

هي سماج رڳو ماڻهن لاء ئي دوزخ جو دونهون ڪونهي، رڳو حڪومتي تحويل ۾ ماڻهو ڪونہ پيا مرن پر هتي رهندڙ سڀ جيو بنا فرق جي زهر جهڙي زندگي پيا جيئن.

هڪ خبر موجب ڪسٽمز ڪاتي پاران پڪڙيل ناياب نسل جا ستر باز حڪومتي تحويل ۾ مري ويا. هڪ سال اڳ ڪسٽمز ڪاتي جي اينٽي اسمگلنگ آرگنائيزيشن پريوينٽو گزري ڪراچيء ۾ ڪروائي ڪري سائيبيريا مان مهمان ٿي آيل پنجهتر باز هٿ ڪيا هئا. ڪورٽ اهي باز ڪاتي وٽ تحويل ۾ رکڻ جو حڪم ڪيو هو جنهن مان ستر مري چڪا آهن ۽ پنجن جي حالت بہ خراب آهي. خبر ۾ بازن جي وڏي اگهہ تي عرب رياستن ۾ وڪامجڻ جون خبرون بہ آهن.

ساڳيء ريت ڪجهہ ڏينهن اڳ چڙيا گهرن ۾ قيد معصوم جانور جن جون تصويرون ڏسي معلوم ٿيندو هو تہ انهن ڪيترن ڏينهن ڪان وني گهٽ خوراڪ/بک ڏني هوندي. بک چا آهي ان جي خبر انهن کي ڪونہ پوندي جن پنهنجي بنگلي جي دريء مان بک ڏٺي آهي. اها ڳالهہ مارڪس تہ انارهين صديء ۾ ڪري ويو پر ان تي سو سيڪڙو عمل ايڪيهين صديء ۾ اسان جي ملڪ ۾ پيو ٿئي. وڏيون وڏيون دعوائون ڪندڙ رڳو واڳونء وارا ڳوڙها ڳاڙيندڙ ثابت ٿيا آهن. اخبارون ڀريل آهن انهن منافق حڪمرانن جا جن جا بيان ۽ عمل بلڪل ابتڙ هجن ٿا. جيڪي ڳالهائين اهڙو پيا جو لڳي ٿو تہ سموري جهان جو فڪر هنن کي ڪائي ويو پر عمل اهڙا ٿن جو وس پڇين تہ دنيا ۾ هڪ ماڻهو جيئرو نہ ڇڏين. چا انهن کي خبر ڪونهي تہ سندن ملڪ ۾ سندن حڪمرانيء ۾ چا پيو ٿئي

مٿئين خبر موجب ايتري تعداد پکين جو مرڻ ڪا گهٽ ڳالهہ تہ ڪونهي. چا دنيا جي ڪنهن ملڪ ۾ جتي انسانن جي حڪمراني آهي اتي ڪڏهن ائين ٿيو هوندو. انهن پکين لاء اهڙو رهائشي/پالڻ جو انتظام نہ ٿا ڪري سگهو انهن جي ڪاڏ خوراڪ نہ ٿا ڪري سگهو تہ پوء اهڙا ڪم ڪيو چو ٿا. پرديسي پکي ان لاء ٿا اچن تہ اوهين انهن کي قاسائي قيد ڪري ظالم پيسي وارن جي هٿ وڪڻي ڇڏيو.

لڳي ٿو تہ خبر جو پويون حصو صحيح آهي يعني اهي معصوم پڪي وڪيا ويا هوندا ۽ ڪروڙين روپيا مڙيا مچ هزار ياڳا ٿيندي سهٽي وانگر ياڳا ٿيا هوندا. ڪيترائي ياڳا انهن معصوم حڪمرانن جي حصي پتيءَ ۾ بہ آيا هوندا.

جڏهن ڪان هي حڪمران (جنهن ڪي شايد اها خبر بہ ڪونهي تہ هو هاٿي حزب اختلاف ۾ نہ پر ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو آهي هاٿي ان ڪي رڙيون ڪوڪون نہ پر ڪم ڪري ڏيکارٽو آهي) آيو آهي ملڪ ان ماٺهوءَ وانگر

# وزيراعظم جي چين ۾ آجيان

هڪ اخباري خبر هيئن هئي ”وزير اعظم عمران خان چين 4 ڏينهن جي دوري تي چين پهچي ويو، چين جي نائب پرڏيهي وزير چيني سفارتي اختيارين وزيراعظم جو استقبال ڪيو“

ٻي جنگ عظيم هلندي هڪ ملڪ جي سربراهه جي پٽ (جيڪو هڪ فوجي هو) کي دشمن ملڪ پاران گرفتار ڪيو ويو. ان دشمن ملڪ ان پٽ جي پيءُ کي (اهو سوچي فون ڪئي ته هاڻي هي مجبور آهي جيڪو چونداسين اهو ڪري وجهندو) چيو ته پٽ جي عيوض ڪجهه جنرل جيڪي اوهان وٽ اڳ ئي قيد آهن ڇڏيو ته اسان اوهان جو پٽ آزاد ڪريون. ان سربراهه وراڻيو فوجيءُ جي عيوض فوجي ڇڏينداسين جنرل جي عيوض جنرل جيڪڏهن قبول آهي ته ٺيڪ نه ته بس.

سنڌيءُ ۾ چوندا آهن مڙس مڙس جو مٽ هوندو آهي. مثال طور ملهه جي ميدان ۾ ڪو وڏو پهلوان پاڻ کان گهٽ ٻيهڪ واري سان ملهه ڪونه وڙهندو آهي جو اهو ئي اصول هلندڙ آهي هن راند ۾ ته مڙس مڙس جو مٽ باقي پاڻ کان گهٽ واري سان وڙهڻ توهين آهي.

وزيراعظم جو استقبال نائب پرڏيهي وزير ڪري اهو اسان جي چوٽي مطابق صحيح ناهي ۽ راند جي اصول مطابق هڪ توهين آهي. ڇا چين جو صدر، وزيراعظم يا وزير خارجه مجبوريءُ سبب وزيراعظم ۽ ان سان ويندڙ وفد (جنهن ۾ پرڏيهي وزير شاهه محمود قريشي سميت گهڻا ئي شامل آهن) جو استقبال نه ڪري سگهيا، نه ائين ناهي. دنيا ۾ سفارتڪاريءُ جا به ڪي آداب ٿيندا آهن آجيان ڪرڻ لاءِ ايندڙ جي حيثيت نظر ۾ رکي ويندي آهي يعني مڙس مڙس جو مٽ. ڳالهه ڪي اجان به هيئن سمجهجي ته وڌيڪ بهتر ٿيندو ته جيڪڏهن چين جو وزيراعظم پنهنجي پرڏيهي وزير سميت اسان جي ملڪ اچي ها ته اسان جي ملڪ جو به ڪو ايرو غيرو ان جي آجيان ڪري ها. ڪڏهن به نه، اسان جي ملڪ جي وزيراعظم جي ننڊ حرام هجي ها سمورو وقت پريشان رهي ها پنهنجي ڪابينه سميت اتي پهچي وڃي ها ته پوءِ چينين ائين چو ڪونه ڪيو.

هڪ هٿ آهي گهرندڙ ٻيو آهي عطا ڪندڙ اسان جي ملڪ جو هٿ هميشهہ گهرندڙ رهيو آهي. چينين کي خبر آهي تہ پلي پاڪستاني ميڊيا دنيا کي اهو باور ڪرائڻ لاءِ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏي تہ دنيا جي وڏن ملڪن/يورپ پاران اولمپڪ راندين جو بائيڪاٽ ڪرڻ باوجود پاڪستان ان ۾ شرڪت ڪري چين تي ٿورو ڪري رهيو آهي پر اصل ۾ وزيراعظم پنهنجي وفد واري فوج سان قرض گهرڻ ئي اچي رهيو آهي. تي ارب قرض ڪپي ان لاءِ هي سڀ جتن ڪيا وڃن ٿا.

آءِ اين ايف کان پوءِ چين، روس، سعودي عرب سميت دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ کان قرض ملي تہ ونبو ۽ ضرور ونبو پوءِ شرط ڪهڙا بہ هجن هاڻي تہ ڪزاڪستان کان بہ قرض وٺڻ جون تياريون تي رهيون آهن. قرض چا آهي ان لاءِ پنهنجي چوڌاري ڳالهايا/ٻڌا ويندڙ جملا سوچي سمجهي سگهجي ٿو. اسان وٽ جيڪڏهن ڪو ڪنهن هڪ کان قرض وٺڻ کان پوءِ ٻئي/ٽئين ڏي ويندو آهي تہ سيني جي نظرن ۾ ڪري پوندڙ سمجهو ويندو آهي ان جي عزت جيئڻ پوءِ تيئڻ متيءِ ۾ ملندي ويندي آهي بس پرڏيهي قرض بہ ائين ئي آهي جو تہ اسان جي سماج ۾ هڪ فرد واري حيثيت ئي هجي ٿي هڪ ملڪ جي دنيا جي ڳولي ۾.

آءِ ايم ايف جا شرط پورا ڪندي ڪندي ملڪ وڃي هڏائين پڄري جهڙي شڪل ورتي آهي. ڏينهون ڏينهن ايندڙ مهانگائي جا طوفان (عوام جو معيار زندگيءِ جو ڪرڻ غربت جي ليڪ کان هيٺ گذاريندڙن ۾ ڏينهون ڏينهن ٿيندڙ بي پناہ اضافو) انهن شرطن جي پوئواري ڪندي ئي ايندا رهن ٿا. ان ۾ آءِ ايم ايف جو ڏوہ ڪونهي اوهان پنهنجي آس پاس ڏسو قرض ڏيندڙ قرض ڏيڻ کان اڳ پنهنجي قرض کي محفوظ ڪرڻ جو خواهشمند هوندو آهي جيڪو هن جو حق بہ آهي. اوهان ڪڏهن رحم طور ڪنهن کي قرض ڏيندي ڪونہ ڏٺو هوندو رحم ڪائي ڏني ويندڙ رقم خيرات هوندي آهي توڙي جو قرض ۽ خيرات ۾ وڏو فرق هجي ٿو پر گهٽو قرض/وري وري قرض اڳتي هلي خيرات جهڙي صورت وٺندو آهي. گهرندڙ جو ڪنڌ هيٺ ۽ ڏيندڙ جو ڪنڌ مٿي ٿيندو ويندو آهي جنهن جي صورت اسان اوهان جي سامهون آهي تہ ملڪ جي وزيراعظم جي آجيان دنيائي اصولن مطابق ڪونہ ٿي.

ملڪي ميڊيا پاران وزيراعظم جي دوري لاءِ ٽيندڙ پروپيگندا سان گڏ اهي سوال به گردش ۾ هئا/آهن ته چا چين جو صدر وزيراعظم سان ملاقات لاءِ راضي به ٿيندو يا ڪونه جنهن لاءِ شروعات ته سٺي ڪونهي باقي خبر ۾ به رڳو به يا چار ڏينهن.

04.02.2022

# انساني سِسِين جو فصل تيار آهي

تاريخ جي هڪ بدبخت حڪمران جمع جي خطبي ۾ چوڏاري نظر ڦيرائي فرمايو هو ته سسين جو فصل تيار ٿي ويو آهي ۽ پوءِ قتلام جو حڪم جاري ڪيائين ڪجھ لمحن ۾ ئي رت جا درياءَ وهي هليا. اسان جي ملڪ ۾ (خاص طور سنڌ ۾) به عوام جي سسين جو فصل تيار ٿي چڪو آهي هر وڏيرو باختيار بڻايو ويو آهي ته جيئن هو اهو تيار فصل لٽي وٺي. علائقا ورهائي ڏنا ويا آهن پوليس روينيو سميت سڀ ڪاتا صبح جو اٿي وڏيري جي ڪوٽ جو طواف ڪري هدايتون وٺي پوءِ پنهنجي آفيس پهچن ٿا پوءِ عوام کي دوزخ جو دونهون ڏيڻ شروع ڪن ٿا. وڏيرا اهڙو ڪاروبار ڪيتري وقت کان پيا هلائين.

هڪ ڪاروبار ڳوٺ نواب ولي محمد ۾ ڪيو ويو جتي پوليس جي موجودگيءَ ۾ ڇهن سسين جو فصل لٽيو ويو. پوليس منتون ڪندي رهي پر هدايتون ڏيئي موڪليل ”جوانن“ اهي منتون نه ٻڌيون ۽ هدايتن مطابق رڪاوٽ بڻجندڙ ايس ايچ او کي به انهن سان گڏ ئي قتل ڪيو ويو جن لاءِ حڪم مليل هو. هڪ ڳالھ ياد رکڻ گهرجي ته مرندڙ هاري ئي هئا جنهن لاءِ ڪجھ ڏينهن اڳ ڏينهن پيپلز پارٽي جي چيئرمين جي اڳواڻيءَ ۾ انهن کي ياڻ جي فراهميءَ لاءِ مظاهرن وارا ڊراما ٿيا هئا.

هن قتلام جوحڪم ڪنهن ڏنو ۽ ڪنهن جي ڏِڌِ تي ڏنو ويو اصل سوال اهو آهي.

طاقت جي هڪ نفسيات آهي ته ان کي ڪنٽرول ۾ رکڻ وڏو ڏکيو ڪم آهي. جڏهن عام ماڻهو سياسي طور ايترو وائڙو بڻايو وڃي جو اهو پنهنجي قاتلن کي ووٽ ڏيڻ وقت اهو نه سمجهي سگهي ته منهنجو ووٽ منهنجي قاتل کي مضبوط ڪندو ته اهو وڌيڪ مضبوط بڻايل قاتل پنهنجي طاقت کي ڪنٽرول ۾ رکي سگهي اهو سائنسي طور ناممڪن آهي. ننڍڙن ذهنن کي وڏين ڪرسين تي ويهاري ڌرتي دوزخ بڻائيندڙن کي سوچڻ گهرجي ته اهو ئي ساڳيو عوام مختلف نالن/نعرن جي غلاميءَ ۾ ڦاسائي گهڻو وقت غلام نه ٿو رکي سگهجي. جيڪو عوام ڏھ دفعا ويھ دفعا ايم اين اي/ايم پي اي/وزير/وزيراعظم جا رڪارڊ نهرائي سگهي ٿو ته اهو ساڳيو عوام اها ڏنل

عزت واپس به وٺي سگهي ٿو. تاريخ مان هنن کو سبق سکيو کونهي ۽ نه ئي سکڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

ڇهن سسين ايف آء آر ڪٽرائڻ چاهي ته طاقت ان اڳيان به ديوار بڻجي ويئي. لاش رکي ڌرڻو هنيو ويو جتي ڪيترا ڪلاڪ ٽريفڪ بند رهي ڪي پنهنجي ٻارڙن سان ڦاسي پيا ڪي سامان پاروٽا ٿي ڏپ ڪري ويا بيڪ ڊور ڊپلوميسي هلندي رهي، پهريائين ته طاقت گوڏا کوڙڻ لاء تيار نه هئي پوءِ جڏهن ڪيترين ئي پارٽين جا نمائندا پنهنجي ڪارڪنن سان اچي پهتا نعرا لڳا. وڪيل برادريء احتجاج ڪيا صحافين ڪالم لکيا، سنڌ جي هر ڳوٺ هر شهر ۾ مظاهرا ٿيا. ان وچ ۾ کو حڪومتي نمائندو ان ڌرڻي وارن مظلومن ڏانهن لڙي کونه ويو اها به ڳالهه ياد رکڻ جهڙي آهي ته جڏهن ڪوئيٽه ۾ هزارا برادريءَ وارن جا ماڻهو قتل ٿيا هئا ۽ انهن اهو چئي ڌرڻو هنيو هو ته جيسين وزيراعظم صاحب کونه ايندو تيسين اسين لاش کونه دفنائينداسون تڏهن سنڌ حڪومت جي اصل وارثن اپ ڏاريندڙ رڙيون ڪيون هيون ته وزيراعظم کي انهن وٽ وڃڻ کپي اجان تائين وزيراعظم چو کونه ويو آهي پر اهي حڪمران هتي ٻيو رويو رکندڙ هئا. ان وچ ۾ وفاق پراڻا پلاند ڪرڻ لاء اندران ئي اندران ڪاٽ هٽڻ شروع ڪيا لفظن جون وڏيون رانديون ٿيون پوء طاقت کي سمجهه ۾ آيو ته ”هاٿي گند ٿيندو“ تڏهن وجي ايف آء آر لکڻ جي ”اجازت“ ڏني ويئي ۽ قانون ويچارو چيرا ڪدي لاشن کي قانوني طور گم ڪرڻ لاء لفظ ڳولي لکندو رهيو. هاٿي ايف آء آر جي لفظن منجهان لفظ ڳولهيا ويندا ۽ ڪيس کي ختم ڪرڻ لاء وڪيل ڪتاب ٽيبل تي هٽندا ۽ قاتل باعزت بري ٿي ويندا بلڪل ائين جيئن سو ماڻهن جا قاتل بري ٿي ويا.

سنڌ جي حڪمران پارٽيء جي چيئرمين ان قتلام جو نوٽيس ورتو آهي، گورنر به نوٽيس ورتو آهي نوٽيسن جي پرمار آهي پر نوٽيسن جو انجام تاريخ ٻڌائي ٿي ته کو سنو کونه ٿيو آهي.

سسين جي هن فصل کان پوء ٻئي ڏينهن سکر ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ پائرن ۽ سوٽن پاران هڪ عورت سميت ڇهه سسين جو فصل لٽيو ويو. موگنبو خوش هوا

وانگر وڏيرن جي روح شانتي حاصل ڪئي ۽ مور جي ٽور هلندي هنن پنهنجي بنگلي ۾ پسار ڪيو.

متئين بيان ڪيل منظرنامي ۾ پوليس منتون ڪندي رهي وارو جملو سوشل ميڊيا تي تمام گهڻو هليو جنهن تي ڪيترا ئي تبصرا ٿيا. جنهن سماج ۾ قانون جا رکوالا قانون جو لاش ڪٽنڊڙ بڻجي پون اتي قانون چِٻرا ڪيڻ ڪان سواءِ ڇا ڪري سگهندو. پوليس ڪي هن حال تائين ڪنهن پهچايو آهي جواب ۾ ٻين جا نالا ته ايندا پر پوليس جو پنهنجو نالو به ايندو جنهن پاڻ کي بنگلن جو ڳيجهو ۽ غلام بنايو آهي ته پوءِ اهو علم(سي ايس ايس وغيره) ڪهڙي ڪم جو جنهن کي پڙهندي بابا امان جي محنتن سان ڪمايل پيسا خرچيا ويا راتين جون ننڊون حرام ڪيون ويو جيڪڏهن انسان دشمني ئي ڪرڻي آهي ته پوءِ اسڪول ڪاليج ڇو، ايڏا وڏا امتحان محنتون ڇو!

18.02.2022

# روس ڪي چا ڪرڻ گھرجي ها!

جيڪڏهن ڪو ٻاهريون ماڻهو/ٻئي شهر/ٻئي ملڪ جو ماڻهو منهنجي گھر جي ڪمري ۾ پنهنجي اوطاق ناهڻ چاهي ته مون ڪي چا ڪرڻ گھرجي هن سوال جو جواب ڏيئي پوءِ اڳتي وڌو.

سوويت يونين جي خاتمي تي به جڏهن آمريڪا جي دل ڪين ٺري ته هن روس، جيڪو سوويت يونين جو محرڪ هو تنهن ڪي گِٽ وجهڻ لاءِ ان جي پراڻين رياستن مٿان "شفقت" جو هٿ گھمائڻ شروع ڪيو. بلڪل ان طرح جو هٿ سيٽو ۽ سينٽو ۾ شامل ڪري اسان جي مٿي تي به رکيو ويو هو جنهن جو نتيجو سامهون آهي. ڳالهه جيڪڏهن دوستيءَ جي هجي ها ته به قبول پر انهن سيني رياستن ڪي نيٽو ۾ شامل ڪرڻ روس لاءِ موت هو ۽ موت ڪنهن ڪي به قبول ڪونه هجي ٿو.

يوڪرين سوويت رياستن منجهان هڪ اهڙي رياست هئي جتي سوويت يونين جون سڀ کان وڏيڪ صنعتون هيون خاص طور تي هٿيارن جي صنعت جو هي مرڪز هو تنهن ڪري آمريڪا شروعات اتان ڪئي جيڪا اوٽيويهه سو ايڪانوي ٻيانوي جي ڳالهه آهي. ٻي ڳالهه ته روس ۽ يوڪرين تاريخي لحاظ کان هڪ ٻئي سان تمام گھڻا واڳيل آهن هنن جا شهري هڪ ٻئي ۾ ضم ٿيل آهن. يوڪرين جي ڪيترن علائقن ۾ روسي ٻولي ڳالهائڻ وارا يوڪريني ٻولي ڳالهائڻ وارن کان به اڪثريت ۾ آهن. يوڪريني ٻولي خود پنهنجي لپيءَ ۾ ڪونه پر بائلورشين لپي يا روسي لپيءَ ۾ لکي ويندي آهي. ڪا به ٻولي ٻين ٻولين جا اثر ڪو يڪدم ڪونه قبوليندي آهي مثال روسي ٻولي عربي/سنڌي/هندي جا اثر قبول ڪونه ڪندي اهو ٻوليءَ جو لپي وارو تعلق قومن جي پاڙ ۾ تعلق بابت گھڻو ڪجهه ٻڌائيندڙ هجي ٿو. تورن لفظن ۾ اهو ته تاريخ ۾ ڪنهن به طور روس جو ذڪر يوڪرين کان سواءِ ۽ يوڪرين جو ذڪر روس کان سواءِ ڪري ئي نه ٿو سگھجي. ان صورت حال ۾ اتي ريڊ ڪلف وانگر هڪ ليڪ ڪيڻ ۽ اتي وري پنهنجي اوطاق ناهڻ روس ڪي قبول ڇو هجڻ گھرجي.

بقول اشوڪ اعظم جي جنگ هڪ ڏوه آهي اسان سڀ به جنگ ڪي ڏوه سمجهندڙ آهيون ۽ ڪوبه شعور وارو انسان ڪنهن به جنگ جي حمايت نه ٿو ڪري سگھي.

روسي حملي جي بہ نہ پر پنهنجي وجودي بچاء لاء نہ وڙهڻ بہ هڪ ڏوه آهي جنهن جي سزا جنگي ڏوه ڪان بہ وڏي آهي. جن قومن پنهنجي وجود جي حفاظت لاء ويڙه ناهي ڪئي انهن جا وجود تاريخ پنهنجي صفحن تان ميساري ڇڏيا آهن اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

هاڻي ڇا ٿيندو....ان جو جواب ايترو ڏکيو ڪونهي لڳي ٿو تہ آمريڪا ۽ يورپي يونين هن جنگ کي رڳو سلامتي ڪائونسل (جتي روس کي ويٽو پاور حاصل آهي) ڪان پوء جنرل اسمبلي (جيڪا رڳو نهراء پاس ڪري سگهي ٿي ڪنهن کي ڪجهہ ڪرڻ لاء مجبور نہ ٿي ڪري سگهي) ڪٽي ويندا جنهن ڪان پوء پابنديون هڻي سگهن ٿا ان ڪان مٿي ڪجهہ ڪونہ. تہ ڇا روس خاموش ويهندو نہ ڪڏهن بہ نہ جيڪڏهن روس پاران يورپ جي رڳو گيس لائين بند ڪئي ويئي تہ يورپ کي نڪ ناڪيلي لڳي ويندي تنهنڪري قوي امڪان اهو ئي آهي تہ رڳو گدڙ ڀڀڪيون جاري رهن.

روس يوڪرين جي طاقت جو فرق بہ تمام گهڻو آهي تنهنڪري امڪان آهي تہ روس پاران سرجيڪل اسٽرائيڪ ريت جون ڪارروايون ڪري ڳالهہ کي جلدي ڪنهن ٿانو ۾ وڌو وڃي ڇو تہ اڄ ڊگهي جنگ جو زمانو ڪونهي ۽ سموري دنيا ڄاڻي ٿي تہ جيڪڏهن جنگ شروع ٿي ۽ ڪو ٻيو ملڪ وچ ۾ آيو تہ ان جنگ کي روڪڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هوندي.

دنيا تي هن حملي جا اثر بہ تمام گهرا ٿي سگهن ٿا خاص طور تي دنيا جي گڏيل اقتصادي پيداوار جيڪا اڳ ۾ ئي دٻاء ۾ آهي ۽ ٽن سالن ڪان وٺي ڪرونا جي اثرن مان ئي ڪونہ نڪتي آهي اها وڌيڪ خطرناڪ صورت وٺي سگهي ٿي خاص طور تي پوئتي پيل ملڪن جي اقتصادي ترقي وڌيڪ دٻاء ۾ اچي سگهي.

اسان جي ملڪ جو وزيراعظم صاحب بہ روس جي دوري تي هو اهڙي وقت جڏهن ڪيترن هفتن ڪان صورتحال ڪشيده هئي وزيراعظم صاحب جو دورو ڪرڻ مغربي دنيا لاء ڪو سنو پيغام ڪونہ هوندو. پنهنجي وجود ۾ اچڻ ڪان وٺي اسان مغربي دنيا جي اثر هيٺ رهندا آيا آهيون اسان جي معيشت کي آمريڪي امداد ڪان ڌار ڪري ڏسبو تہ پاڇي وڃي بچندي ٻڙي. ان ٻڙيء کي وڌيڪ خبردار رهڻ جي ضرورت آهي خاص طور هن وقت جڏهن ايف اي ٽي ايف واري تلوار بہ مٿان پيئي لڙڪي ۽ عجب

اتفاق تہ ان جو اجلاس بہ هلندڙ آهي. يلي هن ييري نہ پر اها تلوار ڪڍهن بہ گردن مٿان ڪري سگهي ٿي ۽ گردن ۾ ان جو گهاء برداشت ڪرڻ جي سگهہ ڪونهي. ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ روس ۽ چين اسان جي ملڪ کي معاشي ڏيڻ مان ڪڍي سگهن ٿا جيڪو خيال خام خياليء کان سواء ڪجهہ ڪونهي ڇو تہ اهي ٻيئي ملڪ اهڙي پوزيشن ۾ ڪونہ آهن ان کان وڏي ڳالهہ اها تہ ملڪن جا ملڪن سان ورتاء مفادن کان سواء ڪونہ هوندا آهن انسان هڪ ٻئي مٿان رحم ڪائي سگهي ٿو ملڪ هڪ ٻئي مٿان رحم بہ ڪونہ ڪندا آهن.

25.02.2022

# هي لانگ مارچ ڪنهن جي خلاف پيا ٿين!

فارسيءَ جي هڪ چوڻي آهي تہ ”من ترا قاضي بگويم، تو مرا حاجي بگو“ يعني مان توکي قاضي چوندس تون مونکي حاجي چوندو ڪر نتيجي طور عوام اسان ٻنهي کي قاضي ۽ حاجي سمجهندو، اسان مٿان چڙهيل قلعي نہ لهندي گڏيل لٽ ڦر جو سلسلو جاري رهندو. هوبهو ساڳي تصوير اسان جي هن ملڪي سماج جي آهي جتي ٿيندڙ هر عمل آخري طور عوام جي ڪيسن ڪترڻ لاءِ ئي آهي. مٿئين چوڻيءَ کي جيڪڏهن ابتو ڪجي تہ مطلب ٿيندو تون منهنجي خلاف مارچ ڪر مان تنهنجي خلاف نتيجي ۾ عوام منجهي پوندو تہ اصل ڏوهي ڪير آهي. عوام نوان بحث شروع ڪندو هنيوشيون هٽندو پر ڪنهن نتيجي تي ڪونہ پهچندو جنهن جو آخري فائدو وري بہ اسان کي ئي ٿيندو جو تہ ڪيترين ئي ڏڳهي بحث ڪان پوءِ نتيجو اهو ئي نڪرندو تہ ايم اين اي/ايم پي اي ساڳيا ئي هوندا رڳو جهنڊو بدلائي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاري لٽ ڦر وارو ڪم اتان شروع ڪندا جتي ڪنهن ٻي پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي ميمبر چونڊجڻ وقت ڇڏيو هئائون.

پي پي جو لانگ مارچ ڪراچيءَ کان اسلام آباد ڏانهن ٿيندڙ آهي جڏهن تہ پي ٽي آءِ جو مارچ وري سنڌ جي هڪ سرحدي شهر کان ٻئي شهر ڏانهن جاري آهي ٻنهي مارچن کي ڏسي عوام وائڙو ٿي ويل آهي تہ ڪير سچو ڪير ڪوڙو. ٻنهي جا نعرا/ڳالهيون هڪ ٻئي خلاف جيڪي اصل ۾ ان جي پنهنجي لاءِ سچ آهن. پي ٽي آئي جيڪا اڄ تائين سنڌ دشمنيءَ ۾ بہ وڪون اڳتي رهي آهي، خود وزيراعظم ڪڏهن چڱو ڳالهايو بہ ڪونهي سنڌ کي فائدو ڏيڻ تہ پري جي ڳالهہ، اها پارٽي سنڌ جي عوام کي حق ڏيڻ لاءِ شاه محمود قريشيءَ جي سربراهيءَ ۾ جلسا جلوس پيئي ڪري ۽ پي پي جيڪا سنڌ صوبي جي خستہ حاليءَ جو وڏو سبب آهي جيڪا صوبي کي کنڊرات بڻائي چڪي آهي پاڻ بدانتظاميءَ جو ماڊل آهي اها وري پي ٽي آئي تي ساڳيا الزام هڻي بلاول ڀٽي جي سربراهيءَ ۾ جلسا جلوس ڪري رهي آهي ۽ عوام ”ويچارو“ ٻڏجي ٻنهي ڏانهن رحم جوڳين نگاهن سان پيو نهاري ۽ جلوسن ۾ هلندڙ گاڏين جي شاه خرچين تي غور پيو ڪري، اهو پيسو ڪنهن جو آهي جيڪو پاڻي وانگر وهايو

پيو وڃي. چا ڪا پارٽي پنهنجي فنڊن مان اها خرچ پيئي ڪري نه اهي خرچ ڦري گهري عوام جي ئي کيسي کي پيا خالي ڪن. جلسن جلوسن ۾ جيڪي تقريرون ٻنهي طرفن کان ٿين پيون اهي به ٻڌڻ جهڙيون آهن جن کي ٻڌي اهو فيصلو نه ٿو ڪري سگهجي ته انهن تي ڪلجي يا ملڪي بدنصيبيءَ تي روئجي. ٻيئي جتي ٻيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن اتي هڪ ٻئي تي ڪرائي جا ماڻهو گهرائي جلسي ڳاهن کي پرڻ جا الزام به هڻي رهيا آهن جيڪي ڳالهيون سوشل ميڊيا تي هلن پيون.

انهن جلوسن پويان تبديليءَ جي نالي ۾ ساڳين وزيرن مشيرن ميمبرن کان عوام کي ڦرائيندڙ وزيراعظم صاحب خلاف بي اعتماديءَ جي رٿ جو ڳالهيون پڻ هلي رهيون آهن جيڪا روزانو جي بنياد تي دلچسپ شڪل وٺندي پيئي وڃي. اهڙي صورتحال ۾ شاه محمود قريشيءَ جو اسلام آباد کان ٻاهر هجڻ به معنيٰ رکندڙ آهي. هي سائين رڳو ملڪ جي وزيرخارجه جي عهدي تي وينل ڪونهي ان سان گڏوگڏ هي پي ٽي آءِ ۾ نائب جو عهدو رکندڙ به آهي. ٻيو ته جهاز ۾ ماڻهو ڪٺي پهچائيندڙ ۽ اي ٽي ايم ڇَورائيندڙ به هن وقت ملڪ کان ٻاهر وينل آهي اهي ٻيئي ڳالهيون عدم اعتماد واري منصوبي کي وڌيڪ دلچسپ ٻڻائي رهيون آهن.

پي پي ۽ نواز ليگ جن لاءِ سوشل ميڊيا مطابق موجوده ايم اين اي/ايم پي اي سمجهن ٿا ته سڀ ڪجهه اشاري تي پيو ٿئي پنهنجو مستقبل محفوظ ٻڻائڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهن. انهن ميمبرن کي پنهنجي ئي پارٽيءَ جي وزيراعظم خلاف ووٽ ڏيڻ جي قيمت طور ايندڙ اليڪشن ۾ ڪين پارٽي ٽڪيٽ ڏيڻ جا معاهدا پيا ٿين. اتي هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو ته پرائي حڪومت واري دور ۾ پارٽيءَ جو ڏکئي وقت ۾ ساٿ نه ڇڏيندڙ کهڙي منهن سان پنهنجي ڪارڪنن کي ووٽ ڏيڻ لاءِ چئي سگهندا. مثال طور نوازليگ جي هڪ ميمبر کان پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ رکندڙ همراه اليڪشن کٽي ميمبر/وزير/مشير ٿيو. ٽي چار سال پنهنجي عهدي تي رهندي جاوا ڪندو رهيو. اشارو ملڻ تي پنهنجي ئي وزيراعظم خلاف ووٽ ڏيڻ جي نتيجي ۾ نون ليگ جي ٽڪيٽ وٺي عوام وٽ پهتو ته ان جو چا ٿيندو جيڪو هارائي پنهنجي تڪ جي ڪارڪنن سان عذاب ڪاٽيندو رهيو. هاڻي جڏهن ٽڪيٽ وري ان جي مخالف کي ملي آهي ته هو کهڙي منهن سان پنهنجي ڪارڪنن کي چوندو ته ووٽ ڪنهن کي

ڏيٽو آهي. اهو پنهنجي حريف جي اليڪشني مهم ڪيئن هلائي سگهندو. انتهائي غور سان ڏٺو وڃي ته ملڪ جي سموري تاريخ اهڙن ئي ”ڪارنامن“ سان ڀريل آهي ۽ اهڙن ئي ڪارنامن هن ملڪ جي شڪل اهڙي بيهاري آهي جو نه ته دنيا ۾ ڪو ملڪ هن جو دوست نه وري پنهنجي ملڪ جو عوام.

04.03.2022

# چابي وري بہ اسٽيبلشمينٽ جي هٿ ۾ آهي

پنهنجي عمر جي حساب ۾ جيڪي بہ حڪومتون ڏٺيون آهن اهي اهڙي پارليامينٽ مان ووٽ وٺي ٺهندڙ رهيون آهن جنهن ڪي هينگ/لٽڪيل اسمبلي سڏيو ويندو آهي. اسمبلي سدائين اهڙي چو آهي يعني ڪجهه سيٽون ڪا پارٽي ڪجهه سيٽون ڪا پارٽي ڪجهه سيٽون آزاد ميمبر کٽي اسمبليءِ ۾ پهچندا آخري طور تي ڪابہ پارٽي رڳو حڪومت ٺاهي سگهي هلائي نہ سگهي. هتي سوال اهو آهي تہ اها ورهاست سدائين اتفاقي آهي يا هيندبہ ميد/هٿ جي نهيل. جواب آهي تہ اها هٿراڌو آهي ۽ ”انگن اکرن جي جادوئي راند“

مثالطور جيڪڏهن ڳالهہ 1988 کان شروع ڪجي تہ 1983-86 جي تحريڪ جي نتيجي ۾ جڏهن ڪرسي پيپلز پارٽيءِ کي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو تہ پيپلز پارٽيءِ کي ٽڪيٽ ڏيڻ لاءِ ”ڪرسي ڏيڻ وارن“ پاران اهڙن ماڻهن جي لسٽ ڏني ويئي جيڪي سڌا اڻ سڌا پٽي جي قتل ۾ ملوث هئا يا ان جي قتل تي منايون ورهايون هئائون بين لفظن ۾ مهرا هئا. پيپلز پارٽي ملندڙ اقتداري خوشيءِ ۾ اهو وساري ويٺي تہ ”ٺاهي وري ڍاهڻ“ هنن جو ڪابي هٿ جو کيل آهي ان خوشيءِ ۾ هن پارٽي انهن سيني کي وساري ڇڏيو جيڪي ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سندن ساٿي هئا. جڏهن اليڪشن ٿي تہ ايم ڪيو ايم (جنهن کي پنڊرنهن) قومي اسمبليءِ جو سيٽون ڏياريون ويون هيون، حڪومت ٺاهڻ لاءِ سيني انهن ڏانهن پنڌ شروع ڪيا ان وچ ۾ ٽي وي ٽاڪ شوز ۾ ايم ڪيو ايم کي آسماني تحفو قرار ڏيڻ لاءِ زمين آسمان هڪ ڪيو ويو. نيٺ ”حڪم“ تحت انهن پيپلز پارٽيءِ کي ووٽ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو اڳتي هلي انهن پنڊرنهن ووٽن حڪومت جو جيڪو حشر ڪيو اهو هتي بيان ڪرڻ کان وڌيڪ آهي بس وزيراعلى ڪلاڪن جا ڪلاڪ اتي ملاقات لاءِ انتظار ڪندو هو ۽ شرف ملڻ کان پوءِ هڪ ڊگهي لسٽ وٺي ان تي عمل لاءِ روانو ٿيندو هو. اهو عمل هفتي بن ۾ ضرور ٿيندو هو. جڏهن حڪومت بليڪ ميل ٿيندي ٿيندي ٿڪي پيئي ۽ هڪ حد پار ٿيندي ڏٺي تہ هن پنهنجي هٿ کي ٽورو پوئتي ڇڪيو نتيجي ۾ عدم اعتماد جي

تحريڪ آندي ويئي جنهن حڪومت جي چيلهه ڀڃي وڌي. اهي ساڳيا ماڻهو ٻئي دفعي ڪنهن ٻئي سان اهو سڀ ڪندا رهيا.

ملڪ جي نهڻ ڪان وٺي مٿي بيان ڪيل سين/منظر ئي ورجايو ويندو رهيو آهي جيڪو هاڻي به جاري آهي. چند مهرا جيڪي ٿنيا ٻڌيل آهن ساڳيا ئي سال جاوا ڪرڻ ڪان پوء سموري ملڪ جي عوام جي اعصابن سان کيڏن پيا. ڪنهن کي به سڌي "ها يا نه" ڪونه پيا ڪن بس ڳجهه ۾ پيا ڳالهائين ۽ پنهنجي لٽ قر کي مضبوط پيا ڪن.

حڪومت اندر به اهڙا وزير موجود آهن جيڪي "اصل ۾ هڪ آهن ۽ ٻڌڻ ۾ ٻه". اهي هن وزيراعظم (جنهن کي ڪو اهڙو تجربو ڪونهي) کي اهڙي نهج تي پهچائي پوء پير کيڏڻ پيا چاهين جتي هنن اڳ وارن کي پهچايو هو ۽ پير کڏيا هئا.

هو سدائين وانگر وزيراعظم کي چون پيا "اپوزيشن جي ڦوڪٽي مان هوا نڪري چڪي آهي اوهان انهن تي اهڙو زوردار حملو ڪيو جو انهن جون وايون بتال ٿي وڃن" ۽ پوء وزيراعظم انهن کي سچو/پنهنجو ماڻهو سمجهي جوابي حملي جو اندازو لڳائڻ بنا ڦوڪٽي مان هوا نڪتل ماڻهن مٿان حملي لاء سوچي رهيو آهي جنهن جو نتيجو اهو ئي نڪرندو جو اڳي وارن وانگر وزيراعظم پاڻ به ستين آسمان تان هيٺ اچي ڪرندو.

جيڪو ڪجهه ٿئي پيو هدايتڪار جي هدايت مطابق پيو ٿئي. ايم ڪيو ايم، ق ليگ ۽ تحريڪ انصاف ۾ ويٺل اهي ميمبر جيڪي اسٽيبلشمينٽ جي ايلفيء سان ڳنڍيل آهن اهي هڪ پاسي اهو روئڻو پيا روئن ته سندن مطالبا پورا نه ٿيا آهن حڪومت مايوس ڪيو آهي ٻئي پاسي اهي اپوزيشن ڪان عهدا پيا گهرن. مٿان وري اهو قهر ڏسو جو ٽي وي چينل/يوٽيوب تي ٽيندڙ تبصرن ۾ اهو پيو چيو وڃي ته وزارت/عهدو گهري فلاڻي پارٽيء وارن اصولي موقف رکيو آهي چو ته هنن سدائين اصولي سياست ئي ڪئي آهي. يعني اي الله تنهنجا سادا ٻانها ڪاڏي وڃن جو سلطاني به عياري ته درويشي به عياري.

انهن دوست سڄڻن ئي وزيراعظم صاحب کي صلاح ڏني آهي ته اسلام آباد ۾ ڏه لک ماڻهو گڏ ڪجن، انهن کي وزيراعظم صاحب خطاب ڪري ايترو جذباتي ٻڌائي جو اهي ايندڙ ويندڙ ميمبرن کي خونخوار نظرن سان ڏسن ۽ "نامعلو" "بگڙي لوگ"

وري ڪو ممڻ مچائين جنهن جو سچو ڪيس وزيراعظم جي ڪنڌ ۾ وجهي ڪيس سدا لاء تباه برباد ڪري ڇڏجي. وزير صاحبن هاڻي اها صلاح به ڏيڻ شروع ڪئي اٿن ته سنڌ ۾ گورنر راڄ لڳائي سنڌ حڪومت جو خاتمو ڪري عدم اعتماد واري تحريڪ جي مائينڊ ماسٽر ڪي سبق سيکارجي. جيڪڏهن وزيراعظم صاحب ائين ڪرڻ لاء سوچي ٿو ۽ ڪا ٻڙڪ ڪڇي ٿو ته اها ٻڙڪ به ڪيس وڌيڪ پريشان ڪرڻ لاء ڪافي هوندي. ايم ڪيو ايم ق ليگ شيخ رشيد صاحب فواد چوڌري صاحب اصل ۾ هڪ ئي ايلفيءَ سان ڳنڍيل آهن جن ئي سچو ممڻ مچايو آهي. نتيجي ۾ ملڪ ۾ ٿيندڙ انتشار سندن لاء هڪ فلم کان گهٽ نه هوندو اها ڳالهه ملڪي تاريخ به ٻڌائي ٿي.

18.03.2022

# اسٽيبلشمينٽ جو چار ۽ ڪرسي پرست سياستدان

نيٺ اهو ڏينهن بہ ڏسڻ لاء مليو جو "سپ ڪان وڏيڪ سليڪٽيڊ" (اڄ تائين هڪ وزيراعظم بہ "مرضي" ڪان سواء ڪونهي آيو) ٻٽايل سياستدان بہ ان نتيجي تي پهتو جنهن تي پراڻا وزيراعظم پهتا هئا. سپ ان ئي نتيجي تي پهتا تہ ڪين سبز خواب ڏيکاري ڪرسي ڏيئي استعمال ڪري ٽشو وانگر اڇلايو ويو. فرق رڳو اهو آهي تہ ڪي جلد پهتا ڪي دير سان، ڪي هڪ دفعو ڪرسي حاصل ڪرڻ ڪان پوء، ڪي بہ دفعا پر پهتا سيئي. ڏک اهو آهي تہ ڪو بہ ڪرسي وڃڻ ڪان اڳ يعني "بي آبرو هوڪر ڪوچي سي هم نڪلي" ڪان اڳ ڪونہ پهتو.

ملڪي تاريخ جا سپ ئي ڪرسي چمنڊڙ خواب ڪٽي ايندا رهيا ۽ ڪرسيء تي ويهڻ ڪان پوء پاڻ کي "سپ ڪجهہ" سمجهندا رهيا پر جڏهن استعمال ٿي چڪا تہ ڪين سمجهہ ۾ آيو تہ هي رڳو نظر جو دوکو هو، ٻيو ڪجهہ ڪونہ.

لڙڪپن کيل ۾ ڪويا، جواني نيند پر سويا ٻڙهاپا ديک کر رويا وه هي قصا پرانا هي" انتخاب ٿيو اگر ڪان جهلي وڌو کيو ويو، استعمال ٿيو ۽ اڇلايو ويو سمورو قصو اتان شروع ٿي اتي ئي پورو ٿيندو رهيو آهي اڄ تائين.

1977 ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي جو تختو اونڌو ڪري جنرل ضياء اميرالمومنين وارو خواب ڪٽي پهتو تڏهن ڀٽي صاحب رسول بخش پليجي سان ملاقات ڪئي. ملاقات ڪان پوء ڀٽي چيو ڪاش! مان پليجي سان اڳ ۾ مليو هجان ها. ڳالهہ ملاقات جي ڪونهي ڀٽو اڳ ۾ بہ پليجي سان مليو هو پر ان وقت "دست شفقت" مٿس هو جنهنڪري هن سمجهيو تہ شايد "هو منهنجا آهن ۽ سدائين رهندا" تنهنڪري اهو ملڻ "ملڻ" نہ هو. ڪرسيء تي ويهي ۽ تڏي تي ويهي ملڻ ۾ فرق هجي ٿو جيڪا ڳالهہ ڀٽي صاحب کي پوء سمجهہ ۾ آئي، "تہ هو ڪنهن جا بہ ڪونہ آهن" اڳتي هلي انهن ڀٽي سان اها ڪئي جيڪا اڳي ڪنهن سان ڪونہ ٿي هئي. هڪ بي جان ڪيس ۾ هن کي ڦاسيء تي چاڙهيو ويو جنهن جي فتوىٰ تي ڪيترا دفعا آڱريون کڄيون رهيون آهن وڏي قهر جي ڳالهہ اها تہ ان جي ڏيء بہ دفعا وزيراعظم ٿي تہ اهو ڪيس نہ کولرائي سگهي. هن ڪيس کلڻ سان ڀٽو صاحب زنده ڪونہ ٿئي ها پر تاريخ جي درستگيء لاء ۽ اڳتي اهڙن ڪڏن فيصلن لاء دروازا بند ڪرڻ واسطي اهو ضروري

هو. هي ڪيس ايترو ڏکيو نہ ڪونهي ڇو تہ سابق جج صاحبن جا بيان رڪارڊ تي آهن تہ هي عدالتي قتل هو ۽ ججن دٻاءِ ۾ اچي فيصلو ڪيو هو. ساڳي تناظر ۾ هڪ ڳالهہ ڪندو هلجي تہ پنجاب بار جي ڪيترن وڪيلن ڀڳت سنگھہ کي 1931 ۾ ڦاسي ڏيڻ واري ڪيس مان ڪيترين ڪمزورين تلاش ڪندي اهو ڪيس ٻيهر کولي تاريخ جي درستگيءَ لاءِ اپيل جون تياريون ڪندا رهيا آهن.

متي بيان ڪيل پٽي ۽ پليجي صاحبان جي ملاقات ۾ پليجي پٽي تي (گھٽين ڳالهين سان گڏ) واضع ڪيو هو تہ هن وقت تنهنجي لاءِ سڀ دروازا بند ڪيا ويا آهن هاڻي رڳو هڪ ئي دروازو کليل اٿيئي تہ تون عوام وٽ وڃ توڙي جو ان لاءِ بہ دير ٿي چڪي آهي پر اها هڪڙي ڳالهہ ئي تنهنجي لاءِ ناهيل ڦندي کي ختم ڪري سگھي ٿي بيو ڪجھہ ڪونہ.

پوءِ پٽو عوام وٽ ويو وڏا وڏا اجتماع ڪيائين پر تيسين گھڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ پوءِ ”انتخاب ڪري، طوطي وانگر پڙهائي، استعمال ڪري ڪيس ماريو ويو“

ساڳيو ڪم بينظير سان بہ ٿيو ڪيس 1983 ۽ 1986 جي ايم آر ڊي تحريڪ جي بدلي (سنڌين جي جدوجهد مان هوا ڪڍڻ لاءِ) بہ دفعا وزيراعظم بڻائي ٽئين دفعي جا خواب ڏيکاري هن دنيا مان اهڙيءَ ريت رخصت ڪرايو ويو جو اجان تائين خبر ناهي تہ ”هي سڀ ڪنهن ڪيو“ جڏهن ڪيس هٽايو ويو تہ هوءَ بہ عوام وٽ ويئي جلسن ۾ پنهنجي ماڻهن کان اهو نعرو هٽايائين ”يا الله يا رسول، بينظير بيقصور“ پر ”هنن“ تي اهڙا نعرا ڪتي ٿا اثر ڪن هو سمجهي ويا تہ اهي نعرا زبان مان نڪتل آهن دل مان نہ.

نواز شريف بہ ساڳي ئي مرحلي مان گذاريو ويو پر هو ”لاڙڪاڻي ۽ لاهور“ جي فرق ڪري ماريو ڪونہ ويو آهي. پهرئين دفعي ڪيس چيو ويو تہ استيفا ڏي جنهن تي هن ضد ڪئي تہ مان ويندس تہ صدر بہ ويندو ۽ پوءِ ٻيئي ويا. ٻئي دفعي هن اسمبليءَ ۾ ”ياري مينڊيٽ“ سان آمد ڪئي اچڻ شرط انين ترميم جو خاتمو ڪيائين ۽ پاڻ کي بي خطر سمجهي مسند تي ويهي رهيو. ٻئي دفعي ڪيس ٻئي طريقي سان هٽايو ويو. ٽين دفعي ٽين طريقي سان.

هر دفعي ٻين وانگر هي بہ عوام وٽ ويو جتي چيائين مجهي ڪيون نڪالا پر تيسين سندس لاءِ سيني دروازن سان گڏ هي دروازو بہ بند ٿي چڪو هو.

هاڻي هي سائين ٻه اهائي ٻولي پيو ڳالهائي ڏه لک ماڻهن جو جلسو ڪري اتي پنهنجو ڪيس رکڻ پيو چاهي چو ته هن جي لاءِ ٻه سڀ در بند ٿي چڪا آهن. عوام جو در ٻه بند اٿس جو هن عوام سان اها ڪئي آهي جهڙي ٻرڙي ٻارن سان. چوڏاري گهمندڙ ڦرندڙ ڪيس اهڙي ڪُنَ ۾ اچلائي چڪا آهن جتي پيو ڦرندو ۽ جيسين ڪن ۾ ڦاٿل ٻيڙيءِ وانگر تختو تختو ٿي نه پوي تيسين ڪونه نڪري سگهندو.

متي بيان ڪيل سيني حڪمرانن جي ذهنن ۾ اهڙيون ڳالهيون ويهاريون ويون ته هي ٻهارون سدا لاءِ. هي ٻجليون پيون ٻرنديون اهڙين ڳالهين هر ذهن کي فرعون ٺاهيو ڪين عوام ڪوليون ماڪوڙيون لڳيون هڪ لمحو ٻه اهو نه سوچيائون ته تاريخ جو سبق ياد رکون ۽ عوام سان نه ڦتايون جو اڳي پوءِ اهو هڪ ڏڪ در ئي ڪم ايندو.

25.03.2022

# سفارتي خودڪشي

ملڪ جي وزيراعظم صاحب پنهنجي تقرير ۾ فرمايو ته ان کي ڌمڪيءَ وارو خط آمريڪا موڪليو هو. هن خط جو ذڪر ڪيترن ڏينهن کان جاري هو خاص طور تي وزيراعظم صاحب جي ستاويهه مارچ واري جلسي ۾ ڪيل تقرير دوران پنهنجي کيسي مان ڪڍي ڏيکارڻ بعد ان خط تي روزانو سوشل ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي تبصرا ٿيندا رهيا جنهن ڪري هن خط کي تمام گهڻي پذيرائي ملي هئي جنهن کي نيٺ ڪالهه واري تقرير ۾ ملڪي وزيراعظم ان ملڪ جو نالو کڻي واضع ڪري ڇڏيو.

وزيراعظم صاحب جن ٻئي ڏينهن اهو به فرمايو آهي ته ملڪ ۾ پيدا ٿيل غيريقيني واري صورتحال جي ڪري ملڪ مان ڏيڍ ارب ڊالر جي سرمائيڪاري نڪري ويئي آهي جنهن جو واسطو سڌو سنئون عدم اعتماد جي تحريڪ سان آهي جڏهن ته بي بي سي جي اردو ويب سائيٽ تي آيل خبر موجب اسٽيٽ بينڪ جي پڌرائي موجب مالي سال دوران نڪتل سرمائيڪاري ۾ اهي انگ اکر يعني ڏيڍ ارب ڊالر ٻڌايل آهن.

وزيراعظم صاحب جا وزير مشير (جيڪي عدم اعتماد وري پيش ڪيل تحريڪ کان پوءِ ٻين پارٽين کي ايلاز منتن ۾ لڳا پيا آهن ته ڪين قبوليو وڃي ڇو ته هو حڪمرانيءَ جو نشو ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونه آهن پر هر پارٽيءَ مان ڪين جواب مليو آهي) وزيراعظم صاحب لاءِ پيا چون ته ڪيس جان جو خطرو لاحق آهي تنهنڪري سندس حفاظتي اپائن ۾ اضافو ڪيو ويو آهي.

هي ملڪ ڪيڏانهن پيو نيو وڃي ان طرف ڪنهن جو ڌيان ڪونهي. ڪنهن ملڪ جو نالو کڻي اهڙو سنجيده الزام هڻڻ جي نتيجن کان واقف آهي اسان جي ملڪ جو وزيراعظم! هي عهدو انتهائي ذميوار هوندو آهي جڏهن وزيراعظم ڪا ڳالهه ڪري ته اها ملڪي پاليسي طور سمجهي ويندي آهي.

ملڪي وجود ۾ اچڻ جي پهرئين ڏينهن کان آمريڪي ڊالرن جي جيڪا سانوڻي مينهن وانگر برسات ٿيندي رهي آهي هڪ دور ۾ اربين روپين جي امداد کي مگ قري چئي ان ۾ واڌاري جو مطلبو ڪيو ويو هو يوٽيوب تي پيل انٽرويوز ۾ اسان جي ذميوار

عهدن تي ويٺل ماڻهن جا جيڪي انٽرويو پيا آهن انهن ڪي ٻڌي حيرت ٿئي ٿي ته هتي ڊالرن جي "مها ٻوڏ" ايندي رهي آهي اها ٻي ڳالهه ته ان جو لاڀ عوام تائين پهچڻ نه ڏنو ويو ۽ متان ئي متان "ياڳا تيندي سهٽي" وانگر ورهائي وري مغربي ملڪن جي بئنڪن ۾ پنهنجي نالي وارن اڪائونٽن ۾ رکرايا ويا. اهڙي ملڪ لاءِ ايڏو وڏو الزام ڇا ٿو ٻڌائي! اها دوستي اهڙي دشمنيءِ ۾ ڪيئن بدلي اهو سوال به پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. اهي رقمون ونڻ وقت اهو ڇو ڪونه سوچيو ويو ته "اها مهرباني" ختم به ٿي سگهي ٿي.

هن وقت ملڪ جي اقتصادي صورتحال ايتري خراب آهي جنهن جو ڪو مثال ڪونهي. ملڪي جي ڊي پي تاريخ جي گهٽ ۾ گهٽ واري انگن ڪي پيئي ڇهي. ملڪ ۾ انفليشن (افراط زر) جو ريٽ اٺ ڪان ڏه سيڪڙو (سرڪاري طور تي ٻڌايل آهي) آهي جڏهن ته اهو ريٽ ان ڪان تمام گهٽو متي آهي (ملائشيا ۾ اهو به سيڪڙو آهي هي سمجهاٽي طور ڏجي ٿو) ملڪ جي اسٽاڪ مارڪيٽ ڪريش ٿيڻ ڪان به وڏيڪ واري شڪل ۾ پهتل آهي. ملڪي ڪرنسي روپئي جي طاقت ڏينهون ڏينهن گهٽجندڙ آهي ملڪي روپئي ۾ ڪنهن غيرملڪي ڪرنسيءِ سان مقابلي جي طاقت ئي ڪونهي. هڪ ڊالر (سرڪاري طور) هڪ سو پنجاسي جو ٿي چڪو آهي جڏهن ته اصل ۾ اهو به سو جي لڳ ڀڳ هوندو ڇو ته آءِ ايم ايف ڪان قرضن جا انباز وجن پيا ڏينهون ڏينهن وڌندا. ملڪ متان ايف اي ٽي ايف جو ڪارو پاڇو بيٺل آهي. اندروني خلفشار عروج تي آهي. سرحدي صورتحال خراب ڪان خراب تر ڏانهن پيئي وڌي. اهڙي وقت ۾ ڪنهن ملڪ جو نالو ڪٽي ان تي اهڙو الزام هڻڻ جنهن ڪي ثابت به نه ڪري سگهجي ڪهڙي عقلمندي چئبي. هتي سوال اهو آهي ته پوءِ ملڪ جي سڀ ڪان وڏي ذميوار عهدي تي ويٺل شخص اهڙي ڳالهه ڇو ٿو ڪري. ان جو جواب منهنجي نظر ۾ سندس سفارتي ڪلچر ڪان ناواقفيت آهي. جيئن ته هي سائين ڪنهن پارٽي جي بنيءِ مان پڇي ناهي نڪتو تنهنڪري ڪيس اهڙن الزامن جي سنجيدگي ۽ ان جي نتيجن جي خبر ڪونهي شايد. هي سڌي سئين سفارتي خودڪشي آهي جيڪا هن ملڪ لاءِ تمام گندا نتيجا ڏيندي. ٿي سگهي ٿو ته هي سائين اهڙي صورتحال پيدا ڪري ايندڙ حڪمرانن لاءِ ڏکيائون پيدا ڪرڻ چاهيندو هجي جيئن سنڌيءِ ۾ چئبو

آهي تہ نہ ڪيڏنداسون نہ ڪيڏڻ ڏينداسون شايد ڪيس خبر ڪونهي تہ اهي ڏکيائون ڪنهن حڪمران لاءِ گهٽ ملڪ لاءِ وڌيڪ هونديون ۽ اها سفارتي خودڪشي رڳو آمريڪا ڪونہ پر سڄي دنيا ۾ ملڪ جو وقار ڪيرائيندي. دوست ملڪ (جيڪو هن وقت پوري دنيا ۾ ڪونهي) آئنده اسان کي کهڙي نظر سان ڏسندا. پاڻ ئي چون ٿا تہ اسان دنيا ۾ اڪيلائي جو شڪار ٿيندا پيا وڃون.

01.04.2022

# آئين ٽوڙڻ جي سزا ٻہ ملڻ گهرجي

اولهہ پاڪستان جو هڪ گورنر پنهنجي وڏين مُڇن منجهان هڪ تي هٿ رکي چوندو هو ”هي منهنجو آئين آهي“ ٻيءِ مُڇ تي هٿ رکي چوندو هو ”هي منهنجو قانون آهي“. ڏٺو وڃي تہ ملڪ ۾ ايندڙ هر حڪمران (مڇن واري يا بنا مڇن واري) آئين ۽ قانون کي ائين ئي سمجهو آهي ۽ ائين ئي سمجهي عمل ڪيو آهي. ٽي اپريل ٻہ هزار ٻاويهہ تي ٻين حڪمرانن جيئن هن (موجوده حڪمران) بنا مڇن واري سائين بہ آئين کي ائين سمجهو ۽ ان تي عمل ڪيو ۽ ڪرايو.

وزير اعظم دعائون گهرندو رهيو ۽ جڏهن سندس دعا اگهاڻي ۽ ان جي نتيجي ۾ آيل تحريڪ عدم اعتماد سڀ مرحلا طيءِ ڪندي اچي ووٽنگ جي اسٽاپ تي پهتي تہ ووٽنگ لاءِ گهرايل اجلاس مان هڪ ميمبر (وزيرقانون) اٿيو ۽ ڊپٽي اسپيڪر کان هڪ سوال ڪيو ۽ چيو تہ پهريائين هن تي رولنگ ڏيو. اهو سوال هڪ منٽ کان بہ گهٽ وقت جو هو ۽ ٻڌڻ کان پوءِ ڊپٽي اسپيڪر ان تي هڪ سيڪنڊ بنا ڪنهن دماغ جي استعمال جي هڪ پني تي اڳ ۾ ئي لکيل رولنگ پڙهي ٻڌائي تہ موجوده تحريڪ عدم اعتماد غير آئيني آهي ۽ اجلاس ملتوي ڪجي ٿو. پنجاهہ هزار کان وڌيڪ ڪوڙا نپا هٽي اليڪشن کٽڻ جي الزام هيٺ هلندڙ ڪيس ۾ ڪورٽ کان اسٽي وٺي ڊپٽي اسپيڪر جي ذميوار ڪرسيءِ تي ويٺل هن همراهہ فتوىٰ پڙهڻ وقت ايتري تہ تڪڙ ڪئي جو هواس قائم نہ رکندي لکيل رولنگ واري پني تي نالو ان جو پڙهي ويو جيڪو اجلاس ۾ هو ئي ڪونہ يعني سوال هڪ ٻڌو جواب ٻئي پاران ڏنو ويو. شايد اهو ڪم پنجين درجي وارو شاگرد بہ نہ ڪري.

اهو سڀ ايتري پلاننگ سان ٿيو جو حزب اختلاف جا ميمبر هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندا رهجي ويا ۽ ڪجهہ ڪري نہ سگهيا. سندن چهرا ان وقت ايتري بيوسيءِ جي جهلڪ هئا جيئن سندن حڪمراني وقت عوام جا چهرا نسوري بيوسي ڏيکاريندڙ هوندا آهن.

ايتري ۾ وزيراعظم صاحب تقرير ڪندي فرمايو تہ مون صدر کي اسمبلي ٽوڙي نگران حڪومت جو چئي ڇڏيو آهي قوم چوندن جي تياري ڪري. صدر صاحب اسمبلي ٽوڙڻ جو حڪم نامو جاري ڪيو ۽ وزيراعظم صاحب کي نگران حڪومت

جي جوڙجڪ تائين ڪم جاري رکڻ جو چيو. وزيراعظم صاحب جي وزيرن مشيرن هن بيانئي تي ڪم شروع ڪري ڏنو ته حزب اختلاف وارا اليڪشن کان ايترو چو ٽا پري ڀڄن.

وزيراعظم صاحب پنهنجي ميمبرن کي اهو به فرمايو ته مونکي خبر هئي پر مون اوهان کي نه ٻڌايو ڇو ته متان اوهان اها ڳالهه حزب اختلاف جي ميمبرن کي ٻڌايو. پنهنجي ميمبرن کي فخريه انداز ۾ اهو به چيائين ته اوهان جو ڪپتان آخري بال تائين کيڏڻ وارو آهي مون اوهان کي ڪونه چيو هو ته مان اوهان کي سرپرائيز ڏيندس.

جنگ جي دنيا ۾ هڪ لفظ/ٽرم استعمال ٿيندو آهي سرجيڪل اسٽرائيڪ جنهن جو مطلب اهو آهي ته اهڙي تڪڙي ڪاروائي جو ٻئي کي سنڀرڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو ئي نه ملي. هي سمورو عمل سوچيل سمجهيل سرجيڪل اسٽرائيڪ هئي جيڪا وزيراعظم جي سربراهيءِ ۾ منصوبه بنديءِ جي عمل مان گذري. اهو سمورو عمل آئين سان ٺيل اهو ورتاءُ هو جنهن جو مثال اڳي اسان جي ملڪ ۾ ڪونه ملندو توڙي جو پهرئين ڏينهن کان روزانو جي بنياد تي آئين ٽوڙڻ جا خوب تجربا ٿيندا رهيا آهن.
ان دوران ملڪ جي وڏي عدالت پاڻ مرادو نوٽيس ورتو جنهن جي ٻڌڻي چار ڏينهن روزانو جي بنياد تي ٿيندي رهي. عدليه جو پراڻو رڪارڊ ڏسي قوم ۾ بيچيني وڌندي رهي توڙي جو ٻڌڻي دوران ججن پاران ايندڙ ”رمارڪس“ عوام تي پاڻي جي ڇنڊي وانگر پوندا رهيا پر عوام پوئين رڪارڊ ڏسي مايوس ٿيندو رهيو.

ان دوران حزب اختلاف جي ليڊرن خاص طور تي مولانا فضل الرحمان ۽ بلاول ڀٽي پاران انٽرويو دوران سخت احتجاج جي تنبيهه ايندي رهي. اهو به چيو ويو ته احتجاج ايترو سخت هوندو جو اڄ تائين ڪنهن ڏنو ڪونه هوندو.

ڪالهه سپريم ڪورٽ فيصلو ڏنو ته صورتحال رولنگ کان اڳ واري بحال ڪجي ٿي وڌيڪ چيو ويو ته نائين تاريخ اجلاس ڪري ووٽنگ ڪرائي وڃي جيڪڏهن وزيراعظم خلاف رٺ ناڪام ٿئي ٿي ته بس نه ته نئين قائداعوان جو انتخاب به ان ڏينهن ئي ڪرايو وڃي.

ٿي سگهي ٿو عدالت کي وزيراعظم صاحب جي ذهن ۾ پلجندڙ نئين ڪنهن ”هوشياري“ جي ڪڙڪ پئجي ويئي هجي تنهنڪري هنن واضع فيصلو ڏنو ته هيئن هيئن ٿيڻ گهرجي.

هتي سوال اهو آهي ته ڳالهه اتي ختم ڪونه ٿي ٿئي ۽ نه وري ان کي ختم ڪرڻ گهرجي. جن آئين ٽوڙيو انهن کي ان سموري ٽيم سميت سزا به ملڻ گهرجي. ڇو ته اڄ ميڊيا جو زمانو آهي ڪا ڳالهه لڪائي ڪونه ٿي سگهجي. تيار ٿيل سازش ڏاڪي به ڏاڪي ميڊيا تي آيل آهي ان کي بنياد بڻائي سگهجي ٿو ۽ اهو ٿيندو ڇو ته نئين حڪومت اهو سڀ ڪندي. نئين حڪومت صدر صاحب سان گڏ گورنرن سان گڏ وزير مشيرن لاء به گهٽو ڪجهه ڪندي. ٿي سگهي ٿو فارين فنڊنگ ڪيس جو فيصلو جيڪو به تيار آهي اهو به اچي وڃي. هن سموري صورتحال ۾ ڇڙهيون هٽڻ/ڦٽڪڻ حڪومت لاء وڏي تباهي ۽ رسوائي جو سبب بڻبو. وقت وقت جي ڳالهه هوندي آهي ڪڏهن هٿ لائڻ سان مٿي به سون ٿي پوندي ۽ جڏهن وقت نه هوندو ته سون به مٽي ٿي پوندو آهي ڪڏهن پراوا ميمبر به پنهنجا ته ڪڏهن پنهنجا ميمبر به پراوا.

08.04.2022

# آمريڪا مخالف بيانيو ڪيترو ڪاگر ثابت ٿيندو!

اٺ مارچ تي قومي اسمبليءَ ۾ وزيراعظم عمران خان جي خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ پيش ٿي جنهن کي مخالف ڌر پاران آمريڪا سان ملي سندس حڪومت ختم ڪرڻ جي سازش قرار ڏيئي مخالف ڌر کي غدار ڪوٺيو ويو. ستاويهين مارچ تي عمران خان هڪ وڏي جلسي کي خطاب ڪندي ڪيسي مان هڪ خط ڪڍي ڏيکاريو ۽ ٻڌايو ته هن خط وسيلي آمريڪا ڌمڪي ڏني آهي ته ملڪ ۾ عدم اعتماد جي تحريڪ ڪامياب نه ٿي ته ملڪ لاءِ ڀلو نه ٿيندو. اهو خط اڳتي هلي خطرناڪ صورت اختيار ڪندو رهيو. سوشل ميڊيا کان پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تائين ان کي خوب پزيرائي ملي. هن خط کي پوءِ ڊيڪلاسيفاءِ ڪري ڪجھ ”شخصيتن“ کي ڏيکاريو ويو ۽ ڪجھ کي ڏيکارڻ لاءِ تياري به ڪئي ويئي. توڙي جو ان جي اصلي هجڻ تي شڪ ظاهر ڪيا ويا ۽ ان خط کي سفارتڪار پاران موڪلي ويندڙ روزمره جي ڪاروائي چيو ويو جنهن کي سفارتي ٻوليءَ ۾ ڪيبل ڪوٺيو ويندو آهي پر حڪومت بضد رهي ته اها غدارن پاران سازش آهي.

جڏهن سڀ طريقا آزمائڻ کان پوءِ به عمران خان جي حڪومت بچي ڪين سگھي ۽ هو گھر پيڙو ڪيو ويو ته هن آمريڪي مخالف بيانيو کڻي عوام ۾ وڃڻ جو فيصلو ڪيو جنهن لاءِ مختلف شهرن ۾ جلسا ڪيا پيا وڃن. سوال اهو آهي ته آمريڪا مخالف بيانيو عمران خان کي ڪيترو فائدو ڏيندو ان جو جواب ڳولهڻ لاءِ گھڻو نه رڳو به مثال سمجھون ته ڳالھ چٽي ٿي پوندي.

جن ماڻهن عالمي تاريخ جو مطالعو ڪيو آهي اهي عراقي صدر صدام حسين لاءِ ڀلي پيت ڄاڻين ٿا ته ان کي اقتدار ۾ آڻڻ وارو به آمريڪا هو ته ٻارنهن سال ايران سان جنگ ڪرائڻ وارو به آمريڪا ئي هو. ان کي ايٽمي ري ايڪٽر جو شوق ڪرائڻ وارو به آمريڪا هو ته اسرائيل پاران سندس ايٽمي ري ايڪٽر تباه ڪرائڻ وارو به اهو ئي هو. صدام کي ڪويت مٿان حملو ڪرائڻ وارو به آمريڪا هو ته صدام کي ڦاسيءَ جي ڦندي تي پهچائڻ وارو به اهو ئي هو. صدام حسين به هي بيانيو کڻي عوام تائين پهتو هو پر ان وقت تائين ”دير“ ٿي چڪي هئي.

اتي جتي نورجهان ڪي مجهه سي پهلي سي محبت ميري محبوب نه مانگ جهڙو سدا بهار گيت رڳو ان ڪري نه ڳائڻ ڏنو وڃي جو اهو فيض جي شاعري آهي ۽ فيض ڪميونسٽ آهي (۽ ڪميونسٽ آمريڪا مخالف آهن) ان ماحول ۾ ”سوشلزم اسان جي معيشت آهي“ نعري هيٺ ڪنهن کي وزيراعظم جي ڪرسيءَ تي ويهارڻ وارو به آمريڪا هو ته (ان جي بيانئي مطابق ته سفيد هاٿي مون کي مارائڻ چاهي ٿو) ان کي ڦاسيءَ جي ڦندي تائين پهچائڻ وارو به اهو ئي هو. ڀٽو صاحب به 1977 ۾ ضيا پاران تختو التائڻ کان پوءِ اهو ئي بيانيو کڻي نڪتو هو پر ان وقت تائين ”دير“ ٿي چڪي هئي.

ڪالهه فوج جي ترجمان پريس ڪانفرنس ڪري هن بيانئي کي اڏ دفن ڪري ڇڏيو آهي ۽ نئين وفاقي حڪومت ان خط جي تحقيقات به ضرور ڪرائيندي پوءِ جيڪڏهن ان تحقيقات ۾ ان خط کي ملڪ خلاف سازش قرار نه ٿو ڏنو وڃي ته عمران خان جي ان بيانئي جي ڦوڪڻي ۾ هوا باقي رهندي! منهنجي خيال ۾ ائين ئي ٿيندو هن ڦوڪڻي منجهان هوا ڪڍي ويندي پوءِ خالي ڦوڪڻو ڪهڙي ڪم جو!

ٻيو ته هر حڪمران وانگر هن مٿان به ڪي ئي ترارون لڙڪيل آهن (هن جا به ڪيترائي فائيل تيار آهن) هڪ ترار فارين فنڊنگ ڪيس جي به آهي جنهن لاءِ به ڪالهه ڪورٽ سڀوريءَ حڪم ڏيئي ڇڏيو آهي ته ان جو فيصلو هڪ مهيني اندر ڪيو وڃي جيڪڏهن ان ڪيس جو ”فيصلو“ ڏياريو وڃي ٿو ته هن سائين وٽ پاڇي وڃي ٻڙي بچندي ساڳي وقت هن جي پيرن هينان زمين به کسڪائڻ جو ڪم جاري رهندو يعني چوڌاري ڦرنڊڙ هڪ هڪ ٿي ”علحدگي“ اختيار ڪندا ته پوءِ ڳالهه وڃي ڪٿي پهچندي!

سن اوڻيهه سو پنجيتاليهن ۾ نازين جي شڪست کان پوءِ انهن تي جنگي ڏوهن جي الزام هيٺ ڪيس هلايا ويا ان دوران هڪ جنرل چيو هو ته عوام چاهيندو آهي ته هن کي شيون سستيون ملن، ملڪ ۾ امن امان هجي باقي جنگ وغيره سان ان جو ڪو واسطو ڪونه هوندو آهي غور سان ڏٺو وڃي ته وڏو سچ اهو ئي آهي ته عوام کي شيون سستيون ملن، ملڪ ۾ امن امان هجي باقي ڪير ڪرسيءَ تي وينو آهي ان سان عوام جو تعلق ثانوي آهي. وڏو سچ اهو آهي ته عمران خان جو دور ٻنهي

لحاظ کان انتهائي ڏکيو دور هو. هر شيءِ ٻيڻ ٽيڻ تي مهانگي ٿي جنهن عوام کي جهولي ڪٽي بددعائون ڏيڻ تي مجبور ڪيو.

ڪالهه يعني ساڍن ٽن سالن جي حڪومت وڃڻ کان پوءِ وزير خارجه جهڙي عهدي تي رهندڙ قريشي صاحب فرمايو ته ملڪي عوام مهانگائي جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيو آهي يعني رڳو ڏيڍ ڏينهن کانپوءِ اهو احساس ٿيو!

سو لڳي ٿو ته صلاحڪارن پاران هڪ دفعو وري اهڙيون صلاحون ڏنيون پيون وڃن جتان موٽڻ جا سڀ رستا بند ٿي ويندا ۽ ڪجهه ئي هفتن اندر صورحال اهڙي وڃي بيهندي جو هي همراه هن بيانئي تان هٿ ڪٽي ويندو پر تيسين هڪ دفعو وري ”دير“ ٿي چڪي هوندي.

15.04.2022

# ايڪيهين صديءَ ۾ ماڻهو سڙي مرن ٿا!

ڌرتيءَ جي گولي تي اجان تائين هڪ بدنصيب ملڪ آهي جتي ايڪيهين صديءَ ۾ ماڻهو سڙي مرن ٿا جتي جائن جڳهن جو سڙڻ ڪنهن ليکي ۾ ڪونهي، جتي جانورن جو سڙي مرڻ ڪنهن ليکي ۾ ڪونهي جتي ڪيترا ڪلاڪ باه جاري رهي ٿي پري پري تائين فائربرگيڊ جو نالو نشان ڪونهي وارث بيوس ٿي پنهنجا پيارا سڙندي ڏسن ٿا. جتي جا اکين، ڪنن ۽ ضمير کان وانجهيل حڪمران جمهوريت ذريعي عوام کان بهترين انتقام وٺڻ ۾ مصروف آهن انهن کي عوام لاءِ وقت ئي ڪونهي. عوام عوام جي تسبيح پڙهندي جمهوريت تي راتاها هڻندڙن کي تمغا ڏيئي انهن جي در جي چائنٺ چمندا رهن ٿا.

ڇا ڪيفيت هوندي ان ماءِ جي جنهن جي سامهون ان جا ٻچا سڙندا هوندا ۽ هوءَ بيوس ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي هوندي آخر هن بيئي ٻانهون آسمان ڏانهن ڪڍي نهاريو هوندو. ڇا ان وقت ان جي ذهن ۾ اها ڳالهه نہ آئي هوندي تہ اهي دوکي ۽ فراڊ جا ريڪارڊ رکندڙ حڪمران هن جي ڪا واهر ڪين پيا ڪن. ان ماءِ هن نظام کي دعا ڏني هوندي يا بد دعا جنهن نظام کي ناهڻ، ان جي هوس ۾ مرڻ تي شهادت جا ڊراما رچائيندڙ جمهوريت رستي بهترين انتقام وٺي رهيا آهن.

سوشل ميڊيا تي هڪ فوٽو وائرل ٿيو آهي ان فوٽو ۾ هڪ سڙي ڪوئلو ٿي ويل ٻار نظر پيو اچي جنهن کي اها بہ خبر ڪونہ هوندي تہ هن کي ڪهڙي ڏوهہ ۾ ساڙي ماريو ويو آهي. ان ٻار کي هنج ۾ کڻي ان جي ماءِ تصور پيئي ڪري تہ ٿوري دير اڳ بہ هو هن جي هنج ۾ سمهيل هو، ٿوري دير اڳ بہ هو پنهنجي سمورين شرارتن سان پرپور اکيون کڻي هيڏي هوڏي نهاري رهيو هو. هو هڪ حقيقت هو، هو هڪ امڙ جي اکين ۾ اميد جا ڏيئا ٻاريندڙ هو. هاڻي هو ڪوئلو آهي ٿوري دير کان پوءِ ان ڪوئلي کي سيني سان لڳائيندڙ عورت کان ان جو مڙس ۽ ٻيا مرد سپ ملي ان کان اهو ڪوئلو بہ کسي وٺي ڌرتي ماءِ حوالي ڪندا. ان کان پوءِ ان امڙ لاءِ پاڇي وڃي بچندي ان ٻار جون شرارتون، ان جا ٻاتا ٻاتا ٻول.

فرض ڪريو اهڙي هڪ باه پارليامينٽ (ڪروڙ پتي وڏيرن جي ڪلب) کي لڳي ۽ قانون ناهي ان کي مزاق بڻائيندڙ سڙي ڪوئلو ٿين ۽ انهن جا وارث انهن کي ان ئي نظرن سان ڏسن جهڙي نظر سان ان پار ڏانهن امڙ ڏسندي رهي ته ان جي وارثن مٿان ڇا گذرندي! اهو تصور ميمبر/وزير مشير ڪري ڏسن. فرض ڪرڻ ڪو ايترو ڏکيو ڪم ڪونهي ۽ گناه به ڪونهي.

ڇا سموري دنيا ۾ حڪمراني ائين ئي ٿيندي آهي جو تڪ جو ايم پي اي، ايم اين اي، وزير وڏا ايترا بيحس ٿي وڃن اهڙو تصور رڳو سنڌ ۾ ئي ڪري سگهجي ٿو. اها به پڪ آهي ته ان ڳوٺ ۽ پرپاسي وارن علائقن جي واهر لاءِ ڪاغذن ۾ فائربرگيڊ جي هڪ فوج پرتي ٿيل هوندي جيڪا رڳو بنگلن تي ڪم ڪندڙ هوندي. بنگلي تي حاضري پريندڙ علائقي جي چڱن مڙسن کي پاٽي پيئارڻ ته ان جي ڊيوٽيءَ ۾ شامل هوندو پر ڪين خبر به ڪونه هوندي ته هو ڪٿي پرتي ٿيل آهي ڪهڙي عهدي تي پرتي ٿيل آهي. اها به پڪ آهي ته هر مهيني انهن گاڏين جي مينٽيننس، تيل وغيره جا پيسا هر مهيني بل ناهي ضرور ڪنيا ويندا هوندا. اها پرتي ٿيل فوج ويهه پنجويهه ڪلوميٽرن تائين نه پهچي سگهي ته ان لاءِ ڪهڙا لفظ استعمال ڪرڻ گهرجن. ڇا ايڪيهين صديءَ ۾ سنڌ کان سواءِ ٻئي ڪنهن ملڪ/علائقي ۾ به ائين ئي هوندو. جواب ايترو ڏکيو به ڪونهي دنيا ۾ هن وقت به ڪيترا ئي علائقا هوندا جتي اهڙا ماحول هوندا پر سنڌ جو وڏيرو جيترو انسان دشمن آهي ايترو شايد ئي ڪو ٻيو هجي.

باه ڪا پهريون دفعو ڪونه لڳي آهي نقصان ڪو پهريون دفعو ڪونه ٿيو آهي. ڇا سنڌ گورنمينٽ کي اها خبر ڪونهي ته گرميءَ وارن مهينن ۾ سنڌ جا ڳوٺ باه جي خطري هيٺ هوندا آهن. جيڪڏهن ٿوري به ذميواريءَ کان ڪم ونجي ها ته نقصان کي گهٽائي سگهجي پيو. فائر برگيڊ وقت تي پهچي وڃي ها ته انساني حياتيون ڇو ضايع ٿين ها.

سوشل ميڊيا تي اهي ڳالهيون به هلندڙ آهن ته فائربرگيڊ عملو جيڪو يارنهن ڪلاڪن کان پوءِ پهتو ان تيل/ڊيزل جا پيسا انهن کان ورتا جن جا بچا سڙي مئا هئا. سوشل ميڊيا تي اهي خبرون به آهن ته امداد طور آيل سامان جو ويهه سيڪڙو متاثرن

۾ ورهائي باقي پوليس جي ايس ايچ او جي سربراهيءَ ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ پهچايو ويو. جيڪڏهن اهو سچ آهي ته پوءِ ڳالهائڻ لاءِ ڇا باقي بچي ٿو. شرم و حيا ته لڄي ٿيندڙ لفظ هوندا هتي!

هاڻي سنڌ حڪومت پاران ڪنيل قدم ۽ وفاق پاران ڪنيل قدم ڪٽي ساراهه جوڳا هجن توڙي جو انهن جو عمل ۾ اچڻ سو سيڪڙو پڪ ڪونهي ڇو ته اڳي به اسان سنڌي وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ رڳو فوٽ بال واري حيثيت رهندي آئي آهي.

22.04.2022

# توشہ خاني ۾ منهنجو بہ حصو آهي

تنهنجو مليل چلو مان چيچ ۾ پائي ڇڏيو آهي ان ڪري جيئن مان ان کي تمام سولائيءَ سان ڏسي سگهان. ان ڏانهن ڏسندي مون تي ڪنهن کي شڪ بہ نہ ٿئي ۽ مان جڏهن چاهيان پنهنجي هٿ کي پنهنجي وات جي ويجهو ڪري هڪ ٽڪڙي چمي بہ ڏيئي سگهان. رات جو ساڄيو هٿ پنهنجي ڳل هيٺان ڏيئي سمهندي آهيان جيئن اهو چلو ڳل ۽ چپن جي ويجهو رهي. اهو چلو ڪو عام چلو ڪونهي اهو تون ڏنو هو ان جي قيمت هن دنيا ۾ ڪٿي نہ ٿي سگهجي.

تحفو پلي هڪ ٽڪي جو هجي يا هڪ ارب جو تحفو تحفو ئي هوندو آهي. جنهن جي قيمت پئسن ۾ ڏيئي وني نہ ٿي سگهجي پر سرمائيدار دنيا جتي هر شيءِ کي وکر بڻائي ٿي اتي محبت جو بہ ملهہ ڪري ٿي. عشق جيڪو اڻ لپ ٿيندو پيو وڃي ان پويان سرمائيداريءِ جون مهربانيون ئي آهن جو پاڪر جا ملهہ ڏنا ورتا وڃن ٿا.

اسان جي ملڪ جي وزير وڙن کي بہ بين ملڪن جي بادشاهن کان تحفا ملندا رهندا آهن اڳي تہ ڪونہ باقي سوشل ميڊيا جي عام ٿيڻ کان پوءِ انهن تحفن سان ٿيندڙ ويڌنون ”باهر“ اچي وڃن ٿيون. اڳي اهي سڀ هڙپ ٿيندا هئا پر ذڪر ڪونہ ٿيندو هو هاڻي اهي هڙپ ٿين ٿا پر انهن جو ذڪر لڪي ڪين ٿو. هونئن تہ ڪيترا ڪلور ٿيل آهن پر تحفي ۾ مليل واچ جو ذڪر سڀ کان جدارو آهي. هاڻي اهو قصو ايترو ”باهر“ آيو آهي جنهن موجب هڪ بادشاه سلامت بہ واچون نهرايون جن مان هڪ پاڻ ڪنيائين ۽ بي اسان جي ملڪ جي وزيراعظم صاحب کي ڏنائين. اسان جي ملڪ جي صاحب اها واچ وڪرو ڪرڻ چاهي جيئن تہ هن واچ جو گراهڪ ملڻ سولو ڪونہ هو تنهنڪري وڪري جو سفر تورو ڏکهو ٿيو ۽ اها واچ ساڳي ئي ڪمپنيءَ تائين پهتي. ڪمپنيءَ پاران واچ نهرائيندڙ کي ٻڌايو تہ اوهان جيڪي بہ گهڙيون آرڊر تي نهرايون هيون انهن منجهان هڪ وڪري لاءِ آئي آهي ان سائين حڪم ڪيو تہ اها واچ خريد ڪري مون ڏانهن موڪليو. بادشاهي حڪم هو واچ خريد ڪري هنن کي پيسا ڏنا ويا ۽ واچ بادشاه سلامت ڏانهن موڪلي ويئي.

اهو قصو "اصل وڏو قصو باتصوير" تي دنيا ۾ هليو نہ پر ٻوڙيو آهي هن قصي پڙهندي/ٻڌندي منهنجي ذهن ۾ رڳو ہ سوال اڀرن ٿا. پهريون تہ ڇا سوچيو هوندو ان بادشاه جنهن پنهنجو ڏنل تحفو بازار ۾ وڪري لاء پيش ٿيڻ جي خبر ٻڌي هوندي. هن جي ذهن ۾ ملڪ جي وزيراعظم صاحب/ملڪ/ملڪي عوام لاء ڪهڙا تاثرات اڀريا هوندا. ڇا هن اهو سوال ڪيو هوندو پنهنجو پاڻ کان تہ تحفو ان کي ڏجي جيڪو ان جو قدر بہ ڄاڻي. ڇا اها تحفي ڏيندڙ جي توهين ڪونهي ۽ هي بادشاه سلامت (جيڪي هن لحاظ کان وڏا حساس هوندا آهن) ڪهڙي ڪيفيت منجهان گذريو هوندو!

تحفن سان ويڙنو اڳ بہ ٿيندڙيون رهيون آهن چون ٿا ائين ڪنهن خليفي جي وقت بہ ٿيو هو جنهن تي ان انصاف پسند خليفي ان کي سزا ڏني ۽ حڪم ڪيو تہ اهي تحفا توکي تنهنجي عهدي جي ڪري ملندا آهن تنهنڪري اهي عوام جا آهن ۽ اهي بيت المال ۾ جمع ٿيڻ گهرجن. حقيقت بہ اها ئي آهي تہ اهي تحفا عهدي کي ملن ٿا ۽ عهدو ملڪي عوام پاران بخشيل هجي ٿو تنهنڪري ان تحفي مٿان عوام جو ئي حق آهي.

ٻيو سوال جيڪو ذهن ۾ اڀري ٿو تہ جن ماڻهن واچون وڪيون آهن انهن باقي پوئتي لاء ڇا ڇڏيو هوندو! هي تہ شاباس آهي سوشل ميڊيا کي جو هاڻي ڳالهہ لڪي ڪونہ ٿي. مون اڳي بہ پنهنجي ڪالمن ۾ لکيو آهي تہ عمراني دور جون چوريون جڏهن سامهون اينديون تہ اڳ ۾ ٿيل وارداتون وسري وينديون. هن بدقسمت سماج ۾ سڀ ڪان وڏيڪ ٻين تي چوريء جا الزام هڻندڙ عمران خان پاڻ ڇا پيو ڪندو رهيو آهي اهو هن هڪ ڪيس مان ئي ظاهر آهي جڏهن تہ هڪ وڏي فهرست اڃان "پنڌ" ۾ آهي. اڃان تہ هڪ عورت جنهن جي هٿ ۾ ڪروڙن جو پرس هو اها رڳو خالي پرس جي قيمت آهي ان ۾ ڪيتري رقم جا سامان پيل هئا انهن جو ڪاٿو اڃان باقي آهي. نيب بہ هن مائي مٿان ڪيس هلائڻ جي تياري پئي ڪري. هيء عورت تہ ڏاڪڻ جو هڪ ڏاڪو هئي سمورا ڏاڪا جڏهن هڪ ٻئي سان ڳنڍيا ويندا تہ نتيجو ڪهڙو ايندو اهو سوچي بہ لڱ ڪانڊاريو وڃن!

هيء ساڳي نيب آهي جيڪا هڪڙن جي لاء هيرو تہ ٻين لاء زيرو رهندي آئي آهي. اهو الزام پراڻو بہ آهي تہ گهڻي ڀاڱي صحيح بہ آهي. ڏٺو ويو آهي تہ نيب انصاف بجاء

انتقام لاءِ استعمال وڌيڪ ٿي آهي هاڻي جڏهن ملڪ ان ڏاڪي تي پهتل آهي جتي ننڍڙي غلطي بہ وڏو هيجان پيدا ڪري سگهي ٿي تہ نيب کي آزاد ڇڏيو وڃي يا نيب کي وڏي ڪورٽ ماتحت ڪري ان جي ڪارڪردگيءَ تي ڪڙي نظر رکي وڃي.

29.04.2022

# ڇا جمال ناصر آمريڪي ايجنٽ هو

تازو اخبارن ۾ مصر جي جمال عبدالناصر لاءِ لکيو پيو وڃي ته هو پنهنجي گفتار ۽ ڪردار جي ابتڙ هو يعني هو آمريڪا جي خلاف زهر اوڳاڇيندڙ تقريرون ته ڪندو هو پر اهي تقريرون خود آمريڪي ايف بي آءِ وارا لکندا هئا.

ان لاءِ ڪي نوس ثبوت ڪونه پيا ڏنا وڃن رڳو آمريڪي سي آءِ اي جي ڳجهن دستاويزن ۾ ٿيل ذڪر جو حوالو ڏنو پيو وڃي.

هڪ اردو شعر ۾ چيل آهي ته اي الله! تنهنجا سادا ٻانها ڪيڏانهن وڃن جتي درويشي به عياري ته سلطاني به عياري. بلڪل سچ آهي ان شعر جو هڪ هڪ لفظ.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته آمريڪا هر ملڪ ۾ اتي جي ماڻهن جي سوچ/نفسيات مطابق پنهنجا ماڻهو ناهيندو آهي. اسان جي ملڪ ۾ هر ٻيو-ٽيون ماڻهو سندس لاءِ ڪم پيو ڪري. خاص طور تي مذهبي سوچ واريون پارٽيون گهڻو ڪري سڀ سندس ئي پيداوار آهن. جڏهن ڪميونزم جي مقابلي لاءِ اسان شاهه ڪان وڏيڪ شاهه جا وفادار ٻٽياسون ته هن سائين (آمريڪا) ڪميونسٽ به پنهنجا ناهيا هئا جن وڏا وس ڪيا ته ڪنهن به طور تي اصل ڪميونزم کي ڪوڪلو ڪجي. وڏين ڪوشش ڪان پوءِ قوم پرستيءَ کي ڪميونزم جي مخالفت ۾ بيهاريو ويو ان سموري راند ۾ ڪمال/هٿ جي صفائي ايتري جو اهي سندس ورڪر سمورو ڪم ”آمريڪا مرده باد“ جي نعري هيٺ ڪندڙ هئا ۽ آهن.

پروپيگنڊا به هڪ جنگ آهي جنهن ۾ دشمن جي خيالن مٿان گوريلا جنگ جهڙو حملو ڪرڻو آهي حملو اتر ڪان ڪجي ڏيکاري ڏجي ڏکڻ ڪان. دشمن ۽ ان جا عام ماڻهو ائين سمجهن ته هي سڀ ڪم ڪو ٻيو ماڻهو پيو ڪري.

تاريخ ڪوڙ جو اهو ڍير آهي جنهن مان سچ جي سئي ڳولهڻ اٽڪل ناممڪن آهي چو ته اهو ڍير رڳو وڌو نه پر منجهيل آهي. چور جڏهن چوري ڪندا آهن ته ڪين خبر هوندي آهي ته پاڳيا پير ڪٽي انهن تائين پهچي ويندا تنهنڪري هو پنهنجا پير وڃائڻ لاءِ تمام وڏيون ڪوششون ڪندا آهن چو ته پيرن جا نشان سندن لاءِ نقصانڪار هوندا آهن اهڙيءَ ريت انسان دشمنن پنهنجا فراڊ لڪائڻ لاءِ عوام جي ذهنن کي اهڙيون ته

ڦيراتيون ڏنيون آهن جو اڄ به اهي بحث ٿيندڙ آهن ته هزار به هزار سال اڳ هي ماڻهو ظالم هو يا مظلوم.

جمال ناصر لاءِ ائين سي آءِ اي مان خبر ”ليڪ“ ٿي آهي پر اها خبر اصل ۾ ”ليڪ ڪئي“ ويئي آهي. جنهن جو مقصد تاريخ (اسان سڀني) جي ذهن کي ڦيراتي ڏيڻ آهي.

جيسين جمال ناصر لاءِ سوال آهي مان (ذاتي طور تي) سي آءِ اي واري خبر سان سهمت ڪونه آهيان. اها خبر هن سان ”پيانڪ دشمني“ جي بنياد تي گهڙيل آهي ۽ ليڪ ڪرائي ويئي آهي اهڙي دشمني جنهن کي ياد ڪرڻ به هڪ عذاب هوندو آمريڪا لاءِ.

جمال ناصر مصر جو حڪمران هو جتان سئيز واه گذري ٿو. هي واه روزانو دنيا جي سموري واپار جو ستر سيڪڙو گذاري ٿو. پهرئين ۽ ٻي جنگ عظيم ۾ برطانوي تاج جي مدد جي بدلي 1948 ۾ جيڪو اسرائيل کي هتي ويهاريو ويو ان جو سبب به اهو ستر سيڪڙو واپار ئي هو جو ته ڪين نه ته مصر تي نه وري فلسطينن (عربن) تي آمريڪي ۽ برطانوي سامراج کي اعتبار هو نه آهي جنهن ڪري اسرائيل کي چوڪيدار ڪري ويهاريو ويو. آمريڪي خدشا صحيح ثابت ٿيا 1956 ۾ جمال ناصر هن واه کي قومي تحويل ۾ ورتو. هڪ ڳالهه هتي واضع ڪندو هلجي ته مصر هندستان وانگر برطانوي راڄ ۾ هو جنهن کي برطانيه آزادي ڏيئي نڪري ويو پر سئيز واه کي پنهنجي قبضي ۾ رکيائين چو ته برطانوي سامراج پنهنجي تسلط دوران مصر ۽ سئيز واه جي جدا جدا حيثيت رکي هئي. جيئن مصر منجهان هٿ ڪڍڻ کان پوءِ به سئيز واه پاڻ وٽ رکي سگهجي ۽ ائين ئي ڪيو ويو.

هي اهڙو ڪم هو جو جڏهن ريڊيو تي ٿيندڙ تقرير دوران جمال ناصر واه کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو اعلان ڪيو ان وقت ئي برطانوي وزيراعظم انٿوني ايڊن کي فون ڪري ٻڌايو ويو. ان وقت وزيراعظم صاحب عرب ملڪن جي بادشاهن سان مانجهاندو ڪري رهيو هو. هن جي سيڪريٽريءَ جڏهن هن کي مانيءَ جي ٽيبل تي ڪن ۾ اها ڳالهه ٻڌائي ته هو هواس باخته ٿي ويو اهڙو جو مهمانن کان اجازت به نه ورتائين هنگامي طور ڪابينا جو اجلاس ڪوٺائي آمريڪي صدر آئزنهاور سان صلاح مشورا ڪري ٻئي ڏينهن ئي مصر تي حملي جو اعلان ڪيو ويو. آمريڪا برطانيه ۽

اسرائيل ٻئي ڏينهن مصر تي ڀرپور حملو ڪيو جنهن ڪي سوويت يونين جي خروچيف اهو اعلان ڪري ٽن ڏينهن ۾ ختم ڪرايو ته ”اسان جي تنبيهه باوجود جن مصر تي حملو جاري رکيو انهن کي ياد ڪرڻ گهرجي ته هاڻي اسان جي ميزائيل تي لنڊن شهر جو نالو لکيل هوندو“ هي ذلت آميز شڪست هئي سامراج جي.

ڪوبہ ماڻهو پنهنجي مستقل مفاد خلاف ڪم ناهي ڪندو. پنهنجا ماڻهو مارائڻ انساني خون وهائڻ سامراج جي ڪاٻي هٿ جو کيل هوندو آهي. جنگ بہ ڊرامو ٿي سگهي ٿو ۽ ڪيترائي اهڙا ڊراما ڪرايا ويا آهن. گهڻو ڪري سڀ جنگيون پنهنجي مفاد لاءِ، پنهنجا هٿيار ”ٽيسٽ“ ڪرڻ لاءِ، انهن جي مارڪيٽنگ لاءِ ئي ڪرايون ويون آهن پر مستقل مفاد کي ڇيهو رسڻ جو جتي بہ خيال هوندو اهو ڪم نہ ڪيو ويندو.

20.05.2022

# اسان غريب ڇو آهيون

غربت آسماني ڪونهي. منهنجو خدا اهڙو ني سگهي ئي نه تو جو ان جي خدائيءَ ۾ هڪ ماڻهو ڪروڙ ڏيڊ ڪروڙ جي باٿ روم ۾ پنهنجي حاجت پوري ڪري ۽ ٻيو ماڻهو پنهنجي بيمار/مرندڙ اولاد لاءِ سگهه ئي نه ساري سگهي ته ان کي ڪنهن اسپتال پهچائي رڳو ان کي پنهنجي اکين سامهون مرندي ڏسندو رهي.

غربت ڇا آهي ۽ ڪٿان ٿي اچي اچو ان کي تمام سادي/آسان نموني سان سکون. فرض ڪريو هڪ ڪمري ۾ ڏه ماڻهو ويٺا آهن ۽ ڪو ماڻهو ان ڪمري ۾ ڏه مانيون ڪٽي اچي ٿو. انصاف جي گهر اها آهي ته هر ماڻهوءَ کي هڪ هڪ ماني ملي. ان جي ابتڙ ٿئي ڇا ٿو جو ڪو ماڻهو ٻه مانيون ڪٽي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ٿو، ڪو وري ان کان ڏاڍو چار مانيون ڪٽي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ٿو اهڙي نموني هڪ ماڻهو انصاف سمجهندي باقي ٻچيل مانين منجهان هڪ  ماني ڪٽي ويهي ٿو رهي ۽ دعوىٰ ٿو ڪري ته هو انصاف مطابق ماني ڪٽندڙ آهي. آخري طور تي ٽي ماڻهو ست مانين تي قبضو ڪري ويهي رهن ٿا ۽ بقايا ٽي مانيون وڃي ٻچين ٽيون باقي ستن ماڻهن لاءِ. هاڻي جي رڳو اهي ٻچيل ٽي مانيون انصاف سان ورهائجن ته سيني کي ٽڪر ٽڪر هٿ ايندو نتيجي طور اهي سڀ ڊوءِ ڪري ڪائيندڙ ڪونه هوندا. هن ننڍڙي مثال کي روپئي پيسي جي ورڇ سان سموري دنيا جي ليول تائين لاڳو ڪري ڏسجي ته ڳالهه سمجهڻ آسان ٿي پوندي.

ان سون مٿان سهاڳو اهو ته سرمائيداريءَ جي هٿ جي صفائي اها آهي ته شين کي پيسي جي صورت ڏني اٿائين جيئن ان کي گهٽي کان گهٽي تعداد ۾ توري کان توري جڳهه تي جمع ڪري سگهجي وڌيڪ اهو ته ان سموري ڪم ۾ آساني به هوندي ۽ آخري قهر طور اها ڳالهه ته مانيون/ماني کسجندڙ ان کي آسماني عمل سمجهي ڪا مزاحمت به نه ڪري.

ان غيرمنصفاڻي ورڇ کي قائم رکڻ لاءِ سرمائيداريءَ سمورين شين کي اهڙي بيهڪ ڏني آهي جيئن اهي سڀ چند هٿن تائين محدود ڪري سگهجن ايتري تائين جو علم کي به اهڙيون شڪليون ڏنيون ويون آهن جو اهو علم سرمائيداريءَ جو رکوالو

ٻڌجي پوي ۽ ان نظام جي حفاظت لاءِ وقت جي تقاضائن مطابق نت نوان طريقا ڳولهيندو رهي.

اسان جي ملڪ کي بہ هن نظام هيٺ هلايو ويندو رهيو آهي نتيجي طور هن ملڪ جي دولت نہ رڳو چند هٿن تائين محدود آهي/ڪئي ويئي آهي پر اها پاڻ کي محفوظ رکڻ لاءِ قانون کي پنهنجو غلام رکندي پيئي اچي. سموري دنيا ۾ سرمائيداري ۽ غربت جو تعلق هڪ جهڙو هڪ جيترو آهي پر طريقا ٿورو گهڻو مختلف ضرور آهن. غريب کي صبر شڪر جو لولي پاپ ڏيئي سمهاريو ويو آهي. جڏهن تہ سرمائيداريءَ مان فائدا وٺندڙ صبر شڪر جا عملي مخالف هوندا آهن.

اسان وٽ سمورا پيداواري ذريعا ڪجهہ هٿن ۾ قيد آهن رياستي طاقت انهن جي رکوالي ڪندي رهي ٿي، آئين قانون انهن مٿان ياقربان رهندڙ آهي. پيداواري ذريعا پنهنجي هٿن ۾ ڪرڻ کان پوءِ انهن غيرپيداواري ذريعا بہ پاڻ وٽ قيد ڪيا آهن. مثال طور غير پيداواري ذريعو هڪ قرض وٺڻ بہ آهي جيئن آءِ ايم ايف کان قرض ورتو ويندو آهي جيڪو اتان يعني اصل جڳهہ تان نڪرڻ کان اڳ ئي ورهائجي ويندو آهي ۽ عوام اهي قرض جا پيسا ۽ ان جا ثمر وغيره ڏسڻ کان اڳ ئي قرضي/وڏيڪ قرضي ٿي ويندو آهي.

آءِ ايم ايف جڏهن قرض ڏيندي آهي تہ اها پنهنجي رقم کي محفوظ رکڻ لاءِ هتان جي ڳيجهو/ڪميشن ڪائيندڙ حڪمرانن کي حڪم ڪندي آهي تہ پنهنجي ملڪ ۾ واپرائي ويندڙ فلاڻي شيءِ جو اگهہ هيترو ڪريو هن شيءِ کي هن اگهہ تائين ڪٽي پهچايو. اهو سڀ ڪرائڻ کان پوءِ قرض جاري ڪري ان مان پوئين قرض جي قسط وياج سميت ڪٽي وٺندي آهي. باقي بچيل رقم ”طاقت“ جي بنياد تي ورهائي ويندي آهي. نتيجي طور بنا ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي/بنا ڪجهہ اکين سان ڏسڻ جي ملڪ جو عوام قرضن جي بار هينان ويندو آهي دٻجندو.

هن وقت ملڪ سچ پچ هڪ نازڪ دور مان گذري رهيو آهي (سدائين ٻڌندا رهياسين جيڪا هڪ پروپيگنڊا هئي تہ جيئن اسان کي هيسيل رکي سگهجي پر هن پيري صورت حال بي آهي) وري بہ ڪيترا ئي ماڻهو ان کي هلڪو ڪري پيا وٺن پر ائين ڪونهي. دنيا ۾ سوويت يونين کان ڪوبہ ملڪ طاقتور ڪونہ هو پر ٽٽي ويو.

سوويت يونين جي عوام ۾ اندروني تضاد ۽ مونجهارا اسان جي ڪنهن حصي ڪان به گهٽ هئا. اسان جا تضاد ۽ مونجهارا ڳٽڻ ڪان متي آهن جن ڪي هوا ڏيئي ايترو ته وڌايو ويو آهي جو واپسيء جا سڀ رستا بند آهن.

آء ايم ايف ڪان ملندڙ قسط مان عوام ڪي ڇا ملندو؟

ڪجهه به ڪونه. هاڻي جڏهن آء ايم ايف پاران تيل جي اگهن ۾ واڌ جو شرط ٿيهه روپيا لٽر وڌائي پورو ڪيو ويو آهي، بجلي جي اگهن ۾ واڌ تي به آهي اجان به ٿيندي مٿان وري اسٽيٽ بئنڪ وياج جي شرح ڏيڍ سيڪڙو وڌائي آهي اهي سڀ شيون ملي ڪري عوام مٿان هڪ قهر نازل ٿينديون عوام ڪي سواء مهانگائي روچ راڙي جي ٻيو ڪجهه ڪونه ملندو عوام جو معيار زندگي حد ڪان هيٺ ڪري پوندو باقي رهي قسط جي پيسن جي ڳالهه ته اهي سدائين وانگر ”طاقت“ جي بنياد تي ورهايا ويندا.

27.05.2022

# پرڏيهي سيڙپڪار چو اچن!

ملڪ جي وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ”ترڪ سيڙپڪار پاڪستان کي پنهنجو ٻيو گهر سمجهن ۽ هتي اچي سيڙپڪاري ڪن“. اها ڳالهه ان ترڪيء جي دوري دوران ڪئي جيڪا عقل کان متاهين ڳالهه آهي. پوئين دور جون حڪومتون هجن يا هلندڙ دور جي حڪومت پنهنجي ذهني سطح مطابق هڪ جهڙيون ئي هجن ٿيون يعني پنهنجي اندر کي ڏسڻ کان سواء ڳالهه ڪرڻ هنن جو دستور رهندو پيو اچي اهڙيون ڳالهيون سدائين عقل کن متاهيون هونديون آهن.

سئي پن تي بينل هلندڙ حڪومت جيڪا سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرن مطابق ايڪتيهه مئي تي ختم تي چڪي هئي (پوء انهن کي حڪم ڏيئي ته اجان هڪ ٻئي سان وڙهي ڏار ٿيڻ جو وقت ناهي آيو (اهو اچڻ ۾ ٿوري دير آهي) هڪ تي رهڻ جي هدايت ڪئي ويئي ۽ وري اهي سڀ هڪ صفحي تي موتي آيا) ۽ ڪنهن به هڪ پارٽيء، گروپ جي ”نه“ ڪرڻ سبب ڪڏهن به ڪري سگهي ٿي، ان جي وزيراعظم جي چوڻ تي دنيا سيڙپڪاري لاء ڊوڙندي ايندي اها عقل کان متاهين ڳالهه ئي آهي. هڪ ڳالهه جو شڪر ڪجي ته اها سفارتي آداب جي خلاف آهي ته انهن ترڪ وزيرن يا واپارين اسان واري وزيراعظم صاحب کان اهو نه پڇيو ته ”اوهان گهٽا ڏينهن/ڪلاڪ آهيو“.

اها عقل کان متاهين ان ڪري به آهي ته جنهن ملڪ جا اصلوڪا رهواسي پنهنجي ملڪ منجهان ڦرلٽ ڪري ٻاهر پيا وڃن/ويندا رهن ٿا اتي ڪو ٻاهريون سيڙپڪار پنهنجي پونجي ڪٿي پهچي.

اها ڳالهه عقل کان متاهين ان ڪري به آهي ته پرڏيهي سيڙپڪارن لاء اوهان پنهنجي ملڪ ۾ ڪهڙو ماحول جوڙيو آهي جو هو هتي سرمايو ڪٽي اچن. امن امان اوهان قائم ڪري ڪونه سگهو، ڪنهن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي ضمانت اوهان ڪين ڏيئي سگهو امن امان جو حشر اهو آهي جو بڪتربند گاڏيء ۾ وينل پوليس جو ايس ايچ او ان جا سپاهي ڌاڙيل هٿان اغوا ٿين، ڳاريون ڪائين موت کي پنهنجي اڪئين

ڏسن پر ڪجھ ڪري نہ سگھن. حڪمرانن جي رٿ اها هجي جو هو اغوا انڊسٽري هلائيندڙ وڏيرن کي ايلاز منٿ ڪري اغوا ٿيل پوليس وارن کي واپس ورائين.

اها ڳالھ عقل کان متاهين ان ڪري بہ آهي تہ دنيا جي گولي تي موجود ڪو هڪ ملڪ بہ اوهان جو دوست ڪين هجي. ڪنهن کي اوهان تي اعتبار ڪونہ هجي. اوهان سفارتي ميدان تي روز هارائيندا رهو پوءِ دنيا جا جنت جهڙا ملڪ ڇڏي ڪو اوهان ڏانهن ڇو اچي.

اها ڳالھ عقل کان متاهين ان ڪري بہ آهي تہ اوهان جو ملڪ آءِ ايم ايف جي قرض جي ڪوڙه ۾ ورتل هجي اوهان هٿ ادب جا ٻڌي ان جي سامهون بيٺا هجو تہ مان بہ ان کي رحم پوي بہ چار ڊالر ڏيئي وجهي ۽ ”ڪجھ ڏينهن“ نڪري وڃن، ان ماحول ۾ ڪو اوهان جو در خوشخبريءَ لاءِ ڇو ڪڙڪائي.

# عوام کي نفسياتي مريض نہ بڻايو

ڪالهہ رات عوام مٿان هڪ ٻيو بم ڪيرايو ويو جيڪو ايٽم بم کان وڌيڪ خطرناڪ آهي. هي بم انسان کي ساڙي هڪدم مارينڊڙ ڪونهي. ان جي ابتڙ هي عوام کي نفسياتي مريض بڻائي چيچلائي مارينڊڙ آهي يعني غالب چواڻيء ”مجهي کيا برا تا مرنا جو ايڪ بار هوتا“ هڪ دفعي مرڻ کان چيچلائي مرڻ وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ هجي ٿو. هي سڀ تڏهن وڌيڪ چيڙائيندڙ لڳي ٿو جڏهن پويون خزاني جو وزير چوي ٿہ حڪومت (هلندڙ) پيٽرول ۽ ڊيزل جي هڪ هڪ لٽر تي پنجاهہ کان وڌيڪ روپيا ڪمائي رهي آهي جڏهن تہ هي صاحب پنهنجي دور ۾ چئي چڪو آهي تہ پاڪستان ۾ پيٽرول جي قيمت بہ سو ستر روپيا هجڻ گهرجي يعني هن حڪومت پاران سٺ روپيا وڌائڻ کان پوء بہ سٺ روپيا گنجائش آهي. ان ئي سلسلي جي هڪ ڳالهہ اها تہ پنهنجي دور جو ناڪام ترين وزيرخارجہ رهندڙ پنهنجي حڪومت وڃڻ جي ڏهن ڏينهن کان پوء چوندو رهيو آهي تہ عوام مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي. هونئن تہ هنن ٻنهي جو وزيراعظم صاحب جنهن کي عرف عام ۾ يوٽرن خان بہ چيو ويندو آهي چوندو رهي ٿو تہ ملڪي عوام مهانگائيء جي چڪيء ۾ پيسجي رهيو آهي جڏهن تہ دنيا جاٽي تي تہ سندس دور هن حساب سان ڪيترو ڀيانڪ هو. ڇا هي ايترا ڇريا آهن جو هنن کي اها خبر نہ ٿي پوي تہ هو ڇا پيا ڳالهائين. نہ ڪڏهن بہ نہ هي ايترا ڇريا ڪونہ آهن عوام مٿان ظلم ڪرڻ ۾ هي هڪ ٻئي جا ساٿي آهن هي ڄاڻيندڙ هوندا آهن تہ هي سڀ جو ٻيو ٿئي ڪير ٻيو ڪري ۽ ڪرائي پر هنن کي ڪنڌ ۾ وڌائيء جي جيڪا ڪِلي پيل آهي اها هنن جي دماغ کي ”يلو ٿي يلي لاء سوچڻ“ کان روڪيندي رهي ٿي هي انسانيت جي خاني مان نڪتل هوندا آهن جيڪا هنن جي ”ڪواليفڪيشن“ (ڳهربل تعليم) هوندي آهي جنهن جي بنياد تي هي بہ چار ڏينهن جي حڪومت ”هٿ ڪرڻ“ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. ٻئي پاسي هي ڪرسيء سان تمام گهڻو پيار ڪندڙ هوندا آهن جنهن جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پوئين حڪومت جي ڪارنهن پنهنجي منهن تي هٽڻ هنن کي سمجهہ ۾ ڪونہ ايندي آهي.03.06.2022

# آء ايم ايف آخر ڪهڙي بلا آهي!

اسان جي ملڪ ۾ اڄ ٻار ٻار آء ايم ايف جو ذڪر ڪري ٿو، هر جڳهه تي اهو نالو هر زبان تي آهي پر ڪيترن کي خبر ڪونهي ته هيء آخر آهي ڪهڙي بلا ۽ ڪيئن ڪم ڪري ٿي.

ڳالهه ڪجهه ڏگهي آهي، ڳالهه آدجڳاد کان وني شروع ٿئي ٿي. غلامي هڪ اهڙو طوق آهي جيڪو انسان ذات جي ڳچيء ۾ پيل آهي. غور سان ڏسجي ته انساني تاريخ غلاميء کي قائم رکڻ ۽ غلاميء کان نڪرڻ لاء هڪ ويڙه جي تاريخ رهندي پيئي اچي. غلام اهو ڳٽ لاهي ڦٽي ڪرڻ لاء وڙهي ٿو آقا وري اهو ڳٽ وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاء ڪوششون پيو ڪري. ان ويڙه کي هزارها سال ٿي ويا آهن پر جاري آهي. غلام وٽ ڪچا ذهن آهن تعليم ان کان ڪسجي ويل آهي ٻئي پاسي آقا وٽ هزارها سالن جو تجربو آهي تعليم ان جي ٻانهي ٻڌيل آهي جنهن جي بنياد تي هو اهڙو وايومنڊل ناهيو وينو آهي جنهن جو آخري نتيجو ان جي حق ۾ اچي ٿو. ها هڪ ڪاميابي غلام کي ضرور ملي آهي ته ان جي جدوجهد سان غلامي روزانو شڪليون پيئي بدلائي جنهن لاء هن کي وڏن مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. بس! آء ايم ايف غلاميء جو هڪ نئون ڳٽ/نئين شڪل آهي.

جڏهن ٻي جنگ عظيم ختم ٿي ته بينڪيت کي نئين شڪل ڏيڻ لاء نوان ملڪ جوڙيا ويا جن کي گهڙو ڪري اهڙي بيهڪ ڏني ويئي جو هو سدا لاء ”ويڙه/جنگ“ لاء تيار رهن يعني انهن کي ناهيو ئي ويڙه لاء ويو. بين لفظن ۾ اهي نالي ماتر آزاد ٿيا. سڌي غلاميء مان نڪري اڻ سڌي غلاميء ۾ آيا. جنهن لاء بظاهر ته خوشيون ملهايون ويون پر نچي نچي جڏهن انهن قومن پنهنجي پيرن ڏانهن ڏٺو ته هنن جي اکين مان ڳوڙها نڪري آيا جيئن مور پکيء لاء چيو ويندو آهي ته هو پنهنجي سونهن تي ناز ڪندي نچندو آهي ۽ جڏهن پنهنجا ٻي زيبا پير ڏسندو آهي ته روئي پوندو آهي.

ٻئي پاسي وري انهن قومن لاء هڪ ڪوڙڪي اڏي ويئي جنهن کي عرف عام ۾ آء ايم ايف چيو ويندو آهي جنهن جو ڪم آهي ملڪن کي قرض ڏيڻ. قرض ڏيڻ وٺڻ روز جو ڪم آهي ۽ اهڙو ڪٿو ڪم به ڪونهي پر قرض ڏيڻ جي لاء جيڪو ماحول

جوڙيو ويو آهي ان کي درياء جو ڪُن ڪوٺجي ته غلط نه ٿيندو يعني جيڪو ملڪ هنن وٽ ويو اهو ان ٻيڙيء وانگر پيو ڪن ۾ ڦرندو ڪڏهن هيٺ ته ڪڏهن مٿي جيسين هو تباه نه ٿئي.

هڪ ننڍڙي سمجهاڻيء طور، اسان جي ڳوٺن ۾ وياج ڏيندڙ ڦهاري ماڻهو موجود رهندڙ آهن جن کي وري تر جي وڏيري جي هُشي حاصل هوندي آهي. اهي ڦهاري جوا جي اڏي تي اچي ويهندا آهن ۽ هر هارائيندڙ کي موقعي تي قرض فراهم ڪندا آهن ان سان تمام ڪڙا شرط ڳالهائيندا آهن جيئن ته هارائڻ ڪان پوء رقم وري ڪٽڻ لاء هو ”حد ڪان وڌيڪ“ جذباتي هوندو آهي ان ڪري ان کي خبر ڪونه پوندي آهي ته هو ڪهڙا شرط منظور ڪري چڪو آهي. ان کي خبر تڏهن پوندي آهي جڏهن هو ان ننڍڙي قرض عيوض پنهنجو الهو تلهو وڃائي چڪو هوندو آهي. بلڪل ان وانگر آء ايم ايف قرض ڏيندي آهي ۽ ڪڙا شرط رکندي ويندي آهي ۽ ننڍڙ ملڪ جا ڪرپٽ حڪمران ڪميشن جي لالچ ۾ ويندا آهن اکيون ٻوٽي صحيحيون ڪندا.

هن ڦهاري وياجي وٽ اسان جو ملڪ اوڙيهه سو انونجاه ۾ ڦهريون پيرو ”بيل آئوٽ“ لاء ويو. (بيل آئوٽ جو مطلب سولي سنڌي ۾ هيئن سمجهجي ته ڪنهن ماڻهوء/ملڪ کي ڪي اهڙا قرض واپس ڪرڻا هجن (اندروني يعني پنهنجي ملڪ جي بئنڪن ڪان ورتل يا ٻاهريان قرض) اهو گهڻن ماڻهن جي قرضي ٿيڻ ڪان بهتر سمجهي ته هڪ ماڻهوء ڪان قرض وٺي سڀني جو قرض لاهي. مثال ويهه روپيا هڪ جو قرض، ڏه روپيا ٻئي جو قرض، پنج روپيا ٽئين جو قرض ان ڪان پنجتيهه روپيا هڪ ماڻهوء ڪان قرض کڻي ان جو قرضي ٿجي ته بهتر. ان لاء حڪمران ايوب خان اهو قرض ورتو جنهن ۾ هر ايندڙ حڪمران اضافو ڪيو آهي. اهو اضافو سڌو ورتل قرضن جو ڪونهي پر ان ۾ قرض مٿان وياج به قرض ۾ شامل ٿيندو رهيو آهي. مثال طور ڪنهن ماڻهوء جو ڪنهن ڏانهن قرض هو هڪ لک ۽ مٿان وياج پنج هزار. هن ماڻهوء ان کي چيو مون کي ڏه هزار ٻيو قرض ڏي ان منجهان پنج هزار پنهنجي وياج جا ڪٽ ۽ پنج مون کي ڏي. هاڻي قرض وڌي هڪ لک ڏه هزار تي ويو يعني هاڻي وياج وري هڪ لک ڏه هزار تي ڏيڻو پوندو ائين هر سال ڇهين مهيني ٿيندو آيو جيڪو هاڻي ان جاء تي پهتو آهي جو تصور ڪري به هانءُ ڏريو پوي.

هاڻي وري ان ڪان وڌيڪ هاڻ ڌاريندڙ ڳالهه ٻڌو. اُها اِها ته آء ايم ايف يا قرض ڏيندڙ ڪو ٻيو ادارو/ماڻهو پنهنجي قرض کي محفوظ رکڻ لاء قرضيء مٿان نظر رکندو آهي ته ڪٿي سندس ڏنل پيسا ٻڏي ته نه ويندا تنهنڪري اهو ڪوشش ڪندو ته پاڻ ان جي ملڪ وچي ويهي يا پنهنجو ڪو نمائندو اتي ويهاري بلڪل ائين جيئن ڪا بئنڪ رائيس/فلور/ڪاٽن مل کي قرض ڏيندي آهي ته ان مل تي پنهنجو نمائندو ويهاريندي آهي ته مٿان مل جو مالڪ مل منجهان مال ڪڍي وڪڻي ڇڏي. اوهان اسان کي ياد هوندو ته ڪيتري وقت کان وٺي اسان جا وزيرخزانه (خزاني بابت سموري اندروني چاڻ رکندڙ) اتان ئي ايندا آهن جيڪي اسان جي اندروني حالتن جي پل پل جي خبر انهن کي ڏيندا رهندا آهن. اوهان اسان ٿي وي تي اها ڳالهه هاڻي وڌي واڪي ٻڌندا رهون ٿا ته آء ايم ايف جي شرط مطابق پيٽرول، گيس، بجلي وڌائڻي آهي پگهارن ۾ اضافو ڪرڻ جي ان منع ڪئي آهي.

لڳي ٿو ته پڙهندڙ دوستن جي اندر ۾ اٿندڙ هن سوال ته آخر هن بيماريء مان ڪڏهن جان ڇٽندي يا نه، جو جواب ”ڪڏهن به نه“ جي صورت ۾ ملي چڪو هوندو.

10.06.2022

# چا اوهان هڪ نوڪري هڪ گهر ۾ ڏني آهي

چا اوهان هڪ گهر هڪ نوڪري ڏني آهي، نہ! تہ پوءِ بجيٽ ۾ پنج ڏہ سيڪڙو پگهار وڌائي فاتحانہ انداز مان ڊائيس تان لهڻ اوهان کي نہ جڳائي. اوهان ائين چو سمجهي وينا آهيو تہ سو سيڪڙو مهانگائي وڌائي ڏہ پندرنهن سيڪڙو پگهار وڌائي اوهان قوم کي فتح ڪري چڪا. جيڪڏهن اوهان سمجهو ٿا تہ معصوم عوام جا ذهن جيڪي اوهان مسئلن ۾ ايترو منجهائي ڇڏيا آهن اهي ڪڏهن بہ اوهان جي استادين/هٿ جي صفائين، چالاڪين کي نہ سمجهي سگهندا تہ اها اوهان جي ڀل آهي. اوهان ملڪ ۾ رهندڙ ڀاويهہ ڪروڙ عوام کي نوڪريءَ وارو چو ٿا سمجهو. اوهان تہ وزارت کان وٺي آفيسري تائين ڪلارڪ کان پٽيوالي/صفائي ڪندڙ مزور تائين جون نوڪريون پاڻ وٽ رکيون آهن. اوهان جا پٽ، ڀائٽيا ڀاٽيجا (ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون) ئي رڪرايل آهن هر سيٽ تي. اوهان جي شفقت هيٺ هلندڙ ڪيترن ئي گهرن ۾ نوڪريون ئي نوڪريون آهن ۽ وري ڪيترا ئي لکين گهر اهڙا آهن جنهن ۾ هڪ بہ نوڪري ڪونهي. اڪثريت نہ وارن جي آهي تہ پوءِ اوهان جون وڌايل پگهارون تہ رڳو ڪجهہ گهرن جي چلهن کي گرم ڪنديون گهٽا چلها تہ اوهان وسائي ڇڏيا. اوهان هڪ نوڪري هڪ گهر ڏيو تہ ڪا ڳالهہ نهي. پوءِ اوهان پگهار وڌائي فخر سان چئي سگهو ٿا تہ ”اسان ڪو ڪم ڪيو“ يا وري بيروزگاري الائونس ڏيو گهٽ ۾ گهٽ هر گهر ۾ هڪ کي تہ ڏيو. اوهان اها ڳالهہ پلي پت ڄاڻيندڙ آهيو تہ هڪڙن جي پگهار بين جا خالي هٿ ”مارڪيٽ“ کي تباہ ڪندڙ هوندا آهن افراط زر جو اصل سبب پيسي جو ٿورن هٿن ۾ اچي وڃڻ هوندو آهي يعني پيسي جي ورچ ۾ توازن قائم نہ رهندو آهي تہ مارڪيٽ ۾ شيون هڪڙن لاءِ سستيون ۽ بين لاءِ ناقابل خريد بڻجي پونديون آهن جنهن کي اوهان جي اهڙن عملن سان هٿي ملندي آهي.

تازو ملڪ ۾ وفاقي ۽ صوبائي بجيٽون پيش ڪيون ويون. بجيٽ اصل ۾ انگن اکرن جي اهڙي راند هوندي آهي جنهن کي چڱو ڀلو پڙهيل لکيل ماڻهو بہ سمجهي ڪونہ سگهندو آهي. عام ماڻهوءَ کي رڳو خبر تڏهن پوندي آهي جڏهن هو دڪانن تي پهچي سامان خريد ڪندي ان وقت حيران پريشان ٿيندو آهي جڏهن هن کي هوشربا

قيمتون ٻڌايون وينديون آهن. بجيٽ کي سوليءِ سنڌيءِ ۾ ڦرلٽ کي قانوني حيثيت ڏيڻ چئجي ته غلط نه ٿيندو (اسان جي ملڪ ۾) ڇو ته بجيٽ جو وڏي ۾ وڏو فائدو حڪمران ٽولي ۽ ان جي ساٿي ٽولن (جيڪي اصل ۾ ”مافيائون“ هونديون آهن) کي پوندڙ هوندو آهي ۽ وڏي ۾ وڏو نقصان غريب ڪان غريب عوام کي. ائين ڪٿي سمجهو ته بجيٽ هڪ پرنالو (نيسارو، جنهن ذريعي مينهن جو پاڻي ڇت تان هيٺ ڪرندو آهي) آهي جنهن ذريعي سمورو پيسو غريبن جي کيسن کي خالي ڪندي اميرن جي کيسن کي پريندو آهي.

اڳي ائين ٿيندو هو ته بجيٽ ۾ ئي هر شيءِ جون قيمتون وڌايون وينديون هيون يعني سال ۾ هڪ دفعو پر هاڻي ائين ناهي. بجيٽ اهڙي پيش ڪندا جو اواهان اسان سمجهنداسين ته ”خير“ ٿي چڪو جيڪو اصل ۾ ”خير“ نه پر ”شَرُ“ هوندو آهي. ملڪ کي اهڙي نهج تي پهچايو ويو آهي جو ان کي ٿوري ٿوري دير ڪان پوءِ آڪسيجن ڏيئي هلائڻ جي ضرورت پوي ٿي. ملڪ جا ڦڦڙ ساهه ڪٽي ڪونه سگهندڙ آهن تنهنڪري ان کي هتراڏو طور ساهه ڪٽايو وڃي ٿو. بلڪل ڦڦڙن لاءِ آڪسيجن وانگر ملڪ کي هلائڻ لاءِ ٿوري ٿوري وقت ڪان پوءِ اڳهه وڌائي ملڪ کي هلڻ جهڙو بڻايو وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو بجيٽ کي اجان ڪجهه ڏينهن ئي مس گذريا آهن ته روزانو جي بنياد تي نوان نوان ٽيڪس لڳائي قيمتون وڌايون وڃن ٿيون.

ڊراما بند ڪريو!

ڪالهه سينيٽ ۾ تيل جي قيمتن وڌائڻ خلاف هنگامو ٿيو، اپوزيشن بائيڪاٽ ڪيو. اصل ۾ هي ڊرامو آهي، عوام سان مزاق آهي. اپوزيشن جڏهن حڪومت ۾ هئي ته مهانگائي آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ هئي ان وقت انهن بائيڪاٽ ڪونه ڪيو. ان وقت وري اهي بائيڪاٽ ڪندا هئا جيڪي هن وقت ڪرسيءِ تي ”ويهاريل“ آهن يعني مان ڪرسيءِ تي ته هر شي صحيح تون ڪرسيءِ تي ته هر ڳالهه غلط. ”هي منهن ڏيئي ٻن تون وه ڪائي نه مرين“ منافقيءِ ۽ انسان دشمنيءِ جا ريڪارڊ قائم ڪندڙ ته سڀ ئي آهن. هر پارٽيءِ جا منافق اقتدار ۾ اچڻ وقت پوئين حڪومت تي تنقيد ڪندا آهن مهانگائي ڪندي اهو ٻڌائيندا آهن، هي سڀ پوئين حڪومت جي ڪري ٿيو آهي ته پوءِ ان کي گرفتار ڇو ڪونه ٿا ڪريو. نه! ڇو ته اهو ۽ هاڻي وارا (منڍ ڪان وٺي)

هڪ ٻئي سان ٻڌل آهن هنن جي ازلي دشمني عوام سان ئي آهي. جيڪڏهن عمران خان مهانگائيءَ جا بنياد وجهي چڪو تيل ٽي سو روپيا ڪرڻ جا معاهدا ڪري ويو آهي ته پوءِ ان کي سزا ملڻ گهرجي. جيڪڏهن اوهان ان کي گرفتار ڪري سزا نه ٿا ڏيو ته پوءِ هي منافقت وارا ڊراما ڇو.

17.06.2022

# اتر سنڌ ۾ ٽيندڙمڪاني چوندون

جمهوريت ۾ ڪيتريون ئي خاميون آهن پر انسانذات جي بدقسمتي آهي جو ان کان سٺو نظام اڃ تائين ناهي ناهي سگهي. اها ڳالهه برطانيه جي دانشور وزيراعظم ونسٽل چرچل چئي هئي. هونئن ته يورپ جي سمورن ملڪن سميت آمريڪا، ڪئناڊا ۽ دنيا جي گهڻن ملڪن ۾ جمهوريت وارو نظام هلندڙ آهي پر هن سائين يعني ونسٽن چرچل جي ملڪ ۾ جمهوريت پنهنجي جوڀن سان جلوه گر آهي جتي هيٺهين سطح تائين اقتدار منتقل ٿيل آهي.

يورپ ائين ئي اهڙو خوبصورت ڪونه بڻيو آهي جنهن لاءِ هر ماڻهو خاص طور تي ٽين دنيا جو ماڻهو ان ملڪ کي ڏسڻ لاءِ تڙپندڙ آهي. اهڙن ملڪن جي ڏسڻ لاءِ اتان جي ويزا لاءِ ماڻهوءَ کي ڪيترا پيسا خرچ ڪرڻا پون ٿا انهن جي ويزا جا ڪڙا شرط قبول ڪرڻا پون ٿا. هي ملڪ اصل ۾ جمهوريت جو ئي نتيجو آهن جتي هيٺهين سطح (گراس روٽس) تائين جمهوريت جو پاڙون ايتريون مضبوط آهن جو هاڻي انهن کي ڪنهن واءُ مينهن کان خطرو ڪونهي ٻين لفظن ۾ جمهوريت پنهنجو حسن ان ڏرتي مٿان اوتي ڇڏيو آهي جو مٽيءَ جي ذري ڪان وڻ جي سڪل پنن تائين به سهڻا پيا لڳن. شهر هجن يا ڳوٺ پنهنجي پنهنجي انداز سان خوبصورت بڻايا ويا آهن انهن جا روڊ رستا هلندي هلندي ڪٿي ويندا پر گل ڪونه ڪتندا. گهرن ۾ استعمال ٿيندڙ شين منجهان بچيل گند ڪچرو ڪيڏانهن تو وڃي ڪا خبر ڪونهي. جڏهن پڇا ڳاڇا ڪجي ٿي ۽ اها خبر پوي ٿي ته گهرن مان ڪنيو ويندڙ گند ڪچرو ساڙي ان منجهان بجلي ناهي شهرن کي فراهم ڪئي وڃي ٿي اهو جاڻي حيرانگي جي انتها نه ٿي رهي. گهرن ۾ استعمال ٿيندڙ پاڻيءَ جو نيڪال ڪيڏانهن تو خارج ڪيو وڃي نظر ايندڙ ڪونهي. جڏهن شهرن جي وچ منجهان لنگهيندڙ وڏا وڏا واه ڏسجن ٿا جن کي هو اتان جي مقامي سير سياحت لاءِ استعمال ڪري چڱي خاصي رقم ڪمائين ٿا. اهي واه اصل ۾ نالين جي پاڻي کي صاف ڪري وهايا وڃن ٿا ته حيرانگي ويتر وڌي ٿي.

ان سلسلي ۾ وڏي ۾ وڏي ڳالهه اها ته اهي سڀ ڪم مڪاني ادارا ئي ڪندا آهن.

ورهاڱي ڪان اڳ اسان وٽ/سنڌ ۾ به مڪاني سطح جو سنو نظام رهيو آهي جنهن کي سينيٽري ڪاميٽي ڪوٺيو ويندو هو جنهن کي اڳتي هلي جمهوريت کي هيٺهين سطح تائين آڻڻ بهاني ڪنهن آمر بيسڪ ڊيموڪريسيءِ جو نالو ڏيئي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ته ڪنهن وري ناظمي نظام ڏيئي وري به پاڻ کي مضبوط ڪان مضبوط ڪيو. هو پاڻ کي مضبوط ڪري پنهنجي اقتدار کي ته ديگهه ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيا پر ان جو بيو خطرناڪ نتيجو اهو نڪتو جو وڏيرڪو نظام ويو ڏينهون ڏينهن سگهارو ٿيندو جنهن جي انتها اوهان اسان ناظمي نظام جي صورت ۾ ڏٺي. ٽڪي جا ماڻهو جڏهن روپئي جي ڪرسيءِ تي ويهاريا ويا ته هنن ڌرتي ٿامو ڪري ڇڏي ۽ حقيقي طور لڳندو هو ته انسان زندگي ڪونه گذاري رهيو آهي پر هنن جي هٿ جي ترئ تي ريڙهيون ڏيئي رهيو آهي جنهن کي جڏهن هو چاهي مٺ بند ڪري ساهه بوساتي چيپاتي سگهي پيو.

روٽس ليول يعني هيٺهين سطح تي اتر سنڌ ۾ مڪاني چوندون چويهه جون آچر ڏينهن تي رهيون آهن ان ڪان اڳ ساڳي طرح جون چوندون بلوچستان ۾ به ٿيون. بلوچستان ۾ هن ڀيري سٺي ڳالهه اها ٿي ته نوجوانن ۽ عورتن ان ۾ ڀرپور حصو ورتو. ٽوٽل هڪ سو ٽيهه عورتن جو حصو وٺڻ، نوجوانن جو پراڻن سياسي حريفن خلاف بيهڻ بلوچستان جي سياسي سجاڳيءَ بابت آگاهي ڏيندڙ آهي.

سنڌ ۾ ٿيندڙ مڪاني چونڊن ۾ به ساڳي ڳالهه اتساهيندڙ آهي. ڪيترائي نوجوان ۽ عورتون ان ۾ حصو وٺي رهيون آهن. نوجوانن هتي به پوتارڪي ڪلچر ۾ ڏار وڏا آهن پراٽي ڏپ ڪري ويل نظام خلاف نوجوانن جو بيهڻ خاص ڪري اتر سنڌ جهڙي پوائتي نظام کي ڪوڪلو ڪرڻ وڏي تاريخي فتح آهي. سوشل ميڊيا تي هن نظام خلاف باهه ٻريل آهي جيڪا اصل ۾ ”دکي دکي جا ٻري پئي“ جو ڏيک ڏيندڙ آهي. آزاديءَ جي شروعات آقا کي ماري وجهڻ سان ڪونه پر غلام پاران ”نه“ ڪرڻ سان ٿيندي آئي آهي. انساني تاريخ ٻڌائي ٿي ته ”نه“ لفظ وڏا وڏا ڪوٽ ڪيرايا آهن.

اڄ سموري سنڌ خاص طور اتر سنڌ دوزخ جي دونهين وارو ڏيک ڏيندڙ آهي. اتر سنڌ جا ڳوٺ بنيادي سهولتن ڪان ڪوهين ڏور آهن. شايد ئي ڪو ڳوٺ هجي جتي ڪو پارڪ هجي وڏا وڏا وڻ هجن، گل هجن. شايد ئي ڪو ڳوٺ هجي جتي نوجوانن جي

لاءِ وڏن امتحانن جي تياريءَ وارو ماحول هجي، ڪا لائبريري هجي جڻ اهي سڀ ڳالهيون هڪ خواب وانگر/اڻ تيٽيون پيون لڳن.

رڳو روڊ رستا ئي پڪا ڪري ڏيو. رڳو نيڪال جي پاڻيءَ جو جوڳو بندوبست ڪري ڏيو. ڇا سنڌ جي ٻهراڙين ۾ انسان ڪونہ ٿا رهن، ڇا محروميون ئي سنڌن مقدر آهن. نہ، اهو مقدر ناهي اهو سڀ نتيجو آهي هڪ خاص قسم جي سوچ جو.

”مان ئي هجان پوءِ پلي سڀ ڪجهه تباه ٿئي“ واري ان پاروتي سوچ کي چيلينج ڪرڻ آسان ڪونهي. اهڙي سوچ انساني دماغ کي ڪرڙيءَ جهڙا مضبوط ڄنبا ڪوڙي وينل آهي. اهي ڄنبا اتان اهڙيءَ ريت هٽائڻا آهن جو دماغ کي هاجو بہ نہ رسي ۽ دماغ سوچڻ لاءِ آزاد بہ ٿي پوي. هي ڪو ننڍڙو ڪم ڪونهي جيڪڏهن اڄ جون عورت اميدوار ۽ نوجوان سوچون آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا تہ باقي اڳتي وارو پنڌ تمام سولو آهي.

24.06.2022

# ...۽ پوءِ تند وڙهي تلوارن سان

گڏه گاڏو هلائيندڙ پورهيت جي ڌيءَ سرڪاري مشينري کي شڪست ڏيئي ڪامياب ٿي ويئي. قاضي احمد ۾ هڪ برياني وڪڻندڙ پورهيت به هڪ خونخوار کي شڪست ڏيئي ماڻهن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو. نصيرآباد ۾ فوزيه پيٽ به ڪاميابي ماڻي وڏيرڪي منهن تي نڪريون ملي ڇڏيون ۽ ٻيا به ڪيترا ئي اهڙا ”سرڦريا“ آهن جن ”ستارون په ڊالتي هين ڪمند“ جو مثال قائم ڪيو......پوءِ ان ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالهه آهي. ها ان ۾ نه رڳو حيران ٿيڻ جي ڳالهه آهي پر عقل وارن لاءِ ان ۾ گهڻيون ئي پڻ نشانيون آهن.

پهريون ته هتي ڪنهن پورهيت جو اليڪشن ۾ بيهڻ ناممڪن آهي ان ڪان پوءِ ان جو ڪٽڻ وري اڻ ٿيڻي ڳالهه مٿان وري ڪا نياڻي جيڪا پورهيت هجي/ان جي ڌيءَ هجي اهي سڀ ڳالهيون اسان جي سماج ۾ اڻ ٿيڻيون آهن ان ڪري حيرانگيءَ جي ڳالهه ضرور آهي. مٿان وري سماج ۾ پروپيگندا جا ماهر سنڌي وڏيرا هجن ۽ پاليندڙن پاران پنهنجي نيپل هجين ته پوءِ اهي سڀ شيون ناممڪن واري خاني ۾ اچن ٿيون.

1988 ۾ بينظير لاءِ هنن اهڙي پروپيگنڊا ڪئي ته نياڻي ست قران آهي، نياڻيءَ اوهان جي در تي آئي آهي، ان کي مهت ڏيو جڏهن ته اهي سڀ ئي نياڻين کي ڪارو قرار ڏيئي مارائڻ ۾ اڳئين صفن ۾ شامل هئا ۽ آهن. هاڻي وري هن نياڻي يعني پورهيت جي ڌيءَ پروين شيخ لاءِ چيائون ته نياڻيءَ جو ڪهڙو ڪم سياست سان. تون نياڻي آهين تون گهر جي زينت آهين تون گهر ۾ ئي ويهه. جڏهن ته جنس جي حساب سان بينظير ۽ هيءَ پورهيت جي ڌيءَ ساڳيون آهن پر جيئن ته هيءَ اقتداري ڏاڪڻ جو حصو ناهي، هيءَ گندي نظام جو حصو بڻجڻ بجاءِ ان کي للڪاريندڙ آهي تنهنڪري قبول ڪونهي.اسان سنڌين کي پنهنجي نيپل پالتو وڏيرڪي پروپيگنڊا کي سمجهڻو پوندو.

هي مڪاني چونڊون گهڻي حساب سان نواڻ ڪٽي ايندڙ ثابت ٿيون. چونڊن ۾ جتي وڏا اپسيٽ ٿيا اتي نياڻين ۽ نوجوانن جي لاءِ اتساهيندڙ نتيجا پڻ آيا. وڏي ڳالهه ته ڪيترن اهڙن ماڻهن جي ذهنن ۾ پڻ اليڪشني سياست ۾ دلچسپي نظر آئي جيڪي

اڳ اليڪشني سياست کي گناه عظيم سمجهندڙ هئا. انهن به سوچيو ته هن طريقي پنهنجي ماڻهن جي زخمن تي مرهم رکي سگهجي ٿي. سوشل ميڊيا تي پڻ اهڙا بحث ڏسڻ ۾ آيا جيڪي اتساهيندڙ هئا.

عوامي تحريڪ منجهان جنم وٺندڙ قومي عوامي تحريڪ جي ماڻهن به هن اليڪشن ۾ اڳي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ دلچسپيءَ سان حصو ورتو ۽ ڪجهه سيٽن تي ڪاميابيون ماڻيون توڙي جو عوامي تحريڪ اڳ ۾ به اليڪشني سياست ۾ يقين رکندڙ آهي پر هن ڀيري سندس ڪجهه سيٽن تي ڪاميابي سماج ۾ اتساه پيدا ڪندڙ آهي.

هن اليڪشن ۾ هڪ نئون رجحان به ڏسڻ ۾ آيو جيڪو ٿوري گهٽي پيماني تي/لڪ چپ ۾ اڳي به هلندڙ هو پر هن ڀيري نروار ٿي نظر آيو. اتڪل هر تڪ تي ووٽن جي خريد و فروخت ٿي. هن جي سببن جو جيڪڏهن پيرو کڻيو وڃي ته پيرو وڃي وڏيرڪي نظام ۽ ان کي پناه ڏيندڙ پارٽين جي گهر ۾ پوندو. سڀ ئي پارٽيون وڏيرن لاءِ لِڪَ يعني ٿَمَ آهن پر هن وقت پيپلز پارٽي اها پارٽي آهي جيڪا هن نظام کي نه رڳو پناه ڏيو بيٺي آهي پر هن نظام جي واڌ ويجهه ۾ ”اندروني ڪردار“ پڻ ادا ڪندڙ آهي.

ووٽ جو وڪرو اڳ ۾ آهي يا ووٽ جي خريداري اڳ ۾، ان موضوع تي بحث ڪري سگهجي ٿو. منهنجي خيال ۾ ووٽ جي خريداريءَ اڳ جنم ورتو جيڪا پڻ پيداوار آهي وڏيرڪي گندي سوچ جي. هن سوچ مطابق جيڪي منجهه جهان سو سڀ آهي منهنجو. هي به منهنجو هتي به مان ان ڪري ڪنهن به قيمت تي ووٽ منهنجو هجڻ گهرجي رهي ڳالهه قوت خريد جي اها اڳ ۾ ئي هن ملڪ کي ڪنگال ڪرڻ کان پوءِ هنن وٽ حد کان گهٽي آهي. جتي قوت خريد هجي اتي پيسو اها سوچ ازخود پيدا ڪري ويندو آهي ته دنيا ۾ موجود سڀ شيون ڪموڊٽي آهن ۽ انهن کي خريد ڪري سگهجي ٿو هن حساب ۾ ووٽ ته ڇا جسم ضمير سميت خريدوفروخت ٿين پيا.

ووٽ جي وڪري پويان به هن ئي نظام جون مهربانيون آهن. ووٽر سان جيتريون ويساه گهاتيون ٿيون آهن ان مطابق ووٽر هي لفظ چوڻ ۾ حق بجانب آهن ته ”هنن اسان کي ڇا ڏنو آهي، پوءِ هنن کان پيسا چو ڪونه وٺون“....۽ پوءِ ووٽ وڪرو ٿيندو

رهيو جيڪو ٽي هزار ڪان اٺ هزار في ووٽ جي حساب تائين وڪرو ٿيو. ڪن مهربانن سولر پليٽون ڏنيون، ڪن وري موٽرسائيڪلون ته ڪن روڪ پيسا.

هن اليڪشن ۾ هڪ ٻي ڳالهه به ڏسڻ ۾ آئي ته حڪمران پارٽي يعني پيپلز پارٽيءَ منجهه ڪيترين ئي پيپلز پارٽيون نظر آيون هر شهر ۾ اهي ئي منظر هئا. پاڻ ئي پنهنجي پارٽيءَ لاءِ ٻئي تڪ ۾ ڏکيائون پيدا ڪيون ويون جنهن جو آخري نتيجو اهو وجي بيٺو ته شخصيت کي ووٽ ڏيڻ وارو رجحان وري سگهارو ٿيندي نظر آيو. 1988 ۾ سنڌ جي ماڻهن پارٽيءَ کي ووٽ ڏيڻ سکيو هو جنهن جو سهرو پيپلز پارٽيءَ تي هو تنهن جي خراب ڪان خراب ٽيندڙ ڪارڪردگيءَ وري ماڻهن کي شخصيت کي ووٽ ڏيڻ واري رجحان ڏانهن موٽايو هتي هڪ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته شخصيت منجهان مراد نظرياتي يا آئيڊيل شخصيت ڪونهه پر خونخواريت آهي جيترو خونخوار ايترو سگهارو.

01.07.2022

# چا سنڌ ۾ پي پي خلاف ڪجهه ٿيڻ وارو آهي!

هڪڙي پنجابي شاعر جو شعر آهي تہ ”ڪچ شهر دي لوگ وي ظالم سن، ڪچ سانون مرڻ دا شوق وي سي“ بلڪل سچ. پي پي دشمنيءَ جي تاڙ ۾ ”ماڻهو“ وينل هئا ۽ آهن. جنرل ضيا ڪان مشرف تائين ڪهڙا طريقا نہ آزمايا ويا پر سنڌ جي عوام اهي سڀ ناڪام بڻايا تنهن هوندي بہ پي پي ڪي پنهنجي بربادي‌ءَ جو ايترو شوق آهي جو هو پنهنجي بربادي‌ءَ جو پاڻ انتظام ڪندڙ آهي.

غور سان ڏنو وڃي تہ 1988 ڪان وٺي پي پي ڪنهن نہ ڪنهن طور تي حڪمراني ڪندڙ پارٽي رهي آهي (تنهنڪري هن پارٽيءَ کان پڇاڻو بہ ان دور ڪان وٺي ٿيڻ گهرجي) پر ڪارڪردگي زيرو اٽس. خود بينظير صاحبہ بہ اهو ڪجهه نہ ڏيئي سگهي جيتري ان لاءِ سنڌ جي عوام ميد رکي هئي.

ان ڳالهہ جا اسين اکين ڏٺا شاهد آهيون تہ 1988 ۾ هر سنڌي ماڻهوءَ اهو پئي سمجهو تہ بينظير صاحبہ وزيراعظم ڪونہ ٿي آهي پر هو پاڻ (هر سنڌي) وزيراعظم ٿيو آهي. جنرل ضيا جي ذريون ذريون ٿيڻ ڪان پوءِ واري صورتحال اها هئي تہ اليڪشني عملو نعرا هڻندي پولنگ اسٽيشنن تي پهتو هو. وڏو گرمجوشيءَ وارو ماحول هو. گهر گهر رڳو پي پي جا جهنڊا هئا. گڏه گاڏي وارن چندا ڪيا، ٽانگي وارن چندا ڪيا ٽيڪسي ڊرائيورن چندا ڪيا جن مان بينر ۽ جهنڊا ٺهرائي انهن تي لڪرايو ويو تہ ووٽ بينظير جو آهي ٻيو ڪو اچڻ جي تڪليف نہ ڪري. ٻئي پاسي پي پي جون ٽڪيٽون انهن کي مليون جن منجهان گهڻا ضيا جي مجلس شوريٰ جا ميمبر رهيا هئا، جن ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي ڦاسي تي چڙهڻ وقت مٺايون ورهايون هيون چو تہ انهن کي مجلس شوريٰ جي ميمبري اهڙي ”ڪم“ سبب ملٽي هئي. اهڙن ماڻهن جا نالا لسٽ ۾ ڪنهن شامل ڪيا يا ڪرايا خبر ناهي پر عام ماڻهن خاص ڪري سنڌين ڪنهن جي بہ ڳالهہ ڪونہ ٻڌي ۽ ووٽ پي پي کي ڏنو. وڏا وڏا سياسي رانديگر پنهنجي سيٽ هارائي گهر وڃي اهو سوچڻ ۽ چوڻ تي مجبور ٿيا تہ هي سيلاب آهي هر ڪو پي پي مخالف ان ۾ لڙهي ويندو.

ان هوندي بہ اميدون پوريون نہ ٿيون ٿوري ئي وقت ۾ عام ماڻهن منهن موڙڻ شروع ڪيو. پي پي جو پنجاب مان صفايو ٿي ويو، هاڻي خود پارٽي قيادت ان ڪي مڃي ورتو آهي تہ پنجاب ۾ پي پي جي حيثيت تائيد ڪندڙ پارٽيءَ واري بہ ڪونہ رهي آهي. ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ وڃي ڪي بچيا آهن پر سنڌي پنهنجي نياڻن واري ريت سبب نيائيندا پيا اچن.

سنڌين ڪي پي پي مايوس پئي ڪيو آهي ۽ ان تي گهري نظر رکڻ وارن پاران ان ڪي وڏو اپاريو پيو وڃي خاص ڪري تازي ٿيل برساتن ۽ ان کان پوءِ جيڪي تباهيون آيون ان هن پارٽيءَ لاءِ مشڪل صورتحال ڪڙي ڪئي آهي. ان برنديءَ تي تيل جو ڪم پي پي جي نااهل ميمبرن جون اهي ڳالهيون آهن جن ۾ هو اهو بہ خيال ڪونہ پيا ڪن تہ انهن جي لفظن سان برسات ٻڏلن جي دل آزاري ٿيندي. اڳي رڳو هڪ قائم علي شاهہ هوندو هو جيڪو چوندو هو تہ ٽر جي عورتن ڪي ٻار ڄڻڻ ڪين پيا اچن. هي ٻوڏ ستايل (2010 واري ٻوڏ وارا) چانورن جي خوشبوءِ تي پيگا تا اچن وغيره. هاڻي اٽڪل سڀ ميمبر اهڙيون گوهر افشانيون پيا ڪن. جنهن ڪري سوشل ميڊيا تي هنن جي ناڪام پاليسين تي کلي عام تنقيدون پيون ٿين. ماڻهو وڏيرن ڪي اهڙا لفظ پيا ڳالهائين جيڪي ڳالهائڻ منع هوندي آهي. پي پي جي مرڪزي قيادت بہ ان ڪي محسوس ڪندي پاڻ ڪي رڳو ڊي سي/ايم پي اي/ايم اين اي سان ميٽنگين تائين محدود ڪيو آهي. کلي عام اچڻ کان لهرائن پيا اهي سڀ جيڪي عوام عوام جي تسبيح پڙهندي ٿڪبا ڪين آهن.

ان سموري صورتحال مان ”فائدو وٺندڙ“ هاڻي عوام ۾ اهي ماڻهو لاهي رهيا آهن جيڪي پي پي خلاف بريل ان باهہ ۾ پيٽرول جو ڪم ڪن. اهي وڏيرا جيڪي پي پي ۾ اچڻ لاءِ ايلاز منٿن تائين پهتل هئا اهي پنهنجي باهہ ڪيڻ لاءِ وڏيون وڏيون رٿائون پيا رٿين. اهڙي صورتحال ۾ پي پي قيادت خاص طور تي چيئرمين بلاول ڀٽي صاحب تي وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ هو پنهنجي ئي پارٽيءَ جي اندر ويٺل غيرذميوار ماڻهن ڪي ٻاهر ڪڍي، پنهنجي پارٽيءَ جي سنڌ مٿان حڪمرانيءَ جو نئين سر جائزو وٺي ان ڪي بهتر کان بهتر ڪري. هن ڏکئي وقت ۾ ان عوام جو ساٿ ڏي جن هن جي وڏڙن ڪي عزتون بخشيون هيون ۽ اڄان تائين عزتون پيا بخشين. خراب

ڪان خراب حڪمرانيءِ جا رڪارڊ ٺاهيندڙ سندس پارٽي خلاف نيائيندا پيا اچن. هڪ ڳالهه اسان سيني کي سمجهڻي پوندي ته تنقيد کان بالاتر ڪوبه ڪونهي. مقدس ڳئون وارا تصور ختم پيا ٿين. ماڻهو هاڻي سوچين پيا، ”جگنو ڪو دن ۾ پرکني کي ضد ڪرين، بچي هماري عهد کي چالاڪ هوگئي“ سنڌي يلي ايترا چالاڪ ڪونه ٿين پر چڱي بري جي سمجهه ته هر ماڻهو رکندڙ آهي.

09.09.2022

# سوويت يونين جي انتقام ۾

ڪنهن بهادر انسان کي مارڻ کان پوءِ گيدي ماڻهو ڪيترو وقت ان خوف ۾ ورتل هوندو آهي ته اهو مئل (بهادر) اجان جيئرو آهي. ان گيديءَ کي پنهنجي فتح تي پروسو ئي نه ايندو آهي هو بار بار پيو سوچيندو آهي ته ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته مان جهڙو گيدي اهڙي بهادر کي ماري وجهي. لٽ ڦر جي نظام جنهن کي پاڪ دامن بڻائيندي ڪيس سرمائيداريءَ جهڙو دل لڀائيندڙ نالو ڏنو ويو آهي جيڪو پنهنجي ڳُر ۾ ڪوڙو، فريبي نظام آهي ۽ دنيا جو مجيل سچ آهي ته ڪوڙ ڏڄڻو ۽ گيدي هجي ٿو. سرمائيداريءَ هٿان ڪميونزم جو اهڃاڻ سوويت يونين ڪنهن مڪر ۽ فريب سان ماريو ويو پر سرمائيداري رات جو چرڪ پيئي پري ته ڪٿي هو جيئرو نه ٿي پوي. ان عمل دوران سرمائيداريءَ پنهنجي لٽ ڦر جي پيسن منجهان ڪي بيضمير خريد ڪيا انهن کي استعمال ڪيو ۽ پوءِ دنيا ڏٺو ته اهي سڀ جا سڀ ٽشو پيپر وانگر نه رڳو اڇلايا ويا پر انهن کي باه ڏيئي ساڙيو ويو.

ڳالهه رڳو سوويت يونين جي خاتمي تائين ڪونه هئي/آهي ڳالهه پورو غلبو حاصل ڪري به پوري نه ٿيندي اجان اڳتي هلندي چوته سرمائيداري جيسين انساني لاشن جا ڍير نه ڏسي نند ڪونه ڪندي آهي. جنگ يا ٻي ڪنهن آفت سبب مئل ماڻهو به ڪيس پسند آهن پر سندس سڀ کان وڏيڪ پسند جو لاش اهو آهي جيڪو بک وگهي مئل هجي.

سوويت يونين جي خاتمي کان پوءِ اسڪيم جو فيز ٿو ائين شروع ڪيو ويو ته جيئن وري ڪڏهن اهڙي آفت پيهر ڪر نه ڪڍي سگهي. سوويت يونين جي محرڪ نظرئي يعني ڪميونزم کي زنده يا مرده گرفتاريءَ کان اڳتي "ڏسندي گولي هڻڻ" جو حڪم آهي. نه رڳو ڪميونزم جو نظريو پر جتي جتي اهو نظريو وڌيو ويجهيو ۽ سرمائيداريءَ لاءِ للڪار بڻيو اهي سڀ ملڪ عام طور ۽ روس خاص طور هن وقت وڏي عتاب ۾ آهن.

روس لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون جو هو نه چاهيندي به جنگ ۾ ڪُڏي پوي. ڪيس اهڙي جنگ ۾ ڦاسايو ويو آهي جيڪا بظاهر آسان لڱندڙ هئي پر ان پويان اهڙي

حڪمت عملي رکي ويئي جو اها جنگ جيڪا مختصر هجڻ جو ڏيک ڏيئي رهي هئي اها ڀيانڪ ٿيندي پيئي وڃي. محدود جنگ جي حڪمت عملي تحت وڙهي ويندڙ جنگ بن پائرن (جيڪي صدين کان گڏ رهندڙ هئا) کي هڪ ٻئي کان پري پيئي ڪندي وڃي. هڪ پاسي يوڪرين هاڻي روس لاءِ ٻيو افغانستان بڻجندو پيو وڃي، روس جي معيشت کي سدا لاءِ ختم ڪري وري ٻيهر اسري نه سگهڻ جهڙو بڻايو پيو وڃي ٻئي طرف آرمينيا ۽ آزربائجان ۾ ويڙه شروع ڪرائي ويئي آهي جن جا اٽڪل هڪ سو فوجي ماريا ويا آهن. اهي ملڪ به ڪا ٻي دشمني ڪونه سوويت يونين واري سزا پيا لوڙين. ٻنهي ملڪن ڀويان هيري ٽرومين (ان وقت جو آمريڪي نائب صدر جيڪو پوءِ صدر ٿيو ۽ دنيا جي گولي مٿان ڀهريون ايٽم بم هڻڻ طور سڃاتو وڃي ٿو) جي هن بيان واري ذهنيت آهي جيڪو بيان هن ٻي عالمي جنگ جي شروعاتي وقت ۾ ڏنو هو. جنهن ۾ هن چيو هو ته اسين ڏسنداسين جيڪڏهن جرمني ٿو کٽي ته اسين سوويت يونين جي مدد ڪنداسين ۽ جيڪڏهن سوويت يونين ٿو کٽي ته اسين جرمنيءَ جي مدد ڪنداسين. سموري ڳالهه جو مطلب اهو ته اهو سمورو خطو دوزخ بڻايو ويو آهي/بڻايو ويندو جيڪو به سرمائيداريءَ لاءِ ڪنهن به قسم جو خطرو بڻجي سگهندڙ هجي.

ڪجهه ڏينهن رومانيه کان مولڊووا ويندي آمريڪي فوجي قافلي کي روڪي ماڻهن انهن خلاف نعرا هنيا ته جنگ نه کپي ان لاءِ اوهين واپس وڃو جيڪو عمل پيغام ڏيندڙ آهي ته آمريڪا سوويت يونين جي پراڻن ميمبر ملڪن خلاف ڪهڙا ارادا رکي ٿو.

خوش مذهبي سڃاڻ رکندڙ به نه ٿين انهن جو وارو به اچڻ وارو آهي. ”چراغ سب هي کي بجهينگي هوا کسي کي نهين“ مصداق سڀني جو وارو ايندو. هي خطو به باه جي اثر کان بچي ڪونه سگهندو.

اهي سڀ جنگيون پاڻ ۾ جوڙ ڪري ماحول وري به ٽين عالمي جنگ وارو ٺاهيو پيو وڃي ڇو ته اصل منزل اها ئي آهي. ٽين عالمي جنگ دولت جي ورهاست کي وري ٿورن هٿن ۾ محدود ڪرڻ ۾ وڏي مددگار ثابت ٿيندي. اهي هٿ انسان جي نڙيءَ جي ويجهو ايندا پيا وڃن گرفت وڌيڪ مضبوط ٿيندي پيئي وڃي.

عالمي ماحول ۾ انهن مٿي بيان ڪيل قومن اڳ ۾ گهٽو ڪجهه ڏنو آهي. موت ڪي پنهنجي اکين سان ڏنو آهي. انهن منجهان هڪ شهر ٽي سو ڏينهن جو گهيرو ۾ ڏٺو، ڪنهن شهر اٺ سو ٻاهتر ڏينهن جو گهيرو ۾ ڏٺو. ڪجهه ڏينهن ۽ مهينن جا گهيرا تہ عام هئا. اهي قومون مري وري جي سگهندڙ آهن اصل سوال اهو آهي تہ اسان جو ڇا ٿيندو جن سموري زندگي رڳو ڪوڙ ٻڌو آهي. جيڪي ڪجهه ڏينهن جي برسات ۾ پينو فقير وارو ڏيک ڏيئي رهيا آهيون. جن جي حڪمرانن جي لسٽ ۾ عوام نالي ڪا شيءِ آهي ئي ڪونہ.

16.09.2022

# نيٺ معافي.... تہ پوءِ دير ڇو!

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان نيٺ اعلان ڪيو تہ هو عورت جج کان معافي وٺندو. تي سگهي ٿو بين سمجهي ورتو هجي پر مون کي الائي ڇو اها ڳالھ سمجھ ۾ ڪونہ پيئي اچي تہ معاملو ڪٿي اٽڪيل هو. اعتراض عورت جج کان معافي وٺڻ تي هو يا جج کان. ڇو تہ اها جج صاحبہ عورت بہ آهي تہ جج بہ. جج کان معافي وٺڻ ڪا وڏي ڳالھ ڪونهي اڳي يا پوءِ گهڻو ڪري ائين ئي ٿيندو آيو آهي. توهين عدالت جا سڀ ڪيس معافي نامي تي ئي منتج ٿيا آهن پر اهي سڀ جج مرد هئا. عورت جج جو معاملو شايد پهريون دفعو (مان سمجهان ٿو) پيش آيو ان ڪري ان ۾ "دير" لڳائي ويئي.

فرد جرم لاءِ پروگرام پئي ٺهيا ۽ ڊهيا نيٺ اهو اعلان ٿيو تہ خميس ٻاويهہ آڪٽوبر جي ڏينهن فرد جرم عائد ڪيو ويندو . جڏهن عدالت سڀوڻيءِ اهو اعلان ڪيو تہ اڄ رڳو فرد جرم واري ڪاروائي ٿيندي سائين جن کي روسٽرم تي گهرايو ويو جتي سائين جن اعلان ڪيو تہ هو جج صاحبہ کان معافي وٺڻ لاءِ تيار آهي. جنهن کان پوءِ فرد جرم عائد ڪرڻ واري ڪاروائي ملتوي ڪئي ويئي.

ڇا اڳوڻو وزيراعظم گهران ئي فيصلو ڪري آيو هو تہ هو معافي وٺندو يا عدالت وارو ماحول ڏسي هن فيصلو ڪيو تہ "معافي" ئي حل آهي. ملڪ جي ويجهي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ مشرف صاحب جيڪو ملڪ جو چيف ايگزيڪيوٽو يعني "اوپر کان اولھ اتر کان ڏکڻ هيٺ کان مٿي رڳو هو" رهيو اهو ڪورٽ کان تمام گهڻو گهبرايل هوندو هو. عدالتي حاضريءَ کان هڪ بہ ڏينهن اڳ سخت بيمار ٿي پوندو هو ۽ اچي اسپتال داخل ٿيندو هو. ان کان پوءِ هي ٻيو شخص آهي (جيڪو بہ مشرف جي ريفرينڊم جي مهم هلائيندڙ هو) ڪورٽ ۽ ممڪنہ جيل جي سزا کان گهبرايل نظر ايندو آهي. لڳي ٿو روسٽرم ئي اتي پهچائي چڪو سائين جن کي جتي عدالت کي پهچڻو هو. روسٽرم تي وڃڻ کان پوءِ فيصلو "ها" ۾ ڪرڻ واري منظر جهڙو منظر ملڪي ويجهي تاريخ ۾ اڳي بہ يعني سائين جن خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ وقت

نظر تي آيو هو جنهن ۾ به سائين جن ”نه“ پئي ڪئي پوءِ قيدين جي گاڏي ڏيکاري سائين جن کي ”ها“ ڪرائي ويئي.
هي ڪيس هڪ عورت جج کي جلسي دوران ڌمڪيون ڏيڻ تي ٿيو هو جنهن ۾ سائين جن انتهائي جذباتي انداز ۾ جج صاحبه کي للڪاريو هو ته هو جڏهن اقتدار ۾ ايندو ته ان کي نه ڇڏيندو. ساڳي قسم جي ڌمڪي هن آءَ جي پنجاب صاحب جن کي به ڏني هئي.
ملڪي تاريخ ٻڌائي ٿي ته توهين عدالت ڪيس ۾ معافي وٺڻ ڪا ايتري مشڪل نه رهي آهي ۽ هڪ ٻن حاضرين ڪان پوءِ معاملو رفع دفع ٿي ويندو آهي پر هي صاحب ڪيترا دفعا ڪورٽ ۾ آيو لکت ۾ جواب به جمع ڪرايائين ۽ هر لکت ۾ ٽال مٽول کان ڪم وٺندو رهيو ۽ عدالت سڳوري وڏي دل ڪندي ڪيس موقعو فراهم ڪندي رهي پر سائين جن پنهنجي ڳالهه تي اڙيل رهيا. نيٺ جڏهن ڳالهه ڳاٽي ڪان چڙهي ويئي ۽ فرد جرم تائين پهتي تڏهن سموري منظر کي هميشهه مسخري سمجهندڙ کي سمجهه ۾ آيو ته هاٽي اسپرو وغيره مان شفا ڪين ملندي باقائده دوا وٺڻي پوندي.
ملڪي تاريخ ۾ جيڪي حڪمران آيا آهن انهن جي ڪردار جو ٿورو گهڻو اندازو لڳائيندي سمجهه ۾ اچي پيو ته هي سائين عورت ڪان معافي وٺڻ پنهنجي توهين سمجهي رهيو هو.
اسان جي سماج ۾ وڏن گناهن منجهان هڪ گناه عورت کي انسان سمجهڻ به رهندو آيو آهي مرداڻي سماج ۾ پاڻ کي فاتح اعظم سمجهندڙ مرد گهڻو ڪري عورت کي ڪمتر سمجهندو رهيو آهي. ان تي تفصيل سان روزانو جي بنياد تي ليک هر اخبار ۾ ڇپجندا رهن ٿا. جيئن ته حڪمران جي ڪنڌ ۾ تڪبر جي ڪلي ٿوري وڏيڪ هوندي آهي ان ڪري اهو سماج ڪان پاڻ کي متاهون سمجهندڙ هوندو آهي.
سوال انهن سيني ڳالهين ڪان اڳتي جو به آهي ته ڇا اڳوڻي وزيراعظم صاحب اهو ڪم دل سان ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪيس بيهر طاقت ۾ اچڻ جو وارو مليو ته هو ان جج صاحبه خلاف اهڙي ڪاروائي ڪين ڪندو جنهن جو اعلان هن پرئي جلسي ۾ ڪيو هو. ملڪي تاريخ اها به شاهدي پيئي ڏئي ته اسان جي حڪمرانن پنهنجي اندر مان انتقام جي باه وسامڻ ڪين ڏني آهي. اهي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پنهنجي

مخالفن ڪان بدلو وٺندا رهيا آهن نہ رڳو ايترو پر ائين چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو حڪمرانن حڪمراني ڪئي ئي مخالفن تي آهي نہ ڪي ٻين تي ۽ انهن اقتدار ۾ اچي رڳو انتقام ئي ورتا آهن ۽ ان ڪان هڪ قدم بہ اڳتي نہ هليا آهن ۽ هتي وري معاملو عورت (ڪڙيء ۾ عقل رکندڙ) جو آهي.

دنيا گهڻو اڳتي نڪري ويئي آهي. سعودي عرب ۽ ٻيا عرب ملڪ هاڻي عورتن جي آزاديء ۾ يقين رکن ٿا ان ڪري اسن سيني کي بہ کپي تہ عورت کي انسان سمجهون.

23.09.2022

# ڪڪڙن جي ميل بجاء حڪمران ميل ڏسو

ٻہ ڪڪڙ وڙهن ٿا، چوڏاري خفتي وينا آهن. رڳو هوڪرا آهن. هڻ ڳڙهَ اکين ۾ نوڪينس. ويو ڙي ويو. ڪڻ پنهنجو ترڙو ڪڪڙ. وجي کهي کائو، اسان کي بہ دعوت تي گهرائجو...ها ها ها....

هي کيل پراڻو تي چڪو، شايد پوئين ڪنهن صديءِ ۾ وڏو دلچسپ هو. هاڻي ان کان وڏا دلچسپ ميلا پيا هلن. اسان جي حڪمرانن جي جهالتن جا کيل آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن. هِن جي آڊيو ليڪ تي اج هُن جي وڊيو ليڪ. سيني پوسٽن تي ڪرمنلس مجرم وينل آهن جيڪي رڳو عوام کي پيا ڦرين.

تصور ڪريو تہ جنهن ملڪ جا حڪمران رڳو وڙهڻ، هڪ ٻئي جون ڪمزوريون ڳولهڻ ۾ سڄو ڏينهن لڳل هجن ان ملڪ جو حشر ڪهڙو هجڻ گهرجي ۽ ڪهڙو آهي.

هتي ٻيهو. هڪ سوال اوهان کان پڇون پوءِ ٿا اڳتي هلون. سوال اهو آهي تہ ڇا هي سڀ جيڪو اوهان ٻڌي، ڏسي اخبارن يا سوشل ميڊيا تي پڙهي رهيا آهيو اهو اڄ ڪلهہ جو آهي يا اهو کيل پهرئين ڏينهن کان جاري آهي. اوهان جو جواب بہ پڪ مون وارو ئي هوندو تہ هي کيل پهرئين ڏينهن کان جاري آهي فرق رڳو اهو آهي تہ هاڻي اليڪٽرانڪ ميڊيا ايتري تڪڙي آهي جو ڪجهہ منٽن کان پوءِ اها خبر پراڻي لڳي ٿي اڳي سڀ ڪجهہ لڪي ويندو هو هاڻي لڪي ڪين ٿو. بس

اسڪندر مرزا کان ايوب خان ڪهڙيءِ ريت اقتدار ورتو هاڻي اهو سڀ اوپن سيڪريٽ آهي يوٽيوب تي سڀ ڪجهہ پيو آهي. سازشي بيوروڪريٽ غلام محمد ڪيئن روزانو وزيراعظم بدلائيندو هو هاڻي اهو سڀ روزروشن وانگر عيان آهي.

سوشل ميڊيا اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي سڀ ڪجهہ جيڪو اڳي رڳو انومان ڪڍي تبصرن هيٺ رهندو هو ۽ عوام رڳو واہ واہ پيو ڪندو هو ڇو تہ عوام کي گمراہ ڪرڻ لاءِ ريڊيو ۽ اخبارون هر خبر کي اهڙو تہ ”عوام دوست“ بڻائي پيش ڪندا هئا جو عوام پيو سمجهندو هو تہ اجهو ٿا سموري ملڪ جي عوام ۾ سون ۽ چانديءِ جا چمچا ۽ پليٽون ورهائجن، اجهو ٿي سڄي دنيا هار مڃي اسان جي در تي پنڻ لاءِ

پهچي. ان سموري راند ۾ پوائنٽو ڪردار اخبارن جو هو جن پاڻ تي قومي ميڊيا جو پيارو نالو رکيو پر پردي پويان ڪم ناپاڪ ڪندا رهيا. اهو سلسلو هڪ لمحي لاءِ به رڪيو ناهي. جيڪو هاڻي وڏيڪ ڊرامائي روپ اختيار ڪندو رهي ٿو.
بلڪل تازي صورت حال مطابق وزيراعظم صاحب جي هڪ آڊيو ليڪ تي وري مقابلي ۾ اڳوڻي وزيراعظم جي آڊيو ليڪ ٿي. موجوده وزيراعظم صاحب جي آڊيو ڪجهه سيڪڙو پيانڪ هئي ته اڳوڻي وزيراعظم جي ٿورو وڌيڪ سيڪڙو پيانڪ آهي. اصل ۾ تازي ٻاهه جنوري کان ٻريل آهي جتان کان اڳوڻي وزيراعظم صاحب جي خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ شروع ٿي. ان وقت جي حزب اختلاف اهو منصوبو جوڙيو ته وري حزب اقتدار ان منصوبي کي آمريڪي سازش جهڙو مقبول نالو ڏنو. (اسان وٽ سڀ ڪجهه آمريڪا جي هدايتڪاريءَ ۾ ٿئي ٿيندو آهي پر ان کي نالو آمريڪا مخالفت جو ڏنو ويندو آهي. جيئن اڳي ڪو فلم فلاپ ٿيندو هو ته ان جي پوسٽر مٿان ”صرف بالغان لاءِ“ لکندا هئا پوءِ اهو فلم ڪڙڪي توڙ ثابت ٿيندو هو) هن آڊيو ۾ اڳوڻو وزيراعظم صاحب پنهنجي پرنسپل سيڪريٽري (جيڪو اصل ۾ ٻيو وزيراعظم هوندو آهي بلڪل ائين جيئن وڏيري کان وڌيڪ ڪمدار خطرناڪ هجي) کي هدايتون ڏيئي رهيو آهي ته اسان کي رڳو ڪيڏٽو آهي آمريڪا جو نالو ناهي وٺڻو. پوءِ ان وقت هڪ خط پريل جلسي ۾ لهرائي ڏيکاريو ويو ته آمريڪا جي سازش جو ثبوت هي خط آهي. ان خط تي وڏا تبصرا هليا هڪ صحافي ان لاءِ ڪالم لکيو ته اهو خط روزمره جي خط وڪتابت آهي جيڪو به اصل ناهي ۽ اهو ”ٻيهر لکيو“ ويو آهي يعني ان ۾ مرضيءَ مطابق ”ڏاهه ڊوه“ ڪئي ويئي آهي. (جيڪا ڳالهه ثابت به ٿي چڪي) اها ”حڪمران ميل“ هلنڊڙ آهي. ٻنهي طرفن کان ”خفتي“ وينل آهن جيڪي ساڳيا تبصرا هوڪرا طعنا پيا هڻن. ڪڻ همراهه مري ويو، ڏاڍو گندو ٿيو آهي، واڪو ٿي چڪو. ان سياست کان ٻڌي مرو.......وغيره. ٻئي طرف ويچارو عوام آهي جيڪو هڪ ئي وقت ڪيترين چڪين ۾ پيسجي رهيو آهي. سنڌ بلوچستان ۽ سرائڪي بيلٽ ۾ برسات جي تباه ڪارين سبب ماڻهو مري رهيا آهن. جن جا ٻچا سنڌن سامهون پاڻيءَ ۾ لڙهي ويا هجن، جن جون عورتون اٽيورن ڪپڙن ۾ هجن (هڪ سماجي ڪارڪن روئي ٻڌايو ته انهن برسات ستلين ۾ امداد ورهائيندي اهڙا منظر ڏٺا جو تصور ڪندي

ٻه هانءُ ٿو ڦاٽي، اسان ڪيترين عورتون اٽپورن ڪپڙن ۾ ڏٺيون) جيڪي ٻه وقت ماني لاءِ پريشان هجن جن مان اسي سيڪڙو بيمارين ۾ ورتل هجن. شهر مٿيءَ جا ڪوڙ ٻٽيل هجن انهن جو اونو ڪڪڙن وانگر وڙهندڙ غيرت ۽ شرم کان وانجهيل حڪمرانن وٽ ڇا هوندو. اڳتي هلي ساڳيا ماڻهو نسل در نسل جن اسلام جي نالي، پٽي جي نالي، نياڻيءَ جي نالي، تبديليءَ جي نالي ووٽ ورتا انهن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪندا، ڇا تاريخ سڀ ڪجهه وساري ويهندي!

30.09.2022

# پيار جو پرڙتو ڪندڙ هڪ بي نياڻي قتل

”حبيبن هيڪار، منجهان مهر سڏ ڪيو، سو مون سپ جمار اورڻ اهو ئي ٿيو“لطيف سائين فرمائي ٿو تہ هڪ دفعو حبيبن مهر منجهان، پيار منجهان سڏ ڪيو بس اهو ئي منهنجي سموري جمار جو اورڻ ٿيو. اورڻ جو مطلب حال ونڊڻ، دل جو حال ڏيڻ وٺڻ. انساني زندگي ڪيتري ٿئي ٿي، مثال طور لطيف سائين جي ٽيهٺ سال ئي وٺون ٿا. ٽيهٺ سالن جا ڪلاڪ ٿيا (ننڍ وارا اٺ ڪلاڪ ڇڏي) هڪ هزار اٺ. انهن جا منٽ ٿيا سٺ هزار چار سو اسي ۽ وري سيڪنڊ ٿيا ڇٽيهہ لک اناويهہ هزار اٺ سو. ڪنهن ڪي سڏ ڪرڻ ۾ هڪ يا ٻہ سيڪنڊ لڳندا آهن. (مهر منجهان پريںءَ سڏ ڪيو، عبداللطيف!) لطيف سائين چوي ٿو تہ باقي منهنجي زندگيءَ جا ڇٽيهہ لک اناويهہ هزار ست سو اٺانوي سيڪنڊ منهنجي زندگيءَ ۾ ڳڻيا ئي نہ وڃن. انهن دوران مون جيڪو ڳالهايو، مون جيڪو ٻڌو اهو ڪنهن ڪم جو نہ هو ڇڻ تہ ٻڌو اڻ ٻڌو هو. ائين سمجهو منهنجي عمر ڪل ٻہ سيڪنڊ هئي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ اخبار ۾ وري هڪ خبر ڇپي تہ ٻہ سال اڳ پيار جو پرڙتو ڪندڙ سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائن آرٽ شعبي جي شاگردياڻيءَ کي ان ماڻهو پٽر هٽي قتل ڪيو جنهن اُن کي مهر منجهان سڏ ڪيو هو. ان نياڻيءَ کي ڪراچيءَ گهمائڻ بهاني، فريب ۽ مڪر سان گهرائي پٽر هٽي قتل ڪيو ويو. قتل ڪان پوءِ سندس لاش نوري آباد پرسان اڇلايو ويو. پوليس موجب اهو درندو گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن ڏوهہ جو اعتراف بہ ڪيو آهي. هاڻي هو ننڍي ڪان وڏي جيل ويندو جتي ساٿي قيدين کي پنهنجي مڙسي (غيرت ڪان وانجهيل) جون ڳالهيون ڪندو. وڏي ڳاٽ هلندو. پويان سندس گهر ۾ امڙ ۽ پيءُ روئيندا، ڀينر روئينديون. سڀ ئي پنهنجي ڪنن/ڳچيءَ ۾ پيل سون وڪڻنديون، قرض لاءِ در در ڌڪا کائينديون، سيئي ٿاڻن تي ڌڪا کائينديون، عدالتن جا ڌڪا کائينديون ڇا اها بہ غيرت ۾ شمار ڪندو اهو قاتل؟

پنهنجي پريںءَ کي قتل ڪرڻ وارا هٿ دنيا جا گندا هٿ آهن. اها سوچ سوچيندڙ دنيا جو سڀ ڪان گندو ذهن آهي ۽ اهو پٽر بي حياء پٽر آهي جنهن پرين جي مغز ۾ لڳي ان کان ان زبان جو رابطو ختم ڪيو جنهن سان هن قاتل کي مهر منجهان سڏ ڪيو

هو. ڇا محسوسات هوندي ان نياڻي جي جنهن آخري وقت ۾ وري به ان بابا کي سڏ ڪيو هوندو جنهن جي سيني تي لڳي هوء وڏي ٿي هوندي. ڇا فيلنگس هونديون ان جون جڏهن هن قاتل کي پنهنجي پيار جا واسطا ڏنا هوندا. اکين اکين ۾ هن کي چيو هوندائين "انڌا انهن اکين کي پيو اُجهائين جن تو ڏانهن پيار سان ڏٺو!"

مورک آهي اهو انسان جيڪو ان نياڻيء لاء برو به سوچي، قتل ڪرڻ ته وڏي ڳالهه. غيرت ڪان وانجهيل آهي اهو جيڪو ان نياڻيء کي قتل ڪري جنهن پنهنجي ماء جو پيار پوئتي ڪري ان کي مهت ڏنو. جنهن پنهنجي پيء جي چاتيء کي پوئتي ڌڪو ڏيئي ان کي ڳلي لڳايو. گند جو ٽوڪرو آهي اهو انسان جنهن اهڙي بهادر نياڻيء لاء گندو سوچيو جيڪا زماني جون ريتون رسمون سڀ پوئتي اڇلي اچي ان سان ملي. اڙي گندا انسان! پرين ٿي اچي ته دل کي گوشت جي ٽڪر مان دل بڻائيندو آهي. هيء نياڻي ته فائن آرٽ جي شاگردياڻي هئي هن جو ذهن ته ڪيترن انسانن ڪان سهڻو هوندو تڏهن ته ان هِن شعبي جو انتخاب ڪيو. هن نياڻيء جي ڪوري ۽ صاف ذهن ۾ ته هر سرجنڊڙ سوچ آرٽ جو شاهڪار هوندي. هيء نياڻي ته سکل وڻ جا به سور جاڻيندڙ هوندي. هن نياڻيء جي اک جي ڏسڻ جو انداز ئي انوکو هوندو. تون آرٽ کي قتل ڪيو آهي! صد حيف هجيئي!

هي ڪو پهريون دفعو ڪونهي اسان جون نياڻيون اهڙن غيرت ڪان وانجهيل جانور جي مٺين ڳالهين ۾ اچي پنهنجي ماتا پتا جي عزت کي شيهو رسائيندي اچي انهن سان ملن ٿيو جيڪي وري ڪين جلد ئي پاروٿو گوشت سمجهي قتل ڪري ٿا ڇڏين. هنن ئي ڪالمن ۾ مون سميت هر لکندڙ انهن نياڻين کي وينتيون ڪيون آهن ته اوهان جا ڪچڙا ذهن آهن، جلدي دوکو ڪائي وڃن ٿا. ان جو واحد حل اهو آهي ته هر نياڻي پنهنجي امڙ کي پنهنجي ساهيڙي سمجهي ان کي پنهنجي دل جو حال ڏي ۽ امڙ به ان جي ساهيڙي بڻجي ان سان اهڙو ورتاء ڪري جو نياڻي امڙ کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏي.

هي سماج هاڻي انساني سماج رهيو ئي ڪونهي جو هن تي ڪا ميار جڙي. هاڻي هر ماڻهو پاڻ بقا جي جنگ پاڻ وڙهي. هتي هاڻي ڪنهن جي عزت محفوظ ڪونهي رهي پر عزت، شرم و حيا وارا لفظ اجنبي بڻيل آهن. ناياب نسل وانگر پنهنجا نالا ڇڏي

اهي لفظ ڪيڏانهن ويا هليا. هي چسو سماج وري پنهنجي بحالي چاهيندي بہ نہ پيو ڪري سگهي. قدم قدم تي وڏيراشاهي پنهنجي آب و تاب سان موجود آهي جيڪا هر شيءِ کي بي معنيٰ بڻائيندي رهي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ جتي اسڪول بگهڙن جي ور چڙهيل آهن، يونيورسٽيون جنوني جانورن جي هٿن ۾ بيوس آهن مدرسا ڪو وقت ٿيو پنهنجي ڪردار سبب اصليت وڃائي ويٺا آهن اتي والدين کي خاص طور نياڻين کي محتاط رهڻو پوندو.

07.10.2022

# دادو ضلعي سان ايتري دشمني ڇو!

ڇو ته ايم آر ڊي تحريڪ ۾ هي ضلعو سڀ کان اڳرو هو ان ڪري دادوءَ کان ان جو انتقام هلندڙ آهي. دادوءَ ۾ وري خيرپور ناٿن شاهه وارو علائقو ٻين سڀني کان اڳرو هو ان ڪري هن شهر تي عذاب مڙوئي سرس آهي. ذراعت جي پاٽي ڦڙي لاءِ سِڪايل هي علائقو جتي پاٽيءَ جي کوٽ خلاف مظاهرا ڪندو رهيو، ڪو ان جا سڏ نه ورنائيندو رهيو. ايم پي اي ايم اين اي سڀ پنهنجو پاڻ ڪيرائيندا رهيا اتي وري ان شهر کي ٻوڙيو ويو. هن علائقي جو ٻڏڻ ڪو نئون ڪم ڪونهي. سن ٻه هزار واري ٻوڏ وقت به هي شهر عتاب هيٺ رهيو. تصور ڪريو ته ڏه سال اڳ تباهه ٿيل شهر وري پيهر تباهه ڪيا وڃن ته اتان جي ماڻهن جون ڪيفيتون ڇا هونديون. جيڪي ماڻهو هر ڏهين پندرهين سال پنهنجا ڪک لڙهندا ڏسن، پنهنجي گهر جا سامان لڙهندا پنهنجي اکئين ڏسن. پنهنجا ٻچا وڻي ڪنهن ٻئي شهر ۾ ڌڪا کائيندا رهن. اهي ڇا سوچيندا هوندا. ڇا ”جمهوريت بهترين انتقام آهي“ وارو راڳ (جنهن ڏيڻ بجاءِ ٻار ٻچا به کسيا آهن) انهن کي وندرائي سگهندو!

دادو ۽ پرپاسي وارن علائقن ٿياسي ۽ چهاسي واري ايم آر ڊي تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ڳنڍيو. هونئن ته سموري سنڌ هن تحريڪ دوران هڪ باهه جي شعلي وانگر ڀڙڪي پيئي هئي پر سنڌ جو هي ضلعو ڄڻ ته هن تحريڪ جو اڳواڻ ٿي اڀريو هو. جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ جي مالڪن ٻيئي هٿ ڪٽي مٿي تي رکيا. هو سوچڻ لڳا ته هي ڪير آهن جيڪي مرد ۽ ٻاڻين جي فرق کان سواءِ چوڪ چوڪ تي گرفتاريون ڏيئي رهيا آهن. هي ڪير آهن جيڪي گولين جو ڪاچ ٻڌجندي به اڳي کان اڳرا آهن. هي ڪٿان پيا اچن اهي سڀ سوال اهڙا هئا جن اسان جي مالڪن جي مٿي ۾ جيت وڌا.

ٿوري ئي وقت يعني اوڻيهه سو اناسيءَ ۾ ضيا جي ذري ذري ٿيڻ کان پوءِ يڪدم اهڙو ماحول جوڙيو ويو جو ”سڀ“ جمهوريت پسند ٿي پيا. (ضيا جو ذري ذري ٿيڻ اڃان تائين هڪ معمو آهي جيڪو حل ڪونهي ٿيو) ملڪ جي واحد ٽي وي چينل پي ٽي وي تي هلندڙ سڀ پروگرام راتورات جمهوريت پسند ٿي پيا. جيڪو سماج

جمهوريت مخالف بيانيو (اٽڪل) قبول ڪري چڪو هو اهو سماج اوچتو ”جمهوريت جمهوريت“ جو ورد ٻڌي وائڙو ٿي ويو. اها صورتحال پيدا ڪري اقتداري بک ۾ سرسي حاصل ڪيل پيپلز پارٽيءَ کي اقتدار ڏنو ويو جنهن وري رڪارڊ قائم ڪرڻ جي هبڇ ۾ سنڌين جي ان ”ڪروڙ“ کي آهستي آهستي ختم ڪري ڇڏيو جنهن ”ڪروڙ“ ٿياسي ۽ چهاسيءَ جي تحريڪن کي جنم ڏنو هو. ڪروڙ ختم ٿيڻ ڪان پوءِ سنڌين ڪان ان جو انتقام ورتو پيو وڃي جيڪو ختم ٿيڻ جو نالو ڪونہ ٿو وٺي. جنهن جي اڳتي هلي بجاءِ گهٽ ٿيڻ جي وڌڻ جا امڪان وڌيڪ آهن.

ايم آر ڊيءَ جي ڏوهہ ۾ مالڪن پاران ورتو ويندڙ انتقام باهہ وانگر سنڌ کي ساڙيندو رهي ٿي. هتي هاڻي هر شهر، هر ڳوٺ ڪنهن انسان دشمن وڏيري حوالي ٿيل آهن. ڪو بہ شهر ڪوبہ ڳوٺ ۽ ان جا رهواسي ”محفوظ“ ڪين آهن هر ماڻهو پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ ”پنهنجي وجود جي ويڙهہ“ پيو وڙهي جنهن جي نتيجي ۾ موقعي پرست وڏيرو بڻي پاسي سنڌ کي لٽيندو رهي ٿو. روڊ رستا هجن، ناليون هجن يا ٻيو ”انفرا اسٽرڪچر“ هجي پنهنجو وجود ئي نہ ٿا رکن. جڻ تہ ڪو خواب هو. دادو وري انهن سيني ۾ وڌيڪ ظلم هيٺ آهي. تازو ٿيل بارشن ۾ ئي ڏسو تہ هي ضلعو (جيڪو وزيرعليٰ صاحب جو ضلعو آهي) سموري سنڌ ڪان وڌيڪ پيو پوڳي. دادو ضلعي جا رهواسي عام طور منڇر جا علائقي واسي خاص طور ساهہ مٺ ۾ ڪري جيئندا رهيا. اڄ تہ ڪٺ لڳي، اڄ ٿا ٻڏون. هتان تہ پاڻي اچي هُتان تہ اچي ان ڪيفيت منجهان هو نڪتا ئي ڪين تہ وري هو اڄ پيا مرن. منڇر واسين جون پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ دانهون سوشل ميڊيا تي پيون هلن. مليريا جهڙي موضي مرض جو ڦهلجڻ بہ هتي وڌيڪ آهي ڪنهن دوست سوشل ميڊيا تي لکيو هو تہ ڪي علائقا اهڙا بہ آهن جتي سو سيڪڙو ماڻهن کي مليريا آهي مٿان وري واپارين موقعو غنيمت سمجهندي سڀ دوائون لڪائي ڇڏيون ۽ ڳري منافع سان وڪڻندا رهيا.

دنيا جا گهڻا ملڪ امداد ڏيندا رهيا ڪي ماڻهو پنهنجي ڪيسي مان بہ ڏيندا رهيا. اقوام متحده جو سيڪريٽري جنرل بہ آيو ان بہ اپيل ڪئي. ڪي ملڪ وري هن سموري قصي کي ”جعفر ۽ بگهڙ“ واري ڪهاڻي سمجهي اسان جي حڪمرانن تي اعتبار نہ ڪندي امداد ڏيڻ ڪان لنوائيندا رهيا. جتان امداد ملي اها سموري وري نيشنل ڊزاسٽر

مينيجمينٽ نالي هڪ ڪاتي وٽ جمع ڪئي ويئي جتان ”ورهاست“ ڪنهن خاص طريقي سان ڪئي وڃي ٿي ٻين لفظن ۾ ”مڙيا مڇ هزار ياڳا ٿيندي سهٽي“

هن سموري منظر ۾ حڪمران پارٽيءَ متان سڀ ڪان وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته اها پنهنجا ووٽ ڏيئي ڪين اقتداري ڪرسيءَ تي پهچائڻ وارن جي مالڪي ڪن. ائين نه ٿئي ته عام ماڻهو اناسيءَ ۾ مليل اقتدار کي شڪ جي نگاه سان ڏسڻ شروع ڪري.

14.10.2022

# آمريڪي صدر چا پيو فرمائي

اڳي ائين هياس، جو پنهونء ڏوتم ڪپڙا. پنهونء ايترا ڪپڙا ڪونہ ڏوتا هوندا جيترا آمريڪا اسان جا ڪپڙا ڏوتا. ڪجھ ڏينهن اڳ ”نيپي بدلائڻ“ وارو محاورو گھڻو مشهور ٿيو هو بلڪل آمريڪا بهادر اسان جون نيپيون بدلايون. اڄ اهو آمريڪا چوي پيو تہ هي ملڪ خطرناڪ ملڪن منجهان هڪ آهي.

رڳو هي جملو ڪونہ بائيڊن جي سموري تقرير وڏي اهم هئي. هن اهو بہ چيو تہ دنيا جي منظرنامي ۾ وڏيون تبديليون اچي رهيون آهن ۽ تمام گھڻا ملڪ پنهنجي اتحادين جي لاء رڪنڊز سوچ تي نظرثاني ڪري رهيا آهن. هن مثال ڏيندي چيو تہ ڪيوبا جي ميزائيل مسئلي وقت جيڪو روس ڪردار ادا ڪيو چا اهڙو ڪردار اهو (روس) هاڻي ڪري سگھي ٿو. چا ڪنهن سوچيو هو تہ چين ان پوزيشن ۾ اچي سگھي ٿو تہ روس، انڊيا، پاڪستان سان پنهنجي تعلقات جو جائزو وٺي ۽ ان کي بدلائڻ لاء سوچي، چا اهو ممڪن هو. بي بي سي تي هڪ آرٽيڪل مطابق تازو پاڪستان ۽ آمريڪا پاران تعلقات کي افغانستان ۽ هندستان جي پسمنظر کان هٽي هڪ نئين سڃاڻ ڏيڻ جي ڳالھ ڪئي ويئي هئي.

پوئين هفتي انيتاليھ صفحن تي ٻڌل هڪ دستاويز ۾ ڏکڻ ۽ وچ ايشيائي خطي ۾ دهشتگرديء جي خطرن جو ذڪر تہ ٿيل آهي پر ان ۾ (اڳي جي ابتڙ) پاڪستان جو ذڪر هڪ اتحاديء طور ٿيل ڪونهي. اهڙو ذڪر سال بہ هزار ايڪيھ واري دستاويز ۾ بہ ڪونہ هو.

بائيڊن اها بہ ڳالھ ڪئي تہ دنيا اسان ڏانهن پيئي ڏسي. پيو تہ تهيو اسان جا دشمن بہ اسان ڏانهن پيا ڏسن. هن وڌيڪ چيو تہ هن وقت گھڻو ڪجھ داء تي لڳل آهي. هن تہ ايتري تائين بہ چيو تہ دنيا کي جتي وٺي وڃڻ چاهي آمريڪا وٺي وڃي سگھي ٿو.

ڳالھ بائيڊن جي ڪونهي هينئر جيڪڏهن هيري ٽرومين، آئزنهاور، ڪينيڊي، جانسن هجن ها بہ ساڳي ئي بولي ڳالهائين ها ۽ ان وقت جيڪڏهن بائيڊن هجي ها بہ جانسن ۽ بين واري بولي ڳالهائي ها پر اصل ۾ وڏو سوال هي آهي تہ ”عاشق معشوق“ واري بولي ”عاشق رقيب“ واري بوليء ۾ ڪيئن بدلي. ان ڪان بہ وڏو سوال اهو تہ بائيڊن

جي اهڙي بيان تي هتان وارا اهڙا بيان ”ڪجهه ناهي ڪجهه ناهي“ چو پيا ڏين. ڳالهه ايتري سادي/سافٽ ڪونهي جيتري عوام کي ٻڌائي پيئي وڃي يا اسان وارا حڪمران هميشهه وانگر هاڻي به ڪوڙ پيا ڳالهائين!

هڪ به ڏينهن اڳ سعودي عرب جي هڪ فيصلي ته هو پنهنجي تيل جي پيداوار ۾ گهٽتائي آڻي پيو به آمريڪا کي چڙائي وڌو جنهن جي جواب ۾ شهزادي سلمان جي سوٽ اهڙو بيان ڏنو جيڪو ٽيوٽر تي وائرل ٿيو. جنهن مطابق هن آمريڪا کي خبردار ڪندي فرمايو ته جيڪڏهن سعودي عرب جي حڪومت يا ملڪ خلاف ڪا اهڙي ڳالهه ڪئي ته اسان سڀ جهاد ۽ شهادت لاءِ تيار آهيون. هي بيان به ايترو ”سادو/سافٽ“ ڪونهي. سعودي عرب اڳي به ڪيترا ڀيرا پنهنجي پيداوار گهٽائي چڪو آهي پر آمريڪا پاران ان تي ايترو سخت رد عمل ڪونهي آيو. جيئن ته هن وقت پيداور گهٽائڻ جو فائدو روزانو جي بنياد تي پوئتي پونڊڙ روسي معيشت کي ملندو ان ڪري روس جي معيشت جي ٻيڙي ٻڏندڙي ڏسڻ جي خواهش رکندڙ آمريڪا اهو نه پيو چاهي.

آمريڪا سچ پچ به هن وقت اهڙيون حرڪتون ڪرڻ يعني دنيا جي ڪنهن به ملڪ کي چيڙائڻ جي پوزيشن ۾ آهي. هو پنهنجي هڪ وڏي ۾ وڏي حريف سوويت يونين کي ٽوڙي چڪو آهي. سوويت يونين قائم ڪندڙ ملڪ روس کي هن وقت اهڙي جنگ ۾ وچڙائي چڪو آهي جنهن منجهان هو سولائيءَ سان نڪري ڪين سگهندو. چين لاءِ ”ڀڳي هڏ جي سور وانگر“ شڪل رکندڙ تائيوان ماچيس جي هڪ تيليءَ جي مار آهي. جيڪڏهن چين اهڙي قسم جو ڪو قدم کنيو ته ڪوريا ۽ آسٽريليا جيڪي تائيوان سان معاهدن ۾ سلهاڙيا ويا آهن اهي چين سان اهو ڪجهه ڪري سگهن ٿا جيڪو يوڪرين روس سان پيو ڪري. جيئن ته جاپان به چين سان پراڻا پلاند ڪرڻ وارا ارادا رکندڙ آهي تنهنڪري اهو به چين تائيوان جنگ جي پيٽيءَ ۾ ”چندو“ وجهي سگهي ٿو. ”وڙان“ نه ته ”هڙان“ جاپان هن ۾ ڪُڏندو ضرور.

روس ۽ چين کي ڪٽي باقي دنيا ۾ ڪو اهڙو ملڪ ڪونهي (جيڪي آهن ته اهي اڳ ئي آمريڪي درگاه تي مٿيون پريندڙ آهن) جيڪو آمريڪا جي راه جو ڪندو بڻجي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو هو هاڻي دنيا جي انهن ملڪن جن ڪان هو ”سڀ ڪم

وٺي چڪو (جنهن ۾ سڀ ڪان مٿاهون نمبر اسان جو هو اسان سندس سڀ ڪم پيڊ سرونٽ طور ڪيا) انهن جي پٺيءَ تي ڦيريو ويندڙ هٿ هٽائي انهن جي ڳچيءَ ۾ (هٿ) وجهڻ جي تياري پيو ڪري. اسان جنهن ڪي ”عاشقي معشوقي“ سمجهوسين اهو منظر انهن وٽ ”ڏهاڙيءَ“ جي مزوري طور سمجهيل هو جنهن لاءِ هو ادائگيون ڪري چڪا. پگهار به ڏيئي چڪا ته بونس به سو هاڻي پنهون ڪپڙا ڪونه ڌوئيندو هاڻي هو سيني جا ڪپڙا ڦاڙي سگهي ٿو.

21.10.2022

# بيوسيءَ ڪان بيوسيءَ تائين

اها ڪا نئين ڳالهه ڪونهي. حڪمرانن پاران اهي رڙيون ڪوڪون پراڻيون آهن ته ڪين ڪو اختيار ڪونه هو يعني هو وزيراعظم ته هئا پر بيوس هئا، سندن هٿ پير ٻڌل هئا. هڪ پيتو (گول دائرو) هو جنهن جي اندر ئي مونکي ڪم ڪرڻو پيو/مون کان ڪم ورتو ويو. اها شڪايت وڏ ۾ وڏ بااختيار سمجهو ويندڙ وزيرعظم ذوالفقار علي ڀٽي به ڪئي. ان جا ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿئي ٿو ته انهن ڏينهن ۾ ملڪ جو اڌ ڪسجي چڪو هو توڙي جو ”اصل حڪمران“ ان عمل تي عالمي طور تنقيد جي نشاني تي هجڻ ڪري ”مايوس/ٻه قدم پوئتي“ هئا پر پوءِ به هر قدم تي اسپيڊ بريڪر لڳايل هئا جنهن سبب ڀٽو صاحب ”بيوس“ بڻايو ويو.

اها شڪايت ملڪ جي نهڻ کان هر حڪمران ڪي رهندي آئي پر انهن اها ڳالهه کليل نموني ڪونه ڪئي ڳجهه ڳوه ۾ ڳالهائيندا رهيا. اها شڪايت هنن حڪمرانن ڪي ڪونه رهي يعني ايوب خان، يحييٰ خان، ضيا ۽ مشرف. انهن اقتدار ۾ رهندي يا ان کان پوءِ ڪڏهن به اهڙي شڪايت (سڌي اڻ سڌي) ڪونه ڪئي. هنن همراهن اهڙي شڪايت چو ڪونه ڪئي اهو هڪ وڏو يعني زمين آسمان جيترو سوال آهي جنهن تي غور ڪرڻ تمام ضروري آهي.

ذوالفقار علي ڀٽي جي ڌيءُ جڏهن اقتدار حاصل ڪرڻ ۾ ”ڪامياب“ ٿي تڏهن ان جا ڀيئي ڀائر اهڙي قسم جي ڪرسي وٺڻ جي حق ۾ ڪونه هئا. جيئن ته اهي پنهنجي بابا جي ويجهو رهي چڪا هئا ۽ انهن ڀٽي صاحب جي اقتداري بيوسي پنهنجي اکئين ڏٺي ۽ ڪنئين ٻڌي هئي. انهن اقتدار کان پوءِ ان جي بيوسي جي وڏي ۾ وڏي شڪل يعني ”محرومي/مايوسي“ به ڏٺي هئي تنهنڪري انهن جو چوڻ هو ته اختيارن کان سواءِ ڪرسي وٺڻ خودڪشي ڪرڻ برابر آهي. ڀٽي صاحب جي اقتداري ويجهڙائپ ته بينظير صاحبه به ڏٺي هئي پر ان ”اهڙين“ ڳالهين ڪي اهميت ڪونه ڏني.

بيوسيءَ جي شڪايت نوازشريف به ڪئي هڪ دفعو ڪرسيءَ تان بيدخليءَ وقت ٿورو آهستي ٻيو دفعو ٿورو وڌيڪ آواز ۾ ٽيون دفعو اجان وڏي آواز ۾. اهو آواز وڌندو ويو ۽ ”مجهي ڪيون نڪالا“ تائين پهتو.

تازو آواز عمران خان عرف انوڪا لاڏلا عرف سليڪٽيڊ جي واتان آيو آهي جيڪو پڻ وڏي آواز ۾ تبديل ٿيندو پيو وڃي. هي ساڳيو ئي عمران خان آهي جيڪو وڏي آواز ۾ چوندو هو ته اسان سڀ ”هڪ صفحي“ تي آهيون ۽ ان هڪ صفحي تي فخر آهي.
اڄ جون سندس ڳالهيون ٻڌي لڳي ٿو ته سندس متيون دعوائون ”وڏي غلط فهمي“ سبب هيون جيڪا ڳالهه ان وقت جي صحافين ۽ ٻين وڏي واڪ ڪيون ته ڳالهه ائين ڪونهي جيئن لاڏلو سمجهي ٿو.
هتي ڪيترائي سوال اڀرن ٿا جن جي شروعات عمران خان ڪان ئي ٿا ڪريون. مثالطور جيڪڏهن اهو قاتي پيل ”هڪ صفحو“ وري جڙي پوي ته ڇا هي همراه اهڙيون شڪايتون ڪندو ته مان بيوس هوس يا آهيان. ملڪي تاريخ ان جو جواب نه ۾ ڏي ٿي. جيڪڏهن اهو صفحو جڙي پوي ته هي وري چاڪيء جو ڏاند بڻجي ائين ئي ڪم ڪندو جيئن اڳي وارا ڪندو رهيو هو. اهو سڀ انهن سان به لاڳو ڪجي جيڪي هن کان اڳ ويا (۽ هن وقت وينا آهن...۽ اهي جيڪي سياڻي ايندا. لڙڪپن کيل ۾ کويا، جواني نيند ڀر سويا، ٻڙهاپا ديک ڪر رويا وهي قصہ پرانا هي. سيني سان ساڳيو ٿيڻو آهي پر اهي هن ڀر مان بار بار ڏڳجڻ باوجود وري ڏنگجڻ لاء تيار آهن) ته پوء سندن اقتدار ۾ رهڻ وقت اهڙي شڪايت ڪرڻ نه ڪرڻ جو مطلب ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. ڇا ممڪنه اقتدار (ان جو هجڻ ۽ کسجڻ) ئي اصل هدف رهيو آهي اهڙي ”وڏن انسان دوست“ ”عوام عوام“ ڪندڙن جو. يعني اقتدار ۾ هججي ته سڀ خير ان مان تڙي ڪڍيو وڃي ته هاء گهوڙا. پوء اهڙي هاء گهوڙا عوام جو ورنائي اهو به هڪ سوال آهي جنهن تي به غور ٿيڻ گهرجي.
اهو هڪ صفحو جوڙڻ لاء جتن ڪرڻ ڪهڙي جمهوريت دوستي آهي جيڪا تسبيح حڪمران پڙهندا رهيا آهن. هن جاء تي هڪ سوال جيڪو اندر ڪي جهنجهوڙي ٿو ته ڇا هڪ صفحي تي اچڻ لاء متيان مذڪوره سياستدان مچي وانگر تڙپن ٿا، منتون ڪن ٿا، پنهنجي عزت انا داء تي لڳائين ٿا يا اهي جن تي بيوسي جا الزام لڳن ٿا. ان کان هڪ قدم اڳتي اهو ته اقتدار حاصل ڪرڻ لاء جيڪي هڪ صفحي تي اچڻ لاء ميڙ منت قافلا وني ”منزل“ تي پهچن ٿا اتي اهي سڀ ڪجهه ”سرينڊر“ ڪري پوء ڪين ”ها“ ۾ جواب ملي ٿو ته پوء هي منشور ۽ تقريرون (رڙيون) جن منجهان لڳندو

آهي تہ اهي عوام لاءِ ننڊون حرام ڪندڙ آهن، عوام ڪان سواءِ ماني ڪونہ پيا ڪائين سپ ڪوڙ ۽ مڪر آهي. اقتدار ۾ اچي مهانگائي جا طوفان نئين سر آڻڻ ۽ وري جڏهن ڪرسيءَ تان بي آبرو ڪري لاٿو وڃڻ وارا منظر جڙن تہ عوام ڪي انهن جو سات ڏيڻ گهرجي ان باوجود تہ اهي وري ”سياڻي پرينهن سدا لاءِ“ انهن جا ئي هئا/آهن/رهندا!

28.10.2022

# حزب اختلاف ۾ وينٽل ”وزيراعظم“

شايد ملڪي تاريخ جو هي پهريون وزيراعظم آهي جيڪو پاڻ کي حزب اختلاف ۾ وينٽل ٿو سمجهي. ٻه هزار اٺانوي جي اليڪشن ۾ ڪنٽرايو ويندڙ هي صاحب اڄان تائين سمجهي پيو ته هو ڪنٽينر تي بيٺل آهي، جوشيلي ڪارڪنن اڳيان تقرير پيو ڪري ته هو اقتدار ۾ اچي مخالف ڌر کي جيل ۾ وجهندو، وزيراعظم هائوس جون مينهون وڪٽي ڇڏيندو، گاڏيون وڪٽي ڇڏيندو هڪ ڪروڙ نوڪريون ڏيندو ۽ ڪارڪن وري جوش ۾ اچي تاڙيون پيا وڄائين، نعرا پيا هڻن. جيڪو همراه ساڍا ٽي سال واري دور ۾ مهانگائي ۽ بازاري ٻولي واري سياست کان سواءِ ڪجھ ڪونه ڏيئي سگهيو آهي اهو اڄان پيو چوي ته فلاڻو منهنجي بندوق جي نشاني تي آهي فلاڻي سان مان ڇا ڪندس اهو ان کي اندازو ئي ڪونهي وغيره.

ڪيس خبر هجڻ گهرجي ته هو ساڍن ٽن سالن کان ملڪ جو وزيراعظم آهي ان دوران هو ڪيترن کي جيل ۾ ٻه وجهي چڪو آهي ۽ ڪجھ ڏينهن اڳ سندس خلاف بي اعتماديءَ جي رٽ جمع ڪرائي ويئي آهي جنهن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ هو ڊوڙون پائي رهيو آهي. انهن سيني ڏانهن وڃي رهيو آهي جن کي سبز باغ ڏيکاري اتحادي بڻايو ويو هو اهڙا بي ڳالھ ته اهي باغ سبز بجاءِ وڏيڪ پيلا ٿيا. بين لفظن ۾ ڪيس خبر هجڻ گهرجي ته وزيراعظم ۽ حزب اختلاف ۾ وينٽل جي ٻولي جداري هوندي آهي پر بي اعتمادي رٽ کان پوءِ هن پنجاب جي ضلعي وهاڙيءَ ۾ جلسي ۽ گورنر هائوس سنڌ ۾ جيڪو ڳالهايو آهي ان ۾ ڪيل لفظن جي چونڊ ڪنهن به طور وزيراعظم کي زيب ڪونه ٿي ڏئي.

رڳو وزيراعظم ڪونه سندس سڀ ساٿاري اها ئي ٻولي ڳالهائيندڙ آهن ۽ ان ٽيم لاءِ ئي سوشل ميڊيا تي ”گالي برگيڊ“ نالو استعمال ٿيندڙ آهي. اها ڳالھ سمجھ کان بالاتر آهيته اسان جي ملڪ ۾ ڪرسيءَ تي ويهڻ کان پوءِ سڀ ئي سو سيڪڙو بدلجي چو ويندا آهن. انهن کي اسٽيبلشمينٽ جي ”قرب ڪچهري“ تي ايترو يقين ڪيئن ٿي پوندو آهي جڏهن ته هڪ تلخ تاريخ انهن جي اڳيان هوندي آهي. ان جي ٽيڪ تي نهندڙ هي ڪلچر اسان جهڙي ملڪ لاءِ تمام گهڻو نقصان ڏيندڙ آهي خاص ڪري

اھڙين حالتن ۾ جڏھن دنيا جو ڪو ھڪ ملڪ به اسان جو دوست ڪونھي. آمريڪا جيڪو پھرئين ڏينھن کان امداد جو مکيه حصو ڏيندو رھيو آھي، جتان اربين روپيا آيا ۽ ھضم ڪيا ويا، يورپي ملڪ جيڪي امداد لاء نھندڙ ڪنسورشيم جو حصو رھندا آيا آھن اھي سڀ ھن ملڪ کي بليڪ لسٽ ڪرائڻ وارين ڪوشش ۾ رڌل آھن. ھن صورت حال ۾ اندروني جھيڙا ڪھڙا نتيجا ڏيندا اھو اندازو حڪمران ٽولي کي ڪونھي جن غربت کي رڳو پنھنجي ايڪڙن ۾ نھيل بنگلن جي دريء مان ڏٺو آھي. ھن صورتحال ۾ پيپلز ڏيڻ ۽ اھڙو ماحول ناھڻ ڪھڙي عقلمندي چئبي. ڪالھ واري بلاول ڀٽي صاحب پاران ڪيل پريس ڪانفرنس جيڪا وزيراعظم جي ڳالھايل ٻوليء جو جواب ھئي ۽ پوء جيڪڏھن سڀ اھڙي ٻولي ڳالھائين ته ڇا ٿيندو. ڇا حڪومت چاھي ٿي ته ملڪ ۾ گھرو ويڙھ شروع ٿئي جيڪڏھن ائين ٿيو ته ڇا ٿيندو. گذريل رات ان فلم جو ھڪ ٽيلر به ھلرايو ويو جنھن موجب پارليامينٽ لاجز ۾ پوليس داخل ٿي ڪجھ ايم اين اي صاحبان ۽ ڪارڪن گرفتار ٿيا جنھن جي ڪجھ ئي منٽن بعد پارٽي اڳواڻ ملڪ جا روڊ رستا بند ڪرڻ جي اپيل ڪئي بس حڪم جي دير ھئي لمحا به نه گذريا ته سڀ روڊ رستا بند ٿي ويا سموري ڳالھ ڪرڻ جو مطلب ته ھاڻي روڊ رستا بند ڪرڻ ۾ دير به ڪونھي ۽ ان کي ھڪ ھٿيار طور استعمال به ڪيو پيو وڃي. ٻئي پاسي حڪومتي وزير پنھنجي ڪارڪنن کي ڊي چوڪ تي پھچڻ جي اپيل پيا ڪن جتي سنڌن چواڻيء ملڪي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو جلسو ڪيو ويندو. ملڪي تاريخ ٻڌائي ٿي ته اتي ”اتفاقي“ طور ڪجھ به ٿي سگھي ٿو. جنھن کان پوء حالتون سيني جي ھٿن مان نڪري وينديون. ٿورن لفظن ۾ اھو ته ملڪ ھڪ سئي پن جي چوٽيء تي بيٺل آھي يا ملڪ پلال جي اھا ٻنڌ ٻڌجي چڪو آھي جنھن کي سگريٽ دکائي اڇلايل تيلي به رک ڪري سگھي ٿي.

ھن وقت ملڪي ڪاروھنوار رڪيل آھي ان کي پريشر بريڪ لڳل آھي دنيا جي ڪنھن ملڪ سان ڪو رشتو بچيو ئي ڪونھي ان صورتحال ۾ اندروني ڪم به ٺپ ھجن ته معيشت جيڪا اڳ ۾ ئي سو سالن جي ٻڍڙي انسان جيان پيئي پيرڙا ڪٽي ان جو ڇا ٿيندو. جيڪڏھن آمريڪا ۽ يورپي ملڪ به ڪو اھڙو قدم کڻن ته پوء سماج جي شڪل ڪھڙي بيھندي. ايران، اتر ڪوريا، روس وغيره ته پوء به پنھنجي ملڪ

ڪي هلائي ويا ۽ هلائي سگهن ٿا هن ملڪ جو چا ٿيندو. روس تہ اسٽالن گراڊ ۽ لينن گراڊ شهرن تي ٽيل سالن جي گهيري ۾ بہ پنهنجو وجود بچائيندڙ ثابت ٿيو، ماڻهو بک ڪاٽي بہ وڙهندا رهيا اهڙي قسم جو ڪو تجربو بہ هتي ڪونهي.

11.03.2022

# فيصل واڊا کي سزا ايتري ننڍي ڇو

سينيٽر فيصل حيات واوڊو تاحيات نااهل، ٻن مهينن ۾ سموريون مراعتون ۽ پگهارون واپس ڪرڻ جو حڪم. سائين جن هن کان اڳ قومي اسمبليءَ جا ميمبر به رهيا، وزير به رهيا. ٻاويهه مهينا شنوائي ٿي ۽ سائين جن نااهل ٿي چڪا. تحريڪ انصاف (جيڪا ڪڏهن انصاف جي ڳالهه عملي طور ڪونه ڪندي رهي آهي خاص ڪري ننڍن صوبن سان سندس ورتاءَ ڪنهن ازلي دشمني کان گهٽ ڪونهي) کي حڪومت ملڻ وارن شروعاتي ڏينهن ۾ هي سڀ کان گهٽو ڳالهائيندو هو ۽ سنڌ کي پاڻي جي ڦڙي لاءِ سڪائڻ جون ڳالهيون پڻ ڪندو هو. هونئن به گهٽائي وزير وڏا پنهنجي حڪمرانيءَ جي شروعات ڪالاباغ ڊيم سان ئي ڪندا آهن يعني سنڌ کي سبق سيکارڻ سان. ٻيا ته پري پر بينظير به پنهنجي شروعات ڪالاباغ سان ڪئي ۽ ان لاءِ بجيٽ ۾ رقم به رکي. ان جو ڪهڙو سبب آهي جا اهي ڪنهن جاءِ تي (انٽرويو وقت) ايتريون ڊاڙون هڻي اچن ٿا جنهن جي پورورائي لاءِ سمورو وقت ڪوڙ ڳالهائيندا رهن ٿا.

سائين واڊا صاحب جن تي الزام آهي ته هن ڪوڙو بيان حلفي جمع ڪرايو هو. حلفي بيان ۾ الله کي حاضر ناظر ڄاڻي اهو اقرار ڪيل هوندو آهي ته هن جيڪو ڪجهه فارم ۾ لکيو آهي يعني جيڪي ڪجهه تفصيل ڏنا آهن اهي سچا آهن. جيڪڏهن هن تي اهو ثابت ٿيو آهي ته هن الله جي نالي جو قسم کڻي ڪوڙ ڳالهايو آهي ته پوءِ سزا ايتري ننڍي ڇو؟ ڪوڙ ته هر جرم جي جڙ آهي ۽ اهو به الله جو نالو کڻي ڳالهائڻ ان کان پوءِ رياست مدينہ ٺاهڻ جا ذڪر ڪرڻ جي سزا ايتري ننڍي نہ هجڻ گهرجي. اسان جي ملڪ ۾ پندرنهن پيسا چوري ثابت ٿيڻ تي ان کي نہ رڳو نوڪريءَ مان برطرف ڪيو ويو آهي پر ان کي قيد جي سزا به ملي آهي ته پوءِ هن لاءِ اهڙو قانون ڇو. يعني رڳو مراعتون واپس ڇو. اقتداري مزا انهن ڏينهن ۾ هن جا ڪيل سمورا ڪم انڊو (واپس) ٿيڻ گهرجن.

جيڪڏهن منهنجو حافظو صحيح ڪم ڪري ٿو ته پوءِ مون کي اهو به ياد آهي ته سائين جن ئي هئا جيڪي هڪ ٽي وي ٽاڪ شو ۾ هڪ وڏي بوٽ جو پادر کڻي

شريڪ ٿيا هئا جنهن مان ڪيترائي شبها ظاهر ڪيا ويا سوشل ميڊيا تي ڪجھ ماڻهن اهي بہ انومان ظاهر ڪيا تہ سائين پنهنجي وابستگي ٻڌائڻ چاهي ٿو تہ چا هن سان رعايت ان وابستگي جي بنياد تي ٿي آهي.

هڪ ڳالهہ جو ڏک ضرور ٿيو تہ نااهلي ڪيس جو فيصلو هڪ ڏينهن اڳ آيو نہ تہ وزير اعظم صاحب پنهنجي وزيرن کي ”ڪامياب وزارت“ هلائڻ تي جيڪي ايوارڊ ڏنا آهن انهن ۾ هن نااهل جو نالو بہ هجي ها چو تہ هي ”ويجهو“ رهندڙ آهي.

وزيراعظم صاحب ڏهہ وزيرن کي سندن بهترين ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي هن وقت جيڪي انعام ڏنا آهن اهو عمل گهٽو ڪجھ ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ڪافي آهي. پرڏيهي وزير، فواد چوڌري ۽ شوڪت ترين صاحب جن هن ايوارڊ کان محروم ٿيا جنهن لاءِ پڻ سوشل ميڊيا تي وڏيون ڳالهيون پيون هلن. چا پرڏيهي وزير خاص طور هن ۾ نشانو بڻايو ويو آهي چوتہ ڳالهيون اهي بہ ٻڌيون پيون وجن تہ ڪجھ وزير/مشير/ميمبر جلد ئي ڪنهن ٻي ٽيم ۾ شامل ٿيڻ وارا آهن. ڳالهہ ڪرڻ جو مطلب اهو تہ جيڪڏهن واڍا صاحب نااهل نہ ٿئي ها تہ جيڪر انعام ماڻي ها تہ چا اهو چئي سگهجي ٿو تہ ملڪي حڪمرانن مان گهڻا ڪوڙا حلف نامہ جمع ڪرائيندڙ ئي رهيا آهن. جيڪڏهن ملڪ جي حالت زار کي ڏسجي تہ پوءِ ان ڳالهہ کي سمجهي سگهجي ٿو تہ اهو ئي وڏو سچ آهي. اڄ ملڪ جو نہ تہ ڪو دوست دنيا ۾ بچو آهي نہ تہ داخلي طور تي ڪا قوم هن رياست جي ڪنهن بيانئي سان متفق آهي. ڪو ملڪ اهڙو ڪونهي جنهن لاءِ چئي سگهجي تہ اهو اسان جو دوست ملڪ آهي.

هڪ سوال جيڪو هتي وڏيڪ ابري اچي ٿو تہ وزيراعظم صاحب هن وقت ايوارڊ ڏنا آهن تنهنجو چا مطلب آهي. ملڪي ڪارڪردگي اهڙي آهي جو دنيا ۾ جنهن نمبر (خراب ڪارڪردگي واري حساب ۾) تي هو هاڻي ان کان بہ بہ چار قدم پوئتي آهي تہ پوءِ هن ملڪ کي ڪنهن اڳي کان بہ بہ قدم پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. چا ان ۾ وزيرن جو ڪو ڪردار ڪونهي. ٻيو تہ ساڳي وقت ملازمن جي پگهارن ۾ اضافو چا پيو ٻڌائي ائين تہ ڪونهي جو وزيراعظم صاحب مٿان ڪا تلوار لڙڪي رهي آهي جنهن تان توجهہ هٽائڻ لاءِ هي سڀ ڊراما پيا ٿين. چا هي همراه بہ آخري چڙهيون پيو هٽي ۽ عوام ۾ پنهنجو هڪ تاثر ڇڏڻ چاهي ٿو تہ جيئن هن جي وڃڻ کان پوءِ هرڪو چوي

تہ ڏکيا ڏينهن پورا ٿي چڪا هئا وزيراعظم صاحب عوامي ڀلائي شروع ڪئي ۽ ڪيس وزارت تان هٽايو ويو چو تہ ملڪي تاريخ اهو ئي منظر رڪنڊڙ آهي.

11.02.2022

# گولي سدائين پيرن ۾ ڪين لڳندي!

لانگ مارچ جو ستون ڏينهن هو قافلو وزيرآباد پهتل آهي. عمران خان ڪنٽينر تي موجود آهي اوچتو فائرنگ جا آواز اچن ٿا. هڪ ڪارڪن فوت ٿي وڃي ٿو ڪجهه اڳواڻن کي پيرن ۾ گوليون لڳن ٿيون. ڪپتان کي به پير ۾ ئي گولي لڳي ٿي. افراتفريءَ جو عالم آهي. فوت ٿيل ڪارڪن کي ڪٽڻ لاءِ ڪو تيار ڪونهي سيئي قاتل جي ڪڍ آهن. زخمي ڪارڪنن ۽ ليڊرن کي لوڪل اسپتالن ۾ جڏهن ته عمران خان کي لاهور آندو ويو جتي سندس علاج جاري آهي. ڊاڪٽرن ٻڌايو آهي ته سندس حالت خطري کان ٻاهر آهي.

جيڪو پڪڙيو ويو آهي ان لاءِ متضاد ڳالهيون پيون هلن ته هي ساڳيو ئي حملو ڪندڙ آهي يا ڪو ٻيو. پڪڙيل اقبالي بيان ڏنو آهي ته عمران خان ماڻهن کي گمراهه ڪري رهيو هو. آذان جي وقت ڊيڪ تي گوڙ (وڏو آواز) مون کي ستو ڪين لڳو ان ڪري مون هن کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. (ملڪي تاريخ اهو به ٻڌائيندڙ آهي ته "اهڙن" موقعن تي "اهڙا" بيان ڏيئي "اهڙن عملن" کي "اهڙا" رنگ ڏنا ويندا آهن ۽ پويان انتظار ۾ ويهاريل غازي سڌ ورنائيندي اچي روڊ رستا بند ڪندا آهن ۽ قاتل/قتل جو ارادو ڪندڙ نعرا هڻي "باعزت" بري ڪرايو ويندو آهي.

ست ڏينهن اڳ لانگ مارچ لاهور کان شروع ٿي لاهور ۾ ئي ڦرندو رهيو. هي شايد پهريون لانگ مارچ آهي جنهن ۾ ليڊر واپس اچي ننڊ پنهنجي گهر ڪندو هجي. پي ٽي آءِ وارن پهريائين اعلان ڪيو ته ٽي- چار نومبر تي اسلام آباد پهچنداسين پوءِ اها تاريخ وڃي ڏهه يارنهن نومبر تائين پهتي آهي. پهرئين ڏينهن لبرٽي چوڪ کان نڪتل لانگ مارچ داتا دربار تي پهتو ڪپتان لاهور واري گهر زمان پارڪ وڃي رات گذاري. ٻئي ڏينهن لانگ مارچ شاهدره لاهور کان شروع ٿي ڪجهه ڪلاڪن اندر ختم ٿيو ڪپتان وري رات گذارڻ لاءِ پنهنجي رهائش زمان پارڪ موٽي آيو. اها سست روي ڪهڙي سبب آهي ان لاءِ عام طور تي تاثر اهو آهي ته ماڻهو ايترا ڪونه آهن جيترا پي ٽي آءِ دعوىٰ ڪندي رهي آهي جڏهن ته پي ٽي آءِ رهنما چون ٿا ته سست روي جو سبب ماڻهن جي گهڻائي آهي. تجزيه نگار وري ڳالهه ئي ٻي پيا ڪن ته آرمي

چيف جي مقرري اصل هدف آهي ۽ جنهن جي مقرري وقت لانگ مارچ جو پهچڻ اصل هدف آهي جيئن حڪومت تي دٻاء وجهي سگهجي.

ٻئي پاسي حڪومت وارا به نند ۾ ڪين آهن انهن جي نمائندن ته ٽي وي ٽاڪس ۾ صاف لفظن ۾ چيو آهي ته لانگ مارچ اسلام آباد پهچندو ئي ڪين. ته پوء اهو آخر ڪيڏانهن ويندو جنهن لاء قياس آرايون هيون ته اهڙو ماحول ٺاهيو ويندو ۽ ”فيس سيونگ“ جو رستو ڏيئي عمران خان کي ائين ئي خالي هٿين واپس موٽايو ويندو جيئن مولانا فضل الرحمان کي واپس موٽايو ويو هو. اها ڳالهه سمجهه ۾ ايندڙ پڻ آهي جنهن لاء ڪپتان جو هي بيان ”چوندو جو اعلان نه ٿيو ته تحريڪ ڏه مهينا جاري رهندي، اسلام آباد پهچڻ کان پوء به تحريڪ ختم ڪين ٿيندي“ گهڻو ڪجهه سمجهائي ٿو ته لانگ مارچ ڪو ”فيصلو ڪندڙ“ ڪين هوندو. يعني هاڻي کان ئي ڳالهه ڪي ٿڌو ڪيو پيو وڃي. ڪي وري اجان نرالي ڳالهه پيا ڪن. اهي چون ٿا ته ڪپتان ۽ اسٽيبلشمينٽ جي وچ ۾ ”بيڪ ڊور“ ڳالهيون پيون هلن جنهن جي گواهيء طور تازي ٿيل پريس ڪانفرنس جو حوالو ڏنو پيو وڃي جنهن ۾ اها ڳالهه دعوىٰ سان ڪئي ويئي هئي ته ”رات جو اسان سان رابطا ڪيا وڃن ٿا ڏينهن جو اسان کي بروپلو ڪوٺيو وڃي ٿو“

مٿيون سڀ ڳالهيون ڪونه ٿيون انهن بجاء اوچتو حملو ٿيو جنهن سبب قافلو سچ پچ اسلام آباد ڪين پهتو. ته چا پير ۾ لڳل گولي اصل ۾ پيغام آهي ته قافلو اسلام آباد نه پهچڻ گهرجي. ها! ملڪي تاريخ ٻڌائي ٿي ته بندوق جي نالي ايتري ڊگهي ٿيل آهي جو اها ڪنهن به شهر جي، ڪنهن به روڊ تي، ڪنهن به گهر، جي ڪنهن به ڪنڊ تائين پهچي سگهي ٿي. اها بندوق جي نالي پاڻ منجهان هڪ گولي ڪڍي سيني ۾ به ٽپائي سگهي ٿي، دماغ ۾ گهڙي سگهي ٿي ته پيرن ۾ به لڳي سگهي ٿي. ان شخص کي مارڻو آهي يا زخمي ڪرڻو آهي اهو گوليء مٿان اڳ ۾ ئي لکيل هوندو. گولي پنهنجي بندوق مان نڪرڻ کان پوء به حڪم جي ٻانهي هوندي. هن کي حڪم جيڪڏهن سيني جو آهي، دماغ جو آهي ته اها سيني، دماغ کي پروڙ ڪري ان کي زخمي ڪرڻ بنا هِن دنيا مان سڌو هُن دنيا ۾ موڪلي ڇڏيندي. اسان جي ملڪي تاريخ اهو به ٻڌائي ٿي ته بندوق مان نڪتل گولي ڳالهائيندي به آهي. اها گولي دماغ ۾

سيني بجاءِ پيرن ۾ لڳي پيغام ٻه ڏيندي آهي ته ”قافلو اسلام آباد تڏهن پهچندو جڏهن اسلام آباد جا روڊ رستا چاهيندا“

ڏنو وڃي ته پوئين سال جي جون مهيني کان وٺي هو ڦڙو هلندڙ آهي جنهن جي لاءِ ئي عدم اعتماد جي رٿا آئي. رٿا تي حڪمت عمليون اهڙيون نهيون جو ڪل اچي. ڪپتان هڪ جلسي ۾ خط هوا ۾ لهرائي چيو، آمريڪا مون خلاف سازش پيو ڪري. اسمبليءِ ۾ تقريرون ايتريون ته ڊگهيون ڪيون ويون جو انهن جو ڪو منهن نه سر. رڳو لفاظي ئي لفاظي. اسمبليءَ جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر پنهنجي ”اختيارن جو استعمال“ ڀرپور نموني سان ڪيو. آخرڪار جڏهن رات جو عدالت کلي ۽ قيدين واري گاڏي آئي تڏهن وڃي ڪپتان پنهنجي ڪرسي خالي ڪئي. هاڻي وري پير ۾ لڳل گولي ڪيس سمجهائي رهي آهي ته گولي سدائين پير ۾ ڪين لڳندي آهي.

04.11.2022

# انگ اکر قيامت جو ڏيک پيا ڏين

بي بي سي جي هڪ خبر موجب گذريل پارنهن مهينن دوران ايپل، نيٽ فليڪس، ايمازون، ميٽا (فيس بوڪ جي مالڪ ڪمپني) مائڪروسافٽ، الفابيٽ (گوگل) سميت هن قسم جي صنعت جي وڏين ڪمپنين کي آمريڪي اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ٽي ٽرلين (ٽيهه کرب) ڊالرن جو نقصان ٿيو.

ايمازون اعلان ڪيو آهي ته اها سموري دنيا ۾ ڦهليل پنهنجي عملي منجهان هڪ لک ڇٽيهه هزار ماڻهو فارغ ڪرڻ لاءِ سوچي پيئي. ميٽا ۽ ٽئيٽر ڪمپنين انيتاليهه هزار (سڌا ملازم) ڪيڊي ڇڏيا آهن. جڏهن ته پيا به ان نقش قدم تي هلڻ لاءِ وينا سوچين.

انگن اکرن جي دنيا وڏي ظالم هوندي آهي بظاهر ڪي انگ اکر ايڏا وڏا نظر ڪين ايندا آهن اسين مٿان مٿان پڙهي وساري ڇڏيندا آهيون پر غور ڪرڻ سان اهي ساڳيا انگ اکر قيامت خيز لڳندا آهن. اچو مٿين انگن اکرن جو جائزو وٺون:

پهريائين ڏسون ته ٽي ٽرلين (ٽيهه کرب) ڊالر ڪيترا ٿيندا آهن. اسان جي ملڪ جي ٽوٽل ساليانو بجيٽ (2022) ستيتاليهه ارب (47 ) آهي. جيڪڏهن ٽيهه کرب ڊالرن کي ستيتاليهه اربن سان ونڊ ڪجي ته جواب ايندو ٽيهٺ ڏهائي پياسي يعني جيڪڏهن اسان جي ملڪ جون اتڪل چوهٺ سالن جون بجيٽون ڳنڍجن ته ايتري رقم بيهندي جيترو انهن مٿين ڪمپنين کي اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ هڪ سال اندر نقصان ٿيو آهي. ٺلهي ليکي هي ملڪ چوهٺ سال ان رقم مان هلي سگهي ٿو بنا ڪنهن ڪمائڻ جي. آهي نه تعجب ڪان به وڏي ڳالهه!

اجان هڪ ليکو پيو ڪريو ته سموري دنيا جي غريب ملڪن جي بجيٽ (ٿوري گهڻي فرق سان ايتري ئي هوندي آهي جيتري اسان جي ملڪ جي) ملائي مٿئين نقصان وارا انگ اکر برابر بيهندا پين لفظن ۾ دنيا جا سڀ غريب ملڪ هڪ سال ۾ ايتري طاقت نه ٿا رکن جيتري مٿين ڪمپنين جي اسٽاڪ مارڪيٽ واري نقصان جي ٿئي ٿي.

هڪ ضروري وضاحت اها تہ مٿيان انگ اکر سال دوران اسٽاڪ ايڪسچيج مان ٿيل نقصان جا آهن جيڪي اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ سيڙپڪارن جا ٿيا هوندا يعني انهن ڪمپنين کي ان جو ڪجهہ سيڪڙو فرق پوندو انهن ڪمپنين جي ڪاروبار تي. سڌو نقصان انهن جو ناهي هي سڀ ڪمپنيون ڪربين ڊالر ساليانو ڪمائيندڙيون آهن. اهو منافعو پنهنجي جاء تي برقرار آهي. ان ڪان هڪ وک اڳتي هلو تہ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ جن جو اسٽاڪ مارڪيٽ جو نقصان ايترو آهي تہ انهن ڪمپنين جي سموري ورٿ (سيڙپڪاري، ملڪيت) ڪيتري هوندي. (ان سان وابستہ ٻي ڳالهہ تہ اسان جي ملڪ جي اسٽاڪ مارڪيٽ جو ٽوٽل ويليو ٻاونجاه (52) ارب ڊالر آهي. ان مان اندازو لڳايو تہ اسان ۽ انهن جو مقابلو ڪيترو آهي)

اجان هڪ قدم اڳتي جو سوال تہ اها ايتري وڏي ورٿ (سيڙپڪاري/ملڪيت) انهن وٽ ڪٿان آئي جواب آهي تہ سموري دنيا مان روزانو جي بنياد تي پنجاه سو روپين جو پيڪيج جيڪو اسان روزانو/هفتي/مهيني ڪرائيندا آهيون هي سڀ پيسا اتان جمع ٿيا آهن. ڪي ڪمپنيون وري سامان وڪڻي (آن لائين) بہ ڪمائينديون آهن. اها ڳالهہ اڳ بہ ڪئي هئي تہ دنيا جي سموري دولت ڪنهن نہ ڪنهن طور سرمائيدار دنيا (خاص طور آمريڪا) ۾ بلڪل ائين پهچي ٿي جيئن مينهن جو پاڻي جيڪو ڇت جي ڪنهن بہ ڪنڊ تي ڪرنڊڙ هجي پر ايندو نيساري ۾. حوالي طور هڪ ٻي ڳالهہ تہ ڪجهہ وقت اڳ ايراني صدر هڪ بيان ڏنو هو تہ ڊالر سموري دنيا مان ڪمائي رات جو ننڊ وجهي آمريڪا ۾ ڪندو آهي)

هاڻي وري پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي ذات جي اقتصادي صورتحال يعني ورٿ ڏسو تہ اسان جو ملڪ جيڪو وسيلن سان مالامال آهي اهو چوهٺ سال جي پنڌ تي آهي جتي هو اڄ بيٺا آهن (حقيقت ۾ اهو پنڌ هڪ هزار چوهٺ سالن جي پنڌ برابر آهي جو تہ اسٽاڪ مارڪيٽ جو نقصان انهن جو ڪونهي. انهن جو منافعو ڪربن ڊالرن ۾ ائين جو ائين برقرار آهي)

اسان جي ملڪ جي اقتصادي صورتحال اها آهي تہ پيسن جي جهول پري وڃجي ٿي ڪنهن بہ خريداريء لاء. (جيڪڏهن اوهان هڪ روپئي وارا نوٽ ڪٺي وڃو تہ هزار، بہ هزار، پنج هزار روپين مان جهول ٿي پربي). مارڪيٽون تباه برباد ٿي چڪيون آهن.

ماڻهن جي قوت خريد جو حال اهو آهي تہ عام ماڻهو پنهنجي ڪاڌ خوراڪ جي ڪوالٽي وجي تو گهٽائيندو، جنهن ڪري سندن صحت وجي پيئي ڏينهون ڏينهن ڪرندي. ان ڳالهہ جي تصديق اوهان مارڪيٽ ۾ موجود شين جي ڪوالٽي ڏسي ڪري سگهو ٿا ڇوتہ مارڪيٽ ۾ اهي ئي شيون موجود هونديون آهن جيڪي گراهڪ خريد ڪندو آهي. وري ڊاڪٽرن وٽ/اسپتالن ۾ رش ڏسو ۽ صحت جو اندازو لڳايو.

ملڪ جي لاء وري اهڙيون ڳالهيون/افواه گرم آهن تہ اقتصادي ڊفالٽ جو خطرو وري وڌي ويو آهي. هونئن تہ هر ڇهين مهيني اهي ڳالهيون هلنديون آهن پر ان ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ صداقت ضرور هوندي آهي. بهرحال ملڪ ڊيفالٽ ڪري نہ ڪري ملڪي عوام ڊفالٽ ڪري چڪو آهي.

اهڙي ئي حالت هئي دنيا جي جڏهن پهرئين ۽ ٻي عالمي جنگ جو آغاز ٿيو هو. سموري دنيا ۾ دولت جي ورهاست جو توازن اهڙو ئي هو جهڙو اڄ آهي. سموري دنيا محرومين جو ائين ئي شڪار هئي جيئن اڄ آهي.

25.11.2022

# ڪهڙا علم اڳتي ڪهڙا علم پوئتي

چا اسان غلام ڪونہ آهيون، چا سموري ڌرتيءَ تي ٿيندڙ هر قسم جي چرپر غلام ڪونہ آهي. چا علم غلام ڪونہ ٿي چڪا آهن. چا هر ماڻهوءَ جي وات ۾ لولي پاپ ڏيئي هر وات بند ڪونہ ڪيو ويو آهي. چا هر نظريو ڳيجهو ڪونهي بڻايو ويو. چا هر نظرئي جي تشريح جيئن ”چاهي“ ويندي ائين ڪونہ ٿيندي يعني تشريح بہ غلام آهي.
هي جملا ٻڌي پهريون تہ ڪاوڙ ايندي هئي پوءِ جڏهن سوچيو سين تہ اهو سڀ ڪجهہ سچ لڳو.
اڄ جي دنيا جو وڏي ۾ وڏو سچ اهو ئي آهي تہ ڪابہ شيءِ آزاد ڪونهي. سيني تي ڏار ڏار لکڻ جي ضرورت آهي ۽ لکبو. اڄ رڳو ان تي ٿا لکون تہ علم ڪئين غلام آهن ۽ ڪهڙو علم اڳتي ڪهڙو علم پوئتي ڪرڻو آهي/ڪيو پيو وڃي. چا هي فيصلو بہ اهو ”ساڳيو“ ئي ڪندو جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ هر نظرئي جي تشريح جيئن ”هو“ چاهيندو ائين ئي ٿيندي ۽ ائين ئي ٿيندي آئي آهي.
چا سرمائيداري ئي اهو طيءِ ڪندي تہ ڪهڙا علم اڳتي آڻجن يعني دنيا ۾ پڙهايا وڃن ڪهڙا علم رديءَ جي ٽوڪريءَ حوالي ڪيا وڃن. ها سرمائيداري ئي فيصلو ڪندي ۽ ان جي فيصلي جو نتيجو ئي آهي جو اڄ انسان دوست علم سڀ پوئتي آهن جيڪي علم انسانيت لاءِ اتساه بڻجن اهي سڀ پوئتي آهن رڳو اهي ئي علم اڳتي آهن جيڪي سرمائيداريءَ جي واڌ ويجهہ جو سبب بڻجن. ها بلڪل سرمائيداري ئي اهو طيءِ ڪندي چوتہ ڪميونزم ڪي شجر ممنوع بڻائڻ ڪان پوءِ اها هاڻي ايتري طاقتور آهي جو دنيا ان جي ٻڌي ٻانهي ٿي بيٺي آهي/رهندي. مائو زي تنگ جنهن چيو هو تہ مان دشمن جي ڪُلهِيءَ تي ڪونہ وڙهندس مان دشمن کي منهنجي پنهنجي مرضيءَ سان وڙهڻ لاءِ مجبور ڪندس ان جو ملڪ هاڻي دشمن (سرمائيداريءَ) جي مرضيءَ سان سرمائيدار جي سرغني سان وڙهي رهيو آهي. دلچسپ ڳالهہ اها تہ هيءَ ويڙه آخري طور تي سرمائيداري ئي کٽندي (يعني سرمائيداري هارائيندي ڪونہ ٻنهي صورتن ۾ کٽندي)

تاريخ، جاگرافي، فلسفو، نفسيات، ادب، فنون لطيفہ جا سڀ علم هاڻي پوئتي پيا وڃن يعني ڪو بہ اهي علم ”فرسٽ چوائس“ تحت ڪونہ ٿو ڪٽي جيڪڏهن ڪنهن بئي سبجيڪٽ ۾ داخلہ ڪونہ ملي تہ پوءِ اهي علم ڪنيا/پڙهيا وڃن ٿا،جڏهن پڙهجن ٿا تہ دل سان ڪونہ، يعني موقعي جي تلاش هر وقت سندس ذهن تي سوار رهندي تہ هتان فرار ڪيئن ٿجي. هر اهو علم جيڪو سرمائيداري يا ان سان لاڳاپيل (ڪنهن بہ طور، مطلب آخري طور هو سرمائيداريءَ ڪي هٿي ونرائيندڙ هجي) اهڙا سڀ علم پهرئين چوائس آهن ايتري تائين جو ٻار جي جمڻ وقت ئي وارث طيءِ ڪن ٿا، هي وڏو ٿي ”هي“ ٿيندو.

1917 ۾ جڏهن ڪميونزم عملي طور سرمائيداري خلاف نروار ٿي آيو ۽ باقائده هڪ رياست پنهنجي ”سمورين گهرجن/ايڪيوپمينٽس“ سان وجود وٺي چڪي تہ سرمائيداريءَ ان ڪي پنهنجي لاءِ موت جو پيغام سمجهندي ان خلاف ڀرپور ويڙه جو فيصلو ڪيو. ان وقت جي آمريڪي صدر ووڊرولسن چيو تہ هاڻي نوان ملڪ قومن جي بنياد تي نهڻ گهرجن ٻين لفظن ۾ هاڻي اسان قوم پرستيءَ سان ڪميونزم جو مقابلو ڪنداسين.....۽ ائين ئي ڪيو ويو. هٽلر ڪي تيار ڪري پنهنجي ڏنل ”نيو ورلڊ آرڊر“ تي عمل ڪرايو ويو جنهن جي نتيجي ۾ دنيا مان بينڪيت واري سماج جو خاتمو آندو ويو. مذهب ۽ قوم پرستيءَ جي پاڪ نالن ۾ شاطرانہ کيل کيڏندي سموري دنيا جي هر خطي ۾ ”مهرا“ ويهاريا ويا. چين جي سرخ انقلاب (1949) کان پوءِ قوم پرستيءَ ڪي مذهب سان سلهاڙي استعمال ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. عرب علائقي ۾ ڪميونزم ڪي روڪڻ لاءِ (ان ڪي رستي تان ہٽڪائڻ لاءِ ) عرب قوم پرستيءَ جو اصطلاح ناهي ان ڪي اپاريو ۽ استعمال ڪيو ويو هڪ ڳالهہ جيڪا ڪرڻ ضروري آهي، جيئن تہ اعتبار ڪنهن تي ڪونهي ۽ ڪنهن ڪي عزت بہ ناهي بخشڻي تنهنڪري وري هر ملڪ ۾ ويڇا وڌائڻ لاءِ (مقامي) قوم پرستي ۽ مذهبي جنونيت ڪي سلهاڙي ان ملڪ خلاف ان ملڪ ۾ بہ ماحول جوڙيو ويو. ان وقت سرمائيداري پنهنجي سموري ڪمائي دنيا جي هر خطي ۾ قوم پرستيءَ ۽ مذهبيت تي خرچ ڪندي رهي. (جنهن جو اعتراف پنجاه سٺ سالن کان پوءِ سعودي شهزادي محمد بن سلمان ڪيو) ٻين لفظن ۾ اهي ٻيئي ”ڏنڌا“ عروج تي هئا. اڄ انهن ٻنهي ڪاروبارن

۾ منديءَ جو رجحان آهي يعني ان ريت ڪونہ پيا هلن. قوم پرستي (هلائڻ وارو هٿ نڪرڻ ڪان پوءِ) وڃي پيئي ڏينهون ڏينهن سڪڙجندي. ٻئي پاسي مذهبيت پنهنجو روپ بدلائي ڪنهن اهڙي ”استعمال“ لاءِ تيار ويني/ڪئي ويئي آهي جيڪو سرمائيداريءَ کي جلا بخشي.

ان ماحول لاءِ ضروري آهي تہ اهڙا علم اڳتي آندا وڃن جيڪي سيکارين ٿي اهو تہ انسان سميت دنيا جي هر شيءِ هڪ ”وکر“ آهي ۽ هر وکر جو ڪاروبار ٿيڻ گهرجي. دنيا ۾ اهڙن علمن جي ڪارج کي اپاريو پيو وڃي، ليڪچر پيا ٿين. هاڻي اوهان کي ڪٿي بہ (اسڪول ڪاليج يونيورسٽيءَ سميت، جتي ڪنهن زماني ۾ ڏينهن جا ڏينهن علمي، سياسي بحث هلندا هئا) علمي بحث ٻڌڻ لاءِ ڪونہ ملندا. اڄ رائج الوقت علمن جو شاگرد پنهنجي علم (ڪتابي انگن اکرن) کان سواءِ ڪجهہ نہ تو ڄاڻين. سرمائيداري پڙهيل لکيل ماڻهن جي روپ ۾ روبورٽ ويني ناهي هاڻي اسڪول ڪاليج يونيورسٽيون ادارا ڪونہ پر ڪارخانا آهن جتي مينيفيڪچرنگ ٿئي پيئي نہ کي سوچيندڙ ذهن ناهيا وڃن ٿا.

18.11.2022

# ۽.... سڀ ڦوڪٽا ڦاٽي چڪا

هُن هڪُ تاريخ وار (ڊيٽ وائيز) منصوبو ناهي ڏنس. فلاٽي ڪي ٽي سال ايڪسٽينشن ڏي ان ڪانپوء قانونسازي ذريعي ان کي قانوني حيثيت ڏيئي منهنجي لاء رستو هموار ڪر. تيسين مان ”هِتان هُتان“ تي ان جڳهه تائين پهچي ويندس. تون مونکي مقرر ڪجانءِ. ان تاريخ تائين تنهنجو هڪ مدو (پنج سال) پورو ٿي چڪو هوندو. مان سيٽ تي موجود هوندس توکي وري ائين ئي ڪنٽرائيندس جيئن ٻه هزار اٺارنهن ۾ مشين خراب ڪرائي ڪٽرايو هو. تو جهڙو ”فرمان بردار“ ڪٿي ملندو تون دلجاء ڪر. آئين قانون هوندئن به ”ٽڪي جو ملازم“ آهي ڪهڙي طاقت اٿس جو اهو رڪاوٽ بڻجندو. ان دوران ”چيف سڀ چيپ“ ٻڌايا ويندا اهي فيصلي ۾ اهو ڪجهه لکندا جيڪو ”واٽس ايپ“ تي وصول ڪندا. ان کان پوء ملڪ ۾ صدارتي نظام آڻي هڪ هڪ کي تنگي پاڻ ٻيئي بيفڪر ٿي ويهي رهنداسين. چلو سجنا جهان تڪ گهٽا چلي........

منصوبي تي جيئن جو تيئن عمل هلندڙ هو سڀ ڪجهه نقشي مطابق ٿي رهيو هو. گهٽن ئي ڦوڪٽن ۾ هوا پري ويئي ڪنهن ڪنهن ۾ گنجائش ڪان وڌيڪ رڱو ان ڪري ته جيئن اهي مخالفن لاء پري ڪان ئي خطري جو پيغام هجن. اهي ايترو ڳالهائين جو ٻڌڻ وارو ڳالهائڻ جي جرئت ئي نه ڪري سگهي. هنن سمجهو ڪوئي چا ڪندو پر جيڪي اڳ اهي گهٽ گهيڙ ڏسي چڪا هئا اهي سمورو منصوبو سمجهي ويا ۽ ان نقشي مٿان تيندڙ عمل ۾ اسپيڊ بريڪر وانگر ٿي بيٺا.

جولاء ٻه هزار ايڪيهه ۾ ان همراه جي بدليء لاء وزيراعظم عمران خان وٽ پيغام ويو هن جا نپ ئي نري ويا. جنهن ڏاڪڻ تي بيهي هو دنيا خلاف ڳالهائي رهيو هو پيرن هينان نڪرندي محسوس ٿيس. دٻاء وڌي وجڻ ۽ اها لالچ ته چيف ٿيڻ لاء ان جو بدلي ٿيڻ ضروري آهي جنهن ڪري هن اها زهر جي گوري کاڌي. زهر جي گوريء اثر ڏيکارڻ شروع ڪيا. مخالفن پاران موقعو مناسب سمجهندي تحريڪ عدم اعتماد آڻڻ جي تياري ڪئي ويئي. پنڊرنهن آگسٽ اوڻيويهه سو ستيتاليهه کان ٻي ٽيم طور ڪم ڪندڙ جماعت وزير اعظم صاحب تي واضع ڪيو ته ”هاٿي گڏ گذارو ممڪن

ڪونهي، سو مٺا پنهنجي اٿئي موڪلاٽي“. هن جملي ۾ ان جي اڻڻ وزيراعظم صاحب (جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هن ڪڏهن ڪو ڪتاب ناهي پڙهيو. جيڪو ڪرڪيٽ مان سياست ۾ آيو. شاگرد تحريڪ جو عهديدار به ڪونه رهيو. ڪڏهن ڪا سياسي جدوجهد به ڪونه ڪيائين جيل به ڪونه ويو جنهنڪري سندس ذهن مضبوط ٿئي ها) دل هاري وينو. گهڻا ئي هٿ پير هنيائين،گهڻيون ئي تقريرون ڪيائين. پراڻا نسخا آزمايائين جن ۾ آمريڪا پاران ڪيل دشمنين جي تاريخ ڪي به آزمايو ويو. ان وچ ۾ واٽس ايپ وارا فيصلا به آيا جن هن ڪي عارضي فائدا ڏنا گهڻن ڪي ڌمڪين واريون فونون به ويون پر ورڀو ڪجهه به ڪونه. پوءِ آخري طور تي قيدين جي گاڏيءَ هن جي ذري پرزي بڇي ويل هوا به ڪدي چڏي ۽ همراه وجي پٽ سان لڳو.

ان ڪان پوءِ جدوجهد جو ٻيو دور شروع ٿيو. نومبر به هزار ٻاويهه ۾ رٽائر ٿيندڙ همراه جي جاءِ تي پرتيءِ لاءِ گهڻا جاڳيا وڏيون جدوجهدون ٿيون. ان همراه جنهن سمورو تاريخ وار (ڊيٽ وائيز) نقشو ناهيو هو تنهن زمين آسمان هڪ ڪيو. قوڪٽن ۾ وري هوا پري ويئي. پنهنجي حيثيت وساري وينل قوڪٽا وڏي ڏک ڏيندا رهيا. عمران خان اعلان ڪيو ته هو لانگ مارچ ڪندو. ان لانگ مارچ ڪي خوني لانگ مارچ جو نالو سندس ئي پارٽيءِ جي هڪ همراه ڏنو. لانگ مارچ ۾ ايترا ماڻهو ڪونه نڪتا چوته ڏاڪڻ ڪسڪي چڪي هئي. ڪيئي ڏاڪا پڇي پري ويا هئا پر پوءِ به ڏيک وڏو ڏنو ويو.

ان لانگ مارچ دوران سابق وزيراعظم عمران خان مٿان قاتلانو حملو ٿيو ڪيس پيرن ۾ به گوليون لڳيون جنهن لاءِ چيو ويو ته آپريشن ڪري ٽي گوليون ڪڍيون ويون. هي همراه دٻاءِ جا سڀ هربا آزمائيندو رهيو پر ڪيس اونده نظر ايندي رهي چو ته هي ڏسي رهيو هو ته هي سڀ قوڪٽا آهن جن ۾ هوا ڪٽان ٻئي هنڌان پريل هئي ان ڪري منجهس اهڙو اعتماد ڪونه رهيو جهڙو هو اڳي ڏيک ڏيندو رهيو آهي.

گورنمينٽ سڳوريءِ جي ڏينهن رات ننڊ حرام ٿي ويئي نيٺ انهن سينارٽيءَ جي حساب سان مقرري ڪري جان ڇڏائي. ان ڪان پوءِ ماحول اهڙو ٻڌجي ويو جو سيني قوڪٽن مان هوا نڪري ويئي سڀ قوڪٽا هاٽي ڪاٽا ٽيل لغڙ وانگر پيا لڙڪن. ان

همراه جنهن سمورو منصوبو جوڙيو هو ان وقت ڪان اڳ رٽائرمينٽ ونڻ ۾ ئي جان جي امان سمجهي. ٻيا به گهڻا جيڪي ان ڊوڙ ۾ هئا اهي به ساڳيءَ ريت پيا سوچين.

ان سموري قصي ۾ سمورو ملڪ ائين ٿياس تي ٽنگيل رهيو جيئن ارغونن ۽ ترخانن جي وقت ۾ سنڌي ٿياس تي ٽنگيا ويندا هئا. ملڪي معيشت جيڪا اڳ ئي جنازي جهڙي شڪل رکندڙ آهي اها مئل ماڻهوءَ جي هيڊي منهن جهڙو ڏيک ڏيڻ لڳي. پري پري اڪ ديک تائين ڪا واه نظر نه ٿي اچي جنهن مان ڪا اميد جي روشني نظر اچي. عوام ڪي اهو جملو وڏ پيو وجهي ته ”سندن ڇا ٿيندو“

02.12.2022

# هيئن نہ ٿيو تہ ملڪ هٿن مان ويندو...

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان چيو آهي تہ نيون چونڊون نہ ڪرايون ويون تہ ملڪ هٿن مان نڪري ويندو. هي سائين اٽڪل روزانو جي بنياد تي اها ڳالهہ ڪندو رهندو آهي تہ هيئن نہ ٿيو تہ ملڪ ٽٽي ويندو. ساڳي ڳالهہ ملڪ جو هر حڪمران ڏهين پنڌرهين ڏينهن ڪندو رهندو آهي. لفظ ڪهڙا بہ هجن آخري طور تي مطلب اهو هوندو اٿن تہ ملڪ اسان جي هٿن ۾ نہ ڏنو ويو تہ ملڪ ٽٽي ويندو.

اها ڳالهہ ڪا نئين ڪونهي ملڪي تاريخ جنهن کي پيانڪ تاريخ چئجي تہ بہ ڪسر اجان رهجي ويندي اها بڌائي ٿي تہ اها ڳالهہ هر سازش جي پورائي لاءِ ڪئي ويئي آهي. ملڪ جو پهريون نہ تہ بہ انهن سينن ۾ وڏو سازشي غلام محمد هو جيڪو سدائين ائين پيو چوندو هو تہ هيئن نہ ٿيو تہ ملڪ لاءِ پلو ڪونہ ٿيندو. ان جي نقش قدم تي هلندي (ان کان بہ چار قدم اڳتي هلندي) سينن اها ئي ڳالهہ ڪئي آهي. ڪتابن ۾ تہ اهو بہ پڙهيو آهي تہ ايوب خان جڏهن اسڪندر مرزا کان ڪرسي کسي ان تي پاڻ ويهڻ چاهيو تہ ڪيس نياپو موڪليائين تہ ملڪي مفاد ۾ آهي تہ اوهان ڪرسي بہ ڇڏيو ۽ ملڪ کان ٻاهر بہ هليا وڃو. جنهن کان پوءِ اسڪندر مرزا ايئرپورٽ تي پهچايو ويو جتي هو اهو ڏسي حيران رهجي ويو تہ آمريڪي سفير اڳ ئي ايئرپورٽ تي کيس الوداع ڪرڻ لاءِ موجود هو.

ان کان پوءِ وارو ٽائيم اسان پاڻ اکئين ڏٺو آهي ۽ روزانو جي بنياد تي ٻڌو ۽ پڙهيو آهي. يحيٰ بہ پنهنجي تقريرن ۾ اهو ئي چوندو هو جيڪو پٽي صاحب وڏي آواز ۾ چيو تہ ملڪ کي بچائڻ لاءِ مون هي هي ڪيو.

اهو راڳ اڃان تائين ساڳين ماترائن سا ري گا ما سان جاري آهي وڏي ڏک ۽ ڪلڻ جهڙي ڳالهہ اها تہ ملڪي مفاد سدائين پوئتي رهندو آيو آهي. ملڪ ڪالهہ کان اڄ بدتر کان بدتر صورتحال رڪندڙ آهي. ڪا بہ اهڙي فيلڊ ڪونهي جنهن ۾ ڪا وک اڳتي هجون.

سياسي صورتحال اها آهي تہ اسمبليون نہ ٽٽن ٿيون نہ وري هلن ٿيون. سڪرات واري ڪنهن مريض وانگر جنهن لاءِ ڪجهہ بہ چئي نہ سگهجي. سياست ۽ اصول جڻ

ته هڪ ٻئي جي ابتڙ لفظ آهن. هي صورتحال ماضيء جي انهن سيني ”عملن“ ڪان پوء آخري نتيجي طور جي آهي. سو اها ڳالهه وثوق سان چئي سگهجي ٿي ته ملڪي سياسيات جو ڏيوالو نڪري چڪو آهي.

ملڪ جي اخلاقي صورتحال اها آهي ته جيڪي به وزير يا وزيراعظم گورنر جج بيوروڪريٽ آهن يا رهيا آهن انهن جا آڊيو وڊيو موجود آهن جيڪي ڪنهن جي ”اختلاف راء“ جهڙي جرئت ڪرڻ تي ڪنهن به وقت ”وائرل“ ڪري سگهجن ٿا. زال مڙس جهڙي پاڪ پوتر رشتن کي به بخشيو ڪونه ويو آهي. باٿ روم ۾ به ڪيميرائون لڳل هجڻ جي تصديق ٿيندي رهي آهي. ڪنهن به نياڻيء جي عزت محفوظ ڪونهي. سابق وزيراعظم صاحب کي ئي ڏسو ته ان جون آڊيوز روزانو جي بنياد تي وائرل ٿين ٿيون. سوشل ميڊيا تي اهي به تبصرا آهن ته آڊيو ڪان پوء ڪيتريون وڊيوز به پوئتي آهن جيڪي ”مناسب وقت“ لاء سنڀاري رکيل آهن. انهن آڊيو وڊيوز ڪان ڪوبه محفوظ ڪونهي. بس فرق وائرل ٿيڻ جو آهي. جنهن کي هيرو ڪان زيرو ڪرڻو آهي بس اشاري جو انتظار آهي. هڪ منٽ ۾ اهو ماڻهو هيرو مان زيرو. اهو ساڳيو وزير وڏو/جج/بيوروڪريٽ هڪ منٽ ۾ ساه مٺ ۾ محسوس ڪندي اچي پيرن ۾ ڪِرندو جيڪڏهن نه ڪِريو ته سلسلو اڳتي هلندو هڪ آڊيو ٻي آڊيو تين...پوء وڊيوز، نيٺ هو اچي پيش پوندو. هاڻي اها ڳالهه ڪنهن ڪان ڳجهي ڪونهي ته جج صاحبن ڪان به ان ذريعي ڪيئي فيصلا ڪرايا ويا آهن جن پاڻ ان جو اقرار به ڪيو ۽ انهن کي ”پوائتا خواب“ به نظر ايندا رهيا. آخري طور تي ملڪ جو اخلاقي ڏيوالو به نڪري چڪو آهي.

اقتصادي صورتحال وري اخلاقي ۽ سياسي صورتحال ڪان به بدتر آهي. ملڪ ۾ مهانگائي جا طوفان روز پيا اچن. ملڪ هڪ ڪان قرض وٺي ٻئي جا قرض پيو لاهي هاڻي ته وياج جا پيسا به ڪونه آهن مُول ته پري جي ڳالهه. اڄ جو چاول بار جنهن نه ڪو ڏوه ڪيو نه ثواب اهو ڄمڻ سان ڪروڙن جو قرضي ٿيو پوي. اسان جي ملڪ جي ڪرنسي نوٽ نه پر هڪ ڪاغذ آهي جيڪو هتي ته مڙوئي ڪلو ڏيڊ اٽو/چانور وٺي سگهي ٿو پر ٻاهرين ملڪ جي ڪرنسي آڏو ڇٻري وانگر پيو لونڊو جنهن جي ڳالهه ڪو ڪونه ٻڌندو سو اقتصادي ڏيوالو پڻ نڪري چڪو آهي.

ان صورتحال ۾ اسان جي حڪمران ٽولي جا اهڙا بيان ته ملڪ بچايو، سياست نه رياست بچايو اندر ۾ شڪ شبها پيدا پيا ڪن. اسان ته پنهنجي ملڪ وارا اهي ڳالهيون ٻڌي سمجهي/برداشت ڪري سگهون ٿا اهي ڳالهيون جيڪڏهن دنيا وارا ٻڌندا، دوست دشمن ملڪ ٻڌندا ۽ پڪ سان ٻڌندا ۽ هوندا ته پوءِ ڇا ٿيندو ان طرف ڪنهن جوبہ ڌيان ڪونهي.

23.12.2022

# حڪمرانن جي تلاش تي بہ انعام هجڻ گهرجي!

جيئن ڪنهن رهزن ڌاڙيل جي گرفتاريءَ لاءِ (زنده مرده) انعام رکيل هوندا آهن حڪمرانن تي بہ ائين ئي انعام رکڻ گهرجن جيڪي گيليلو جي ناهيل دوربين (جنهن سان خلا ۾ گهمندڙ سيارن کي بہ ڏسي سگهجي ٿو) سان بہ ڪٿي نظر ڪونہ پيا اچن. حڪمران ڪيڏانهن گم ٿي ويا ڪا خبر ڪونهي. هي ملڪ شايد دنيا جي ڪجهہ ملڪن منجهان هڪ بدنصيب ملڪ آهي جيڪو ڪنهن بہ حڪمران کان سواءِ هلندڙ هجي. رڳو مٿي يعني وزيراعظم وزير وڙا ئي گم ڪونہ آهن ملڪ جي هر صوبي جا وزيراعليٰ ۽ ننڍڙا وزيروڙا بہ گم آهن خاص طور تي سنڌ ۾ تہ هر ضلعي جو ڊي سي، ايس پي بہ گم آهن. يوسي ليول تي حڪمراني ڪندڙ وڏيرن کان مختيارڪار تائين ڳولهيا نہ پيا لڀن. ايم پي اي، ايم اين اي وڏيرا بہ رڳو ماڻهو مارائڻ وقت نظر ايندڙ آهن باقي ڪنهن چڱائيءَ لاءِ ڪونہ. لڳي پيو ملڪ هاڻي ملڪ رهيو ئي ڪونهي. ورهائي ڪنيل ٽڪرا آهن جتان جي عوام کي رڍ ٻڪري سمجهي مقامي ”طاقتور“ ان مٿان لٺ بازي ڪن پيا.

پلا اوهان کي اهي ڪٿي نظر اچن پيا جن پوئين حڪومت جي خلاف مهانگائي مارچ ڪيا! اپ ڌاريندڙ نعرا هنيا. ڪيترين گاڏين جا قافلا ڪاهي اسلام آباد تائين مارچ ڪيو. تر جا ايم پي اي ايم اين اي صاحبان حڪم جي تعميل ڪندي، ايندڙ چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ پنهنجي ٽڪيٽ پڪي ڪندي سهڪندي سهڪندي وڃي اتي پهتا. پيٽرول، ڊيزل، گاڏين، ڪاڏي پيتي تي اربين روپيا خرچ ڪيا (اها پڪ آهي تہ اهي انهن پنهنجي کيسي مان ڪونہ ڪيا هوندا انهن جو بار بہ اڳي يا پوءِ سڌو يا اڻ سڌو عوام مٿان ئي پيو هوندو) پوئين حڪومت مٿان مهانگائيءَ جا الزام هڻندڙن پاران ڪيترو رڻ ٻاريو ويو ۽ ان جي نتيجي ۾ حاصل ڪيل ڪرسي تي ويهي وري عوام مٿان نئين سري کان مهانگائي ڪئي پيئي وڃي!

اڄ انهن جي دور ۾ ٻيون سڀ شيون تہ گم آهن پر اٽو جيڪو بنيادي کان بہ بنيادي شيءِ هجي ٿو اهو ڏيڍ سو ۽ هڪ سو چاليهہ تائين وڪري جون خبرون آهن. وزير وڙا نڪ جي پڪائيءَ سان ”سڀ نيڪ، سڀ نيڪ“ جو پراڻو بي سرو راڳ ڳائي

پنهنجي نوڪري پڪي ڪرڻ جا بندوبست پيا ڪن. وزير صاحبان چون پيا ته حڪومت پاران اٽو پنجهٺ روپئي ڪلو فراهم ڪيو پيو وڃي پر سوشل ميڊيا، اليڪٽرانڪ ميڊيا، پرنٽ ميڊيا انهن خبرن جي تصديق پيا ڪن ته عوام جون رڙيون سچيون آهن ۽ اٽو هڪ سو چاليهه ۽ ڏيڍ سو روپين ۾ پيو هلي.

وفاقي حڪومت صوبائي حڪومت واري گردان ڳائي ڳائي حڪمرانن جون نڙيون بيهجي ويون آهن. اهو مسئلو وفاق پاران پيدا ڪيل آهي وفاق وري بال کي ٺوڪر هڻي صوبي ڏانهن پيو اڇلائي ان وچ ۾ عوام جو ڪهڙو حال ٿي ويو آهي انهن عياش ۽ بيخبر حڪمرانن کي خبر ڪونهي.

امن امان جي صورتحال خاص طور اتر سنڌ ۾ ڀيانڪ کان ڀيانڪ شڪل وٺندي پيئي وڃي. ڏينهن هجي يا رات ڪوبه روڊ محفوظ ڪونهي. شڪارپور ضلعو وري سڀ کان اڳئين صف ۾ بيٺل آهي جتي روزانو ٻه چار وارداتون ڇڻ ته قانوني حساب سان پيون ٿين جيڪي ڳاٽيتي ۾ ئي ناهن انهن کان متي واري خبر توجهه سان ٻڌي وڃي ٿي باقي عوام پاران ٻه ٻڌيون اڻ ٻڌيون ڪيو وڃن. قبائلي جهيڙي جي نالي ۾ ڪيترا ڪونڌر پيا ڪسجن ڪيترين مائرن جون جهوليون پيون خالي ٿين ڪيترين نياڻيون بيواهيون پيون ٿين حڪمران انهن کان مڪمل لاتعلق ٿيل آهن. تر جا بااثر پنهنجا پنهنجا دڪان پيا چمڪائين. هڪ ٻئي مٿان الزام هڻي پاڻ کي عوام وٽ وڻائڻ لاء پيا جتن ڪن جن جو آخري نتيجو وري ٻه عوام دشمني جي صورت ۾ ئي نڪري ٿو، نندڙ وري ٻه عوام جي ئي قتل رهي ٿي.

ڪشمور ڪندڪوٽ ضلعو وري ينگ لاء اغوا جي وارداتن ۾ سرفهرست رهندو پيو اچي. اغوا ٿيندڙ پاڻ ۽ سندن خاندان ظلم جي چڪيء ۾ پيسجي رهيا آهن. انهن مٿان تشدد ڪري انهن جون وڊيو پري اهي مائٽن ڏانهن موڪليون پيون وڃن. وڊيو جو مقصد مائٽن مٿان دٻاء وجهڻ هجي ٿو ته جيئن اهي پيسا ڏيئي پنهنجي پيارن جون زندگيون بچائين. اهو سڀ ڪو لڪ ۾ ڪونه سرعام ٿئي ٿو. وڊيو اهي ڏاڙيل ئي وائرل ڪن ٿا جن اڳيان پوليس بيوس آهي.

اجا ڪالهه جي ئي خبر آهي ته پنهنجي پٽ جي قتل جو ڪيس وڙهندڙ پي ماء ڪيس جي حاضريء تان موٽي رهيا هئا ته کين قتل ڪيو ويو. هي خبرون اصل صورتحال

جو هڪ سيڪڙو بہ ڪونہ آهن ان ڪي هزار سان ضرب ڪريو يا آتشي شيشي سان ڏسو تہ اوهان ڪي سنڌ خص طور اتر سنڌ جي عوام جي ذهني ڪيفيت معلوم ٿي سگهندي تہ هو ڪيتري اذيت ۾ري زندگي پيا گذارين.

ان سموري صورتحال ۾ سنڌ جي حڪمران پارٽي جيڪا سنڌ جي عوام ڪي دلي جي مڃي يا پنهنجي ڪيسي ۾ پيل ووٽ سمجهندي آهي ان ڪي پنهنجون اکيون کولڻ گهرجن ائين نہ ٿئي جو تاريخ انهن ڪي ڳچيء کان پڪڙي.

30.12.2022

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book